# تذڪره مشاهير سنڌ

(جلد ٻيو)

مولانا دين محمد وفائي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# تذڪره مشاهير سنڌ

(جلد ٻيو)


تاليف

**مولانا دين محمد وفائي**



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ

2021ع

ڪتاب جا سمورا حق و اسطا محفوظ

ڇاپو پهريون سال 1985ع
ڇاپو ٻيو مارچ 2021ع

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ٽي سؤ رپيا
(Price. Rs: 300_00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022_2633679, Fax: 022_9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهئي ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاهه، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙپاران

اوائلي دؤر کان سنڌ ڌرتيءَ کي اِها عظمت حاصل رهي آهي تہ، هِن ڌرتيءَ تي ڪيترائي اعليٰ مقام جا اولياء، شاعر ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريا آهن، جيڪي پنهنجي شخصيت ۽ فن ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئا. انهن پنهنجي سموري ڄاڻ کي انساني خدمت جي فرض ۽ وطن جي ڀلي خاطر استعمال ڪندي پنهنجي وجود کي ڪارائتي هجڻ جو ثبوت فراهم ڪيو.

سنڌ جي اهڙين مانائتين هَستين جي سوانح حيات، سندن ڪرامتن ۽ علمي ادبي خدمتن جو مفصل احوال سنڌ جي معروف عالم مولانا دين محمد وفائي ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" ۾ قلمبند ڪيو، جيڪو ٽن جلدن تي مشتمل آهي ۽ هيءُ ان جو ٻيو جلد اوهان جي هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ سنڌ جي هڪ سؤ ستر اوليائن، عالمن ۽ شاعرن جو احوال درج ٿيل آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي تہ، سنڌ جي تاريخ سان گڏوگڏ سنڌ جي ڏاهن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي احوال تي مشتمل تحقيقي ڪتاب اداري طرفان شايع ڪرائي منظرعام تي آڻجن. هن ڪتاب جي اهميت کي مدّنظر رکندي، بورڊ طرفان ان جو پهريون ڇاپو سال 1985ع ۾ شايع ڪيو ويو، جنهن پڙهندڙن وٽ بهتر مڃتا ماڻي آهي. موجوده وقت ۾

بورڊ جي مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جو سنڌن علمي ادبي خاندان سان تعلق هئڻ ڪري ۽ سنڌن خاص دلچسپيءَ ۽ هدايتن تحت اداري طرفان نون ڪتابن جي اشاعت سان گڏوگڏ پڙهندڙن طرفان گُهر ٿيندڙ ريپرنٽ ڪتاب بہ شايع ٿي رهيا آهن. سنڌي ادبي بورڊ طرفان هِن ڪتاب ”تذڪره مشاهير سنڌ“ (جلد ٻيو) جو ٻيو ڇاپو آئون بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي سرڪردگيءَ ۾ بورڊ طرفان شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

امید آهي تہ، سنڌي ادبي بورڊ جي هيءَ ڪاوش پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

09- شعبان المعظم 1442هہ سيد سڪندر علي شاهہ

24- مارچ 2021ع سيڪريٽري

# فهرست


| نمبر | اسماءُ الرجال | صفحو |
|---|---|---|
| | **( الف )** | |
| 1. | ابوبڪر (سيد) لڪعلوي | 20 |
| 2. | اسماعيل (سيد ) بخاري | 47 |
| 3. | امين محمد اول (مخدوم) هالائي | 55 |
| 4. | ابو محمد (مخدوم) هالائي | 57 |
| 5. | ابراهيم (مخدوم ) هالائي | 58 |
| 6. | اسماعيل (شيخ) قريشي بديني | 66 |
| 7. | امير خان (ابوالبقا) بڪري | 76 |
| 8. | أميد علي (آخوند) سانوٽي هالائي | 109 |
| 9. | احمد (آخوند) سانوٽي هالائي | 111 |
| 10. | ابراهيم ( شيخ) عباسي | 137 |
| 11. | اسدالله (مخدوم) کهڙوي | 138 |
| 12. | احمدي (مخدوم) کهڙوي | 152 |
| 13. | ابوتراب (شيخ ) تبع تابعي | 168 |
| 14. | احمد (سيد) ٺٽوي | 231 |
| 15. | احمد علي (مرزا) براهوئي | 249 |
| 16. | امام بخش شاهه (پير) قريشي بڪيرائي | 277 |
| | **( ب )** | |
| 17. | بهاؤالدين دلقپوش ٺٽوي | 23 |
| 18. | بقا (پير سيد محمد) شهيد لڪعلوي | 99 |
| 19. | برهان (قاضي) سيوستاني | 127 |

| | |
|---|---|
| 20. بايزيد (مخدوم) هالائي | 190 |

(ٻ)

| | |
|---|---|
| 21. پير پنو ديولي | 287 |

(پ)

| | |
|---|---|
| 22.پرڪيو (شيخ) ٺٽوي | 203 |
| 23. پرڪيو (شيخ) ڪاتيار | 206 |

(ج)

| | |
|---|---|
| 24. جمع جاڙيجو درويش | 35 |
| 25.جلال محمد(مخدوم) هالائي | 60 |
| 26.جهانگير (شاهه) هاشمي | 83 |
| 27.جلال الدين (مخدوم) کهڙوي | 139 |

(ح)

| | |
|---|---|
| 28. حسين تمير بڪيرائي درويش | 42 |
| 29.حيدر (سيد) جياني سنائي | 67 |
| 30. حسن ٻانگو پاٽوني | 71 |
| 31. حامد (مخدوم) آگهمي | 74 |
| 32.حافظ حامد ٽڪڙائي | 132 |
| 33. حيدرالدين (مير) ٺٽوي | 175 |
| 34. حبيب الله (حڪيم) بکري | 176 |
| 35.حفيظ الدين (مير) علي ٺٽوي) | 201 |
| 36.حبيب شاهه مجذوب ٺٽوي | 288 |

(خ)

| | |
|---|---|
| 37. خيرو (درس) نيرن ڪوٽي | 32 |
| 38خيرالدين (درويش) شورو | 45 |

39.خيرالدين (شاهه) سڪري ........ 68

( چ )

40.چنو اُمراڻي سيوستاني ........ 251

( ڏ )

41.ڏتو (قاضي) سيوستاني ........ 127

( ر )

42. رحمت الله (مخدوم) صدر ٺٽوي ........ 79
43.روشن روش محمد ٺٽوي ........ 85
44.رفيق (محمد) مفتي هالائي ........ 113
45. رحمت الله (آخوند) سانوڻي هالائي ........ 120
46. رحمت الله (سيد) بکري ........ 134
47.رضي الدين (مير) محمد ٺٽوي ........ 199
48.رڪن الدين (سيد) متعلوي ........ 289

( ز )

49. زڪريا سمون (درويش) اگهم ڪوٽي ........ 39
50.زين العابدين (مير) ٺٽوي ........ 173
51.زين العابدين (خليفو ) ٺٽوي ........ 173

( س )

52.ساجن (سيد) متعلوي ........ 62
53.سعدالله (مخدوم) سيوستاني ........ 122

( ش )

54.شهبيگ (مرزا) ارغون ........ 187
55.شمس الدين (شيرازي) بکري ........ 197
56. شجاعت علي (سيد) بکري ........ 259
57.شهمير (سيد) متعلوي ........ 270

| | |
|---|---|
| 58.شهرالله (پير) قريشي بڪيرائي | 273 |

(ص)

| | |
|---|---|
| 59.صوڀو (مخدوم) ڪيبرائي | 47 |
| 60.صبغت الله شاهه (پير سيد) راشدي | 102 |
| 61. صفائي (سيد) بکري | 186 |
| 62.صابر علي (سيد) ٺٽوي | 214 |

(ط)

| | |
|---|---|
| 63.طيب (سيد) متعلوي | 210 |
| 64.طاهر (سيد) نسياني ٺٽوي | 235 |
| 65.طاهر (شيخ) اڏيرولال | 284 |

(ع)

| | |
|---|---|
| 66.علي (شيخ) سيوستاني | 30 |
| 67.عمر (درويش) هالائي | 32 |
| 68.عثمان (درويش) عصار هالائي | 33 |
| 69.علي (سيد) متعلوي | 33 |
| 70.عثمان متقي هالائي | 49 |
| 71. عبدالرحمان (خواجه) مجددي ٽکڙائي | 53 |
| 72.عبداللطيف (سيد) تارڪي نصرپوري | 64 |
| 73. عبيدالله (مولانا) "آهي" | 73 |
| 74.عبدالرزاق (مير) بکري | 78 |
| 75.عبدالغني ٺٽوي | 89 |
| 76.عبدالباسط ٺٽوي | 90 |
| 77.عبدالملڪ(سيد) بکري | 97 |
| 78.عبدالواسع (سيد) بکري | 97 |
| 79.عبدالله (سيد) بکري | 98 |
| 80.علي (سيد) سيوستاني | 99 |

| | |
|---|---|
| 81. عنايت الله (قاضي) متعلوي ........ | 108 |
| 82.عبدالصمد (آخوند) سانوٽي هالائي ........ | 117 |
| 83.عبدالواسع (مخدوم) سيوستاني) ........ | 121 |
| 84.عبدالله (شيخ) عباسي ........ | 137 |
| 85.عبدالخالق (مخدوم) کهڙوي ........ | 140 |
| 86. عبدالرحمان (مخدوم) شهيد کهڙوي ........ | 142 |
| 87.عبدالخالق (مخدوم) کهڙوي ........ | 161 |
| 88.عبداللطيف (ملا) بديڻائي ........ | 172 |
| 89.عبدالڪريم (سيد) متعلوي بلڙي وارو ........ | 177 |
| 90.عباس (مخدوم) پاٽائي ........ | 182 |
| 91.عبدالعزيز (مولانا) ابهري محدث ........ | 192 |
| 92.عبدالرشيد (سيد) ٺٽوي ........ | 193 |
| 93.عبدالحڪيم (ملا) عطا ٺٽوي ........ | 194 |
| 94.عبدالله (ميان) واعظ ٺٽوي ........ | 198 |
| 95.عبدالرئوف (مخدوم) هالائي ........ | 202 |
| 96.عبدالحميد (مخدوم) هالائي ........ | 203 |
| 97.عبدالقدوس (سيد) نجوي ٺٽوي ........ | 233 |
| 98. عبدالباقي (ميرڪ) پوراني ٺٽوي ........ | 243 |
| 99. عبدالوهاب (ميرڪ) پوراني ٺٽوي ........ | 244 |
| 100. عبدالوهاب (خليفو) عباسي ٺٽوي ........ | 247 |
| 101. عبدالباقي (مير) پوراني سکري ........ | 250 |
| 102. عثمان (مخدوم) مروندي سيوستاني ........ | 253 |
| 103. عبدالڪريم (سيد) امير خان بکري ........ | 259 |
| 104. عيسيٰ (حاجي) ساندائي محدث ........ | 264 |
| 105. عثمان (قاضي) محدث نوشهرائي ........ | 267 |
| 106. عبدالڪريم (مولوي) محدث نوشهرائي ........ | 269 |

107. علي محمد(پير) غوث پوٽو قريشي ........ 278
108. عبدالحميد (مخدوم) قادري ٻوچڙائي ........ 281

( غ )

109. غازي (سيد) لڪعلوي ........ 31
110.غضنفر خان عالمگيري ........ 82
111.غلام علي(مير سيد) مائل ٺٽوي ........ 212
112.غلام علي (قاضي) ٺٽوي ........ 216

( ف )

113. فاضل خان ٺٽوي ........ 271
114.فاضل شاه(پير) قريشي بڪيرائي ........ 217

( ق )

115.قلب بري ........ 51
116.قاسم (محمد) آخوند سانوٽي هالائي ........ 114
117.قاضي قاضن سيوستاني ........ 184
118.قائم الدين(پير) قلندر بڪيرائي ........ 274

( ڪ )

119. ڪرم علي خان(مير) ٽالپر حيدرآبادي ........ 171

( ل )

120.لطف الله (خليفه حاجي) سانوٽي هالائي ........ 119
121.لادجيو (شيخ) سنڌي ........ 183
122.لطف الله (مير) سيوستاني ........ 191

( م )

123. مٽو (درويش) ٺٽوي ........ 26
124.محمود (شيخ) فخري هالائي ........ 38
125.مريد (درويش ) بلوچ ........ 44

126. محمود ثاني (ميرڪ) ٺٽوي........................ 72
127. محمد (قاضي) جعفري ٺٽوي........................ 86
128.مراد علي (سيد) بکري........................ 91
129. محمد صالح (مخدوم) وزيرآبادي ........................ 93
130.محمد صالح (مخدوم) صوفي سيوستاني) ........................ 123
131.محمد مراد (مخدوم) سيوستاني ........................ 126
132.محمد عارف سيوستاني ........................ 129
133.ملا محب علي سنڌي ........................ 129
134.مخدوم محمد عاقل اول ........................ 140
135. مخدوم محمد ثاني کهڙوي ........................ 141
136.مخدوم محمد عاقل ثاني کهڙوي ........................ 148
137.مخدوم محمدي کهڙوي........................ 149
138.مخدوممحمد عاقل ثالث ........................ 156
139.مخدوم محمدعاقل رابع ........................ 163
140.ميڏنو (مخدوم) نصرپوري........................ 167
141.محمد علي (مولوي) سنڌي ........................ 170
142.معروف (شيخ) پاٽائي ........................ 181
143.محمد (شيخ) سيوستاني ........................ 197
144.مير محمد (عطا) ٺٽوي........................ 200
145.ميرڻ (فقير) ڪاتيار........................ 208
146. محمد جعفر (مولوي) مرزا ........................ 218
147. محمد هاشم(مخدوم حاجي) ٺٽوي........................ 219
148.محمد قائمٌ (مخدوم حاجي) ٺٽوي........................ 228
149.مرتضي(سيد) سيوستاني........................ 232
150.محمد شفيع (آخوند) ٺٽوي........................ 237
151.محمد شفيع (صوفي) ٺٽوي........................ 237

152.محمد سليمان(مولوي) ٻنوي ........ 239
153.محمد احسن (ميرڪ) ٺٽوي ........ 241
154.محمود (ميرڪ) ٺٽوي ........ 242
155.مرتضيٰ (مير) نصرپوري ........ 280

(ن)

156. نوح (حضرت مخدوم) هالائي ........ 15
157. نور محمد (ميان) پيرزادو عبدوي ........ 95
158. نور محمد (آخوند) سانوٽي هالائي ........ 116
159. نصرالله (حافظ) سانوٽي هالائي ........ 118
160. نيازي ٺٽوي ........ 165
161.نجم الدين (سيد) بکري ........ 197
162.نعمت الله (قاضي) ٺٽوي ........ 238
163. نوح (شيخ) ڪيبرائي ........ 286

(هه)

164. هاشم (ميان) همداني ........ 65
165.هوٿي (شيخ) لاڪو ........ 282

(ي)

166. يحيٰ (درويش) راڻو هالائي ........ 61
167.يحيٰ (قاضي محمد) ٺٽوي ........ 87
168.يقيق (سيد) بخاري ........ 91
169.يحيٰ بن جلال الدين (مخدوم) ڪهڙوي ........ 140
170.يونس (مولانا) سنڌي ........ 183

❋

متن

# تذڪره مشاهير سنڌ

(جلد پيو)

# 125۔ حضرت مخدوم نوح هالائي

صاحب ڪرامات و فتوح حضرت مخدوم نوح ولد مخدوم نعمت الله ولد مخدوم اسحاق ولد مخدوم شهاب الدين ولد مخدوم فخرالدين سهروردي صديقي هالائي.

هالا شهر ۾ هي ٿي بزرگ (فخرالدين) سڀ کان پهريان اچي مقيم ٿيو، جتي قوم هالا ۽ لاکا مان شادي ڪيائون ۽ اتي ئي آل اولاد سان حياتي گذارڻ لڳو. اصل خانداني طرح پيري مريديءَ جو سلسلو به جاري ٿيل هو ۽ مخدوم نعمت الله مخدوم نوح جي والد سڳوري جا به ڪيترائي معتقد ۽ مريد هئا ۽ هن فرزند ارجمند جي ولادت باسعادت جون پيشنگويون به ڪيترن درويشن جي واتان ٻڌي چڪو هو، خصوصاً مخدوم نوح هوتياڻي ڪيبرائي ۽ ٻين ولين جون بشارتون مشهور ٿيل هيون.

مخدوم نوح صاحب جو تولد سنه 911 هجري ۾ ٿيو. ستن ڏينهن جا مس هئا ته ٻانگ ٻڌڻ کان پوءِ صاف زبان سان ڪلمو شهادت پڙهيائون، جنهن کي سوَن ماڻهن ٻڌو! چوڏهن سالن جي ڄمار ۾ مخدوم عربي ديانه جي مدرسي ۾ قرآن شريف پڙهڻ واري زماني ۾ هڪ ڏينهن نديءَ تي غسل ڪري ڦرهي ميساري رهيو هو، ته اوچتو ڪشف واري حالت ۾ حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ ۽ سيدنا حضرت عليؓ جي زيارت جو شرف حاصل ٿيس ۽ انهيءَ ڦرهي تي حضور ﷺ جن ڪجهه سٽون لکي ڏنس ۽ سبق ڏنائونس، جنهن کان پوءِ سمورا علوم مٿس کلي پيا ۽ انهيءَ ڏينهن لااله الاالله جي ذڪر جي تلقين ڏيڻ جي اجازت به ملين. انهيءَ ڏينهن حضرت سيدنا ابوبڪر صديقؓ ظاهر فرمايو ته هي منهنجي اولاد مان آهي. ساڳيءَ طرح پيغمبر خدا ﷺ به فرمايو ته اسان جي اولاد مان به آهي.

(دليل الذاڪرين)

حضرت مخدوم نوح جي زندگي عشق ۽ محبت الاهي جي استغراق ۾ گذري هئي. اگرچه ظاهري علم جي لحاظ کان فقط قرآن شريف پڙهيل هئا، مگر هر هڪ سوال جو جواب جدا جدا. اهڙي علمي نموني ۾ ڏيندا هئا، جو وڏا وڏا علماءَ حيران رهجي ويندا هئا.

هڪ دفعي ٺٽي ۾ اچي وارد ٿيا، جتي ڪيترا علماءَ ۽ طلباءَ سندن علمي لياقت جي امتحان لاءِ اچي موجود ٿيا. پاڻ هڪ آيت جون ايتريون معنائون فرمايائون، جو سڀ حيران رهجي ويا.

ٻي روايت آهي ته هڪ دفعي عالمن ۽ طالب العلمن جي وڏي جماعت حضرت مخدوم صاحب کان قرآن جي ڏکين آيتن جي معنيٰ سمجهڻ جو ارادو ڪري سندن خدمت ۾ آئي ته فقط هنن جي اچڻ کان پوءِ حضرت مخدوم صاحب فرمايو ته عالمن کي گهرجي ته علم جو بيان ڪن ته ٻين کي فائدو رسي. ان کان پوءِ پاڻ زبان فصيح سان بيان ڪرڻ لڳا. 36 تفسيرن جا نالا وٺندي فرمايائون ته فلاڻي تفسير ۾ هن ريت آهي ۽ فلاڻي ۾ هن ريت آهي. ان کان پوءِ حقيقت ۽ طريقت جون معنائون بيان فرمايائون، جن مان عالمن ڪي سمجهيون ڪي نه سمجهيون. آخر عالمن ۽ شاگردن عرض ڪيو ته اسان جي حق ۾ دعا گهرو. پاڻ فرمايائون ته آءٌ الحمد پڙهان ٿو، اوهان آمين چوندا وڃو. جڏهن الحمد پڙهي پورو ڪيائون ته اهي حاضر مجلس آمين چوندڙ ولايت جي درجي کي وڃي رسيا. آخر ۾ مخدوم صاحب فرمايو ته ڪي اهڙا فقير به آهن جو سموري ڄمار سورت الحمد لله جي معنيٰ ڪندا رهن ته به پوري ڪانه پوي.

وقت جي حاڪمن مان مرزا محمد باقي مشهور ظالم سندن خدمت ۾ به دفعا ٺٽي ۾ حاضر ٿيو ۽ مرزا جاني به سندن زماني ۾ گاديءَ تي وينو. مرزا باقي جو وڏو فرزند مرزا پاينده طبع جو ديوانو هو جنهن ڪري هو گادي تي نه وهاريو ويو هو، پر سندس پٽ مرزا جاني گاديءَ تي وينو.

دليل الذاڪرين ۾ نقل آهي ته مرزا پاينده خان کي حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ دعا لاءِ آندو ويو ته کيس بيماريءَ کان شفا

نصيب ٿئي، مگر پاڻ ڪو توجهه ڪونہ ڏنائون، چاڪاڻ جو انهيءَ شخص مخدوم لعل شهباز جي گنبذ ۾ هڪ دفعي هڪ عورت سان هٿ چراند ڪئي هئي، جنهن ڪري هن جي ديوانگي هميشہ لاءِ قائم رهندي آئي.

مخدوم صاحب شريعت جا ايڏا پابند هئا جو ڪڏهن بہ نماز جماعت کانسواءِ ادا نہ ڪندا هئا. هڪ دفعي عشا جي نماز جماعت سان گسي وين تہ شهر کان ٻاهر نڪتا ۽ هڪ غيبي جماعت اچي جمع ٿي، جنهن کي امامت ڪري نماز پڙهايائون، پر جماعت کي هٿان نہ ڇڏيائون.

بهاءُالدين دلقپوش (گودڙيي) کان نقل آهي تہ هڪ دفعي مخدوم صاحب ٺٽي جي جامع فرخ ۾ تشريف فرما ٿيا. جمعہ نماز کان پوءِ اٽڪل هڪ هزار ماڻهن منهنجي معرفت سندن هٿ چميا، جن مان هر هڪ پنهنجي درجي آهر معرفت ۽ ولايت کي پهتو، جن مان حضرت صابر سومرو، شيخ تاجن، شيخ حبيب رحہ ۽ سيد عبدالڪريم بلڙيءَ وارو مشهور آهن، جن کي ڪشف ڪرامت سان سموري سنڌ سڃاڻي ٿي. انهن وٽان هزارين ماڻهو معرفت جو رستو سکي پنهنجي ڪماليت کي رسيا آهن.

سنڌ جي بادشاهہ مرزا محمد باقي تي مغل بادشاهہ اڪبر. ڏاڍو ڏمريل هو، سو مرزا جي گرفتار ڪرائڻ لاءِ لشڪر چاڙهي سنڌ تي موڪليائين. اڪبري فوج سنڌ ۾ قتل ۽ غارت ڪندي، اڳتي وڌي رهي هئي. ماڻهو حضرت مخدوم صاحب وٽ فريادي آيا. پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ عاقبت بخير ڪندو. آخر اها فوج هالن جي ويجهو اچي پهتي، جنهن ڪري شهر ۾ ڏاڍو ڏهڪاءُ ۽ شور پيدا ٿيو. حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ سمورو احوال اچي پيش ڪيائون. پاڻ ٿوري مٽي چپٽي گهرائي پنهنجي ترىءَ تي رکي، هيٺين دعا پڙهي فوج ڏانهن دم ڪيائون، جنهن ڪري اها فوج انهيءَ وقت اتان پوئتي هٽجڻ لڳي ۽ اهڙي ڀاڄڙ پين، جو وڃي هندستان ۾ دم ڪنيائون.

دعا هي آهي:

بسم الرحمٰن الرحيم- اللّٰهم لک الحمد و لک المجد ولک الشُکر واليک المتکاء وانت المسُتعان وبک المستغاث والتکلان و منک

الفرحُ ولاحول ولاقوة الا بالله العلي العظيم وصلي الله عليٰ خير خلقہ محمد وآلہ واصحٰبہ اجمعين.

بادشاهہ لشڪر جي پاڄ جو سبب معلوم ڪرڻ گهريو تہ هنن چيو تہ هالن جي لڳ طوفان ۽ دهشت طاري ٿي، جنهن ڪري جانيون بچائي اچي گهران نڪتا آهيون. ڪنهن درويش، شاهي دربار ۾ عرض ڪيو تہ اهو ڪنهن وليءَ جي ڪرامت جو ڪرشمو آهي، باقي ٻيو ڪوبہ سبب معلوم نہ ٿو ٿئي.

ان ڪان پوءِ اڪبر بادشاهہ دوباره فوج عبدالرحيم خان خانان جي سرڪردگي هيٺ وڪلي ۽ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضري جو بہ حڪم ڪيو، مگر عبدالرحيم خان خانان جن هالن ۾ پهچڻ ڪان اڳ ۾ مخدوم صاحب وفات ڪري ويو ۽ سندس فرزند مخدوم امين محمد جي خدمت ۾ نياز حاصل ڪيائين ۽ شاهي سوکڙيون بہ پيش ڪيائين. ان ڪان پوءِ ٺٽي تي ڪاهي ويو. ان وچ ۾ مرزا محمد باقي مري چڪو هو ۽ سندس فرزند مرزا جاني گادي تي هو، جنهن ڪان پوءِ اڪبر سنڌ فتح ڪري ورتي.

حضرت مخدوم نوح جي ڪشف ڪرامات ۽ ڪمالات تي ڪيترائي سندس همعصر ۽ بزرگن ۽ پوءِ وارن جا ڪتاب لکيل آهن جتي تفصيل سان بيان ٿيل آهي. هت مختصر طور دليل الذاڪرين ۽ ارشاد الطالبين مان ڪجهہ نقل ڪيو ويو آهي. ازانسواءِ، مخدوم صاحب جي سوانح بابت شيخ بهاءُالدين دلقپوش جو رسالو ۽ ميان فتح محمد قريشي جو رسالو ۽ ڪيترا جدا جدا ڪتاب لکيل آهن. پوئين وقت ۾ سفينة النوح از مخدوم پير غلام حيدر صاحب هالائي ۽ راحت القب و الروح تذڪره مخدوم نوح، جامع اوراق، دين محمد وفائي جا ڪتاب بہ انهيءَ باب ۾ ڏاڍا ناياب آهن.

مخدوم صاحب سهرورديہ طريقي جو امام ۽ اويسي طريقي جو اولياءُ هو. ڪلمہ لا اله الا الله جي توحيدي تلقين ڏيندو رهيو. سندس وقت ۾ ٺي سوين ڪامل خليفا ۽ فيض جا صاحب سنڌ ۾ خدا شناسي جو رستو ڏيکاريندا رهيا، جن مان ڪن جو ذڪر هيٺ ڪيو ويندو.

مخدوم صاحب چار شاديون ڪيون هيون، جن مان ٻارهن فرزند ۽ ڪجهه نياڻيون پيدا ٿيون، فرزندن جا نالا هي آهن:

ميان امين محمد، ميان حامد، ميان نور محمد، ميان احمد (اهي چارئي ترڪ قوم يعني باجار قبيلي جي بي بي مان هئا) پنجون ميان دائود، ميان موسيٰ، ميان هارون، ميان يوسف، فرزند ميان آدم (اهي ٻئي گهر مان هئا) ميان ميران محمد و ميان ابراهيم ملقب بادهم ثاني ۽ ميان جلال الدين ٽئين گهر مان هئا. چوٿين بي بي سهتا قوم مان هئي جنهن مان ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو.

ارشاد الطالبين ۾ لکي ٿو ته سنڌ ۾ ڪماليت جا مالڪ سڀ کان وڏا مرشد ٻه بزرگ گذريا آهن: پهريون مخدوم بلاول ٻيو مخدوم نوح ۽ وڌيڪ لکي ٿو ته مخدوم نوح جو پنهنجي وقت ۾ سڀ کان سرس درجو هو.

ايڏي وڏي ڪماليت ۽ بزرگي واري انسان ڪامل 87 سالن جي ڄمار ۾ سواءِ ڪنهن بيماريءَ جي هن دنيا فاني مان صبح جي وقت لاڏاڻو ڪري هميشه واريءَ حويلي ۾ منتقل ٿي ويو. اهو واقعو خميس ڏينهن 27 ذوالقعد 998هه تي گذريو. مخدوم صاحب جي قضيه بابت ملا قاسم جي هيءَ نظم پڙهڻ جي لائق آهي:

غرق درياء شهادت محو مطلق بس بدان
پاک از آلاء قساوت نوح مخدوم انس وجان
بو يزيد و بو سعيد و بشرحافي و جنيد
در مراتب در مناقب کم زپس ايشان مدان
طالبان او که از احصاء و حصر آمد فزون
چون ستاره هر يکي زايشان مناره در جهان
جوق و جوق طالب اوچون ملک درهفت چرخ
صف صف اندر صبح و شام از جان و دل الله خوان
هان ولايت ختم شد بر افتخار اهل فخر
چون نبوت ختم شد بر مفخر آخر زمان
آمدي گر بردر او مرد جاني غافلي

ذاکري زنده دل گشتي زفيضش آن زمان
بود آنگہ نهصد و هر يازده بوده فزون
سال تاريخ ولادت آن ولايت کيش دان
مدتي عمر گرامي آن گرامي مايہ را
جملہ هشتاده هفت سال بود اندر جهان
سال فوت آن غوث حق پرسيد شد چون از خرد
از سر حسرت فغان برداشت آنگہ گفت هان
آن سنہ نهصد و هشتاد هزده وقت صبح
بيست هفتم در شب پنجشنبۂ ذي قعد دان
(مختصرا از دليل الذاکرين)

# 126۔ سيد ابوبکر لکعلوي

سيد ابوبکر لکياري (لکعلوي) عالم ڪامل نامور وقت جو، ڪشف ڪرامت جو مالڪ، حضرت مخدوم نوح جي وڏن خليفن ۽ پيارن دوستن مان آهي.

مريد ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي هن خواب ۾ هڪ ملائڪ کي لا اله الاالله جي ذڪر ڪندي ڏٺو، جنهن کان پڇيائين تہ ذڪر جي اها ترتيب ڪنهن کان سکي اٿئي؟ هن جواب ڏنو تہ هالن جي شهر ۾ مخدوم لطف الله مشهور مخدوم نوح ان ريت ماڻهن کي ذڪر ڏسيندو آهي تنهن ڪري اسان بہ ساڳي ريت مشغول آهيون. سيد صاحب انهيءَ ڪانپوءِ جڏهن سجاڳ ٿيو تڏهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اچي ايترو گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيائين، جو مخدوم صاحب جي پهرين خليفن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

(1) اهو بزرگ پنهنجي ڳوٺان (لڪي) يا ٻئي ڪنهن شهر مان جڏهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ ايندو هو، تڏهن پنهنجي پڄندي آهر، هر قسم جون سوکڙيون مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آڻيندو هو. اهو اخلاص ۽ محبت هن حد کي پهتل هئي، جو هڪ دفعہ ڪئي مان ڪيتريون سوکڙيون ۽ سامان ٻيڙي ۾ ڪٽائي، مخدوم صاحب جي

خدمت ۾ اچي هالن ۾ پهتو. جڏهن مسجد شريف ۾ پير رکيائين، تڏهن ياد آيس تہ مخدوم صاحب جو سرمو خريد ڪيو هوم، سو اتي ئي وسري ويو آهي، جنهن ڪري مسجد مان پوئين پير واپس ٿيو ۽ نئين پهچي سرمو ڪٺي پوءِ خدمت ۾ آيو.

چون ٿا تہ سامان ۽ اسباب جي جيڪا ٻيڙي پرائي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيو ٿي، ان ۾ ڪپڙا ۽ ٻيو سامان تہ هو پر سون چاندي ۽ اناج جا قسم بہ هئا، جنهن تي سيد صاحب کي سنڌس فرزند عرض ڪيو تہ مال تمام گهڻو آهي،ان مان ڪجهہ اسان کي بہ ڏياريو تہ ڪجهہ خرچ ڪريون ۽ ڪجهہ قرض ۾ ڏيون. مگر شاهہ صاحب هن جي عرض کي نہ ٻڌو. سمورو اسباب جڏهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهچايو ويو، تڏهن پاڻ سيد صاحب کي فرمايائون تہ اولاد جو حق سيني تي شرعي طرح لاڳو آهي، جو ادا ڪرڻ گهرجي. اسان جي گذران جو ضامن الله ئي بس آهي، تنهن ڪري اوهان ضرورت آهر هن مان پنهنجن ٻارن کي ڏيو ها تہ بهتر هو. سيد صاحب روبرو ۽ ادب کان ڪجهہ چئي نہ سگهيو، پر مخدوم صاحب جي اهليہ محترمہ بيبي مريم جي معرفت عرض ڪيائون تہ اسان جي اولاد ۽ پٽن پوٽن کي بہ الله جي سپرد ڪريو، جنهن جي نعمت ۽ مهرباني جو ڪو ڇيهہ ئي ڪونہ آهي. ان تي مخدوم صاحب فرمايو تہ سيد صاحب جو اولاد چوڏهن پيڙهين تائين زميندار ۽ امير ٿي رهندا.

(2) ڪو ماڻهو هڪ هنداڻو سيد صاحب جي خدمت ۾ ڪٺي آيو ڪپڻ ڪان پوءِ ڏاڍو منو نڪتو. سيد صاحب ٻئي ٽڪرا هٿن تي جهلي لڪي جي شهر مان ڪٺي اچي هالن ۾ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهتو.

(3) سيد صاحب ايتريقدر فنا في المرشد هو، جو سنڌن زبان مان جيڪو لفظ بہ ٻڌندو هو، تہ ان تي هڪدم عمل ڪندو هو. ڪڏهن دير پوڻ نہ ڏيندو هو.

(4) سموري زندگي ۾ جمعہ نماز قضا ڪانہ ڪئي هوائين.

(5) پنج وقت نماز جڏهن پڙهندو هو، تڏهن سجده ڏيڻ وقت ڪجهہ قدم پوئتي هٽي، پوءِ سجده ڏيندو هو. ان بابت پڇيو ويو تہ

جواب ۾ چيائين تہ ڇا ڪريان جو ڪعبة الله سجده واريءَ جاءِ تي نظر اچي ٿو، جنهن ڪري ان ڪان هٽي سجدو ڪريان ٿو.

(6) هميشہ صبح ۽ عصر (وچين) جي نماز کان پوءِ ٻارهن هزار دفعا لا اله الله جو ذڪر ڪندو هو، ان کان سواءِ نفل ۽ ٻيا وظيفا بہ پڙهندو رهندو هو.

(7) دهليءَ جي هڪ فقير کي خواب ۾ معلوم ٿيو تہ سنڌ جي ڳوٺ لڪي ۾ هڪ بزرگ رهي ٿو، جنهن جو قدم حضرت موسيٰ ڪليم الله جي قدم تي آهي. هو اتان کهي سندس خدمت ۾ اچي پهتو. ڏٺائين تہ هڪ درويش سادي لباس سان مسجد ۾ وينو آهي، جنهن کي دنيا جو ظاهري ڪوبہ ناهہ نٿ ڪونہ آهي.هن فقير جي دل ۾ آيو تہ هي ماڻهو وري ڪيئن ايڏي درجي جو هوندو؟ جڏهن ڪيس جواب ۾ چيو ويو تہ ڪبوتر متارو بہ باز ڏيري جي مٿ ڪونہ ٿيندو آهي، تنهن ڪري ظاهري معاملي تي نظر ڪرڻ نہ گهرجي، تنهن ڪان پوءِ پشيمان ٿي معافي ورتائين.

(8) هڪ دفعي سيد ابوبڪر فرمايو تہ عرش ڪان بہ گهٽومتي هميشہ مون کي حضور رهي ٿو، ان تي هڪ طالب علم کي وهم آيو تہ سيد صاحب پنج وقت نماز اسان سان پڙهي رهيو آهي، سو ڪهڙي وقت اوڏانهن غائب ٿيندو هوندو. جواب ۾ فرمايائون تہ اهي سڀ ڪشف جا معاملا آهن، جن کي ظاهري اکين وارا پروڙي نٿا سگهن. وڌيڪ فرمايائون تہ اهي سڀ ڳالهيون نفس جي خوش ڪرڻ لاءِ نہ آهن، پر الله تعاليٰ جي نعمت جي اظهار ڪرڻ ۽ شڪريہ طور آهن. و اما بنعمت ربڪ فحدث.

سيد صاحب جي پنهنجي پير ڀائي، وڏي درويش،بهاءُالدين دلقپوش سان ڏاڍي دوستي هئي. بهاءُالدين سيد صاحب لاءِ قرآن شريف جو ترجمو بہ لکيو هو جنهن جو هڪ نسخو اڄ تائين موجود آهي.

سيد صاحب حضرت مخدوم نوح رحہ جي وفات ڪان پوءِ چوڏهن يا پندرهن سال زنده هو ۽ حضرت مخدوم نوح جنهن رات وفات فرمائي ٿي تہ ان وقت سيد صاحب کي ياد فرمايو هئائون، جو

ساڳي رات جي صبح جو لکي مان هالا پهچي ويو ۽ جنازه نماز ۾ شريڪ ٿيو.

اگرچ وفات جي مقرر تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي، مگر واقعات مان معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ هن صاحب 11 صدي جي پهرين اڌ ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو آهي.

(دليل الذاڪرين)

## 127 - بهاءُ الدين دلقپوش ٺٽوي

عالم، زاهد، صوفي فقہ، حافظ بهاءُالدين گودڙيو (دلقپوش) قوم جو ميمڻ، شروع ۾ غوث بهاء الدين ملتاني جي سهرورديہ سلسلي ۾ شريڪ ٿيو، ان کان پوءِ جمعہ جاڙيجي معرفت حضرت مخدوم نوح جي مريدن ۾ داخل ٿيو. چمار جو وڏو حصو مخدوم صاحب جي خدمت ۾ رهي فيض حاصل ڪيائين. مخدوم صاحب جي فرزندن کي تعليم بہ ڏيندو رهيو.

(1) هن جي چمار جا سمورا لمحا، نماز ذڪر، وظيفہ يا قرآن ۽ حديث، فقہ ۽ تصوف جي ڪتابن لکڻ ۾ گذرندا هئا. ڪوبہ وقت دنيائي ڪم ۾ ڪونہ گذرندو هوس، تان جو ماني کائڻ وقت بہ هڪ لقمي جي چٻاڙڻ کان پئي لقمي جي کڻڻ واري فرصت ۾ ڪجهہ لکي وٺندو هو، يا ڪو قول فرمائيندو هو. هو سمورو وقت قال الله و قال الرسول بيان ڪندو هو ۽ دين جي بزرگن جا حالا ٻڌائيندو رهندو هو.

(2) رات ڏينهن ۾ هميشہ هڪ ختم ڪلام الله جو پورو ڪندو هو، مگر رمضان ۾ 3 ختما ڪيندو هو، يعني تہ هڪ ڏينهن جو ۽ هڪ تراويح ۾ ۽ هڪ پوئين رات ۾.

فرمائيندو هو تہ دنيا جي سيني درويشن جا وظيفا ۽ ختما آءٌ پڙهي چڪو آهيان، باقي مخدوم نوح صاحب رحہ وانگر هي طاقت حاصل ڪانہ ٿي اٿم، جو پاڻ گهوڙي جي هڪ رڪيب ۾ پير رکندي، ٻئي رڪيب تي پير پهچڻ تائين قرآن جو ختمو پورو ڪندو آهيان ۽ آءٌ ان مدت ۾ فقط پندرهن سيپارا پڙهي سگهان ٿو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

(3) هميشہ وضو سان رهندو هو. حضرت مخدوم نوح صاحب جو فرمائڻ هو تہ بهاءُالدين وڏو عاقل آهي، جو هميشہ وضو جي هٿيار سان پاڻ کي سينگاريل رکي ٿو. صوفين جو قول آهي تہ الوضوء سلاح المئومن يعني تہ وضو شيطان جي روڪڻ لاءِ مومن جو هٿيار آهي. گهڻو ڪري اڳين جي وضو سان عشا جي نماز ادا ڪندو هو.

(4) هن جي عادت هوندي هئي جو ڪنهن بہ جانور کي پنهنجي هٿ سان نہ ماريندو هو. جوءِ ۽ مڇر مارڻ بہ ڪيس ڏکيو لڳندو هو.

(5) ظاهري شرعي علمن کان سواءِ جعفر، تڪسير، مسخرات، تعويذات ۽ علميات جو بہ وڏو عالم هو.

(6) هڪ ڏينهن مسجد ۾ لکڻ ۾ مشغول هو ۽ اتي ڪنڌ ۾ هڪ ڪوڙهيو ٽندو مندو پيل هو. شيخ بهاءُالدين هن کي چيو تہ اُٿ ۽ ڪوزين مان پاڻي ڪڍي اچ تہ مس ۾ وڌو وڃي. هو ٽندو مندو اجا چريو تہ اٿڻ جي طاقت پيدا ٿي پيس ۽ الله تعاليٰ جي قدرت سان چڱو ڀلو ٿي پيو ۽ هٿ چڻ روندائي ڪونہ هئس. ڪوزن پنهنجن هٿن سان ڪڍي آڻي خدمت ۾ پيش ڪيائين. مگر بيمار کي ڇني ڇڏيائين تہ اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪج، نہ تہ ساڳي بيماري ترڪي موٽي اچي ويندي، البتہ منهنجي وفات کان پوءِ ڀلي ظاهر ڪج.

(7) سنہ 1035ھ ۾ جڏهن شهزادو خورم (شاه جهان) پنهنجي والد سلطان جهانگير کان ناراض ٿي، ٺٽي پهتو، تڏهن ٺٽي جي گورنر شريف الملڪ يڪ چشم شهزادي جو سخت مقابلو ڪيو ۽ ڪيس ٺٽي ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو. ان وقت شاهزاده شيخ بهاءُالدين دلقپوش جي خدمت ۾ پهچي بادشاهت لاءِ دعا گهري. شيخ بهاءُالدين آية الڪرسي جو نقشو پري، شهزادي کي ڏنو تہ اهو جهنڊي ۾ ٻڌي ڇڏي، اُميد تہ هندستان جي بادشاهت سندس ئي حصي ۾ ايندي. ٺٽي جي گورنر شريف الملڪ کي جڏهن اها سڌ پئي تہ بهاءُالدين، بادشاهہ ۽ اسان ٻنهي مخالف جي هن ريت امداد ڪئي آهي، تڏهن درويش کي گرفتار ڪرائي ڪٺي جيل ۾ بند ڪيائين ۽ سندس محبوب ترين املاڪ يعني ڪتاب سمورا تاراج ڪرائي ڇڏيائين.

شيخ بهاءالدين کي سندس پٽن ۽ عزيزن گهڻو ئي چيو ته اهڙي دعا گهرو، جو شريف الملڪ جو خاتمو ٿي وڃي، ڇو ته مشڪل وقت ۾ ڪرامت جو اظهار ڪرڻ جائز آهي، پر پاڻ ان کان صفا انڪار ڪيائون. پوءِ آخر جڏهن شاه جهان تخت تي وينو، تڏهن شريف الملڪ ۽ سندس ساٿين کي قتل ڪرايو ويو! (دليل الذاڪرين)

(8) سيد عبدالڪريم بلڙيءَ وارو جڏهن مٽاريون ڇڏي بلڙي ۾ رهيو، تڏهن اتي زميناري سيد مير علي نالي هڪ زميندار جي هٿئي، جنهن ميان عبدالڪريم کي ٻني ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ هونءَ به ڪيس تڪليف پهچائيندو رهندو هو. جنهن تي ميون ڪرمي، بهاءُ الدين دلقپوش ۽ مخدوم سلطان ابراهيم ولد حضرت مخدوم نوح کي ميڙ ونيٰ، سيد مير علي ڏانهن آيو ته ڪيس ٻني ڏيڻ ۾ سهولت ڏئي. جڏهن اتي پهتا تڏهن مير علي چيو ته ڳالهائڻ جو حق سيد عبدالڪريم کي آهي يا مخدوم ابراهيم کي آهي باقي بهاءالدين کي نه آهي. شيخ بهاء الدين فرمايو ته صاحبزاده ابراهيم منهنجو شاگرد آهي ۽ ميان عبدالڪريم مون کان ورهن جا ورهه سلوڪ جا پنڌ سکندو هو ۽ ننڍا ننڍا تصوف جا ڪتاب پڙهندو رهيو آهي، تنهن ڪري گفتگوءَ جو حق مون کي آهي. سيد مير علي غرور ۾ اچي چيو ته هليو وڃ ميمڻ، توکي مون سان ڳالهائڻ جو حق ئي ڪونه آهي! هن (عبدالڪريم) گداگر لاءِ سفارشي بڻجي آيو آهين! ان تي بهاءُ الدين چيس ته اوهان ئي ڪونه هوندا، ته پوءِ اسان کي هتان ڪير تڙيندو؟ آخر نتيجو هي نڪتو ته هڪ روايت موجب مير علي بروقت بُل ڪائي مري پيو.

ٻيءَ روايت موجب پنهنجن ماڻهن کي چيائين ته هن مڙس جي نگاهه مون کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ان کان پوءِ جو بستري تي ڪريو ته پندرنهن ڏينهن کان پوءِ موت جي هميشه واري ننڊ جي حوالي ٿي ويو. (ارشاد الطالبين و دليل الذاڪرين)

ٻيون به سندس ڪرامتون ۽ ڳالهيون بي شمار آهن. مخدوم صاحب جي وفات کان پوءِ گهڻن خليفن ۽ فقيرن جو مرجع هو.

جامع اوراق، فقير دين محمد وفائي، بهاءُالدين دلقپوش جي دستخط مترجم قرآن شريف جو هڪ نسخو پڻ مخدم غلام حيدر صاحب آف هالا جي ڪتب خاني ۾ ڏٺو. جنهن جي آخر ۾لکيل آهي ته:
ترجمة القرآن يوم الخميس من شهر صفر 1012هه ختمه الله تعاليٰ و ختم ڪتابة الترجمة بالخير و الظفر في تاريخ الف و ثلاث عشر بيدالفقير بهاءُالدين المحرر حروف الترجمة بفضل الله الملڪ المنان.

ٻئي هنڌ فارسي ۾ لکيل آهي:

تحرير ترجمه در سال ثلاث عشر و الف بوده بدست فقير بهاءُ الدين گودڙيه باعث اين تحرير سيد سادات طالب وصول رب العالمين سيد ميان ابوبڪر لکياري است سلمه الله تعاليٰ

انهيءَ ترجمي تي سيد ابوبڪر جي پٽ ۽ پوٽي جون مهرون به آهن. ترجمه فارسي زبان ۾ شنگرف جي مس سان لکيل آهي ۽ قرآن جا الفاظ تلهي قلم سان ڪاري مس سان آهن. ڪٿي ڪٿي ٿورو حاشيه به آهي. سنڌ جو هي وڏو عالم صوفي، عامل ڪامل يارهين صدي ۾ وفات فرمائي ويو، ۽ پوءِ اگرچه تاريخ جي مقررائي ڪانه ٿي سگهي ٿي.

تحفة الڪرام جي لکڻ موجب سندس مقبرو مڪلي تي مٺي درويش جي لڳولڳ آهي.

## 128 ـ درويش مٺو ٺٽوي

مٺو فقير اڻ پڙهيل ماڻهو هو مگر هر جڏهن حضرت مخدوم نوح عليه الرحمته جي خدمت ۾ پهچي ذڪر جي تلقين ڪان مشرف ٿيو، تڏهن هن تي ظاهري ۽ باطني علمن جو دروازو کلي پيو.

هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته نه مان جڏهن مريدي جي ارادي سان مخدوم صاحب وٽ آيو تڏهن فقط منهن مبارڪ جي مشاهدي سان اسم الله — الله جو سندس دل ۾ بي اختياري جاري ٿي ويو. هو پورا ست سال مخدوم صاحب جي خدمت ۾ رهي پيو.

هي اڻ پڙهيو، اُمي فقير، جڏهن قرآن شريف جي تفسير يا ٻين علمن جو بيان ڪندو هو تڏهن جا وڏا وڏا عالم سندس قول کي قبول

ڪندا هئا، بلڪ ڪن وقتن تي عربي ۽ فارسي شاعرن جا مشڪل کان مشڪل قصيدا ۽ شعر سندس خدمت مان حل ڪرائيندا هئا.

ننڍ ۾ ان وقت قاضي احمد نالي هڪ وڏو عالم رهندو هو جنهن کي امام اعظم ثاني سڏيندا هئا. ان کي ٻڌايو ويو ته هڪ درويش آهي جو ظاهري علم پڙهڻ کان سواءِ ۽ صرف — نحو، فقه-معاني ۽ تفسير حديث، فقه جي تحصيل کان سواءِ سمورن علمن جو بيان ڪري ٿو ۽ عربي جا مشڪل قصيدا حل ڪري وجهي ٿو. قاضي احمد ٽي بيت قصيده برده وغيره جا مشڪل کان مشڪل ذهن ۾ رکي درويش مٺي جي خدمت ۾ پهتو. اجا قاضي صاحب بيت پيش ئي نه ڪيا هئا ته هن جي معنيٰ صرف ۽ نحو ۽ لغت موجب بيان ڪري ٻڌايائين. ڪي اهڙيون معنائون به ڪيائين، جو قاضي صاحب لاءِ نيون هيون. عرض ڪيائين ته اها ڪئين ادا ڪئي وئي، ان کي وري ته ٻڌايو ته صاف طرح سمجهه ۾ اچي.

فقير صاحب چيو ته اوهان ڏٺو هوندو ته جن وٽل ماڻهو قرآن شريف پڙهي ويندو آهي پر جڏهن جن ڇڏي ويندو اٿس ته هن کي ڪجهه به نه ايندو آهي. اهڙيءَ طرح اسان فقيرن وٽان جيڪي ظاهر ٿئي ٿو سو الله تعاليٰ جي عنايت ۽ نوراني تجلي سان ٿئي ٿو ۽ پنهنجي اختيار سان ڪجهه به نٿو چئجي. قاضي فقير جو ان کان پوءِ هميشه معتقد ٿي رهيو ۽ هميشه خدمت ۾ ايندو هو.

مٺو درويش ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن اکين تي آڱريون رکي چوندو هو ته هنن ٻنهي اکين سان الله تعاليٰ کي ڏٺو اٿم. ننڍ جي علماء کان پڇيو ويو ته علم عقائد ۾ هنن اکين ساڻ هن دنيا ۾ خدا جي ڏسڻ جو انڪشاف ڪيل آهي ۽ فقير ڇا ڇئي رهيو آهي؟ جواب ۾ چيائون ته عقائد جو مسئلو نيڪ آهي، پر هي درويش وري هڪ ٻئي رنگ ڍنگ جو آهي، ڇاڪاڻ جو سماع ۾ وجد واري حالت ۾ سجدو ڪندو آهي (مطلب ته هن کي انهيءَ بي خودي ۾ ڪا شئي ڏسڻ ۾ اچي ٿي جنهن کي هو سجدو ڪري ٿو).

وقت جي مشهور درويش سڪيري کان پڇيو ويو ته وجد جي بيهوشي ۽ بي خودي واري حالت ۾ حضرت مٺو جو وحدت جي جام

سان مدهوش هوندو آهي ان وقت بہ سندس سجدو قبلہ ڏانهن هوندو آهي؟ درويش سڪيري چيو تہ سندس مرشد جي برڪت سبب آهي، جو هو سنت جي طريقہ جو مطابع آهي جنهن ڪري حضرت مني ڪان بيهوشي ۾ غير شرعي ڪم ظاهر نہ ٿو ٿئي.

قاضي محمد مسعود نصرپوري ڪان روايت آهي تہ هڪ دفعہ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ هڪ درويش ڪجهہ صوفيانہ شعر ڳائي رهيو هو تہ مني فقير تي وجد ۽ بي خودي طاري ٿي وئي، ايتريقدر جو پنهنجو پيراهن بہ لاهي ڳائيندڙ کي ڏنائين. مان اڪين سان ڏٺو ۽ ڪنن سان ٻڌو تہ فقير جي بدن جو هڪ هڪ وار الله جي اسم چوڻ ۾ مشغول هو.

منو فقير اڳين جي نماز ڪان پوءِ عشا جي نماز تائين قبلہ کي ڪڏهن بہ پٺي ڏئي نہ ويهندو هو، حضرت مخدوم نوح صاحب عليہ الرحمت جو پوٽو مخدوم محمد امام ولد محمد يوسف جو بيان آهي تہ مان مني فقير ڪان پڇيو تہ حديث قدسي ۾ آيو آهي تہ "الانسان سري وانا سره" يعني تہ انسان منهنجو راز ۽ آءٌ ان جو راز آهيان. ان مان ڪهڙو انسان مراد آهي؟ پاڻ فرمايائين تہ اهو انسان ڪامل يعني محمد مصطفيٰ ﷺ آهي جنهن جي محبت لاءِ ہي مخلوق پيدا ڪئي وئي آهي. ٺٽہ جي حاڪم سيد بازيد جي فقير مني سان اعتقاد ۽ محبت هوندي هئي، هو جڏهن بہ خدمت ۾ ايندو هو تہ 20 روپيا نذرانو رکندو هو، اُهي روپيا ائين جو ائين اُتي پيا هوندا هئا. نہ فقير جا خادم کڻندا هئا ۽ نہ حاڪم جا نوڪر، پر ٻيا ڪي ماڻهو ڪنيو هليا ويندا هئا. هڪ ڏينهن سيد يزيد فقير صاحب ڪان پڇيو تہ اسان ۽ اوهان هڪ جهڙا ماڻهو آهيون ۽ کاڌو پيتو ۽ ٻيا انساني ڪم بہ هڪجهڙا آهن پوءِ بہ ماڻهو اوهان کي اهل الله چون ۽ اسان کي اهل دنيا هوڏانهن پنهنجي وت آهر اسان بہ الله جي طلب ڪندا رهون ٿا: فقير چيو تہ ڳالهہ ٺيڪ آهي مگر اوهان جو مقصد ئي دنيا طلبي ۽ آرام سان رهڻ آهي ۽ اسان جو مقصد دنيا مان فقط هيترو آهي تہ لقمہ کائي ذڪر لاءِ طاقت حاصل ڪريون، ان ڪان وڌيڪ اسان جو ڪو ٻيو مطلب ڪونہ آهي، پر دولتمند هن دنيا جي مردار کي کائڻ ڪان پوءِ ان کي ئي پنهنجو وچاٽو

ٻڌائي ان تي سمهي رهن ٿا ان مان لذت حاصل ڪن ٿا. قرآن شريف ۾ ارشاد آهي ته: زين للناس حب الشهوات من النساء و البنين و اللقناطير المقنطرة من الذهب والفضة والخيل المسومة والانعام والحرث ذلک متاع الحيوة الدنيا.

پير فقيرن جو مشرب آهي ته سيني شين کان الله لاءِ لاڳاپا ٽوڙي ڇڏجن، ورتبتل اليه تبتيلا.

هڪ دفعه پنهنجي جماعت سان ڪيڏانهن سفر ڪندي هڪ ڳوٺ ۾ اچي نڪتو، اتي جي وڏيره صاحب اڳ ۾ ئي خيرات جي ارادي سان ڪيترا جانور ذبح ڪري طعام جو انبار تيار ڪري ڇڏيو هو. جنهن ڪري ڪجهه پاتيون ڪاڍي جون پري آڻي درويش مني جي جماعت وارن کي ڏنائون. جماعت مان هڪ فقير وڏيره کي چيو ته بس ايترو ئي طعام ڏنو ويندو يا اجا وڌيڪ به ملندو، ته ان ريت پورت ڪئي وڃي. وڏيره چيو ته جيترو گهرندا، اوترو ڏينداسين. فقير جواب ۾ چيو ته اوهان جيتريون پاتيون آنديون آهن سي به تمام گهٽيون آهن مگر اسان جي فقيرن مان هڪ لاءِ پورت نه ڪري سگهنديون.

وڏيره چيو ته سائين فقيرانه بادشاهي جي لباس ۾ ائين ڪوڙ هٽڻ نه گهرجي، ڇو ته هي جيڪو ڪاڏو آندو اٿم سو هڪ کان وٺي ٻن سوَن ماڻهن جي پورت ڪري سگهي ٿو، آخر اوهان ڇا چئي رهيا آهيو. اهي لفظ (ڪوڙ جا) جڏهن درويش مني ٻڌا تڏهن جوش ۾ اچي پنهنجي هڪ مريد علي نالي جنهن کي گل خن چوندا هئا، حڪم ڏنائين ته ڪاڏ پوءِ گلخن فقير وڏيره واريون آندل پاتيون ته ڪاڏيون پر خيرات لاءِ جيڪو انبار گوشت ۽ چانورن جو تيار ڪيو ويو هو سو به کائي چٽ ڪيو، پوءِ ڳوٺ ۾ ڪاهي پيو جيڪو به ڏٺ، کير ڏوئونرو هو ۽ ٻيو گهرن ۾ ڪجهه رڌو پڪو پيو هو سو به کائي ويو. آخر ماڻهن جي گهرن جا پڄر ۽ ڪک ڪانا ڪائڻ لڳو، ان کان پوءِ وڏيره پشيمان تي فقير مني جي خدمت ۾ معافي وٺڻ آيو ته مان فقير کي ڪوڙو چيو آهي ان جي معافي ڏيو! جنهن کان پوءِ گلخن فقير کي ڪائڻ کان منع فرمايائين. (دليل الذاڪرين)

منو فقير جامع فرخ ۾ گهڻو وقت رهندو هو ۽ سندس رهڻ جو مڪان ننڍي جي آگر محلہ ۾ آهي. ماڻهو سيد علي شيرازي تان ميڙو ختم ڪري پوءِ مني فقير وٽ اچي گڏ ٿيندا آهن. هن جو هڪ عجيب دانائي جو مقولو آهي، چوندو هو تہ منهنجي (نالي) جي مٿي تي رفع (پيش) يعني وڏائي اچي تہ مُنو بڻجي پوان، يعني بڇڙو ۽ بدحال. جيڪڏهن مٿي تہ زبر (يعني خودي جو خيال) اچي تہ منو ٿيان، يعني ڪوتو. پر مٿي تي ڪسر يا زير اچي ۽ هيٺاهون ٿيان تہ پوءِ منو ٿي پوان، يعني شيرين. سندس مقبرو مڪلي تي پير آسات جي پيرن ڪان بهاءُ الدين گودڙيہ سان گڏ آهي. (تحفة الڪرام)

وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي مگر معاصرين جي لحاظ سان هو يارهين صدي جي رجالن مان آهي.

## 129- شيخ علي سيوستاني

مخدوم لعل شهباز جي ساٿين ۽ مريدن مان هڪ اهو بزرگ بہ آهي، جو لعل شهباز جي سياحت واري زماني ۾ ساڻس رفيق ٿي رهيو ۽ آخر ۾ جڏهن شهباز سنڌ ۾ اقامت ڪئي تہ هو بہ سيوهڻ ۾ ساڻس هميشہ لاءِ رهجي ويو.

شيخ علي جناب دحية الڪلبي صحابي سڳوري جي اولاد مان آهي. هنجي سنڌ ۾ سمن مان شادي ٿي، جنهن مان بہ فرزند پيدا ٿيس (1) شيخ اسحاق (2) شيخ آهندو. انهن ٻنهين جي اولاد ئي لعل شهباز جي درگاهہ جي متولي ۽ مجاور رهندي آئي. چو تہ شيخ علي لعل جي وفات ڪان پوءِ سندس جاءِ نشين ۽ متولي خليفہ هو. شيخ علي جو دستور هوندو هو تہ جو ڪجهہ بہ درگاهہ تي ايندو هو تہ اهو سڀ ڪجهہ مسافرن ۽ درويشن کي ڪارائي ڇڏيندو هو. پنهنجي عيال کي توڪل تي رهڻ جي تلقين ڪندو هو.

هن جي وفات جو جڏهن تمام ويجهو وقت آيو، تڏهن پنهنجي اولاد کي سڏائي وصيت ڪيائين تہ درگاهہ جي آمدني ۾ طمع نہ رکجو ۽ نہ پنهجي ملڪيت سمجهي، ان کي کائجو، پر مسافرن ۽ مسڪينن

جو قوت ٻڌائجو ۽ اهل سنت جماعت جي طريقي تي قائم رهجو. ان قسم جون ٻيون وصيتون ڪندي 21 شعبان سنه 687 ۾ وفات فرمائي ويو. انا لله و انا اليه راجعون.

اسلام جي ڏهين صدي شاهه حسين ارغون جي حڪومت تائين شيخ علي جو اولاد ئي درگاهه لعل شهباز جو متولي ۽ مجاور هو، مگر ان ڪان پوءِ درگاهه تي ڪاهڙوئي ۽ لڪياري سيدن جو قبضو ٿيو، جو اڄ تائين قائم آهي ۽ شيخ علي جو اولاد ئي ڪونه رهيل آهي.

8 صدي هجري ۾ فيروز شاهه تغلق جو گورنر ملڪ اشرف شيخ علي جي مزار تي گنبذ ٺهايو، جنهن جي تاريخ هيٺين ريت آهي.

شد بناءِ مرقد عالي بعهد شهريار
شاهه فيروز آنکہ بگرفت زوگيتي قرار
مي سزد گر بنده درگاه اين گيتي پناه
گر کند در سرفرازي بسلطان افتخار
بر سر قبر ولي الاعلي، الحق ولي
بود در بغداد اندر وصف پاکان شهسوار
گفت بنيادش ملک اشرف، ملک ارشد سخي
هست اندر عدل فضل و خلق احسان نامدار
چون کہ ذاتي آور درين شهري سيوستان آمده
تازه گشتہ بقعہ از سر چون بستان بهار.

(رسالہ سير قلندري از خضر علي سيوستاني)

## 130۔ سيد غازي لڪعلوي

هي بزرگ سيد ابوبڪر لڪياري جي خاندان مان مخدوم نوح عليہ الرحمتہ جي وڏن خليفن مان آهي. ولي ڪامل ۽ ڪرامتن جو مالڪ هو. چون ٿا تہ انهيءَ زماني جي مشهور فقيرن ميان موٺڻ ڏئي وٽ هڪ زال اچي اولاد ٿيڻ لاءِ دعا گهري. ميان موٺڻ ڪشف جي رنگ ۾ مائيءَ کي چيو تہ توکي اولاد لکيل ئي ڪانہ آهي. انڪانپوءِ اُها مائي نااُميد ٿي سيد غازي لڪياري جي خدمت ۾ آئي. سيد صاحب دعا

گهري، ۽ مائي کي چيو تہ توکي تمام گهڻو اولاد ٿيندو. ڏنو ويو تہ انهيءَ مائي کي ٽي پٽ ڄاوا ۽ ميان موتڻ بہ ان وقت زنده هو، هن کي اها ڳالهہ ڪيائون، تڏهن چيائين تہ سيد غازي الله تعاليٰ جي ڪارخانہ ۾ وڏيڪ مقبول آهي. پوءِ جيڪي گهري ٿو، سو مليس ٿو.

(ارشاد الطالبين)

## 131 ـ درس خيرو نيرن ڪوٽي

هي درويش ڪامل، شروع وقت ۾ هميشہ رات جو جاڳي بندگي ڪندو هو ۽ سمورو ڏينهن روزي ۾ گذاريندو هو. حضرت مخدوم نوح جي بيعت کان پوءِ سندس معاملو استغراق جي حالت کي وڃي پهتو.

سالن جا سال ڪاڏي پيتي کان پاڻ کي روڪي ڇڏيو هوائين، بکن ۽ رياضتن سبب سندس بدن هڏن جي مٺ ٿيو ويو هو. ڏينهن ۽ بيا جيت بدن ۽ مٽي جي وارن ۾ وينا هوندا هئس، تہ ان جو بہ پتو ڪونہ هوندو هوس ۽ الله تعاليٰ جي ياد ۾ محو هوندو هو. چون ٿا تہ هڪ دفعي سج لهڻ ۽ اڀرڻ جي حقيقت ڄاڻڻ لاءِ، سموري رات گهر تي ويو. موٽي اچي چيائين تہ سج جو معاملو ملائڪن جي اختيار ۾ آهي ۽ هن دنيا ۾ تہ اهڙا بيا بہ ٽي سج آهن. درس خيري جون ڪرامتون ۽ بيون ڳالهيون تمام گهڻيون آهن. ديگهہ سبب ڇڏيون وڃن ٿيون.

هنجو مقبرو نيرن ڪوٽ (حيدرآباد) ٻاهران گنجي ٽڪر تي آهي.

(ارشاد الطالبين)

## 132 ـ درويش عمر هالائي

حضرت مخدوم نوح جي فيض پاتل خليفن مان هڪ بزرگ آهي. جنهن سموري ڄمار رياضت ۽ مجاهدہ ۽ نفس ڪشي ۾ گذاري،هڪ رليءَ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ مالي اسباب وٽس جمع نہ ٿيو. مخدوم صاحب جي مريد ٿيڻ کانپوءِ، ڪڏهن بہ بيهودو گفتگو يا اجايو ڪلام پنهنجي زبان تي نہ آندائين. هميشہ ڏينهن جو روزو ۽ رات جو نماز ۾ بيٺو رهندو هو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ سن ٻن لقمن تي روزو کوليندو هو، هن جي ويهڻ يا سمهڻ جي لاءِ ڪا جاءِ مقرر ڪانہ هوندي

هئي، جتي به ڪيس نند ڪٽي ويندي هئي، ته اُتي سمهي پوندو هو. رحمته الله عليه ڏهين صدي جي عارفن مان آهي.

## 133۔ درويش عثمان عصار هالائي

فقير عثمان چاڪي (عصار) حضرت مخدوم نوح عليه الرحمت جي وڏن صحابين يا ساٿين مان آهي. هو هميشه رات ڏينهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ بيٺو هوندو هو. جيڪو به نئون ماڻهو حضرت مخدوم صاحب جي بارگاهه ۾ خدا طلبي لاءِ ايندو هو، ته هي درويش هن جي سڃاڻپ ۽ ڏيٺ ڪرائيندو هو ۽ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اهڙي فصيح زبان سان حقيقت پيش ڪندو هو، جو انهيءَ نو وارد ارادتمند ڏانهن مخدوم صاحب جو توجهه ڇڪجي ويندو هو ۽ هو بهره ور ٿيندو هو.

عثمان فقير کي بدن تي ڍڪڻ لاءِ فقط هڪ ڊگهي چادر هوندي هئي جنهن جو اڌ ڳچيءَ ۾ ۽ اڌ هيٺ تي ڪندو هو.

هڪ دفعي ڪنهن ماڻهو سفيد ڪپڙو سوڪڙي طور سندس خدمت ۾ پيش ڪيو، چيائينس ته چادر اتر، پوءِ انهيءَ وڏيڪ کي چا ڪريان. هن عرض ڪيس ته مون کان قبول ڪريو، پوءِ ڪٽي ٻئي ڪنهن کي ڏي. فقير چيس ته اها ڏي وٺ به تون وجي ڪر ۽ انهي سودي جو نفعو وٺ پر مون وٽان هڪدم ڪڻ چو جو فقيرن کي ڏيڻ ۽ ونڻ سان ڪو واسطو ڪونه آهي.

سندس ڍڪڻ واري چادر به جيڪڏهن ضرورت کان واڌو هوندي هئي ته ان کي به ڪپي ڇڏيندو هو. ضرورت آهر ڪم آڻيندو هو. هن زندگيءَ ۾ نذرانو يا سوڪڙي قبول نه ڪئي. (دليل الذاڪرين)

يارهين صدي جي درويشن مان آهي.

## 134۔ سيد علي متعلوي

خلاصه دود مان مرتضوي سيد علي متعلوي، حضرت مخدوم نوح جي وڏن يارن ۽ مشهور خليفن مان آهي، هن برابر چاليهه سال

جهنگل ۽ بيابان ۾ مجاهدا ۽ رياضتون جاري رکيون. پوري هڪ مهيني کانپوءِ روزو کوليندو هو.

هن جي اوبر ۾ اهڙي ڪا طاقت هوندي هئي، جو ڪوبه جانور يا انسان ڪائي نه سگهندو هو. جيڪڏهن اوچتو ڪنهن ڪاڏو نه تڏي تي مري پوندو هو. جنهن ڪري هنجي اوبر ڪي زمين ۾ پوري چڏيندا هوا. هڪ دفعي سندس ڪاڏل ڏئونري جا ڪي ڪريل ذرڙا هڪ ڪانگ ڪڻ لڳو ته هڪدم ڇهنب پڇي پيس ۽ اتي جو اُتي ڦٽڪي مري پيو. هڪ جوڳي مرد هندوانه لباس ۾ سيد علي جي مجاهدي ۽ رياضت جو ٻڌي سندس تجربي وٺڻ لاءِ آيو. شاه صاحب هن جي ارادي کي معلوم ڪري چيو ته، اچو ته ڪي ڏينهن بندگي ۾ ٻيهي رهون ۽ توکي ڪاڏو به تڏهن ڪاڻو پوندو جڏهن آءٌ ڪائيندس. هڪ جاءِ مقرر ڪري اُيا تي ٻينا، ڇئن پنجن ڏينهن کانپوءِ جوڳي کي سخت اُڃ اچي لڳي حيران ٿي مقابلو ڇڏي وٺي ڀڳو. چون ٿا سيد صاحب انهيءَ جاءِ تي ڪيتري عرصي تائين ٻيٺو رهيو.

سيد صاحب ڪڏهن ڪڏهن عمدو لباس به ڍڪيندو هو. هڪ دفعي تمام عمدي پوشاڪ پهري، حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيو پاڻ فرمايائون ته هي ڪير آهي؟ فقير عثمان عصاره عرض ڪيوت ه سيد علي آهي ۽ عمده پوشاڪ هن لاءِ ڍڪي اٿس ته جيئن دنيا وارن کي ڪائونس نفرت ٿئي، ۽ اعتقاد نه جمي، پنهنجي فقيري واري دولت کي هن عمده پوشاڪ ۾ لڪائي ٿو. مخدوم صاحب فرمايو ته عمدي پوشاڪ ته مورڳو ئي دنيا وارن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. فقير لاءِ هينيون لباس هجڻ گهرجي.

ڪاري گوڏ هيٺ تي ۽ اچي چادر ڪلهن تي 5 يا 7 يا 11 هٿ سر تي پڳ ٻڌڻ لاءِ ۽ چار آنگر تريون ڇڏڻ. ايتري پوشاڪ نه ترڪ دنيا جو آهي ۽ نه وري وڏائي ۽ فخر ۾ داخل آهي.

حضرت مخدوم صاحب جي پوٽي ميان محمد امام کان نقل آهي ته آئون هڪ دفعو سيد علي جي مجلس ۾ پهتس، جتي حاضرين منهنجي واقفيت ڪرائيندي چيو ته هڪ نينگر درويش جي اولاد ۽ خدا

جي مردن مان اوهان وٽ آيو آهي. سيد علي جواب ۾ چيو، هن زماني ۾ الله جي مردن مان هڪ آئون آهيان ۽ ٻيو جمعو جاڙيجو آهي. باقي ٿيون ماڻهو ته مون کي ڪونه سجهي ٿو. ميان محمد امام جو چوڻ آهي ته مان جڏهن سيد صاحب جي واتان لفظ ٻڌا تڏهن سندس ڪلام جي برڪت سبب مون کي جيڪو پندار ۽ غرور وينل هو ته آءٌ به ڪا شئي آهيان، اهو سمورو نڪري ويو ۽ طبيعت کي ڏاڍو سک حاصل ٿيو.

سيد علي متعلوي ڀارهين صدي ۾ حضرت مخدوم صاحب کانپوءِ وفات فرمائي آهي. رحمة الله عليه رحمت واسعة

## 135- درويش جمعه جاڙيجو

محبت الاهي جي رازن جو پروڙيندڙ، درويش جمعه جاڙيجو حضرت مخدوم نوحؒ جي مشهور باخدا خليفن مان آهي. جمعه جاڙيجو سيد علي متعلوي جي معرفت حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهتو ۽ اڳ ۾ به هن جا سلوڪ ڪجهه سير ڪيل هوا. جمعه درويش جي معرفت وري مولانا بهاءُالدين گودڙيو مخدوم صاحب جي بيعت جو شرف حاصل ڪيو. (جنهن جو بيان اڳ گذري آيو آهي).

ميان محمد امام (ولد مخدوم محمد يوسف ولد مخدوم حضرت سخي سرور نوحؒ) کان روايت آهي ته جمعه کي مال دنيا جي ڪابه پرواهه ڪانه هوندي هئي. چو ته هو جنهن به شئي کي هٿ لائيندو هو ته اها سون ٿي پوندي هئي. طبع جو ايڏو بي پرواهه هو جو ايڏي سون مان هڪ ڪوڏي به خرچ ڪانه ڪندو هو، جيتري جي ضرورت پوندي هئي ته اوترو خرچ ڪري، باقي ڪٽي ڦٽو ڪندو هو.

ميان محمد امام جو چوڻ آهي ته جمعه اٽڪل چار سئو زالون هڪ ٻئي پويان شادي ڪيون هيون. مگر جيڪڏهن ڪابه زال ڪانئس سبڙ جي سئي يا ڪاڏ خوراڪ يا لٽو ڪپڙو گهرندي هئي ته هڪدم ڏنڊڻ يا ڪاني ٺڪر يا جتي جو موچڙو ڪٽي زال جي اڳيان رکندو هو ۽ هو سڀ سون ٿي پوندو هو. هن کي طلاق ڏئي چوندو هو ته پنهنجو رستو پڪڙ، چاڪاڻ ته تون مولا جي طالب نه آهين دنيا جي طالب آهين.

جواني جي زماني ۾ جمعہ دوريش کي هڪ بزرگ جو ڪرامت جو مالڪ هو پنهنجي نياڻي شادي ڪرائي، اڃا تورا ڏينهن گذريا تہ هو ٻئي زال کي پرڻجي شادي جا ڪپڙا ڍڪي اچي گهر ۾ گهڙيو. اڳئين زال پنهنجي والد بزرگ کي دانهن ڏني تہ درويش تہ مون تي ٻئي شادي ڪئي آهي، هاڻي ڇا ڪجي؟ هن بزرگ پنهنجي نياڻيءَ کي فرمايو اڃا تہ شروعات آهي، پرهي تہ اڳتي هلي روز نئين شادي ڪندو رهندو. تنهن ڪري پهاڄپائي جي غيرت ٿي دل مان ڪڍي ڇڏ! نہ تہ هن سان پوري نہ پوندئين.

مياں محمد امام کان روايت آهي تہ جڏهن آءٌ ننڍو خوبصورت هوس تڏهن درويش جمعہ جاڙيجو جو مون ڏانهن ڪجهہ خيال رهندو هو. هڪ ڏينهن شفقت جو هٿ ڪري منهنجي مٿي تي گهمايائين، پوءِ تہ منهنجا اولاٽي لهي ويا، باطن واري دنيا جا سمورا رهاڪو جڻ منهنجا مطيع ٿي ويا. پوءِ انهيءَ ماجري جو قصو اچي پنهنجي والد سان بيان ڪيم، جنهن فرمايو تہ ڪوشش ڪري پوري همت سان درويش جي خدمت ۾ رهہ! پوءِ جڏهن توتي ٻئي دفعي مهرباني سان پيش اچي تہ چئجانس تہ مون کي ظاهر ۽ ڳجهي دنيا وارن جي فرمانبردار تي رهڻ جي گهرج ڪانہ آهي. پر مون کي اوهان ۾ هي اُميد آهي تہ منهن جو هٿ جناب حضرت رسالت پناهہ ﷺ جي هٿ ۾ پهچائي ڏئي.

آخر هڪ ڏينهن فقير کي پاڻ تي مهربان ڏسي مٿيون عرض ڪيم. فقير صاحب اکين ۾ پاڻي آڻي فرمايو تہ حضور رسول اڪرم ﷺ جي حسن آڏو ستر هزار آتشين پردا آهن، بدعتي ماڻهو اتان لنگهي اڳتي وڌي نہ ٿا سگهن. آئون هڪ بدعتي آهيان جو وحدت جو شراب لاسڙات چوڪرن ۽ عورتن جي حسن واري جام ۾ اسان لاءِ وڌو اٿن. جنهن ڪري حق جو مشاهدو تي سگهي ٿو. تنهن ڪري جيڪڏهن تنهنجو ارادو هجي تہ آئون توکي خدا جو ديدار ڪرائي ڇڏيان. جيڪڏهن چوين تہ حضرت خضر عليہ السلام سان ملائي ڇڏيان تہ اهو تنهنجو ان باري ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

درويش جمعہ وڏيڪ چيو تہ آئون سالن جا سال عشق احمدي ۾ حيران سر گردان هوس، ڪيترين ئي دعائون پڙهيم ۽ چلا ڪڍيم، فقط هن لاءِ تہ حضور ﷺ جن جي ديدار جي دولت ڪنهن نہ ڪنهن

وقت، من نصيب ٿي وڃي. آخر رات جو خواب ۾ ڏٺم ته حضور ﷺ جن جي فوج پري کان وڃي رهي آهي، آئون انجي پوئتان ڊوڙڻ لڳس مگر پهچي نه سگهيس، اُتي حضرت مخدوم معظمؒ جي روحانيت کان مدد گهريم، جو جهٽ پٽ امداد لاءِ پهتو ۽ منهنجو هٿ وٺي، اڳتي وڌيو مگر منهنجي بدبختي سبب پهچي نه سگهياسين. اُتي مخدوم صاحب حضور صه جن کي نهايت عاجزي سان گذارش ڪئي ته هي فقير منهنجي ساٿين مان آهي، اوهان جي ديدار فرحت آثار جو طالب آهي. مخدوم صاحب جو سوال قبول فرمائي، مون کي پاڻ وٽ اچڻ ڏنائون. ديدار جو شرف حاصل ڪيم. مگر حضور ﷺ جن جي پاڻ تي رحمت جي نگاهه معلوم نه ڪيم.

(هن واقعي مان صاف معلوم ٿئي ٿو ته شريعت محمدي جي اتباع کانسواءِ، مقام محمدي ﷺ نصيب نه ٿي سگهندو آهي ۽ الله تعاليٰ جي محبت ۽ توحيد وجودي جا رستا بلڪل علحده آهن، جن کي انسان ٻئي طريقي سان به پهچي ڪماليت جي درجي کي رسي سگهي ٿو.)

ميان محمد امام فرمايو آهي ته هڪ وقت فقير جمعه فرمايو ته ملڪ محبت جي بادشاهت منهنجي حوالي آهي، جنهن کي به عشق جي حقيقت بابت ڪو مشڪل سخن سامهون اچي ته آئون حل ڪري ڏيانس. وڌيڪ فرمايائين ته هڪ دفعي ٺٽي جي جامع فرخ ۾ فقير صاحب تمام تڪڙ ۾ نماز پڙهي رهيو هو. اُتي هڪ طالب علم چيس ته واهڻائي هي ڪهڙي نماز پڙهي رهيو آهين. اها شريعت ۾ ناجائز آهي. درويش جمعو فرمايو ته اي يار، توکي ڪهڙي خبر، ظاهر ۾ تون ڏسين ٿو ته زمين تي سجدو ڏيئي رهيو آهيان، مگر باطن ۾ آئون درياءِ وحدت مان موتي چونڊي رهيو آهيان. طالب علم چيس ته مون کي وحدت جي انهيءَ درياءَ جا موتي ڏيکار! نه ته انهيءَ لاف کان توبهه تائب ٿي ۽ سموري ڄمار جون نمازون قضا ڪر! فقير ٿورو توجهه ڪيو ته هن طالب کي اهو ڪجهه ڏسڻ ۾ آيو، جو سندس هوش ختم ٿي ويو ۽ بيهوش ٿي اچي ڪريو. جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن پشيمان ٿي فقير جي مريدن ۾ داخل ٿي ويو.

ميان محمد امام فرمائي ٿو ته مون کي هڪ رات حضرت پيغمبر ﷺ جن خواب ۾ ارشاد فرمايو ته درويش جمعه حضرت حق جي عشق جو پروانو هو، تنهن ڪري هن جون ڪرامتون عام ماڻهن ۾ بيان ڪندو ڪر! (دليل الذاڪرين).

جمعه فقير يارهين صدي جي عارفن مان آهي.

## 136۔ شيخ محمود فخري هالائي

حافظ ولي شيخ محمود ولد صديق فخريه حضرت مخدوم نوح عليه الرحمته جي عزيزن مان شيخ فخرالدين سهروردي جي اولاد مان هو. جنهن ڪري هن کي فخريه ڪري سڏيندا هوا.

سندس چوڻ آهي ته آئون ننڍڙو هوس. جو هڪ دفعي بيمار ٿي پيس ان حالت ۾ حضرت مخدوم صاحب منهنجي مٿي کان اچي بيٺا، فرمايائون ته پنهنجا پير اُتر جي بجاءِ ڏکڻ ڏانهن ڪري سمهه ته چڱو ڀلو ٿي پوين. ائين ڪيم ته صحت حاصل ٿي وئي ۽ مخدوم صاحب مون کي پنهنجي خلافت جو شرف بخشيو!

فرمايائين ته ننڍي هوندي جڏهن ڳالهائڻ جهڙو ٿيس، تڏهن زبان ۾ لڪنت يعني هڪڙپائي هيم. منهنجي والده مون کي حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ وٺي وئي، عرض ڪيائين ته منهنجي ٻار کي زبان ۾ اٽڪ آهي، دعا ڪريوس. ان وقت مخدوم صاحب ماني وٺي کاڌي، پاڻ چٻاڙيل گراهه منهنجي وات ۾ وجهي فرمايائون ته زبان جو چترو ۽ قرآن جو حافظ ۽ ولي، مرشد ۽ رياضت جو صاحب ٿيندو.

شيخ محمود کي سندس والده ننڍي هوندي به نيون چادرون وٺي ڏنيون، هن چا ڪيو جو اُهي ٻئي فقيرن کي ڏئي پاڻ چتين لڳل چادر ڪري ڍڪيائين. جنهن تي سندس والده جهيڙو ڪيو ته ائين چو ڪيئي. شيخ محمود کي ڏاڍو خيال ٿيو ته ماءُ جي چو بي فرماني ڪيم! رات جو سندس والده حضور ﷺ جن کي خواب ۾ ڏٺو ته محمود جي چتين لڳل چادر تي هٿ ڦيري رهيا هوا. جڏهن سجاڳ ٿي

تہ چيائين تہ آئنده محمود جي مرضي، اسانجي مرضي ڪان مقدم رکي ويندي چو تہ هو درگاهہ ۾ مقبول ٿيل آهي.

درويش همزه جو وقت جو وڏو ڪامل هو. تنهن هڪ دفعي شيخ محمود کي چيو تہ الله ذاتي نالو آهي، جنهن تي شيخ انڪار ڪندي ناراضگي جو اظهار ڪيو. آخر اهو سوال هڪ وڏي عالم جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو. جنهن چيو تہ شيخ محمود نيڪ چوي ٿو، پوءِ درويش حمزه الله جو اسم پاڪ جي حقيقت جو شرح گهريو، جنهن تي شيخ محمود فرمايو تہ الله جو اسم غير مسمي آهي، هڪ نالو آهي فقير سڄاڻپ واسطي، نہ هن لاءِ جزءِ آهي ۽ نہ ڪل!

درويش ربڏني اُديجي جو چوڻ آهي تہ مان بہ ڪيترا سال پهاڙن ۾ رهي رياضتون ۽ مجاهدا ڪيا، آبادي جي شڪل بہ ڪانہ ڏٺي هئم. فقط گاهہ تي روزو ڪوليندو هوس. مگر شيخ محمود فخر پورا ٻارهن سال ڪوهستان ۾ رهي، آبادي جو منهن بہ ڪونہ ڏٺو هو  ائين ۽ فقط هڪ دفعي روزو ڪوليو هو.

شيخ محمود جو بيان آهي تہ آءٌ هڪ ڇوڪري تي عاشق هوس پورا ٻارهن سال ننڊ ئي نيڻن ۾ ڪانہ آئي، پر منهنجي انهيءَ حالت تي نہ اهو ڇوڪرو واقف ٿيو ۽ نہ وري ٻي ڪنهن کي پتو پيو! شريعت جو ايڏو پابند هو جو ڪانئس نقل آهي تہ هڪ دفعي تپ جي بيماري سبب عشا جي نماز مڪروه وقت ۾ يعني اڌ رات کان پوءِ ادا ڪئي هئم. ان کي ڪيترا سال گذري ويا آهن، مگر ان جو غم اڄ تائين  دل تان دور نٿو ٿئي. تہ ڇو پوري مسنون وقت تي ادا نہ ڪيم.

(دليل الذاڪرين)

(هي بزرگ ٻارهين صدي جي عارفن مان آهي.)

## 137۔ درويش زڪريا سمو اگهم ڪوٽي

درويش ذڪريا ٻاٻڙا قوم جو سمو هو. حضرت مخدوم نوح جي وڏن خليفن مان هڪ نامور بزرگ هو. هن جڏهن پهريان ذڪر جي اجازت ورتي تہ هڪ ئي نظر سان پورا پندرهن ڏينهن هڪ پاسي تي

بيهوش پيو هو. رات ڏينهن جي سڌ ئي ڪانه هيس. آخر مخدوم صاحب فرمايو ته ڪٽي اچوس. جڏهن خدمت ۾ پهچايائونس تڏهن هوش ۾ آيو. ان کان پوءِ مخدوم صاحب حڪم ڪيس ته هاڻي وڃي الله وارن فقيرن جون ملاقاتيون ۽ زيارتون ڪر! اتان روانو ٿي هڪ الله جي ولي وٽ پهتو ۽ وٽس رهي چلو ڪيائين، فقير چيس ته جيڪڏهن منهنجو مريد ٿئين ته توکي چوٿين آسمان جو سير ڪرايان. درويش زڪريا چيو ته مون کي مخدوم صاحب کان فيض حاصل ٿيو آهي. ان جي مقابلي ۾ چوٿين آسمان جو سير ٻاراٽي راند ٿو سمجهان.

اُتان روانو ٿي جهنگل مان ٿيندو، سمونڊ جي هڪ جزيري ۾ وڃي پهتو، اُتي هڪ ننگو فقير مليس، جتي رهي ٽي چاليها ڪيائين ۽ ان وچ ۾ ڪجهه نه کاڌائين ۽ سواءِ پهرين رات جي، جو هڪ غيبي کاڌو کير ۽ ڇانور ملي ويو هوس. آخر اتان روانو ٿي ڪوهستان ڏانهن هليو ويو، جتي ڪيترن عارفن سان ملاقاتون ٿيس ۽ اُتي چلا به ڪيائين. اُتان روانو ٿي، پهاڙ جي هڪ غار ۾ اچي وينو جتي لا اِله الا الله جي ذڪر ۾ مشغول رهيو. ڪجهه وقت کان پوءِ خواب ۾مخدوم صاحب کي ڏٺائين جنهن فرمايس ته جيڪڏهن، منهنجن سنگتين مان آهين ته هاڻي آبادي ڏي روانو ٿي وڃ ۽ نمازون جماعت سان ادا ڪندو رهه! ڇو ته جماعت سان نماز گڏجي پڙهڻ کان وڌيڪ ٻي ڪابه عبادت ڪانه آهي. ان ڪانپوءِ ماڻهن سان گڏجي رهڻ لڳو ۽ خلق ڪائنس فيض حاصل ڪيو.

(2) هڪ دفعي هڪ بدعتي ڀنگ نوش سان فقير زڪريا جي ملاقات ٿي وئي. بدعتي وٽ ڀنگ گهوٽي رکي هئي، جنهن اشارو ڪري چيس ته "اجهو هن پيالي مان به ته پي ڏس" فقيرفرمايو ته هن جو نشو جهٽ لهي ويندو. شريعت جي شراب جو جيڪو سچو نشو آهي سو ڪڏهن به زائل نه ٿي سگهي ٿو. اسان تي اُهو هر وقت چڙهيل آهي." فقط انهن لفظن ٻڌڻ سان اهو بدعتي هميشه جي لاءِ توبهه تائب ٿي ويو ۽ درويش زڪريا جي خدمت ۾ رهڻ لڳو.

(3) هڪ دفعي استنجا لاءِ پتر ڪنيائين ته سونو ٿي پيو. تنهن تي دانهن ڪري چيائين ته منهنجا پالڻهار جيڪڏهن سموري دنيا جون

وٺون، سون جواهر ٿي پون ته به مون لاءِ تنهنجي ذات ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه گهرجي.

(4) ڪنهن مظلوم قيدي جي ڇڏائڻ لاءِ درويش زڪريا هڪ ظالم حاڪم وٽ ميڙ وٺي ويو هو. مگر هن سفارش قبول نه ڪئي. درويش آڱر ڪٽي هڪل ڪري چيس ته اوگيدي ڇڏي ڏيئنس. بس هڪدم انهي قيدي کي ڇڏي ڏنائين، حاڪم کان پڇيو ويو ته ڇا ڏٺئي. چيائين ته درويش جڏهن آڱر مٿي ڪٽي اشارو ڪيو تڏهن پانيم ته آڱر هڪ ”ارڙ“ آهي جا ملڪ کي ڳهي ويندي. انهيءَ ڊپ کان سندس حڪم جي تعميل ڪيم.

(5) حضرت شاهه خيرالدين بکري هڪ دفعي مخدوم معظم نوح عليہ الرحمت کان ٻڌو هو ته تلقين اهڙي اجان تائين ڪنهن کي ڪانه ڏني اٿم جيئن هن جو حق ٿيندو آهي، سواءِ ٻن ماڻهن جي، هڪ پنهنجي فرزند کي جو فوت ٿي ويو، ۽ ٻيو هڪ بزرگ شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي اولاد مان هو، اهو نقل ڪري شاهه خيرالدين هميشه مخدوم صاحب جي مريدن کي چيندو هو ته جڏهن توهان کي پوري طرح ذڪر جي تلقين مرشد وٽان، نصيب ئي ڪانه ٿي آهي ته باقي ڏاڍيان ذڪر ڪري، ماڻهن جو مٿو ڇو کاڌو اٿوَ. اها ڳالهه جڏهن درويش ذڪريا ٻڌي، تڏهن پنڌ ڪري وڃي شاهه خيرالدين سان مليو، ۽ چيائينس ته جناب، اسان اگرچه صحيح نموني ۾ ذڪر جي تلقين حاصل ڪئي آهي، مگر جڏهن حضرت مخدوم صاحب جو ديدار نصيب ٿيو آهي، تڏهن ايترو فيض حاصل ٿيو آهي، جو چار سو جٽئي ٻڌل ڪافر منهنجي سامهون آندا وڃن ته فقط هڪ نظر سان ولايت جي درجي تي پهچي سگهن ٿا ۽ الله جي واٽ هنن تي روشن ٿي پوي. ان گفتگو ٻڌڻ کان پوءِ شاهه خيرالدين هميشه لاءِ فقيرن جي چيڻ کان زبان روڪي ڇڏي ۽ وري ڪڏهن به ان ڳالهه جو اظهار نه ڪيائين.

درويش ذڪريا جا مناقب ۽ ڪرامتون شمار کان ٻاهر آهن ۽ هت ايتري تي ئي ڪفايت ڪجي ٿي. (دليل الذاڪرين)

هن يارهين صديءَ ۾ حضرت مخدوم صاحب جي وفات کان پوءِ وفات ڪئي. رحمة الله عليه الرحمة واسعه.

# 138- درويش حسين تميم بکيرائي

حضرت مخدوم نوح جو خليفو ۽ درويش زڪريا جو معشوق هڪ وڏو عارف ولي ڪامل هو. هن زندگي جو وڏو حصو درويش زڪريا جي صحبت ۾ گذاريو. ڪشف ڪرامت ۽ علم لدني جو مالڪ هو ۽ ڏاڍو برڪت وارو بزرگ هو.

(1) هڪ ڏينهن وٽس ڪي مهمان آيا. گهر ۾ داڻو به ڪونه هوس. ان هوندي به خادم کي چيائين ته فلاڻي ٿانوَ مان اناج ڪڍي اچ. هن وڃي ڍڪڻ ڪوليو ته جُون سان ٿانو ڀريو رکيو هو. پوءِ انهيءَ مان، ڪيترو وقت جَوَ ڪڍي ڪم آندائون ٿي، مگر ڪنائي نه ٿي.

(2) حسين تميم جو مقولو آهي ته مرشد شڪاري جي مثال آهي، جنهن جو تير مريد جي سيني مان لنگهي پار پوي ٿو. پر جيڪڏهن تير ڪاري نه لڳو ته پوءِ مريد ڪڏهن به دام ۾ نه ايندو. شڪار حلال تڏهن ٿيندو آهي جڏهن تير لڳڻ بعد ذبح ڪيو وڃي.

(3) سندس مقولو آهي ته حضرت مخدوم نوح رحه اڳين مرشدن وانگي مريدن کي ديوار واري هجري ۾ نه ويهاريندو هو پر سندس حجري جون هنريت ديوارون هونديون هيون. هڪ طرف کان بک جي پٽ، ٻئي کان اوجاڳي کي، ٽئين پاسي کان چپ جي، چوٿين کان اڪيلائي. انهيءَ حجري جي ڇت مرشد جي شفقت آهي ۽ اُتي خوراڪ لا اله الا الله جي ملندي آهي.

(4) هڪ دفعي درويش حسين تميم، ٺٽي مان مخدوم صاحب جي مزار جي زيارت ڪرڻ جو ارادو ڪري نڪتو ته رستي ۾ ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ نوجوان ڇوڪريءَ تي نظر پيس ۽ اهڙو ته آشفته ٿي پيو جو ڪوبه هوش و حواس ڪانه رهيس، پورا پندرهن ڏينهن نه ڪاڌائين نه پيتائين ۽ نه وري ڳالهايائين، جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن ياد پيس ته آءٌ هالن جو ارادو ڪري نڪتو آهيان، هت ڇو ويهي رهيو آهيان، پوءِ اتان اُٿي هلڻ لڳو ته اها نوجوان ڇوڪري به درويش جي ڪِڍ ڊوڙندي ۽ دانهون ڪندي آئي. خداجي واسطي ڪجهه ڏينهن هتي ترسي پئو ته

منهنجي حياتي جو ڪارڻ آهي، نہ تہ آءٌ مري ويندس. پوءِ فقير صاحب کي چيائين تہ اوهان جي مٿي تي جيڪا دستار آهي سا مون کي ڏيو، اها وٺي ڪٽي پنهنجي سيني سان لاتائين تہ هڪ دم سندس ساهہ جو پکي بدن جي پڃري مان پرواز ڪري ويو. مرندي وقت وصيت ڪيائين تہ انهيءَ پڳ مان مون کي ڪفن ڏجو!

گهٽي زماني ڪانپوءِ، درويش انهيءَ ڇوڪري جي قبر وٽان اچي لنگهيو، ڪشف سان معلوم ٿيس تہ اُن ڇوڪري کي دستار واري ڪفن جي برڪت سبب معاف ڪيو ويو آهي. هڪ ڪمزور حديث ۾ آيل آهي تہ عشق کي ڳجهو رکي، جيڪو ماڻهو مري ٿو تہ اهو شهيد آهي.

(5) درويش حسين کان نقل آهي تہ حضرت مخدوم صاحب جي پوٽي ميان دوست محمد سان هڪ دفعي سير تي هواسين. هلندي هلندي وڃي ملتان نڪتاسين. ڪل ٽي سئو فقيرن جي جماعت هئي. اسان ۾ هڪ هندو فقير بہ هو، جو پنهنجي نموني ذڪر اذڪار ڪندو هو. انهيءَ سفر ۾ هڪ رات هڪ ڳوٺ جي ٻاهران وڃي رهياسين. صبح جو هڪ اهڙي بيمار کي وٺي آيا، جنهن جو پيٽ نڪ سان لڳل هوس ۽ مرڻ واري حالت ۾ هو. چيائون اي فقيرو! خدا وارو! هن کي دعا ڪريو تہ چڱو ڀلو ٿئي. اُتي هڪ فقير چيو تہ هن جٽئيدار هندو کي سڏايو تہ اڄ هن لاءِ دعا گهري، ڏسون تہ ڇا ٿو ٿئي. ميان دوست محمد جي حڪم موجب هن هندوءَ فقير کي حاضر ڪيو ويو. ڪيس چيو ويو تہ هن بيمار جي چڱ ڀلائي جي لاءِ الله جي درگاهہ مان دعا گهر. هندو فقير ڇا ڪيو جو مٿي کي بيراڳڻ ڏيئي، هندي زبان ۾ چوڻ لڳو تہ اي پرميشر هن کي شفا ڏي. بس ايتري چوڻ سان بيمار اُٿي ڪڙو ٿيو، ڄڻ بيمار ئي ڪونہ هو.

(6) نصرت حسين تميم کان ٻيو پڻ هڪ عجيب نقل آيل آهي تہ ڪنڊياري جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ هندو پوڙهي انو نالي رهندو هو. ۽ روانو بہ دفعا تڙ ڪندو هو. ۽ ڪپڙا ڌوئيندو هو. صبح شام هنجو اهو ڌنڌو هوندو هو، هڪ ڏينهن شام جو واهي تي تڙ ڪري واندو ٿي گهر ڏانهن هلڻ لڳو تہ رستي ۾ هڪ ”هوا“ مان ماڻهو لهي، هن واٽئي کي

ڪٽي گم ٿي ويو. آسمانن جا سير ڪرائي ۽ سنڌس جٽيو ڇني آڻي مڪ معظم ۾ پهچايائينس. انهيءَ واٽئي هندو جا ٻه ٻائر اڳ ۾ ئي مسلمان ٿيل هوا، جي مڪ شريف ۾ رهندا هوا. تن، هن کي سڃاڻي ورتو ۽ چيائونس تہ تون هتي ڪيئن پهتو آهين. جنهن تي هن پنهنجو سمورو قصو بيان ڪري ٻڌايو. هنن چيس تہ چڱو هاڻي اسان کي بہ پنهنجي وطن ۾ هلي پهچاءِ. چيائين تہ اکيون ٻوٽيو. بس پوءِ ڇا ٿيو جو اکيون ٻوٽڻ شرط اهي ٽيئي ڄڻا ڪنڊياري جي مسجد ۾ موجود هوا.

(7) درويش حسين جو چوڻ آهي تہ جيڪو ماڻهو هي دعا گهرندو رهي تہ الله تون اسان جو هي ڪم آسان ڪر تہ يقينن هو ڪم آسان ٿيندو ويندو.

(8) حسين تميم کي حضور ﷺ جي زيارت عام جام ٿيندي هئي. ٻهريون دفعو اها نعمت جامع خسروي ٺٽي ٻاهران، ناهي ڳوٺ ۾ ٿيس. جڏهن انهيءَ مسجد وٽان لنگهندو هو تہ ڏاڍي ادب سان لنگهندو هو.

(9) پندرهن سال هڪ پاسي تي بيمار پيو هو ۽ هر وقت هي لفظ چوندو هو تہ الحمد لله عليٰ ڪل مصيبة يعني تہ هر تڪليف تي الله تعاليٰ جي حمد آهي.

دوريش حسين تميم جا مناقب ۽ ڪرامتون لکڻ جي حد کان ٻاهر آهن. اختصار طور دليل الذاڪرين مان ڪجهہ نقل ڪيون ويون آهن. حضرت مخدوم صاحب جي وفات ڪانپوءِ يارهين صدي جي ٻئي اڌ ۾ وفات ڪئي اٿس. والله اعلم بالصواب.

## 139 – درويش مريد بلوچ

حضرت مخدوم نوح جي مريدن مان ڪماليت جو صاحب هو. هن کي ڪيئين دفعا خواب ۾ باري تعاليٰ جي ديدار جو شرف حاصل ٿيو هو. ۽ هن جون ڪرامتون ڪيتريون ئي ظهور ۾ آيل آهن.

(1) هڪ دفعي ڪنهن ڳوٺ ۾ فقيرن جي هڪ جماعت سميت وڃي رهيو هو. مگر ڳوٺ وارن فقيرن کي ڪاڌي ڪارائڻ کان صفا انڪار ڪيو. فقير ڏاڍا لاچار ٿي پيا. اوچتو ڳوٺ جي چڱي مڙس جي

پٽ جي پيٽ ۾ درد جاڳيو. جنهن ڪري فقير مريد بلوچ وٽ پهچندا آيا. نذرانو رکيائون دعوت ڪارائڻ قبول ڪيائون. جنهن کان پوءِ درويش پنهنجي پوتي لاهي ان ڇوڪري جي پيٽ تي رکي ته هڪدم ڇڱو ڀلو ٿي پيو.

(2) سندس نياڻيءَ کي ٻارڻ ٿيندو هو، جنهن ڪري سندس نانيءَ ٻئي شادي جو ارادو ڪيو، هن مائي اچي درويش سان ڳالهه ڪئي ته مون تي ڀهاج پئجي رهي آهي. دورويش پنهنجي نانيءَ کي گهرائي منع ڪئي، پر هن نه مڃيو جنهن تي درويش چيس ته ٻيو نه توکي ڪوبه پٽ نصيب ڪونه آهي، باقي تنهنجي پيٽان ڪو پٽ ڄمي ته اها هڪ جدا ڳالهه آهي. فقير جو وهڻ وهي ويو. نتيجو هي نڪتو جو انجو پيٽ روز بروز وڌندو ويو. اچي عاجز ٿي حيران ٿيو، ڪن ماڻهن کي فقير ڏانهن ميڙ منٿ لاءِ موڪليائين ته هن بلا مان جند ڇڏايو، آخر فقير هنجي پيٽ تي هٿ گهمايو ته ڪليءَ جهڙو ڇيچڙو هن جي پيٽ مان نڪري ٻاهر ٿيو. تڏهن وڃي آزار مان جند ڇٽس.

(3) هڪ ڏينهن ڳوٺ جي مسجد ۾ ٻن پهرن آرام جي وقت بلند آواز سان ذڪر ڪري رهيو هو. جنهن تي ڳوٺ جي وڏيري اچي روڪيس ته هن وقت ڏاڍي آواز ۾ ذڪر ڪرڻ مناسب ڪونهي بس ڪري هليو وڃ.

فقير چيس ته تيستائين ذڪر کان بس نه ڪندس جيستائين تون مرين ۽ تنهنجي نماز جنازه ۾ اچي شريڪ ٿيان. انهن لفظن چوڻ شرط اهو جوان هڪدم مري پيو ۽ دورويش متس جنازه نماز پڙهي.

(4) هميشه هن جي زبان تي ڪلمه لا اله الا الله جاري رهندو هو ۽ ڪڏهن به انکان فارغ نه هوندو هو. هن جون بيشمار ڪرامتون ۽ مناقب بيان ڪيا ويندا آهن. ٻارهين صدي جي رجالن مان آهي.

(دليل الذاڪرين)

## 140 - درويش خيرالدين شورو

درويش خيرالدين حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي تربيت ورتل مريدن مان هڪ ڪامل مرد آهي. شروع ۾ ذڪر جي تلقين

حاصل ڪري هو آبادي مان روانو ٿي وڃي پهاڙ ۾ پٽ ۾ پيو ڪيترو وقت اُتي رهندو آيو، جنهن ڪري جهنگلي جانور به ڪانئس نه ٿهندا هوا. گهڻي مدت ڪانپوءِ، ڪن ماڻهن ڪيس ڪڍي، آبادي ۾ آندو.

(1) هڪ دفعي ڪانئس پڇيو ويو ته فقير ڇا آهي؟ چيائين ته فقيري جو ٻج ذات باري تعالىٰ آهي ۽ هن جو وڻ يا ٿڙ، حضور رسول الله ﷺ جي محبت آهي ۽ ٽاريون، پيران طريقت آهن ۽ ان جو ميوو فقيري آهي.

(2) هڪ دفعي فقيرن جي هڪ جماعت هڪ گدرن جي واڙي (باغ) وٽان اچي لنگهي جن ۾ فقير خيرالدين به هو. ان تي ٻين فقيرن زور آندو ته گدرا ۾ هنداڻا عمدا وڪامي رهيا آهن، پئسا پيدا ڪر ته فقيرن جي جماعت کي ڪارايا وڃن. درويش خيرالدين جماعت مان هڪ فقير کي ٿورو پرپرو وٺي ويو، ۽ ٽامي جي پئسن جو ڍير ڏيکاريائينس جتان هن ضرورت جيترا پئسا ڪڍي، گدرا وٺي ڪاڌا.

(3) هڪ ڏينهن خيرالدين کي چيو ويو ته جماعت ۾ هڪ فقير صفا اگهاڙو ٿي رهيو آهي. ڪجهه رقم ڏيو ته هن کي ڪپڙا وٺي ڍڪائجن. جنهن تي هڪ درويش کي حڪم ڏنائين ته فلان هنڌ وڻ هينان وڃي ضرورت آهر رقم ڪڍي اچ ۽ ان ڪان وڌيڪ کي هٿ نه لائج. فقير وڃي ڏسي ته وڻ هينان زر ۽ جواهر جي واهي وهي رهي آهي، جتان گهرج آهر پئسا ڪڍي ٻيا اُتي ڍڪا ڪري آيو.

(4) فقير خيرالدين ڪنهن دوست وٽ مهمان هو. جڏهن طعام سندس آڏو رکيو ويو ته ان مان ٿي مانيون ڪڍي پنهنجي ميزبان کي ڏنائين، باقي رهيل کي ڪائڻ لڳو. پوءِ ميزبان کي معلوم ٿيو ته اُهي ٽيئي مانيون حيض واري حالت ۾ ڪنهن عورت پچايون هيون جو چلهي تي ويٺي، ان کي ماهواري اچي ويئي هئي.

(دليل الذاڪرين)

هن فقير جي رهڻ جو هنڌ ۽ رحلت جي مقرر تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي، باقي حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي يار هجڻ ڪري، يارهين صدي جي رجالن مان آهي.

## 141. مخدوم صوبو ڪيبرائي

هي بزرگ مخدوم نوح هوتياڻي ڪيبرائي جي اولاد مان آهي ۽ حضرت مخدوم نوح هالائي جي مريدن مان آهي. هو ولي ڪامل، ڪشف و ڪرامت جو مالڪ هو. هو هميشه بلند آواز سان ذڪر ڪندو رهندو هو. هڪ ڏينهن ڪيبرن جي ڳوٺ جي ٻاهران ذڪر ڪري رهيو هو ته سندس وات مان ٿوري گڦ وڃي گاهه تي ڪري انهيءَ گاهه کي هڪ ڍڳي کاڌو ته هڪدم بي آرام ٿي رنڀون ڪرڻ لڳي. آخر ان کي ذبح ڪيائون. پوءِ جنهن ماڻهو به انهيءَ ڍڳي جو گوشت کاڌو ان جو قلب ذڪر سان جاري ٿي پيو، اٿندي ويهندي الله الله جو نالو سندس زبان تي هو، اها حقيقت حضرت مخدوم نوح عليه الرحمت کي بيان ڪئي وئي ته پاڻ فرمايائين ته جيڪو ماڻهو مخلص هوندو، تنهن ۾ ذڪر جو اثر رهندو، باقي ٻين تان لهي ويندو. آخر ٿيو به ائين، جو ڪيترن تان پوءِ اهو اثر زائل ٿي ويو. (ارشاد- دليل)

دليل الذاڪرين جو مولف فقير حاجي پنهور لکي ٿو ته "فقير راقم اين رساله يکي را از انها ديده بود راهو نام".

يعنيت ه مان انهن گوشت کائيندڙن مان، جن جو ذڪر جاري ٿيل هو، راهو نالي هڪ فقير کي ڏٺو هو.

صوبو درويش ٻارهين صدي جي ذاڪر صوفين مان آهي.

## 142. سيد اسماعيل بخاري

هي بزرگ ڪڪرالي پرڳڻي (هاڻي جاتي تعلقه) جو وينل ۽ حضرت مخدوم نوح جي وڏن خليفن مان هو. مگر مخدوم صاحب جي خدمت ۾ ظاهري گهٽ ايندو ويندو هو.

هڪ دفعي مولانا بهاءُالدين دلقپوش سيد صاحب کي چيو ته توهان حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ ڇو جلد جلد نه ايندو آهين، ته جواب ۾ فرمايائين ته اگرچه ظاهر ۾ گهٽ اچان ٿو، پر باطن ۾ ڇڻ هميشه حاضر آهيان. پوءِ ٻڌايائين ته فلاڻي رات، جڏهن اوهان ۽ فلاڻا ماڻهو مخدوم صاحب جي مجلس ۾ ويٺا هوا، تڏهن هڪڙا چار شخص

ظاهري صورت ۽ باطني سيرت جا مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيا، جڏهن هو هليا ويا، تڏهن مخدوم صاحب فرمايو ته هي (عناصري قسم جا) ملائڪ آهن. جي ڪڏهن ڪڏهن فقيرن کي هٿ ملائڻ لاءِ ايندا آهن. (مولانا بهاءُالدين ڳالهه ٻڌي خاموش ٿي ويو).

نقل آهي ته هڪ دفعي سيد صاحب پنهنجي خادم سان، پنهنجي ڳوٺ ڳاگڙي ڏانهن وڃي رهيو هو، دريا جي ڪناري تي پهتا ته سج لهي ويو ۽ ٻيڙي جو پور به هليو ويو هو. سخت سردي جون راتيون، خادم عرض ڪيو ته سياري جي رات ۽ برسات به پئجي رهي آهي، ته هي واهه نه هو واهه. اڄ ته موت ڪان ڪوبه بچاءُ ڪونه آهي. سيد صاحب فرمايو ته واقعي موت ٿي موت نظر اچي ٿو. ائين گفتگو ڪري رهيا هوا ته اوچتو ڳوٺ جا گهر کين ڏسڻ ۾ آيا. خادم چيس سائين منهنجا ڇوٽڪارو نصيب ٿي ويو، اجهو ڳوٺ جا گهر هي آهن.سيد صاحب به فرمايو ته برابرمئل جيئرا ٿي پيا آهيون.

(2) هڪ ڏينهن سيد رڪن الدين متعلوي ۽ سيد عبدالڪريم بلڙيءَ وارو سيد اسماعيل جي ملاقات لاءِ ويا ته ڏٺائونس ته زبان سان الله الله جو ذڪر ڪري رهيو آهي. درويشن چيس ته جڏهن باطني شغل حاصل آهي، ته پوءِ ظاهري ذڪر اجايو آهي، جواب ۾ فرمايائين ته ظاهري عضون کي به الله جي عبادت ۾ مشغول رهڻ چڱو آهي. باطني مشاهدي هوندي به ظاهري ڪسب ضروري آهي.

مٿين ٻنهي بزرگن هي عرض ڪيو ته ماڻهن جي انبوهه ۽ اچ وڃ ڪري، اسان کي عبادت لاءِ پوري واندڪائي ڪانه ملي ٿي. فرمايائين ته اوهان ٻنهي مشهوري جو تنبو کوڙيو آهي ۽ پاڻ تي مرشد جو نالو رکايو آهي، تنهن ڪري فقيرن جي درجي کي ڪٿي ٿا رسي سگهو.

3 سيد اسماعيل بخاري جو فرمائڻ آهي ته مون کي خواب ۾ دفعا حضرت مخدوم وٽان اشارو ٿيو ته ٺٽي جي شهر ۾ هڪ مجذوب براتي نالي رهي ٿو، ان سان وڃي ملاقات ڪر. براتي مجذوب ڪرامتن ۽ حال مقال ڪري اُن زماني ۾ ڏاڍو مشهور هو. سيد صاحب ٻيڙي ۾ سوار ٿي ٺٽي ڏانهن روانو ٿي ويو. رستي ۾ ٻيڙي کي جهلائي

ويجهي ڳوٺ ڏانهن پنهنجو ماڻهو ڪنهن ڪم لاءِ روانو ڪيائين. انهيءَ ڳوٺ ۾ ڪنهن ماڻهو کي جن ورتو هو تنهن سيد صاحب جي نوڪر کي چيو ته سيد کي منهنجا سلام ڏي ۽ چوينس ته براتي مجذوب ڏي وڃڻ جي تڪليف نه ڪر، ڇاڪاڻ ته هن ڪان ولايت جو درجو ڪسجي ويو آهي. جيڪڏهن اعتبار نه اچيس ته ڪيس نشاني ڏي ته هڪ دفعي سيد علي متعلوي ۽ سيد متعلوي جو ٻئي ولي ڪامل هوا، پاڻ ۾ جهڳڙو ٿي پيو هو، جنهن ڪري طيب کي اسهالن جي بيماري ٿي پيئي ۽ اوهان وچ ۾ حضرت مخدوم صاحب کي سفارش ڪرائي سيد طيب لاءِ شفا حاصل ڪرائي هئي.

نوڪر جڏهن سيد اسماعيل وٽ موٽي آيو، تڏهن سمورو قصو جن جو اچي بيان ڪيائين. شاهه صاحب کي اها ڳالهه ته دل سان لڳي مگر مخدوم صاحب جي اشاري کي مقدم رکي نٽي ۾ اچي پهتو. مجذوب براتي جي جڏهن سيد صاحب تي نظر پئي، تڏهن چيائين ته سيد سڳورا، اهو جن چريو هو. انجي قول تي اعتبار ڪرڻ نه گهرجي. اوهان چڱو ٿيو ته پنهنجي مرشد جي ارشاد تي عمل ڪيو، جو آءٌ به انجو ئي مريد ۽ بيعت ٿيل آهيان. ان ڪانپوءِ مجذوب براتي سيد صاحب جي گوڏي تي سر رکيو ۽ اتي ئي پساهه پورا ڪيائين ۽ سيد صاحب کي جيڪي حاصل ٿيڻو هو، سو حاصل ٿيو. (دليل الذاڪرين)

سيد صاحب يارهين صدي جي سنڌي ڪاملن مان آهي.

## 143 - عثمان متقي هالائي

هي پرهيزگار ۽ نيڪوڪار بزرگ حضرت مخدوم نوح جي مريدن مان آهي، جنهن سموري حياتي اتقاء ۽ پرهيز ۾ گذاري. مهينن جا مهينا روزي ۾ رهي، ياد الاهي ۾ مشغول هوندو هو.

جواني جي زماني ۾ هو ڪنهن تمام خوبصورت عورت جي عشق واري دام ۾ ڦاسي ويو، مگر صبر ۾ رهيو. آخر انهيءَ عورت جو ڪنهن ٻئي جوان سان نڪاح ڪرايو ويو، جنهن ڪان پوءِ هيءُ فقير ڏاڍو پريشان ۽ حيران ٿي پيو. روئندو رڙندو هڪ درويش اهل الله جي

خدمت ۾ پنهنجي سموري ماجرا اچي بيان ڪيائين. فقير صاحب سندس حال زار ڏسي فرمايس ته سنڌ ۾ جيترا به نازنين ۽ خوبصورت ڇوڪريون آهن، تنجي دل آئنده تنهنجي دام قاتل هوندي. پر تون ڪنهن ڏانهن به ڪونه نهاريندين. انهيءَ لفظ جو اهو اثر نڪتو جو جتي به خوبي ۽ حسن وارو انسان هوندو ته فقير عثمان متقي جي خدمت ۾ پرواني وانگر ڊوڙندو هليو ايندو هو.

مگر هي صاحب الله تعاليٰ جي عبدت ۾ مشغول رهي، ڪنهن ڏانهن اک کڻي به ڪونه نهاريندو هو. بلڪ پاڻ ٻين کي ڏارين عورتن جي نظربازيءَ کان روڪيندو هو.

هڪ ڏينهن فقيرن جي مجلس ۾ ڳالهه نڪتي ته درويش عثمان متقي ٻين کي ته نظربازي کان روڪي ٿو، پر سندس خدمت ۾ هيتريون زالون اچن ٿيون، انجو ونس ڪهڙو جواب آهي.

اتامرون الناس با البر وتنسون انفسڪم

يعني ته ماڻهن کي نيڪي جو حڪم ڪريو ٿا، پر پنهنجي پاڻ کي وساريو ٿا. (قرآن)

متقي صاحب جواب ۾ فرمايو ته خبردار متان اهو هوس به دل ۾ آندو اٿو. اها ڏاڍي ڏکي واٽ آهي. ٻچڙي نفس سان جنگ جوٽڻي آهي اُتي سڀ ڪنهن سست راءِ جو ثابت قدم رهڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

انهيءَ اوڙاهه ۾ پاڻ کي اجلائڻ کان بچائجو، ڇو ته اهو جهاد اڪبر آهي.

رجعنا من الجهاد الاصغر الي الجهاد الڪب

جو اشارو انهيءَ نفس جي جنگ ڏانهن آهي.

نقل آهي ته املي نالي ڏاڍي حسين عورت هڪ رات هن متقي بزرگ جي خلوت ۾ پهتي. مگر فقير هن ڏانهن ڪو توجهه نه ڪيو محبوبه نازنين ڪيس ڏاڍي محبت ۽ شوق سان تڪيندي تڪيندي بي تاب ٿي ويئي، غلبه شهوت ڪلن اگهاڙي ٿي، پاڻ کي فقير جيم ٿان اجلائڻ گهريائين ته فقير هڪل ڪري چيس ته املي خبردار! فقط انهن اکرن چوڻ سان املي مان انساني شهوت جو غلبو ته هليو ويو. پر هو پرهيزگاري ۽ پارسائي جي دنيا ۾ پهچي ويئي. ان کان پوءِ املي جي

اهڙي حالت اچي ٿي جو ننڊ رات ڏينهن سندس اکين مان اڇاڻ ٿي ويئي. چون ٿا تہ برابر ڇهہ مهينا املي کي ننڊ ڪانہ آئي ۽ نہ وري بستري تي سمهي آرام ڪيائين.

آخر املي ڪن فقيرن جي معرفت متقي صاحب کي منت ڪئي ۽ ڏاڍو رني ۽ زاري ڪيائين ۽ توبہ ڪيائين جنهن ڪانپوءِ هڪ پترڪٽي املي کي ڏنائين تہ هي اکين تي گهماءِ تہ ننڊ اچي ويندي. هن ائين ڪيو تہ ننڊ آرام جي ساڳي حالت مٿس طاري ٿيڻ لڳي. مگر چيائينس تہ اهو پتر ادب سان پاڻ وٽ رکج جو ان تي حضور رسول ڪريم ﷺ جا قدم پهتل آهن.

عثمان متقي کي هڪ مينهن هوندي هئي، جنهن جو اوهہ ۽ ٿڻ ۽ پنهنجا هٿ ۽ برتن بار بار ڌوئي، پوءِ پاڻ ڏهندو هو. پوءِ کير کي گهٽي وقت تائين ڪاڙهيندو هو. جيستائين کير ٺري، تيستائين نفلن پڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو. تہ ايتري ۾ صبح ٿي ويندو هو، پوءِ نفس کي چوندو هو تہ اڄ تہ روزو رکون ٿا، کير سياڻي پيتو ويندو. اهڙي طرح وعدا ڪندي هفتا گذري ويندا هئس. مگر ان هوندي هن جو بدن تازو توانو بينو هوندو هو. ۽ بک جي ڪري ڪوبہ فتور يا ڏوبر هن ۾ ڪانہ آئي ٿي. (دليل الذاڪرين)

عثمان متقي يارهين صدي جو عارف آهي ۽ هالن ۾ متقي قبيلي وارا شايد سندس اولاد مان آهن. والله اعلم بالصواب.

# 144۔ قطب بري

حضرت مخدوم نوح جي مريدن مان هڪ فرد ڪامل آهي. اگرچہ هو ڳوٺ ڪاهر بيلي جو رهاڪو هو. مگر مقرر ڪوبہ ٺڪاڻو ڪونہ هوندو هوس. جنهن ڪري ڪيس ”بري“ ڪري سڏيندا هوا. هڪ دفعي حضرت مخدوم جعفر بوبڪائي سان سندس ملاقات ٿي وئي.

مخدوم پڇيس تہ فقير ڪٿان اچي رهيو آهين؟

چيائين الله وٽان.

ڪيڏانهن ويندين؟

چيائين ته الله ڏي.

مخدوم صاحب کي جواب ڏاڍا پسند آيا ۽ فقير جي مهماني ڪيائين ۽ ڪجهه نذرانو به ڏنائين.

مخدوم صاحب جي شاگردن پڇيس ته مريد ڪنهن جو آهين؟

چيائين ته الله جو مريد آهيان، پر جيڪڏهن حقيقت جي اکين سان ڏٺو وڃي ته الله اسان جو مريد آهي. مخدوم صاحب اهو جواب ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويو. فقير چيو ته مخدوم سائين حيران نه ٿيو پر حقيقت هيئن آهي ته اسان ٻانها جڏهن بندگي ۽ فرمانبرداري جو ارادو ڪريون ٿا ته اسان الله جا مريد آهيون. پر جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي ارادي سان نيستي مان اسان کي هست ڪيو ۽ عدم مان وجود ۾ آندو ته هو اسان جو مريد يعني ارادي ڪندڙ آهي.

انهيءَ جواب ڪان پوءِ مخدوم جعفر کي هن سان وڌيڪ اخلاص ۽ محبت ٿي. پڇيائينس ته تنهنجو مرشد ۽ سلوڪ جو رهبر ڪير آهي؟ چيائين ته مخدوم نوح، مخدوم جعفر فرمايو ته مريد جي ڪماليت سندس پير جي ڪماليت ڪري آهي.

قطب بري وڻن جون ڪلون وٺي ۽ اُٽي اُن مان پوشاڪ ڍڪيندو هو. ڪاڏي ۽ ڪپڙي ۾ دنيا وارن جو محتاج نه رهندو هو. هو پنهنجي وطن (لس ٻيلي مان) گهڻو ڪري مخدوم صاحب پنهنجي مرشد جي زيارت لاءِ ايندو هو. پهاڙن ۽ ٻرپٽ جي رستي ۾ پاڻ سان ڪاڏي پيتي لاءِ ڪجهه به ڪونه کڻندو هو. گرمي سردي جي هن کي ڪابه پرواهه ڪانه هوندي هئي. گهڻو ڪري هڪ مهيني ڪانپوءِ روزو کوليندو هو.

هڪ دفعي ڪنهن جهنگ مان واٽ وٺيو پئي آيو ته هڪ جاءِ تي ڏاڍي ساوڪ هئي. پاڻي وهي رهيو هو. فقير جي دل ۾ آيو ته غسل ڪري هن سبزه زار ۾ جماعت سان نماز ادا ڪري. بس اهو خيال مس آيو ته اوچتو هڪ شخص آيو، جنهن ٻانگ اچي ڏني ۽ ان ڪانپوءِ تڪبير چيائين ته پيش امام به اچي ويو ۽ جماعت جمع ٿي وئي ۽ نماز ادا ڪئي وئي. ان ڪانپوءِ امام غائب ٿي ويو. فقير ٻانگي ڪان پڇيو اهو امام ڪير هو؟

جواب ڏنائين تہ اسان ڪيس ڪونہ سڃاڻندا آهيون. پر هو روزانو نماز پڙهائي هليو ويندو آهي.

جڏهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهتو تڏهن دل ۾ آيس تہ انهيءَ جماعت ۽ امام جي حقيقت ڪانئس پڇي وڃي، تہ اهي ملائڪ هوا يا آدم جي اولاد. جن مون کي بہ ڇيو تہ ڪجهہ وقت هت رهي پئو، پر ادب ڪري نہ رهيس. اڃان اهي لفظ فقير زبان تي نہ آندا هوا تہ مخدوم صاحب ارشاد ڪيس تہ اي درويش قطب جهنگل ۽ برپٽ جون ڳالهيون، آبادي ۾ نہ پڇيون وينديون آهن. جنهن تي فقير قطب ڪٿي ماڻ ڪئي ۽ معلوم ٿي ويس تہ هو سڀ مخدوم صاحب جي ڪرامت جو ڪرشمو هو. (تحفة الڪرام و دليل الذاڪرين)

## 145۔ خواجا عبدالرحمان مجددي ٽکڙائي رحہ

خواجہ حضرت حاجي عبدالرحمان ولد خواجہ حاجي عبدالقيوم مجددي قندهاري رحہ سن 1244ھ قنڌار ۾ تولد ٿيو. سن تميز کي پهچڻ کانپوءِ سمورا رواجي علم، قنڌار ۾ مختلف استادن وٽان حاصل ڪيائون ۽ نقشبندي جي طريقي، باطني ڪمالات، پنهنجي والد بزرگ جي خدمت ۾ تحصيل ڪيائون. والد بزرگ جي وفات سن 1271ھ بعد پوري استقامت سان سنڌن رشد و ارشاد واري مسند تي مقيم ٿيا.

حضرت خواجہ صاحب خلق محمدي جو پورو پورو مجسمو هو. تواضع، توڪل، صبر، رضا، خدمت خلق ۽ خلق خدائي، رحم سخاوت، تقويٰ طهارت ۽ شريعت تي استقامت ۽ ٻيون بهترين انساني وصفن جو مالڪ هو.

پهرين دفعي پنهنجي سموري اهل و عيال سميت سن 1297ھ ۾ قنڌار مان حرمين شريفين روانا ٿيا. پورا پنج سال انهيءَ مقدس ملڪ ۾ رهي پوءِ واپس ٿي جڏهن سنڌ ۾ پهتا، تڏهن ٽکڙ جي ساداتن جي تقاضا سان ٽکڙ ضلع حيدرآباد ۾ هميشہ لاءِ اقامت ڪيائون ۽ اتي ئي خلق کي فيض بخشيندا رهيا. اگرچہ سنڌ ۾ مريدن ۽ معتقدن وٽان ڪين بي شمار آمدني هئي. مگر پاڻ پنهنجي نفس جي ضرورت کان

وڏيڪ ڪجهه بہ خرچ نہ ڪندا هوا. خوراڪ پوشاڪ يا رهڻ جي مڪان ۾ ڪوبہ تڪلف يا تڪليف روا نہ رکيائون. نهايت سادي نموني ۾ آخر تائين ڇمار گذاريندا رهيا. گهڻو ڪري پنهنجي آمدني مسڪين ۽ ضرورتمند فقيرن ۽ عزيزن کي ڏئي ڇڏيندا هوا. ڪو ٿورو حصو پنهنجي اهل و عيال تي خرچ ڪندا هوا. سموري ڄمار، دنيا جي املاڪ يا اسباب مان ڪجهه بہ ڪونہ گڏ ڪيائون، فقط ڪتابن سان شوق هوندو هون، جتي بہ ڪو ناياب ڪتاب ٻڌندا هوا. تہ قيمت سان اهو هٿ ڪندا هوا. يا قلمي نسخي جو نقل ڪرائي وٺندا هوا.

ڪتابن جي حفاظت جو ڏاڍو خيال رکندا هئا، ۽ مطالعہ جو شغل بہ رات ڏينهن جاري رهندو هو. پنهنجن فرزندن ۽ دوستن کي هميشہ علم حاصل ڪرڻ جي نصيحت ۽ هدايت ڪندا رهندا هوا.

حرمين شريفين جي سفر جو شوق دل ۾ هوندو هو. ڪل ست پيرا حج جو سفر ڪيائون. پنهنجي حال کي لڪائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪندا هوا.

سنڌن مريدن مان جيڪڏهن ڪو ماڻهو روبرو يا خط جي ذريعي واکاڻ ڪندو هو تہ اُن تي ڏاڍو ناراض ٿيندو هو.

فقيرن ۽ مهمانن جي پنهنجي هٿن سان خدمت ڪرڻ ۽ ٿڌي تي ويهي رهڻ ۾ ڪوبہ شرم يا آر محسوس نہ ڪندا هئا. ايترين جهجهين وصفن ۽ اخلاقن وارو ولي خدا، 71 سالن جي ڄمار ۾ 2 ذي القعد سن 1325 ۾ جمعہ ڏينهن هن بي بقا عالم کان اک پوري هميشہ واري لقاءَ کي وڃي پهتو.

(تذکره الصلحا و بيان الاتقياء)

سنڌس فرزند خواجہ محمد حسن جان مرحوم خواجہ عبدالرحمان جي سوانح ۾ هڪ مستقل ڪتاب انيس المريدين لکيو آهي، جنهن ۾ سنڌس اخلاق، عادات ۽ ڪرامات تفصيل سان بيان ڪيل آهن.

حضرت خواجہ صاحب جي وفات تي جن شاعرن تاريخي مرثيا لکيا آهن، تن مان علامہ مرحوم سيد اسد الله شاهہ ٽکڙائي جي تاريخ بي نظير آهي. جا هيٺ درج ڪجي ٿي.

وهو هذا

هاحزن آن مطلع سرو رفت از جهان،
71 1315

واويلا هائي رحلت ڪرد آن عين اليقين.
71 1325

پاڪ امجد چارسازي مقتدائي عارفان
71 1325 1244

بوئي احمد سروناز مرشد هر انس و جان
71 1315

پاڪبازي زيب ده آن اسرار گنج
بزم ايزد ڪامل دنيا و دين فخر زمان
بود مهدي نائب شرع محمد حق شناس
زاهد و امجد بہ همين نو باده باغ جنان
بو ئي دين بدر سمارشد صاحب عقل و فهم

مهبط اجراد ارحم خواجہ سرهنديان
شد وجهي رضي الله عنه طالبا
محو ابدي نيڪنامي مخزن سرنهان
الم، واقف سرفرقان و نور عدل
ڪلي زهد فيض اعليٰ عطيہ و لا مڪان

## 146۔ مخدوم امين محمد اول هالائي

حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة جو فرزند ۽ سندس سجاده نشين بزرگ مخدوم امين محمد هڪ صاحب شريعت ۽ صاحب طريقت ۽ ڪرامت هو. سندس ولادت باسعادت 5 ربيع الاول سن 952 ۾ ٿي ۽ سندس والد بزرگ مخدوم صاحب جو ارشاد آهي تہ مخدوم امين محمد جي ولادت وقت مون کي ڪيترن پيغمبرن جي ارواحن وٽان روحانيت جي ذريعي مبارڪباد جا تحفا حاصل ٿيا.هن ذڪر اذڪار ۽

سهروردي طريقي جون سموريون منزلون پنهنجي والد بزرگ جي خدمت ۾ طئي ڪيون. جڏهن سندس ڄمار 46 سالن کي پهتي، تڏهن پنهنجي والد جي جاءِ تي سجادگي جي مسند تي ويهي ذڪر جي تلقين ڏيڻ لڳو.

هي بزرگ ظاهر ۾ شريعت جو ايڏو پابند هو جو ڪنهن حالت ۾ شريعت جي ظاهري حڪمن جي برخلاف ڪونه ويندو هو.

مخدوم صاحب جي حياتي ۾ مهمانن جي خدمت ۽ نگر جو سمورو ڪم سندس سنڀال ۾ هوندو هو. هڪ دفعي ذوالحج جي عيد ڏينهن ڪو بزرگ مهمان ٿي جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ وارو هو مگر هن بزرگ غسل ڪرڻ لاءِ واهه جي ڪناري تي دير ڪئي. مخدوم صاحب ارشاد فرمايو ته نماز پڙهڻ ۾ جلدي نه ڪجو جو اڄ هڪ اهل الله جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ وارو آهي. جڏهن هو اچي، جماعت ۾ چپ چاپ داخل ٿيو،تڏهن ارشاد ٿيو ته هاڻي آيو آهي. نماز شروع ڪريو. عيد نماز کان پوءِ مخدوم صاحب پڇيو ته ماڻهو ڪيڏانهن ويا. عرض ڪيو ويو ته گهرن وارا پنهنجن گهرن ڏانهن ويا. باقي سمورن مسافرن ۽ ٻاهرين کي صاحبزاده امين محمد گهر وٺي ويو جتي سيني جي مهماني ڪئي اٿس. اُن تي مخدوم صاحب 3 دفعا فرمايو ته الله تعاليٰ خير ڪريس ۽ برڪت ڏئيس!

عبدالرحيم خان خانان، جڏهن مرزا جاني بيگ جي جنگ لاءِ سنڌ ۾ پهتو تڏهن ڪيس چيو ويو ته مخدوم نوح تازو وفات ڪري ويو آهي. جيڪڏهن تون سندس معذرت لاءِ اڳ ۾ پهچندين ته تنهنجي فتح آهي. جيڪڏهن مرزا جاني بيگ اڳ ۾ آيو ته پوءِ هو ڪامياب ٿيندو. جنهن تي خان خانان تمام جلد هالن ۾ مخدوم امين محمد جي خدمت ۾ پهچي عذر خواهي ۽ سنڌ جي فتح لاءِ دعا گهري ۽ دربار اڪبري جون تمام گهڻيون سوکڙيون پيش ڪيون ۽ سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ اڪبر بادشاهه پاران جاگيرن جي عطيه جو هڪ پروانو به پيش ڪيو.

مخدوم امين شريعت جو تمام گهڻو پابند هو ۽ هميشه مريدن ۽ دوستن کي حلال ڪاڌي جو تاڪيد فرمائيندو هو.

هڪ دفعي پنهنجي ڪنهن مريد کي شهر کان ٻاهر ڪنهن ڪم لاءِ روانو ڪندي تاڪيد ڪيائينس ته انهيءَ ڳوٺ ۾ جتي تون وڃي رهيو آهين، اُتي چورن جون پاڻاريون آهن، تنهن ڪري، انهن جي مهماني هرگز نه کائج ۽ نه انهن جو پاڻي پيئج!

اُهو فقير برابر 12 ڏينهن، انهن ماڻهن جي ڳوٺ ۾ رهيو پيو هو مگر ڪنهن جو به نه کاڌائين ۽ نه پيتائين. جڏهن ڪم پورو ٿيس، تڏهن واپس اچي هالن ۾ روزو کوليائين!

هڪ دفعي ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو ڪم چيائون مگر اُهو ماڻهو پنهنجي گهر جي لڏپلاڻ ۾ مشغول هو. ۽ مخدوم صاحب جي حڪم جي تعميل ۾ سستي ڪندي چيائين ته مان لڏپلاڻ ۾ لڳو پيو آهيان فراغت ٿي ڪانه آهي. جنهن تي پاڻ فرمايائون ته اسان جو ڪم الله جي حوالي باقي اهو ماڻهو سو هميشه لاءِ لڏپلاڻ ۾ رهندو. پوءِ ڏٺو ويو ته اهو ماڻهو هميشه دربدر هوندو هو ۽ ٿورا ڏينهن به ڪنهن گهر ۾ آرام ڪري نه ويهندو هو.

نقل آهي ته هڪ بزرگ سندس خدمت ۾ آيو ۽ دل ۾ وهم گذريس ته اڄوڪي زماني ۾ "غوث" الائي ڪير هوندو. مخدوم صاحب جواب ۾ فرمايو ته جنهن کي تون هٿ ڏئي رهيو آهين.

(دليل الذاڪرين مسودات ڪتب خانه مخدوم غلام حيدر صاحب)

حضرت مخدوم امين محمد سورنهن سال ٻه مهينا سجاده نشيني تي رهي 63 سالن جي مسنون ڄمار کي پهچي جمعه ڏينهن ٻن پهرن جو ست شعبان المعظم سن 1015 وفات فرمائي. شرف الابرار مان سندس سال وفات حاصل ٿئي ٿو.

## 147 - مخدوم ابو محمد هالائي

حضرت ابو محمد ولد مخدوم امين محمد اول ولد مخدوم نوح عليه الرحمت هي بزرگ 9 محرم الحرام سن 980 پنهنجي ڏاڏي بزرگ جي حياتيءَ ۾ تولد ٿيو ۽ تصوف جو طريقو پنهنجي جد امجد ۽ پنهنجي والد بزرگ کان حاصل ڪيائين. پنهنجي والد جي وفات کان

پوءِ سجاده نشيني جا فرائض مٿس عائد ٿيا، جي بخوبي ادا ڪيائين، سندس هٿ تي ڪيترن بزرگن کي فيض ۽ ڪرامت حاصل ٿيو. جن مان شيخ هاشم ابن حماد هڪ مشهور بزرگ آهي. (جنهن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ اڳتي ايندو).

مخدوم ابو محمد شريعت جو بيحد پابند هوندو هو. ڪشف جي ذريعي، ڪجھ بہ معلوم ٿئي، اُن تي نہ هلندو هو. هر حالت ۾ ڪيس شريعت جو لحاظ مقدم رهندو هو.

روايت آهي تہ درويش ٻيو سهتو جو حضرت مخدوم معظم نوح عليہ الرحمت جي مريدن مان هو، سو ڀهراڙي ۾ وڃي ماڻهن کان ، کير مکڻ زوري ڦري ماري فقيرن کي کارائيندو هو. جنهن تي حضرت ابو محمد ڪيس منع ڪئي تہ ائين ڪرڻ نيڪ نہ هي. فقير چيو تہ هڪ ڏينهن حضور رسول ڪريم ﷺ جي ڪچهري جو شرف نصيب ٿيو هوم جتي مخدوم معظم بہ موجود هو. مخدوم صاحب حضور ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ هي فقير زوري ڪجھ کاڌو حاصل ڪري فقيرن کي کارائي ٿو، جنهن تي نبين جي سردار پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي هٿ ۾ ڏئي فرمايو تہ جو ڪجھ ماڻهن کان وٺي فقيرن کي کارائي ٿو،ان ۾ بہ انهن ماڻهن جي ڀلائي آهي.

حضرت ابو محمد فرمايو تہ درويش ٻڌا اگرچہ ائين آهي، پر ان هوندي بہ توبھ ڪر. ڇو تہ اسان کي ظاهر شريعت تي هلڻو آهي. جيڪي بہ تو ڏٺو، اُها هڪ جدا شئي آهي. جنهن ڪانپوءِ ٻڍي سهتي توبھ ڪئي ۽ زوري وٺڻ ڇڏي ڏنائين.

حضرت مخدوم ابو محمد 35 سال ٽي مهينا سجاده نشين رهي، ستر سال، 9 مهينا، 29 ڏينهن جي ڄمار ۾ 8 ذي القعد سن 1050ھ ۾ وفات فرمائي.

## 148ـ مخدوم ابراهيم هالائي

مخدوم ابراهيم ولد حضرت مخدوم نوح ملقب بہ ادهم ثاني. هن بزرگ بابت تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو تہ:

”ميان ابراهيم بزرگ زمانہ و معتقد عليہ طائفہ عليہ بوده“ يعني مخدوم معظم جي اولاد مان، ميان ابراهيم زماني جو وڏو ماڻهو ۽ سهرورديہ نوحيہ جماعت جو معتقد عليہ هو.

هن بزرگ شروع زندگي جو وڏو حصو اعتڪاف ۽ چلن ۾ گذاريو. هڪ قبرستان ۾ جو آبادي کان تمام پري هو، برابر چار چلا وينو، جتي کائڻ پيئڻ جو ڪوبہ سامان ڪونہ هو. جنهن ڪري پورا 5 مهينا ڪاڌي پيتي جو محتاج نہ ٿيو. روزو کولڻ وقت فقط پاڻي مان آگر آلي ڪري زبان تي رکندو هو ۽ هڪ بہ ترن جو داڻو کائي روزي کولڻ سنت ادا ڪندو هو. فرمائيندو هو تہ کاڌي پيتي جي نفس کي ضرورت کانہ رهي آهي. فقط سنت جي لحاظ ڪري روزو کولجي ٿو. انهن چئن چلن ۾ عالم ارواح ۽ ملائڪ وغيره وٽس حاضر ٿيا، مگر هنن ڏانهن ڪوبہ توجهہ نہ ڪيائين. الله تعاليٰ جي ذڪر کانسواءِ سندس زبان تي ڪجهہ بہ جاري نہ رهيو.

هڪ دفعي پوئين چلي وقت، خوبصورت پري چهره عورتن جي هڪ وڏي ٽولي آئي. انهن کان پڇيائين تہ اوهان ڪير آهيو؟ هنن جواب ۾ چيو تہ اسان اُهي زالون آهيون، جو پنهنجي مڙسن جي پوئتان ستي ٿي جيئري پاڻ کي باهہ ۾ جلايو هيوسين. جڏهن بين جا ارواح اوهان جي ڏسڻ لاءِ اچڻ لڳا تہ اسان کي بہ اشتياق ٿيو تہ اوهان جي زيارت جو شرف حاصل ڪريون، جو حاصل ڪيوسين.

حضرت ابراهيم هميشہ نماز جماعت سان ادا ڪندو هو پوئين وقت ۾ هميشہ مسجد ۾ اعتڪاف ڪندو هو تہ جيئن باجماعت فوت نہ ٿئي. حديث شريف ۾ آيو آهي تہ جيڪو ماڻهو چاليهہ ڏينهن جماعت سان نماز ادا ڪندو تہ منافقي کان پاڪ رهندو. انهيءَ قول تي سندس عمل هوندو هو.

سادگي ۽ بي نفسي هن حد تائين منجهن هئي، جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي خادم جعفر نالي کي، ان جي پري بڌائڻ ۽ ڪٽڻ ۾ مدد ڪندا هوا ۽ فرمائيندو هو تہ سموري ڄمار ۾ اهو ئي دنيا جو ڪم ڪيو اٿم.

هڪ عيد جي موقعي تي گهر ۾ ڪاڌي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ هو. جڏهن اهو پتو پيس تڏهن فرمايائين الحمد لله جو اها سنت بہ ادا ٿي، جو بعض وقتن حضرت رسالت پناهہ جي گهر ۾ بہ عيد ڏينهن ڪاڌي لاءِ ڪجهہ نہ هوندو هو. (دليل الذاڪرين)

مخدوم ابراهيم جي بزرگن ۾ ڪرامت جا ٻيا بہ ڪيترائي چشم ديد واقعا مٿئين رسالہ ۾ آيل آهن. مگر هت طوالت سبب ڇڏيا وڃن ٿا. پنهنجي والد جي وفات کانپوءِ اگرچہ گادي نشين سندن وڏو ڀاءُ مخدوم امين محمد هو. مگر جماعت جو فيض حاصل ڪرڻ لاءِ هن بزرگ ڏانهن رجوع رهندو هو. جيئن تحفة الڪرام ۾ لکيل آهي.

سندس وفات ٻارهين صدي جي آخر ۾ ٿي آهي. رحمت الله عليہ الرحمة واسعة

## 149 ـ مخدوم جلال محمد هالائي

حضرت مخدوم نوح علي الرحمت جي جليل القدر فرزندن مان هڪ بزرگ آهي، تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو تہ:

مخدوم جلال بايات بزرگي و سترگي محاسن ڪمال والا بي مهال زيسته"

يعني تہ مخدوم جلال بزرگي ۽ ساراهيل نشانين ۽ بيشمار ڪماليت جي خوبين وارو هو. دليل الذاڪرين ۾ لکي ٿو تہ هڪ دفعي، هڪ ماڻهو تي ٺٽہ جي گورنر شاد خان ڳورو ڏنڊ وڌو. ويچارو ڏنڊ هلڪي ڪرائڻ جي لاءِ مخدوم جلال محمد کي حاڪم ڏانهن ميڙ وٺي ويو. مگر شاد خان مخدوم صاحب کي نہ مڃيو، جنهن تي مخدوم صاحب فرمايو تہ هي ماڻهو، هن ملڪ جي حڪومت جو لائق نہ آهي، تنهن ڪري هن کي هتان بدلي ڪري سندس جاءِ تي سيد امير خان (ابوالبقا امير خان) کي گهرايو وڃي ٿو تہ ٺٽي جو اهو ئي حاڪم ٿي رهي. انهن لفظن کان پوءِ ڏنو ويو تہ سنت ئي شاد خان جي بدلي ٿي ۽ ٺٽي تي امير خان مقرر ٿي آيو. وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"مخدوم جلال محمد مقبول الڪلام بودند هرچہ بر لسان شان جاري شد عز اجابت مي يافت"

يعني ته سندس ڪلام درگاهه الاهي ۾ قبول هوندو هو. جيڪي به سندس زبان تي جاري ٿيندو هو، سو قبول پوندو هو.

مطلب ته مخدوم صاحب جا 12 ئي پٽ شريعت جا پابند ۽ پرهيزگار هوا، جن جي قول يا فعل مان ڪوبه ڪڏهن غير شرعي فعل صادر نه ٿيو هو.

(فائده) سيوهڻ جو رهاڪو ملا قاسم نالي، جو ڪنيار ڪو ڪم ڪندو هو تنهن پنهنجي سموري ڄمار هن ريت ناهي هئي، جو چار مهينا حرمين شريفين جي سفر ۾ لڳائيندو هو ۽ ان ڪان پوءِ موٽي اچي پنهنجي ڌنڌي کي لڳندو هو. انهيءَ آمدرفت ڪري هن کي اندر جي ڏاڍي صفائي حاصل ٿي هئي. هن جو چوڻ هو ته مون کي حضور رسول الله ﷺ کان حڪم ٿيل آهي ته مخدوم نوح جي اولاد جي خدمت سبب سعادت ۽ نيڪي حاصل ٿيڻ واري آهي. (دليل الذاڪرين)

## 150 - درويش يحيٰ رائتوهالائي

حضرت مخدوم نوح عليه الرحمت جي مريدن ۽ خليفن مان هڪ ڪامل بزرگ آهي. هميشه رياضتن ۽ مجاهدن ۾ گذاريندو هو. ان سان گڏ ظاهري ورد وظيفا به پڙهندو رهندو هو. جيئن ته حزب البحر — حرز يماني - حرز محبوبي — حزب جعفري ۽ سبعات عشر ۽ اوارد فتحي ۽ ٻيا وظيفا پڙهندو هو.

هڪ دفعي شيخ محمود فخري سان ملاقات ڪندي ظاهر ڪيائين ته منهنجي هر هڪ دم ۾ چار سئو دفعا الله جو نالو ذڪر ٿئي ٿو. مگر اهو ذڪر اجا مون وٽ شمار ۾ آهي. جو ته ذڪر جا اهي درجا آهن جو

**مالا عين رئت ولا اذن سمعت**

نه اکين ڏٺا آهن ۽ نه ڪنن ٻڌا آهن.

ڏٺو ويندو ته ساڳي ئي وقت ۾ درويش جي زبان مان ذڪر جو آواز به ٻڌڻ ۾ ايندو هو ۽ هوڏانهن قرآن شريف به وينو پڙهندو هو.

حضرت مخدوم صاحب جي وفات کانپوءِ هميشہ سندس فرزند مخدوم ابراهيم ادهم جي خدمت ۾ رهندو آيو جو ڪجهہ بہ نذرانو ملندو هو. يا فتوحات ٿبندي هئي تہ اهو سمورو فقيرن کي ڏئي ڇڏيندو هو ۽ پاڻ بکن تي گذاريندو هو ۽ سندس انهيءَ قلندرانہ روش ڪري، سندس عيال بہ بکون ڪڍندو هو. چون ٿا تہ زر جواهرن جي هن وٽ ڪمي ڪانہ هئي. مگر ان مان ڪجهہ بہ خرچ ڪونہ ڪندو هو، ڇو تہ دنيا جي درويشن جي نظرن ۾ ڪابہ عزت ڪانہ ٿيندي آهي.

جڏهن هن جي وفات جو ويلو آيو تڏهن ميان ڪامل محمد ولد مخدوم ابراهيم متانئس ويو. هن لاءِ تہ سڪرات جي وقت وٽانئس تصوف يا خداشناسي جو ڪو نڪتو ٻڌي. مگر درويش يحيٰ چپ ئي نہ ڪوليو. جڏهن سندس روح بدن جي پڃري مان پرواز ڪري ويو تڏهن سندس جنازه کي غسل ڪفن ڏياري رات جي وڳڙي ڪري هڪ ڪوٺي ۾ ڪري رکيائون. ميان ڪامل محمد انهيءَ ڪوٺي جا دروازا بند ڪرائي اندر وجي وينو جنهن کانپوءِ درويش يحيي جي روح کيس اچي چيو تہ سڪرات جو وقت ڏاڍو اٽانگو ۽ ڏکيو هيو. جنهن ڪري اوهان کي ڪو جواب نہ ڏيئي سگهيس ٿي، تہ متان حق تعالي جي ڪا حقيقت اهڙي طرح بيان ٿي وڃي، جنهن کي شريعت قبول نہ ڪري، هاڻي جڏهن بدن جي لباس کان روح جدا ٿيو آهي تہ اوهان سان روحاني گفتگو ڪري سگهان ٿو. ميان ڪامل محمد صبح تائين انهيءَ حجري ۾ وينو رهيو ۽ صبح جو درويش کي وڃي دفن ڪيائون.

دليل الذاڪرين جو مولف لکي ٿو تہ:

"اين نقل بلا واسطہ از حضرت محمد ڪامل بسمع رسيد"

يعني اها ڳالهہ مون سڌي سنئين حضرت محمد ڪامل (مخدوم نوح جي پوٽين) کان ٻڌي آهي.

درويش يحيي ٻارهين صدي جي ولين مان آهي.

## 151۔ سيد ساڄن منعلوي

سيد ساڄن بن قاسم متعلوي هڪ ڪامل اڪمل عارف درويش حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي خليفن مان هو.

هو ننڍپڻ ۾ پنهنجي والد سان گڏجي حضرت مخدوم نوح جي خدمت ۾ پهتو ۽ ان ڪانپوءِ جو ڪجهه پرائڻو هوس سو پرائيندو رهيو. دليل الذاڪرين ۾ روايت آهي ته مخدوم صاحب جي خدمت ۾ جيڪڏهن ڪو صحيح نسب سيد ايندو هو ته پاڻ استغراق واري حالت ۾ ان جي تعظيم لاءِ اٿي بيهندا هوا، تان جو ٻڌايڻ ڪري، پني ڏنگي تي وئي هئي ته به اٿين دستور هوندو هو. پر جيڪڏهن صحيح نسب نه هوندو هو ته ان ڏانهن توجهه ڪو نه ڪندا هوا ان حالت کي سامهون رکندي ڪيترا سادات پنهنجي سچي سيد هجڻ جي پرک لاءِ حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ ايندا رهندا هوا ته ڪين يقين اچي ته سندن نسب جو معاملو ڪيئن آهي.

سيد ساجن کان نقل آهي ته منهنجو والد سيد قاسم پڻ ٻين ساداتن سان گڏجي مخدوم صاحب جي خدمت جو ارادو ڪيائين ته پنهنجي نسب جي پرک ڪرائي وڃي.

جڏهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهتا، تڏهن پاڻ سروقد اٿي بيٺا ۽ وڏيڪ فرمايائون ته منهنجي لاءِ جيڪي ڪرمو (سڪل ڪارڪون) سوکڙي طور آنديون اٿو سي سموريون هن سيد زادي (ساجن سوائي) کي ڏيو. جو ڪارڪن خريد ڪرڻ وقت اوهان کان گهري رهيو هو. (دليل الذاڪرين)

تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو ته سيد ساجن جو لقب سوائي هو. متعلوي جو رهاڪو مخدوم نوح جو مريد پنهنجي وقت جو وڏو مشائخ ٿي گذريو آهي. سندس مشهوري سبب هن جي حالات ۽ ڪرامات لکڻ جي ضرورت ئي ڪا نه آهي. سندس درگاهه زيارتگاهه اهل الله جي آهي. صفحه 166 ارشاد الطالبين ۾ لکي ٿو ته ڪڏهن ڪڏهن ساجن سوائي هڪ ئي وقت ۾ جدا جدا روپن ۽ رنگن ۾ جلو گر ٿيندو هو. ٻي روايت آهي ته جڏهن هي بزرگ تمام ٻيڙو ٿي ويو، تڏهن شادي ڪرڻ جو خيال ٿيس. اُڍيجا قوم مان سڱ گهريائين مگر هنن سندس ٻڌايڻ ڪري انڪار ڪيو. آخر گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ راضي ٿيا جڏهن عقد نڪاح ڪري سيد صاحب کي ڪنوار جي ڪوٺي ۾ پهچايو ويو، تڏهن پنهنجي بيبيءَ جي بستري تي هٿ رکي فرمايائين ته ابراهيم ۽

وجي هڪ ڪرني ۾ بند ڪري ڪاٺ ۾ وڌو ويو. مگر ان وچ ۾ ٿني ۾ اچي اوچتو پاڻي ظاهر ٿيو، جنهن ڪري گهر گهٽين ۽ بازارين سڀ پاڻي ئي پاڻي ٿي ويون. نواب حيران رهجي ويو ته آخر اها ڪهڙي ماجرا آهي.

نوڪرن عرض ڪيو ته فقير جو ڪاٺ ۾ پيو آهي، اُن ۾ پاڻي اچي رهيو آهي، ۽ شهر ٻڏڻ تي آهي. نواب حڪم ڪيو ته قيد ڪري ڪڍي، اسان جي سامهون آندو وڃي.

پر فقير چيو ته جيستائين ڏوهه معاف نه ٿيو آهي. تيستائين نه آءٌ ايندس ۽ نه وري هي سيلاب ئي بند ٿيندو. نواب اها ڳالهه ٻڌي معافي ڏني ۽ ان کانپوءِ فقير وٽس حاضر ٿيو ته ادب سان اُٿيو ۽ آجيان ڪندي چيائين ته اي سيد لطيف پاڪ پلي آئين، جنهن تي فقير چيس ته آئون لطيف پاڪ نه آهيان پر آءٌ ان جو مريد آهيان ۽ هو صاحب پنهنجي جاء تي موجود آهي.

ان کانپوءِ نواب معافي ورتي ۽ فقير عيسن کي تمام گهڻيون سوکڙيون ۽ شيون ڏيئي سيد لطيف پاڪ جي خدمت ۾ روانو ڪيائين ان کانپوءِ اهو نواب هميشه سيد صاحب جي نهايت نيازمندي سان خدمت ادا ڪندو رهندو هو.

ان قسم جون سندس بيون به ڪرامتون آهن. هتي طوالت ڪري ايتري تي اڪتفا ڪئي وڃي ٿي.

مخدوم نوح پنهنجي مرشد جي وفات کانپوءِ هو سندس فرزند مخدوم ابراهيم جي خدمت ۾ سوکڙيون ڪٺي ايندو هو. ۽ خدمت ادا ڪندو هو. (دليل الذاڪرين)

هو يارهين صدي جي عارفن مان آهي ۽ سندس گنبذ نصرپور جي ٻاهران اپرندي طرف ڪان آهي. (ارشاد الطالبين)

## 153۔ ميان هاشم همداني

ميان هاشم همداني، حضرت مخدوم نوح جي خليفن ۽ مريدن مان آهي. هميشه ذڪر اذڪار ۾ مشغول رهندو هو.

هڪ دفعي جو واقعو آهي ته هو مراقبي ۾ مستغرق هو ۽ عصر جي نماز جو وقت تنگ ٿي رهيو هو ۽ سج لهڻ تي هو ڪيس هوش آيو ۽ سج ڏانهن ڏسي ڪيس چيائين ته ٿورو بيهه ته آئون وضو ڪري نماز پڙهي وٺان پوءِ لهج.

ڏٺو ويو ته فقير عصر جي نماز تمام آرام سان ادا ڪئي پوءِ به اجان سج بيٺو هو. (ارشاد الطالبين)

سندس مقبرو ڪاتيار ۽ ٻلڙي جي وچ ۾ ڏکڻ طرف آهي. هو ٻارهين صدي جي عارفن مان آهي.

## 154۔ شيخ اسماعيل قريشي بديني

شيخ اسماعيل حضرت بهاءالدين زڪريا ملتاني جي اولاد مان، حضرت مخدوم نوح جي مريدن مان آهي.

هن جو مقبرو درياء جي هن طرف گروهي ڳوٺ ۾ آهي.
(ارشاد الطالبين)

تحفة الڪرام ۾ آهي ته هن جو مقبرو بدين جي ٻاهران آهي.

هو ڪشف و ڪرامت جو مالڪ ۽ وڏو بزرگ هو. سندس ڏاڙهي ايڏي ڊگهي هئي جو پنهنجي وقت ۾ شيخ اسماعيل "ريش دراز" جي لقب سان مشهور ٿيل هو.

نقل آهي، هن جڏهن وفات ڪئي ته ڪيس ڪفن ڏيئي، دفن ڪري ڇڏيائون مگر ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ ڏٺائون ته جنهن حجري ۾ ويهي بندگي ڪندو هو، ساڳي جاءِ تي ويٺو نمازون پڙهي.

جنهن تي منو پيرزادي جو ملڪن پور جو رهاڪو هو تنهن چيس ته تون مخدوم نوح جو مريد آهين. هو شريعت جو سخت پابند هو. تنهن جو هن ريت جيئرو ٿي موٽي اچي حجري ۾ ويهڻ شريعت جي مخالف آهي، آخر هي ڇا ڪري رهيو آهين؟ ان ڪانپوءِ هو انهيءَ حجري مان غائب ٿي ويو. جنهن جو پوءِ وري پتو ڪونه رهيو.
(ارشاد الذاڪرين)

اسماعيل ريش دراز ٻارهين صدي جي وجودين صوفين مان آهي.

# 155ـ سيد حيدر جياني سنائي

سيد حيدر سنائي ولي ڪامل مرشد اڪمل حضرت مخدوم بلاول جي فيض يافتن مان آهي.

هو ٻارهن سالن جو ٻارڙو هو ته مخدوم بلاول ۽ مولانا عمر هليه جي خدمت ۾ پهتو اُتي سندن نگراني ۾ ظاهري باطني علم حاصل ڪيائين. تاريخ معصومي ۾ آهي ته:

"نظر تربيت يافته"

يعني ته هنن جي نگراني ۾ تربيت ورتائين ۽ بلند مرتبي تي رسيو. هن کان ڪيتريون ڪرامتون ظاهر ٿينديون رهيون.

روايت آهي ته سيد محمد ميران شاهه جونپوري (جنهن مهدي هجڻ جي دعويٰ ڪئي هئي) سو جڏهن حج تان واپس سنڌ ۾ آيو ته هن حڪم ڪيو هو ته سنڌونديءَ جي ڪناري تي جيڪو به ولي رهندو هجي، سو سندس ٻيڙي جون رسيون اچي ڇڪي. سيد ميران صاحب تي هڪ ڪارو ڪڪر ڇانءُ ڪندو رهيو ٿي. ٻيڙي جڏهن سن پهتي، تڏهن سيد حيدر کي به پيغام پهتو ته اچي ميران محمد جي ٻيڙي جون رسيون ڇڪي. سيد حيدر اچي ڏٺو ته مٿس ڪڪر ڇانو ڪري رهيو آهي پوءِ ته پير مان هڪ پادر لاهي ڪڪر ڏانهن اڇلايائين ته ڪڪر غائب ٿي ويو. جنهن ڪري سيد حيدر ٻيڙي ڇڪڻ جي زحمت کان ڇٽي پيو.

## (ارشاد الطالبين رسالہ سوانح سيد حيدر سنائي.)

دليل الذاڪرين ۾ روايت آهي ته هڪ دفعي سيد حيدر، پنهنجي ڳوٺ واري مسجد ۾ ظهر جي نماز پڙهي ليٽيو پيو هو ته مخدوم نوح عليہ الرحمت وٽن اچي پهتو ۽ کين چيائين ته <u>اقم الصلوات لذڪري</u> (يعني ته منهنجي يادگيري لاءِ اُتي نماز ادا ڪر) سيد صاحب فرمايس ته <u>من علمڪ</u> يعني توکي ڪنهن ڄاڻايو آهي. فرمايائين ته <u>علمني ربي</u> منهنجي پالڻهار ڄاڻايو آهي). پوءِ اُتي وڃي نماز ادا ڪيائون ۽ سمورو وقت مسجد ۾ ئي وينا رهيا. مخدوم صاحب جڏهن موڪلائڻ لڳو تڏهن تورو (اٽو) سيد صاحب سندن حوالي ڪيو. چيائين

ڪانپوءِ مخدوم صاحب جي اولاد ۽ خليفن سان شاهہ خيرالدين جو تعلق رهيو.

شاهہ خيرالدين جو زندگي جو ساٿي، خليفہ درويش ميان سڏو سمو ڪان روايت آهي تہ:

”از زبان معجز بيان حضرت شاهہ خيرالدين شنيدم ڪہ چون از ولايت عرب، در اين ديار سند آمد اولا بملازمت مخدوم معظم بردم“ (دليل الذاڪرين)

يعني تہ جڏهن ٻهريان هن سنڌ ديس ۾ آيس تڏهن ٻهريان ئي اچي مخدوم نوح جي خدمت ۾ رهيس.

ارشاد الطالبين ۾ لکي ٿو تہ:

”شاهہ خيرالدين بکري وڏن ولين مان اولاد حضرت شيخ عبدالقادر محي الدين جيلاني مان آهي. هو صاحب ڪشف ۽ ڪرامت جو هو. هن ڪان اسرار الاهي جا ڪيترا مقولا ظاهر ٿيندا رهيا ٿي ۽ غيب جا نڪتا بيان ڪندو هو.“

شاهہ خيرالدين عالم صوفي، بدعات ڪان پرهيز ڪندڙ بزرگ هو. ڪانئس روايت آهي تہ هڪ ڏينهن مخدوم نوح عليہ الرحمت فرمايو تہ اڄ مسجد ۾ هڪ اهل بدعت صوفي ايندو. هو جو ڪجهہ بہ ڪري انجو چيو نہ مڃجو. پوءِ ڏٺو ويو تہ هڪ درويش آيو، جنهن پيالي ۾ پيشاب ڪري پاڻي وجهي چيائين تہ جيڪو هن کي پيئندو، سو ولايت جي درجي کي رسندو. مگر مخدوم صاحب جي حڪم موجب ڪوبہ ان جي ويجهو ڪونہ ويو. پوءِ پاڻ اهو پاڻي پي مسجد مان روانو ٿي ويو. جڏهن مخدوم صاحب مسجد ۾ تشريف فرما ٿيو، تڏهن فرمايائين تہ هو بدعتي فقير جو ڪجهہ چئي رهيو هو، سو نيڪ هو، مگر جيڪو فائدو بدعت واري ماڻهو مان حاصل ٿئي، اهو ڪجهہ نہ آهي. جو بہ فائدو حاصل ٿئي سو ضروري آهي تہ سنت جي طريقي تي هجڻ گهرجي. ان ۾ سراسر منفعت آهي.

فقير حسين سومرو ڪان روايت آهي تہ حضرت شاهہ خيرالدين ڪان ٻڌم هو هڪ وڏو ڪامل ۽ وقت جو مرشد هو، پاڻ فرمايائون تہ

حضرت مخدوم نوح جا جيترا صحبتي ۽ ساٿي آهن، سي قيامت ڏينهن، حضرت بي بي فاطمہ جي فرزندن جي پاڙي ۾ هوندا.
(دليل الذاڪرين)

پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي عليه الرحمت جي ملفوظات ۾ هڪ نقل آهي، جنهن جو حاصل مطلب هي آهي، شاهہ خيرالدين جي مريدن مان هڪ درويش سنڌو نديءَ جي ڪناري تي سکر لڳ جهوپڙي ناهي مراقبہ ۾ ايڏو تہ محو ٿي وينو، جو درياءَ اُتي تمام پري چڙهي ويو ۽ جهوپڙيءَ تي واري وري ويئي. پر هن درويش کي ڪابہ سڌ ڪانہ رهي. هڪ دفعي شاهہ صاحب انهيءَ گوشہ نشين فقير کي سنڀاليو ڪين ٻڌايو ويو تہ اهو فقير سکر جي ٻاهران ٻيٽ تي هڪ جهوپڙي ناهي عبادت ۾ وڃي مشغول ٿيو هو. پوءِ جي خبر ناهي تہ الائي ڇا ٿيو ۽ ڪيڏانهن ويو.

شاهہ صاحب گهوڙي تي سوار ٿي انهيءَ جهوپڙي واري هنڌ آيو ۽ جهوپڙي تان واري پري ڪري ڏٺائون تہ فقير محويت ۾ ستو پيو آهي. شاهہ صاحب سنڌي زبان ۾ فقير کي فرمايو تہ:

نہ تون ڪعبو نہ تون قبلو جو رهين منجهہ سجود.

ان تي فقير سجاڳ ٿي جواب ڏنو تہ:

ڪوهہ ڪندو قبلو، جن سڄاتو سلطان
پرين اسين پاڻ، تہ ڪريون سجدو ڪنهن کي

شاهہ خيرالدين عمر جو پويون حصو اچي، سکر ۾ هڪ ٽڪري تي رهيو ۽ اُتي ئي ماڻهو ڪانئس ذڪر اذڪار سکڻ ۽ فيض پرائڻ ايندا هوا. سندس مريدن ۾ سيد نصيرالدين متعلوي هڪ نامور درويش ٿي گذريو آهي ۽ ستو درويش تہ سندس خليفو ۽ خاص خدمت گذار هيو. شاهہ صاحب بلڪل پوئين وقت ۾ ٽڪري تان سکر جي انهيءَ مسجد ۾ اچي رهيو، جتي هاڻي سندس مقبرو آهي. اُتي ترخاني مغلن جا گهر هوا جن نذرانہ طور شاهہ صاحب کي رهڻ لاءِ ڏنا. 27 رمضان المبارڪ سن 1027-115 ورهيہ ڄمار کي پهچي وفات فرمايائون (لب تاريخ سنڌ وغيره) ڪنهن شاعر سندس تاريخ وفات هيٺئين ريت فرمائي آهي.

شاهہ خيرالدين مہ برج شرف
مقبل درگاهہ ايزد سر مدي
سال تاريخ وصالش عقل گفت
مرشد ڪامل طريق احمدي
1027

شاهہ صاحب بنا اولاد جي دنيا مان لاڏاڻو فرمايو. جنهن ڪري سندس گادي تي سٽو فقير ويٺو. ان ڪانپوءِ هن جو فرزند درويش يحيٰي مسند جو مالڪ ٿيو. انهن ٻنهين درويشن جا حضرت مخدوم نوح جي جماعت ۾ فرزندن سان گهاٽا لاڳاپا رهيا. (دليل الذاڪرين)

هن وقت شاهہ صاحب جي مقبري جا مجاور پيرزاده مٺئين درويش جو اولاد چيا وڃن ٿا.جن جي حوالي درگاهہ جي سنڀال آهي.

شاهہ صاحب جي مقبري تي سن 1174 ۾ ميان غلام محمد مجاور هڪ عاليشان گنبذ تيار ڪرايو. سيد اسد الله ساقي بکري مير محمد معصوم جي ڏهٽي گنبذ جي تعمير جي تاريخ هيٺئين ريت لکي آهي.

شہ خيرالدين سرور سالڪان
ولي خدا زبده عارفان.
زهي روضہ اش مظهر نور حق
بيا يند فيض زيارت ڪنان
غلام محمد سجاده نشين
ز سعيش بناءِ روضہ نو نشان
چو ساقي طلب ڪرد تاريخ آن
بگفتا خرد "درگهہ فيض دان"
1174

## 157 ـ حسن ٻانگو ٻاٽوٽي

درويش حسن ٻانگو هڪ مشهور ڪرامتن جو مالڪ ۽ راهہ سلوڪ جو سالڪ سيد حيدر سنائي جو خليفو ۽ مريد آهي. سيد حيدر جي وفات ڪانپوءِ مخدوم نوح سان بہ ارادتمندي رهندي آئي. دليل الذاڪرين ۾ آهي تہ درويش حسن جي گهر ۾ ٻير جو وڻ هوندو هو

جنهن جا ڏاڏا مٺا پير هوا. اتان پير ڪٽي مخدوم صاحب لاءِ آڻيندو هو ۽ ادب ڪان سندس فرزندن جا نالا وٺي پيش ڪندو هو. مخدوم صاحب ان مان ڪجهه به نه کائيندو هو. هڪ ڏينهن عرض ڪيائين ته اوهان پيرن مان الائي ڇو نه ٿا کائو. حضرت مخدوم صاحب جواب ۾ فرمايو ته اوهان پير ٻين جي نالي ڏيو ٿا تنهن ڪري منهنجو حق نه ٿو رهي. جنهن کانپوءِ درويش حسن پنهنجي هٿن سان پير ڪٽي مخدوم صاحب کي پيش ڪيا، جتان پاڻ ڪجهه کاڌائون.

هن جي عادت هوندي هئي جو روزانو هڪ ماني پچارائي پاڻ وٽ رکندو هو ۽ هڪ سوا ٻڪري به وٽس بيٺي هوندي هئي. پوءِ جيڪو به مهمان وٽس هوندو هو پوءِ ڪٽي هڪ سئو هجن، تڏهن به ان ماني مان ٽڪر ڀڃي ۽ کير جو چڪو ڏنو ويندو هو، جنهن مان سمورا ڍاپي ويندا هئا. نقل آهي ته هڪ مسافر سندس خدمت ۾ آيو، جنهن جي احوال مان معلوم ٿيس ته هو مسافر قرآن مجيد جو حافظ آهي. درويش پڇيس ته ٽيهه سيپارا پوري طرح ياد اٿوَ. چيائين ته هائو سائين. چيائين ته قرآن پڙهندي تنهنجي دل ۾ عشق جي نشتر ڪانه چڀي آهي. پوءِ حافظ تي توجهه وڌائين، جنهن ڪري عشق الاهي جا مٿس دروازا کلي پيا ۽ وحدت جي دريا ۾ غرق ٿي ويو. مگر پوءِ ستت ئي سندس سيني واري پڃري مان روح جو پکي پرواز ڪري بهشت جي باغ ۾ وڃي پهتو. (ارشاد الطالبين)

درويش حسن ٻانگو ڏهين صدي جي رجالن مان آهي. ياٽوٽ تعلقه هالا ۾ مشهور آهي.

## 158 ـ ميرڪ محمود ثاني ٺٽوي

ميرڪ محمود ولد ميرڪ عبدالباقي پوراني پنهنجي وڏن جي جاءِ تي ٺٽه جي شيخ الاسلام جي عهدي تي پهتو، ترخان گهراڻي پاران، ساڳي ريت کيس وسيع اختيارات حاصل هوا، جيئن سندس وڏن بزرگن کي حاصل هوا. وڏي علم و فضل جو مالڪ هو. ڪڏهن ڪڏهن شعر ڏانهن به توجهه فرمائيندو هو. جيئن ته هينيون شعر سندس يادگار آهي.

شيوه آزادي از ارباب دولت خوش نماست
ورنہ نخلي کہ خالي از ثمر شد سرهو هست

13 صفر 1055 جي هن بي بقا حويلي کان دارالبقا ڏانهن روانو ٿي ويو.
سندس وفات ۾ ڪنهن شاعر هيٺيون قطعو لکيو آهي.

يگا نہ قدس نژاد ممالک اسلام
کہ سایہ گستر از و بود است مسعودي
گذشت سيز دهم صفر ز عالم قدس
ندائي ارجعي آمد بلحن دائودي
بہ بزم گلشن جنت رسيد و رضوان گفت
خوش آمدي تو شاهان اين مکان بودي
زهي عقل چو تاريخ فوت او جستي
بگو کہ "يافتہ ميرک مقام محمودي"
1055

(مقالات و تحفه)

## 159- مولانا عبيدالله "آهي"

هي بزرگ سيني جامع علومن ۽ سيني فنن جو مالڪ هو. مرزا شاهہ بيگ ارغون سان گڏجي سنڌ ۾ پهتو. اصل هرات جو باشندو هو. انهيءَ ملڪ جو ماڻهو. چون ٿا تہ سندس تصنيفات هڪ سئو کان بہ زياده هئي. مگر آخر ڄمار ۾ اچي بي خودي جو جذبو مٿس غالب ٿيو ۽ جنون مٿس غالب پئجي ويو، جنهن ڪري پنهنجي ڪتب خاني کي ساڙي خاڪ جا ڍير بنائي ڇڏيائين، پوءِ مجنونن وانگر آوره هلندو وتندو هو. عمدو شاعر هو ۽ "آهي" تخلص هو. هوشياري جي زماني کان پوءِ بہ ڪڏهن فارسي شعر چوندو هو، جنهن مان هيٺيان چند شعر يادگار طور رهجي ويا آهن.

آهي آن روزکہ در دست جنون پازده ام
رخت ادراک ز سر کنده بصحرا زده ام

---

حيرت عشق تو بہ ربوده ز سر هوش مرا
مانده ام همچو کدوي تهي از باده بخاک

---

نيست خالي از غمش سينہ آهي افسوس
يار ميخوا ندم از جملہ بي دردا نها

---

پس از من ڪس نہ پر سد حال آهي
شهيد عشق گمنام دوا م است

هن جي وفات جو واقعو هن ريت آيل آهي تہ شاهہ حسن بيگ ارغون جي زماني ۾ جڏهن بادشاهہ محمد همايون سنڌ جي چون (تعلقہ بدين) جي شهر جي ٻاهران اچي لٿو ۽ ان وقت ارغون فوج ۽ همايوني فوج جي دوبدو جنگ هلي رهي هئي تہ هي مولانا مجنون ٻنهين فوجن جي وچ مان بيباڪ ٻڌيو آيو ويو ٿي. هيو مست تنهن ڪري ڪير ڪيس روڪي سگهيو ٿي. هڪ دفعي ٻنهي فوجن جي وچ مان لنگهندي هڪ تير اڏرندي آيو جو سندس حلق ۾ اچي پيوست ٿيو ۽ سندس روح جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو. اهو واقعو 950 ۾ ٿي گذريو (مقالات). مير علي شير قانع تاريخ وفات سندس ئي هڪ شعر جي مصرعہ ”شهيد عشق گمنامي دوا م است“ جي پهرئين اڌ ”**شهيد عشق گمنامي**“ ڪڍي آهي. مير صاحب ان تي فرمائي ٿو تہ:

950

”از نوادر اتفاق است“

(مقالات)

## 160 - مخدوم حامد آگهمي

دليل الذاڪرين ۾ لکي ٿو.

”حضرت مولوي حامد آگهمي در عصر خويش در علم فقہ ثاني نداشت“. يعني مخدوم حامد آگهمي پنهنجي زماني ۾ علم فقہ ۾ پاڻ مٽ هو. ٻيو ڪوبہ جهڙس ڪونہ هو.

مخدوم حامد جون فتوائون ۽ تحريرون اڃا بہ موجود آهن. جن مان حضرت علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي جهڙا وڏا مفتي ۽ فقيہ بہ سند ۽ حجت وٺندا آهن.

هو بزرگ ظاهري علم سان گڏ باطني علم يا تصوف ۾ بہ وڏو صوفي ۽ ڪامل بزرگ هو. حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جي

صحبتن ۾ رهيو، ان ڪان پوءِ سندس فرزندن ۽ خليفن سان تعلقات رهيس.

دليل الذاڪرين ۾ مخدوم حامد صاحب ڪان نقل ٿو آڻي ته، مخدوم جو فرمائڻ آهي ته مان هنن اکين سان حضور رسول الله ﷺ کي ڏٺو ۽ ساڻس ملاقات ڪئي. ڪڏهن هيئن به فرمائيندو هو ته مان رسول الله صلي الله عليه وسلم سان خواب جي حالت ۾ ڪيئي دفعا ملاقاتون ڪيون ۽ ڪن سوالن جي جوابن جو شرف حاصل ڪيو اٿم.

حضرت مخدوم حامد جون ملاقاتون شيخ بهاءُالدين دلقپوش ۽ شيخ محمود فخريه هالائي سان رهيون آهن. ڪانئس نقل آهي ته بهاءُالدين دلقپوش فرمايو ته قرآن جون معنائون سوا لک تائين پهچي سگهن ٿيون، مگر جيڪو پورو پورو حق آهي، سو الله تعاليٰ کان سواءِ ڪونه ڄاڻي سگهي ٿو. جيئن ته الله تعاليٰ جو ارشاد آهي و ما يعلم تاويله الا الله يعني ته انهن (متشابه آيتن) جي الله ڪانسواءِ ٻيو ڪو معنيٰ ڪونه ڄاڻي ٿو.

مخدوم حامد ڪان ٻيو نقل آهي ته ٺٽي جي شهر ۾ هڪ مجذوب پيو هوندو هو، جنهن جي سيني تي پراڻين ۽ ميرين اڳڙين جي هڪ وڏي پري پئي هوندي هئي. ڪاڏي پيتي جي لاءِ جو ڪجهه ملندو هوس ته ان تي رکي ڪائيندو هو ۽ اوبر به ان تي ڇڏي ڏيندو هو. مخدوم حامد فرمائي ٿو ته هڪ دفعي مون کي دل ۾ آيو ته ايڏي محنت ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ ڪان صاحب صفا آهي يا فقط ائين مصيبت سهي رهيو آهي. انهيءَ خيال گذرڻ شرط چيائين ته حامد ته احمد واري جنگ ۾ تنهنجو بيان، حضرت رسالت پناه ڪان ٻڌو هوم، هن جي ايتري چوڻ تي يقين آيم ته صفائي جو صاحب آهي.

(دليل الذاڪرين)

انهيءَ مجذوب جو نالو هارون هو، جو مخدوم نوح جي خليفي مجذوب هارون بري جي سنگتين مان هو.

مخدوم حامد جي وفات جي مقرر تاريخ نه ملي سگهي آهي، دليل الذاڪرين مان معلوم ٿئي ٿو ته هو 11 هين صدي هجري جي عارفن مان آهي.

# 161۔ ابوالبقا امير خان بکري

نواب سيد امير خان ابوالوفا بن مير ابوالقاسم نمڪين هروي، بکري. ابوالقاسم جي سمورن فرزندن ۾ هڪ وڏو لائق، عالم ۽ فاضل فرزند آهي ۽ معامله فهمي ۾ هڪ ئي فرد هو. پنهنجي والد جي زماني ۾ ئي، هو جنت مڪاني جهانگير جي خدمت ۾ پهتو ۽ بخت جي مددگاري سان پنجصدي جي عهدي تي وڃي پهتو. پنهنجي والد جي وفات کان درجہ بدرجہ وڌندو ٻہ هزاري منصب تي وڃي پهتو. يمين الملڪ جو نائب ٿي ملتان ۾ اچي رهيو. شاهجهان بادشاھ جي تخت نشيني جي ٻئي سال جڏهن مرتضيٰ خان ٺٽي جي گورنر وفات ڪئي، تڏهن امير خان پنجصدي جي ذاتي اضافي ۽ پنج سئو سوار ۽ سہ هزاري، دو هزاري سوار جي منصب سان مقرر ڪري، ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو ويو. 14 سال جلوس شاهجهاني ۾ سيوهڻ ۾ ڏاڙيلن ڏاڍيون ڦريون ڪيون، جنهن ڪري انهيءَ علائقي جي انتظام لاءِ مقرر ٿي آيو.

هڪ سال ڪانپوءِ يعني 15 شاهجهاني سال ۾ وري ٻئي دفعي ٺٽي جو گورنر مقرر ٿيو. جهانگير جي دربار مان مير خان جو لقب عطا ٿيل هو. شاهجهان ان تي الف وڌائي "امير خان" جو خطاب ڏنو. ان لقب عيوض هن بادشاھ کي هڪ لک روپيا نذرانو پيش ڪيو. (ماثر الامراءِ)

شاهجهان پاران 1037ھ ۾ ٺٽي جو گورنر ٿي پهتو،تڏهن انهن سيني ماڻهن کي سخت سزائون ڏنائين، جن شاهجهان جي شهزادگي واري زماني ۾ ٺٽي پهچڻ وقت شريف الملڪ يڪچشم سان ملت ڪري شاهجهان کي تڪليف ڏني هئي، جنهن جو تفصيل سان ذڪر آهي.

ميرپور (بٺورو) سندس نالي تي آباد ڪيل شهر آهي. چيو وڃي ٿو تہ هو اجا اميري تي نہ پهتو هو تہ هڪ دفعي انهيءَ سرزمين ڏانهن اڪيلو گهوڙي تي سوار ٿي وڃي نڪتو. اتي جي ڏنارن سندس ڏاڍي خدمت ۽ مهماني ڪئي. هنن جي غريباڻي مهماني کان ڏاڍو راضي ٿيو. کيس معلوم ٿيو تہ اها زمين بلڪل غيرآباد آهي ۽ غريب مال چاري نهايت تنگي سان گذارو ڪندا آهن، پوءِ جڏهن ٺٽي جو گورنر ٿي آيو،

تڏهن ڏنارن جي مهماني جو احسان ان ريت لاٿائين جو اها سموري زمين ڍل ڪانسواءِ، انهن ماڻهن کي مفت وسائي ڏنائين، جتي هنن سنڌس نالي تي ميرپور ڳوٺ ٻڌو ۽ آبادي ڪيائون. سنڌس نالو اڄا زنده آهي.

ٺٽي ۾ پائيخان محلو ۽ چوڪ عبدالغني جي وچ ۾ هندن جو هڪ ويران مندر هو، جنهن کي ڊهرائي مسجد تهرائي هڪ يادگار ڇڏيو اٿس. اها مسجد اڄ تائين موجود آهي. جنهن کي نه صحن آهي ۽ نه ٻيو ڪجهه. تمام ويران حالت ۾ رهيل آهي. مسجد جي دروازي تي نهايت خوشخط نستعليق ۾ هينيون ڪتبو لڳل آهي.

اين مسجد بهشت نشان را بنا نهاد
مهر و سپهر دولت اقبال امير خان
چون ختم بود درهمه او صاف فيض و لطف
سال تمام گشتن او نيز **ختم دان**
1040

گنبذ جي اندر هڪ ٻئي ڪتبي جو ٽڪر لڳل آهي، جنهن تي فقط هڪ شعر باقي رهيل آهي.

همي كردم طلب سال بنا يش
خرد گفتا كه **بيت المال باني**
1039

يعني ته ٻئي ڪتبا هڪ ٻئي کان هڪ هڪ سال جي مفاصلي تي لکيا ويا آهن.

هڪ دفعي جو واقعو آهي ته، اڪيلائي ۾ آئينو ڏسندي پاڻ تي السلام عليڪم چيائين. جنهن تي واقعه نگارن اهو قصو بادشاهه جي دربار ۾ پهچايو ته امير خان سودائي ٿي پيو آهي. سو پيو پنهنجي عڪس تي سلام پڙهي. امير خان کي انهيءَ چغلي جو پتو پئجي ويو جنهن پاڻ بادشاهه جي خدمت ۾ عريضه لکيو ته داتا چريو ڪونه ٿيو آهيان. پنهنجي ڏاڙهي ۾ اڇو وار ڏٺم، انجي عزت لاءِ کيس سلام عليڪم چيم، ڇو ته غلام اوهان جي تربيت ۾ پڊو ٿيو آهي. بادشاهه کي سندس جواب پسند آيو. (مقالات الشعراء)

هو عمدو شاعر هو جنهن جو ڪجهه شعر نموني طور مقالات ۾ نقل ڪيو اٿس.

مير خان کي ويهه پٽ هوا. عمر هڪ سئو سالن کان لنگهي وئي هئس مگر بدن جي ڪنهن به قوت ۾ ڪرٻه فرق ڪونه آيو هوس. قوت مردانگي ۽ اکين جي بصارت ۽ ٻيون طاقتون سموريون بحال هئس. ڪيترائي لائق فرزند ڇڏي نتي ۾ 1057 ۾ وفات ڪري ويو ۽ سندس لاش کي قاسمي قبرستان ۾ جو سندس والد جو بنايل هو، ان ۾ دفن ڪيو ويو. اهو قبرستان بکر کان ڏکڻ طرف هڪ ٻهاڙي تي صفه صفا جي نالي سان آهي. (ماثرالاسراء)

اڄ ڪلهه انهيءَ قبرستان کي قاسم خاني ۽ ستين جو ٿان سڏيو ويندو آهي.

## 162- مير عبدالرزاق بکري

مير عبدالرزاق ولد مير ابوالبقا امير خان مرحوم، هڪ وڏو عالم ۽ بي مثل عقلي ۽ نقلي علم جو جامع ۽ فاضل هو. هو علميت جي قابليت ڪري زماني جي عجائبات مان ليکيو ويندو هو. لغت ۾ ايڏو درڪ هوس. جو چون ٿا ته سندس زبان ۾ ڪن لفظن ادا ڪرڻ ۾ رنڊڪ ٿيندي هئي. جنهن ڪري هن اُهي لفظ ئي ڳالهائڻ ڇڏي ڏنا ۽ انهن جي هم معنيٰ اهڙا لفظ ڪم آڻيندو هو جنهن ۾ هنڪ نه پوندي هيس. جنهن ڪري جدا جدا ٻولين جي لغت، ڪيس ياد هوندي هئي ۽ ماڻهو سندس ايڏي همه گير زباندانيءَ ۾ حيرت ۾ رهندا هوا. (تحفة الڪرام)

هو پنهنجي قابليت ۽ پنهنجي پٺي ڏاڍي جي مقبوليت سبب شاهه جهان بادشاهه جي دربار ۾ رسائي حاصل ڪري نهصدي جي بلند درجي تي فائز ٿيو.

سندس همشيره جي شاهجهان جي فرزند مراد بخش سان شادي ٿي گذري. چاڪاڻ جو شاهه زاد کي پهرين زال مرزا سيد رستم صفوي جي نياڻي مان اولاد ڪونه ٿيو ٿي، جنهن ڪري اها شادي عمل ۾ آئي ۽ نينگري کي هڪ لک روپين جا جواهر بادشاهه پاران ڏاج ۾ ڏنا ويا. (ماثر الامراء و تحفة الڪرام)

مير عبدالرزاق هڪ بليغ شاعر هو، سندس هڪ غزل جا ڪجهه بيت هيٺ ڏجن ٿا.

مي فروزد جان ماچون دست سري مي برد
مي فزايد حال ماچون لب بسوئي ميخانہ ميبرد
مخفيم در جوهر معنيٰ، چو معنيٰ در سخن
ديدن من هرڪہ خواهد گو بمعنيٰ ميبرد
درد مند مقطره خوئي خواهم از زلف ڪجت
خوهاش مبروص باشد تا از افعي قي برد

سندس ننڍي ڀاءُ مير ابولمڪارم شهود انجي جواب ۾ غزل فرمايو آهي، جنهن جو مطلع هيٺئين ريت آهي.

مست نوش لعل اوڪي دست سوي مي برد
نغمۂ ساز عشق اوڪي دست سوئي ني برد

مير عبدالرزاق 26 سال جلوس شاهجهاني مطابق 1062هہ هن دنيا فاني مان هجرت فرمائي ويو ۽ سندس مقبرو صف صفا بکر جي ڏکڻ واري ٽڪري تي سندس والد جي پهلو ۾ آهي. مقبري جي مٿان بہ ساڳيو مٿيون شعر لکيل آهي.

## 163 ـ مخدوم رحمت الله صدر ٺٽوي

ٺٽي جي تمام وڏن عالمن مان صاحب درس تدريس، جامع معقول و منقول ۽ حاوي فروع و اصول علامہ وقت هو. سلطان عالمگير سندس علمي ڪماليت جو شهرو ٻڌي، کيس نهايت عزت ۽ احترام سان، دربار ۾ طلب ڪرايو.

جڏهن ٺٽي مان روانو ٿي، شاهي دربار ۾ بادشاهہ جي روبرو پهتو. تڏهن علامہ جو امتحان وٺڻ جو ارادو ڏيکاريو. ان وقت عالمگير جي وزير عنايت الله خان جي هٿ ۾ تفسير بيضاوي جو هڪ نسخو هو. حڪم ٿيو، تفسير مولانا جي حوالي ڪريو تہ ان ڪي ڏسي سندس صحيح يا غلط هجڻ بابت راءِ ڏئي. (يعني تہ ڪتاب ۾ ڪٿي ڪا غلطي آهي چا) مولانا رحمت الله ڪتاب کولي وري هڪدم واپس ڪندي چيو

تہ غلط آهي. عنايت الله خان وزير موقعو وٺي فرمايو تہ بادشاهن جي حضور ۾ اهڙ ڏئل ڪتاب بابت، سواءِ ڪنهن غور و فڪر ڪرڻ جي، غلط چوڻ نيڪ نہ آهي. بلڪ اها هڪ قسم جي گستاخي آهي. مولانا سيني تي هٿ رکي ادب سان چيو تہ آءٌ پاڻ ڪتاب آهيان. تنهن ڪري وڌيڪ ڏسڻ جي ڪهڙي ضرورت اٿم.

بادشاهہ معلوم ڪري ورتو تہ هو وڏي علم جو مالڪ آهي. ان کان پوءِ حضرت عالمگير فرمايو تہ ڪنهن مثنوي جو اهو شعر پڙهي ٻڌاءِ، جنهن جي شروعات لفظ "چون گرسنہ" هجي. مولانا سموري معاملي کي سمجهي ورتو، ڇاڪاڻ جو مثنوي جو اهو شعر "شوي" جي لفظ سان ختم ٿئي ٿو. جنهن ۾ بادشاهہ جي سامهون گرسنہ شوي ۽ سگ شوي چوڻ بيحد بي ادبي آهي. مولانا رحمت الله شوي جي بدران "شوم" ڪري هن ريت شعر پڙهيو.

چون گرسنہ مي شوم، سگ مي شوم
مست بداندام بدرگ مي شوم

بادشاهہ مولانا جي ادب ۽ علم کان ڏاڍو محظوظ ۽ خوش ٿيو.

مولانا بادشاهہ جي دربار ۾ روز بروز ترقي ۽ واڌارو ڪندو ويو تي ۽ اها ڳالهہ وزير عنايت الله خان کي ناگوار گذري رهي هئي. جو تہ عنايت الله خان کي شڪ هو تہ مولانا علمي قوت سان سندس درجي کي ڪو ڌڪ نہ هڻي ڇڏي.

مولانا اها ڳالهہ معلوم ڪري بادشاهہ کان وطن جي واپسي جي رخصت گهري، بادشاهہ جي مرضي نہ هئي پر مولانا رحمت الله، عنايت الله خان جي مخالفت کي برداشت نہ ڪندي، پنهنجي وطن ڏانهن واپس ٿيو ۽ ٺٽي جي صدارت جو عهدو حاصل ڪري واپس موٽيو.

مولانا کان پوءِ سندس فرزند محمد عابد ٺٽي جي صدارت واري عهدي تي فائز ٿيو ۽ والد وانگي وڏي علمي ڪمال سان زنده رهيو.

مخدوم عابد خوشگو شاعر هو. هن نواب حفيظ الله خان ٺٽہ ۾ مسجد ٺهرائي. جنهن جي تاريخ هيٺين ريت لکيائين:

شد اين مسجد فرخنده انجام
بنائي خير حفيظ الله خان
خرد تاريخ تعمير ش بگفتا
**جزائي خير باد از بهر باني**
1109

مولانا جي علمي ڪمال ۽ فضائل جي سامهون شعر شاعري اگرچ ڪجهہ بہ نہ آهن، مگر ڪنهن ڪنهن هو انهيءَ فن ڏانهن بہ توجهہ ڪندو هو پوءِ جڏهن هو فوت ٿي ويو،تڏهن هن جي مرڻ تي، هن جو آميز تاريخ جيڪا لکي اٿس، سا هيٺ درج ڪجي ٿي.

در ناف نهفة حج از حجت الاهي
شر الدّواب دوران ناگاهہ مختصر شد
مفتي مرگ، فتويٰ داد اين بروز مرگش
ڪہ امروز بهر قربان جاسوس معتبر شد
بوده ڪمان ڪش شر، در ڪيش خود پسندي
آخر چہ طرفہ برجانش ڪارگر شد
گرچہ معاني شر ڪردي بيان ز نخوت
صد شڪر ڪز وفاتش آن شرح مختصر شد
دائم ڪلاغ صورت بوده جگر خور، اما
در مبرز هلاڪت چون حيفہ مستقر شد
آن باد سبلت او آخر و بال او شد
ڪان دختر خباثت، يڪبار منتشر شد
نفس شرير بودش پيوستہ در مظالم
الحمد ڪان شرارت از خلق در گذر شد
د جال وقت نرغش رو بہ صفت درآمد
ڪزڪينہ و فريبش برداشت او مستتر شد
دستار بر زمين زد، ابليس گفت آوخ
گنجينہ فنونم در خاڪ مدخر شد
تاريخ سال مرگش پرسيدم از دبيري
افسوس خرد گفتا **في النار والسقر شد**
1143

هن مان ظاهر آهي تہ مولانا رحمت الله، سلطان عالمگير جي وفات ڪانپوءِ ڪجهہ زمانو زنده رهيو آهي. ٻارهين صدي هجري جي وچ ڌاري وفات فرمائي اٿس. (مقالات و تحفۃ الڪرام)

(فائده) عنايت الله خان سلطان عالمگير جي مقرب مشيرن مان هو. سندس والد مرزا شڪر الله بہ مغليہ خاندان جي اميرن مان ٿي گذريو آهي. عنايت الله خان جي والده قرآن جي حافظ ۽ نيڪ سيرت عورت هئي. جنهن ڪري سلطان عالمگير پنهنجي نياڻي زيب النساء جي تعليم ۽ تربيت لاءِ مقرر ڪيو. جنهن وٽ زيب النساء اسلامي ادب سکيا ۽ قرآن ياد ڪيو. زيب النساء جي سفارش سان عنايت الله خان پهريان بادشاهہ جي حاضري ۾ ملازم ٿيو ان کان پوءِ ترقي ڪندي، بادشاهہ جي وزير اعظم اسد الله خان جي ٻاران پروانن تي دستخط ڪرڻ لڳو.

هو ڏاڍو پاڪيزه سيرت انسان هو. ڏاڍو پرهيزگار ۽ امانت دار ۽ صوفياءِ ڪرام جو معتقد نيڪ ڪار انسان هو.

سلطان عالمگير جيڪي بہ خط يا حڪم پنهنجي اولاد يا عملدارن ڏانهن موڪليندو هو، تن کي هن جمع ڪري، احڪام عالمگيري جو نالو ڏنو ۽ بادشاهہ جي دستخط ننڍا ننڍا رقعا جمع ڪري ڪلمات طيبات نالو رکيو. هو ڏاڍو خوشخط ۽ بهترين انشاء پرداز هو. ۽ بادشاهہ کي ان ڪري ڏاڍو وڻندو هو عالمگير جي وفات ڪانپوءِ سندس فرزند اعظم شاهہ وٽ رهيو. هڪ دفعہ بيت الله جو حج بہ پڙهي آيو. آخر 1139 ۾ هن دنيا مان وفات فرمائي ويو. (ماثرالامراء مختصرا)

## 164 ـ غضنفر خان عالمگيري

غضنفر خان ولد الہ وردلي خان جهانگيري هڪ سمجهدار امير پهريان شاهہ جهان بادشاهہ جي خدمت ۾ پهتو ۽ بادشاهہ جي حڪم موجب هن نهايت چالاڪي ۽ چستي سان ڪم سرانجام ڏنا.

13 سال شاهجهاني جلوس ۾ وقت توب خانہ جو داروغو ۽ فوج جو سنپاليندڙ جو عهدو سپرد ٿيو. انهيءَ سال شاهزاده مراد بخش سان بلخ جي ڪن قلعن فتح ڪرڻ لاءِ سڄي هٿ واري فوج جو سپهہ سالار ٿي روانو ٿيو. جتي وڏا وڏا ڪم سرانجام ڏنائين. ان کان پوءِ ڪيترو وقت يو پي (دوآبہ) جي گورنري تي مقرر رهيو.

بادشاهہ جي حڪم سان سهارنپور جي لڳ هڪ مخلص پور شهر آباد ڪرايائين جو آبهوا جي لحاظ کان بهترين خطہ آهي. جتي 5 لک روپين جي خرچ سان سرڪاري محلات قائم ڪرايائين. جڏهن حڪومت جون واڳون بادشاهہ عالمگير جي حوالہ ۾ آيون، تڏهن بادشاهہ جي غضنفر خان تي خاص نظر عنايت رهي. هو جونپوري جو گورنر ٿي رهيو. ان کان پوءِ 7 سال جلوس عالمگيري مطابق سن 1075هہ ٺٽہ جي گورنري تي پهتو. ڪيس پنجصدي هزار سوار ۽ سہ هزاري سہ هزار جو عهدو بہ عطا ٿيو، ٺٽي ۾ ٽن سالن رهڻ کان پوءِ پنهنجي طبعي موت سان ڏهين سال عالمگيري مطابق 1077 ٺٽہ ۾ ئي وفات ڪري ويو.

(ماثر الامراء و تحفة الڪرام)

## 165 ـ شاهہ جهانگير هاشمي

پيءُ جي طرفان چئن واسطن سان شاهہ قاسم انوار (مشهور ايراني شاعر سان) ملي ٿو. ۽ ماءُ پاران نعمت الله ولي سان سندس سلسلہ نسب ڳنڍجي ٿو. جهانگير هڪ ڪريم الطبع سيد پاڪ دين ۽ نيڪ عقيدي جو انسان هو. هو پنهنجي وطن (ڪرمان) سير جي ارادي سان روانو ٿي سنڌ ۾ پهتو. ان وقت سنڌ جو حاڪم مرزا شاهہ حسن ارغون هو؛ جنهن شاهہ صاحب جي آمد کي ڏاڍو نيڪ تصور ڪري سندس بي حد عزت ۽ احترام ڪيو ۽ هو سنڌ ۾ ئي رهجي پيو.

ڪيترن سالن کان پوءِ جڏهن واپس موٽيو. تڏهن سنڌ جي سرحد تي مڪراني لٽيرن هٿان سندس حياتي جي رشتي کي ڪپيو ويو. (اهو واقعو ڏهين صدي هجري ۾ ٿي گذريو.) مظهر الاثار مخزن الاسرار نظامي جي تتبع ۾ سندس مشهور مثنوي آهي.

ان کان سواءِ هڪ وڏو ديوان به يادگار ڇڏيائين. جنهن ۾ غزل قصيدا رباعيون آهن. هي ٿورا شعر ان مان آهن.

خوبرويان چه کسانند دل آرامي چند
دام بدنامي واشوب نکو نامي چند
ره که پيمانه ما پر شد درياي خمي
بکشيديم ز دست صنمي جامي چند
هاشمي قطع تمنا مکن و از صبح و صال
گر بنو ميدي هجران گز رد شامي چند

***

کجا است آن که مرا ساغري بدست دهد
نه درد گويد نه صاف هرچه هست دهد
چو هاشمي من و خون جگر که ساقي دهد
مي مراد بدون همتان بست دهد

***

بي تو نبود هوس ساغر مي در ما
گرهمه چشمه خورشيد بود ساغر ما
روزگاري است که زائل شده از گريه هجر
صورت خور مي از خاطر غم پرور ما

***

مي روم از گلشن کويت گراني مبرم
رخصت هستي بسته بار ناتواني مي برم
اين چنين کز آستانت مير وم نا داده جان
شرم ميدارم که نام زندگاني مي برم

***

مظهر الاثار مان چند شعر:

اي شده در علم وزارت علم
بر خط ارباب خط کش رقم

***

همچو قلم ناظم دفتر شوي
عامل معموره ڪشور شوي
زور ڪمن در خور بازو خوش است
سنگ بيزان ترازو خوش است
در عملي ڪوش ڪزان ڪسب ڪار
عاقبت ڪار شوي رستگار
سفلہ ڪہ زر در گره مشت اوست
هر درمي ناخن انگشت اوست

(هفت اقليم قلمي)

## مير محمد معصوم لکي ٺٽو

جهانگير هاشمي شاهہ طيب هروي جي اولاد مان آهي. هڪ شيرين ڪلام شاعر هو. مرزا شاهہ حسن جي شروعات بادشاهت واري زماني ۾ سنڌ ۾ اچي مقيم ٿيو. شعر جي سمورن نمونن ۾ بي نظير هو. مظهر الاثار جو تحت الاحرار جي جواب ۾ سندس طبيعت جو نتيجو آهي. سال 966 ۾ حج جي ارادي سان سنڌ مان مڪران جي رستي ڪان روانو ٿيو. وچ واٽ ۾ ڌاڙيلن ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو (معصومي) هن مان ظاهر آهي تہ شاهہ صاحب 946 هجري ۾ هن دنيا مان مڪران جي علائقہ ۾ شهيد ٿي ويو.

# 166 - محمد روش روشن ٺٽوي

محمد روشن نام، ذهين تخلص، روشن ذهن شاعر ۽ ذهين طبع فاضل هو. ٺٽہ جو حاڪم مرزا جاني بيگ تخلص وقاري جو سخن سنج ۽ نڪتہ پرور ۽ شاعرن جو قدر دان ۽ گنج بخش هو. ذهين مرزا جو معاصر ۽ مداح رهندو آيو. هڪ غزل ۾ فرمائي ٿو.

بذهني حاصل است در بي نيازي
وقار از درگهہ مرزائي غازي

يعني تہ ذهين هن بي نيازي يا بي پروائي واري حالت ۾ مرزا غازي جي درگاهہ مان ڪيس عزت ۽ وقار حاصل آهي. هن شعر ۾ مرزا

غازي جو نالو سندس تخلص سميت ذو معنيٰ واري طريقي تي، ادا ڪري ويو آهي. مرزا غازي کي جڏهن قندهار ۾ زهر ڏيئي نوجواني جي زماني ۾ شهيد ڪيو ويو (سن 1021هه) ذهين سندس ماتم ۾ هن دنيا فاني کان دل ڪٽي فقيري ۽ ويراني اختيار ڪئي مرندي تائين سير سياحت ڪندو رهيو. (مقالات الشعراء)

مير علي شير لکي ٿو تہ هڪ ڪتاب ۾ هن جي وفات 1009هه نظر مان گذري آهي. جڏهن اُن جا عدد ورتا تہ ”مرد ذهين“ مان سواءِ

109

ڪنهن گهٽ وڌ جي سندس تاريخ وفات جو سال حاصل ٿيو.

هوڏانهن انهيءَ ساڳي ڪتاب مقالات ۾ ۽ ماثر الامراء ۽ تحفة الڪرام ۾ مرزا غازي جي وفات 1021هه ثابت ٿيل آهي. پوءِ هي ڪيئن ثابت ٿيندو تہ مرزا وقاري جي وفات کان پوءِ درويشي اختيار ڪئي ۽ دنيا کان تارڪ ٿي رهيو پر فوت وري 1009هه ۾ مرزا کان اڳ ۾ ٿي ويو. معلوم ٿئي ٿو تہ مير قانع کي ذهين جي وفات جي صحيح تاريخ هٿ ۾ نہ آئي آهي. جنهن ڪري ئي لکيو تہ ”در نسخہ تاريخ وفاتش تسع الف بنظر آمده“

والله اعلم بالصواب

## 167 - قاضي محمد جعفري ٺٽوي

قاضي محمد اُچي پنهنجي زماني جي مشهور عالمن مان هو. اُچ ۽ ملتان جي گڙٻڙ ۽ فسادن کان پوءِ بکر ۾ اچي رهيو. ان کان پوءِ ٺٽہ جو قاضي مقرر ٿيو. حقيقت ۾ ديني علمن ۾ ڏاڍو ماهر هو ۽ عربي ادب جو ڏاڍو ڄاڻو هو. مقدمن جي فيصلن ۾ ڏاڍو انصاف ۽ احتياط کم آڻيندو هو. مرزا عيسيٰ ترخان جي اوائل حڪومت ۾ قضا جي هٿ، سندس حياتيءَ جو دفتر ويڙهي ڇڏيو (معصومي)

مير قانع لکي ٿو تہ قاضي محمد، حضرت جعفر طيار بن ابي طالب جي اولاد مان آهي. هو زماني جي مشهور عالمن مان آهي. اصل هرات جو رهاڪو هو. جتان پهريان اُچ ۾ اچي رهيو. ڄام نظام الدين جوڻي جي زماني ۾ جڏهن سيد ميران محمد مهدي جون پوري ٺٽي ۾

آيو تڏهن وقت جي عالمن هن تي ڪفر جون فتوائون ڏنيون. پر قاضي محمد جو حقيقت کان واقف هو. صوفين جي مقامن جي خبر هوس.

هن ولي ڪامل بابت ظاهري عالمن جي فتوائن کي پوري طرح رد ڪد ڏنائين، جنهن ڪري سيد ميران محمد مهدي، سندس حال تي توجہ فرمايو ۽ سندس ترقي ۽ سندس اولاد جي بلند مرتبہ تي رهڻ جي دعا فرمائي، جنهن ڪري سندس اولاد ۾ اڄ تائين بزرگي ۽ عزت جا آثار ۽ علامتون موجود آهن. جو زمانہ جي مختلف حوادثن ڪري بہ اُنهن ۾ انقلاب نہ اچي.

قاضي محمد ملتان ۽ اُچ جي انقلابي حالتن کان پوءِ بکر ۾ اچي رهيو، مگر سندس شهرت گهٽي حد تائين "اُچي" جي نالي سان ٿيندي رهي.

تڏهن قاضي شڪر الله جي درخواست تي ئي مرزا شاهہ حسن بيگ ارغون اهو عهدو قاضي محمد کي گهرائي ان جي سپرد ڪيو. ڇاڪاڻ هرات ۾ قاضي شڪر الله ۽ قاضي محمد جي وڏن جو ڏاڍو گهاٽو لاڳاپو هو. ان کان پوءِ ٺٽي ۾ ظاهري عزازت ۽ گڏ قبرستان هجڻ جو سيدن ۽ قاضين جو رابطو قائم ٿي ويو.

سيد ميران محمد جي برڪت جو ڪارڻ آهي. جو ڪائونس پوءِ بہ قضا جو منصب سندس اولاد ۾ ورثہ طور رهندو آيو آهي.

(تحفة الڪرام)

قاضي محمد جي خانداني ڪتب خانہ جي هڪ بياض تي، سندس سال وفات سن 962 نظر مان گذريو.

## 168۔ قاضي محمد يحييٰ ٺٽوي

قاضي محمد يحييٰ جعفري طياري بن قاضي محمد حسين ولد قاضي علي محمد بن شيخ فريد بن قاضي محمد اُچ. ٺٽي ۾ مرزا حسن ارغون سندس وڏو شيخ محمد اُچ قاضي مقرر ٿيو. ان کانپوءِ قاضي

محمد جو فرزندن شيخ فريد قضا جي مسند تي ويٺو. جنهن بابت مير قناع لکي ٿو تہ:

"درجا معيت علوم فريد عصر بود وبمحکمہ شريعت متکي وساده عزت شده" (تحفة الکرام)

شيخ فريد جي بعض فيصلن جا نقل مخدوم محمد هاشم جي تصنيفات ۾ ايندا آهن. شيخ فريد مرزا جاني بيگ ارغون جي زماني جو قاضي هو.

قاضي محمد يحييٰ، پنهنجي والد قاضي محمد حسين جي زماني ۾ ئي قضا جي عهدي تي فائز ٿيو ڇو تہ آخر عمر ۾ قاضي محمد حسين جي اکين جي بصارت ڪمزور ٿي وئي هئي، جنهن ڪري فيصلن لکڻ ۾ تڪليف ٿيندي هيس. قاضي يحييٰ پنهنجن وڏن وانگر شرعي فيصلن ۾ انصاف جون روايتون قائم رکيون ۽ تمام وڏي عزت سان حياتي گذاريائين. قضا جي منصب تي سلطان عالمگير پاران مقرر ٿيل هو. سندس عهدي ملڻ جي تاريخ عبدالباسط ٺٽوي فقره "نافذ العمل" مان ڪڍي آهي. هن بزرگ پنهنجي عهدي کي ڪاميابي

1103

سان هلائي سال 1137هہ ۾ وفات فرمائي.

اسد الله روشن تخلص سندس سال وفات هيٺئين مصرعي مان ڪڍي آهي. "مشعل دين متين بود محمد يحييٰ"

1137

مير قانع لکي ٿو تہ هن ۾ غلطي ڪان يحييٰ جي پوئين ياء کي ي ۽ الف ٻئي هڪ جاءِ شمار ڪيا اٿس.

ميان عبدالله واعظ ٺٽوي قاضي صاحب جي وفات جي تاريخ قرآن شريف جي هيٺئين آيت مان ڪڍي آهي. (ذالک الفوزالکبير"

1137

(مقالات – تحفہ – بياض ڪتب خانہ قاضيان)

# 169 ـ عبدالغني ٺٽوي

شيخ عبدالغني ولد مخدوم نور محمد ولد شيخ عبدالغني.

عبدالغني جو والد رواجي علمن ۾ هڪ وڏو مشهور عالم هو ۽ ساڳي طرح سندس ڏاڏو وڏي قابليت وارو ۽ دنيا جي مشهور ماڻهن مان هو. هي پاڻ سلطان عالمگير جي زماني کان وٺي شاهه شهيد فرخ سير جي زماني تائين ٺٽي جو امين ٿي رهيو. هن جي زندگي بلڪل اميرانه انداز ۾ گذرندي هئي. ۽ سندس مجلس جو نمونو بلڪل مرزا (عبدالقادر) بيدل (مشهور شاعر) جهڙو هوندو هو. ٺٽه جا وڏا ماڻهو ۽ علم جا شوقين سندس. خدمت ۾ درس وٺندا ۽ صحبتن مان فائدا پرائيندا رهندا هوا.

جيئن ته ميرڪ محمد افضل ميرڪ محمد احسن شيخ الاسلام جو والد ۽ مير ڪامران ضرب خانه جو محافظ يا داروغه ميرڪزوري مشهور شاعر جو پوٽو ۽ ٻيا سندس خدمت مان فائدو حاصل ڪندا رهندا هوا. سندس شاگردن مان ميان محمد صادق ۽ ميان قمرالدين ڪائونس شعر جو فن به حاصل ڪيو.

پاڻ شيخ عبدالغني هڪ وڏو باڪمال فارسي جو شاعر هو. هڪ وڏو آيوان يادگار ڇڏيائين، جنهن ۾ هر قسم جا شعر موجود آهن.

سندس شعر جو نمونو هن ريت آهي:

رسيده تا خيال خوي ڪرمش در دل تنگم
جلوه ريزه آمده گوي خزان در گلشن رنگم
مقيم شهر دلهايم ندانم ڪوهه صحرا را
بزلفت ڪايد از فرهاد و مجنون موبمو ننگم
ز ضعف و ناتواني باشدم ڪاخ سليماني
دهد مورے ضعيفے جا اگر در ديده تنگم
فغان در دل گره گشته رگ و پي خشڪ گرويده
نوازش ڪن ڪه بهردست بوست صورت چنگم

شيخ عبدالغني 1135 ۾ وفات فرمائي. مير قانع سندس وفات جي تاريخ هيٺئين فقره مان ڪڍي آهي. (في الجنت مثوبه) (مقالات)

# 170. عبدالباسط ٺٽوي

شيخ عبدالباسط هڪ نوجوان علمي استعداد جو مالڪ، شروع جواني جي زماني ۾ روزگار جي تلاش ۾ شاهجهان (دهلي) روانو ٿي ويو. ڪيترو ئي وقت ڪنهن عهدي جي ڳولا ۾ رهيو. پر ڪامياب نه ٿيو. آخر (عالمگير جي وزير) عنايت الله خان سان لاڳاپا پيدا ڪيائين، جنهن شيخ عبدالباسط لاءِ ڪيترائي دفعا بادشاهه کي توجهه ڏياريو ته کيس نوڪري ڏياري وڃي. مگر بادشاهه جي عادت هوندي هئي جو علم ۽ فضيلت وارن لاءِ اهڙو عهدو جنهن کي نوڪري سڏيو وڃي، قبول نه ڪندو هو. تنهن ڪري عنايت الله خان جي گذارش قبوليت ۾ نه ٿي آئي. ۽ شيخ جي گذران جو ڪو وسيلو پيدا نه ٿي ٿيو.

سلطان عالمگير جڏهن قلعه خيرار-ءمان بخش فتح ڪيو، تڏهن شيخ عبدالباسط تاريخ فتح هيٺين قرآني آيت مان ڪڍي، بادشاهه کي موڪلي. هذا عطائنا فامنن اوامسک بغير حساب (يعني هي اسان جو توتي احسان آهي پوءِ ٿورائتو ٿي ۽ ان کي پاڻ وٽ جهل سواءِ ڪنهن حساب جي) حساب ۾ عدد حساب جو نه آندو ويندو. بادشاهه جڏهن اها تاريخي آيت نظر مان ڪڍي، تڏهن فرمايائين ته حضرت صاحبقران امير تيمور جي زماني کان وٺي، جو روم جي فتح وقت غلبت الروم في ادني الارض جي آيت مان نڪتي آهي. وري هن شخص ئي چئي آهي. آخر عنايت الله خان جي سفارش سان شيخ عبدالباسط کي ٺٽي جي عدالت هلائڻ جو حڪم سپرد ٿيو دهلي ۾، ٺٽي ۾ اچي انهيءَ عهدي تي مقيم ٿيو.

پڇاڙي جمار ۾ بيت الله جو سفر ڪيائين ۽ حج ادا ڪري هميشه لاءِ وطن ۾ رهجي پيو. هو ڏاڍو ٻڍڙو ٿي ويو هو ۽ بدن جهور ٿي ويو هوس. مگر ان هوندي به عربي ڪتابن جو درس ڏيندو رهندو هو. شعر شاعري ۾ تمام وڏي قابليت وارو هو. خصوصا تاريخ جي ماده ڪڍڻ ۾ بلڪل وڏو دسترس هوس. (مقالات)

اگرچه سندس وفات جي تاريخ جو پورو پتو نه ٿو پوي پر 1130 کان پوءِ وفات ڪئي اتس چاڪاڻ جو انهيءَ سال ٺٽي جي ڪنهن سادات

ڪي فرزند ڄائو، جنهن جي تاريخ تولد "زهي گل نو خاندان رسول" مان ڪڍي اٿس. بهرحال 12 هين صدي جي فاضلن مان آهي.

## 171 – سيد مراد علي بکري

سيد مير مراد علي ولد سيد جمن شاهه (متوفي 1191) ولد مير جان محمد رضوي بکري معروف بہ جان الله شاهه شاعر صوفي مريد شاهه عنايت الله صوفي شهيد 1130هه.

مراد علي شاهه روهڙي ۾ رهندو هو ۽ مير علي مراد خان ٽالپر جو هم عصر ۽ علمي مصاحب هو. هو عربي ۽ فارسي زبان جو وڏو ماهر ۽ ڄاڻو هو. هن جي عربي داني ۽ قابليت جو هن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جو سيدنا حضرت عليؓ جي خطبات نهج البلاغة جو فارسي ترجمو ڪيو اٿس. ترجمه جي شروع ۾ ڄاڻايو اٿس تہ مون کي ڪتابن جي مطالعه ڪانپوءِ دل ۾ حيدري مذهب جي محبت پيدا ٿي ۽ هي ترجمو انهي اشتياق پوري ڪرڻ لاءِ لکان ٿو. ترجمه کي سر مير علي مراد خان جي نالي عنوان ڪيو اٿس.

ترجمه تي شرح ۽ سمجهاڻي طور حاشيہ بہ لکل آهي جنهن ۾ لغت جي مشڪل الفاظن جو حل ڏيندو وڃي ٿو. ترجمه غره رمضان المبارڪ 1207 ۾ شروع ڪري 21 صفر 1208 ۾ ختم ڪيو اٿس.

سيد صاحب وڏو زميندار ۽ جاگيردار هو. پوئتان فقط هڪ نياڻي ڇڏي هن دنيا مان سن 1320 لاڏاڻو ڪري ويو.

## 172 ـ سيد يقيق بخاري

مير قانع لکي ٿو تہ "سيد يقيق بزرگي معروف شمال رويہ اورنگابندر بفاصلہ شش گروهي مدفون درگاهش برارنده حاجات هرگو نہ عليان را دارالشفا ڪرامت است" (تحفة الڪرام)

يعني تہ سيد يقيق هڪ مشهور بزرگ آهي. جو اورنگابندر کان 6 ڪوهہ پري دفن ٿيل آهي. سندس درگاهه ڪم پورا ڪندڙ ۽ هر قسم جي بيمار لاءِ دارالشفا آهي.

غلام رسول صديقي هالائي لکي ٿو تہ:

سيد يقيق اڳوڻن ولين مان آهي. فيض ۽ فتوح جو مالڪ سندس موت کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين ڪوڙهيا هن ولي جي مقبري تي وڃي پوندا آهن ۽ گهڻو ڪري چڱا ڀلا ٿي ويندا آهن. سندس قبر ڪڪرالہ جي ديهہ ۾ آهي. (ارشاد الطالبين قلمي)

شاهہ يقيق جو تفصيلي احوال هن ريت آهي. هو اُچ جي بخاري سادات مان آهي. سندس سلسلہ نسب هن ريت آهي.

سيد يقيق بن سيد شريف بن سيد عبدالله بن سيد عبدالحميد بن سيد عبدالمجيد بن سيد علي اصغر بن سيد محمود بن سيد علي بن سيد جلال الدين بن سيد الموئد علي بن سيد جعفر بن سيد محمود بن سيد احمد بن سيد عبدالله بن سيد علي صغر بن سيد جعفر ثاني بن امام تقي بن حضرت امام موسيٰ رضا بن امام موسيٰ ڪاظم بن حضرت امام جعفر صادق بن امام محمد بقر بن علي زين العابدين بن امام حسين بن حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنهم. سيد صاحب سنہ 835هہ ۾ اُچ ۾ تولد ٿيو ۽ شروع نوجواني ۾ سنڌ هليو آيو. پهريان ڪجهہ وقت هاٿوڪي ضلع ٿرپارڪر ۾ رهيو ان کان پوءِ ڪڪرالہ جي علائقہ ۾ هليو آيو اُتي ميان محمد عثمان عباسي جي نياڻي سان نسبت ٿيس. مگر ڪن دشمنن شادي جي رات سال 855 ۾ شهيد ڪري ڇڏيو، جڏهن سندس چمار ويهہ ورهين جي مس ٿيل هئي اهو واقعو اورنگا بندر جي ڳوٺ ۾ ٿي گذريو. (رسالہ سوانح شاهہ يقيق قلمي)

انهي رسالي ۾ سندس ڪرامتون ۽ ٻيون حالتون بہ گهڻي قدر بيان ٿيل آهن. مگر انهن سڀني جو مدار سندس وفات کان پوءِ جي واقعن تري آهي. جنهن سان اسان جو ڪربہ لاڳاپو ڪونہ آهي. مٿيون نسب نامہ بہ انهيءَ قلمي رسالہ تان ورتل آهي جو گهڻي قدر صحيح نہ آهي. شاهہ يقيق جو مقبرو شاهہ بندر تعلقہ ۾ چوهڙ جمالي ۽لاڏين جي وچ ۾ رستي تي آهي. جتي سال بہ سال وڏو ميلو لڳندو آهي. سندس سهري عثمان عباسي جو قبو بہ شاهہ بندر تعلقہ ۾ لاڏين جي ڳوٺ کان 5 ڪوهن جي مفاصلي تي آهي، جتي بہ سيءِ ڪنهن ماهہ، پهرين آچر تي ميلو لڳندو اچي ٿو. اورنگا بندر هن وقت قتل دڙا ٿيو پيو آهي.

# 173. مخدوم محمد صالح وزير آبادي

وزير آباد لڪي جي لڳ تعلقہ سڪر ۾ مهرن جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي اتي جي مشهور ماڻهن مان 13 صدي هجري ۾ مخدوم محمد صالح نقشبندي ٿي گذريو آهي. هڪ عالم صالح ۽ وڏو نيڪ ڪار بزرگ هو. نقشبندي طريقي ۾ پير خواجہ نظام الدين مجددي شڪارپوري جو مريد هو ۽ حڪمت ۾ لڪي جي ساداتن سان سندس لاڳاپا هوا. سندس مرشد وفات ڪئي تہ قطعہ تاريخ هن بزرگ جو لکيل سندس مقبره تي لڳل آهي، جنهن مان هن جي عقيدت مندي جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. هو پاڻ بہ نقشبندي طريقي ۾ مريد ڪندو هو ۽ پنهنجي وقت ۾ عام ماڻهن جو مرجع هو.

مخدوم محمد صالح ٻين انساني خوبين سان گڏ فارسي جو نهايت عمدو ۽ قادرالڪلام شاعر هو. سندس نظمون گهڻي حد تائين نعت النبي ۾ آهن. جن مان نموني طور ڪجهہ هيٺ درج ڪجي ٿو. فارسي دان قابليت وارا سندس ڪلام جي پختگي ۽ روانگي جو اندازو لڳائي سگهن ٿا. فرمائي ٿو.

بيا ساقي بگردان جام مي را
جزاک الله في الدارين خيرا
صبا از منزل ليليٰ بيا ور
پئي مجنون شميم خاک حي را[1]
سرم مخمور از عشق رسول است
مغني خوش نواکن چنگ ني را
خداي پاک از فرط محبت
گزيده سرور فرخنده پئي را
صلاءِ عام خدا جنا بش
نموده طے بساط جود طے را[2]
بحمد لله کہ نام پاک احمد

---

[1] ليليٰ جو قبيلو

[2] حاتم طائي جو قبيلو

چو شهد و شير شيرين کرد ني را[3]
ز عشقش صالح بيخود نداند
کنون تاب تموز رنـــج وي را[4]

## ايضاله

از کف ساقي گرفتم جام را
نوش کردم باده ڳُلفام را
کعبہ مقصود — يا فتم
بستم از شوق درون احرام را
در سرم سودائي عشق آمد پديد
خواهم از گيسوش برپا دام را
تاز زلفش ساختم ز نار دل
کفر داده رونق اسلام را
خستگان عشق اين داند رموز
نيست آگاهي ازو هر خام را
من مريد پير عشقم از ازل
تا ابد خواهم قوي انجام را
تاخت فوج لشکر عشق از کمين
بر کشيده عقل نا فرجام را
اضطراب عشق او تسکين ما است
ما نمي خواهم کنون آرام را
اي صبا زين عندليب خستہ گو
اشتيا قم عرض آن ڳلفام را
در حضور مصطفيٰ در طيبہ
قاصدا از من ببر پيغام را

[3] وات نڙي
[4] جولائي مهينو

هي تمام طويل قصيدو آهي. جنهن جي تشبيب هتي آندي وئي آهي. تشبيب کان پوءِ جيڪو گريز ڪيو اٿس. تنهن مان سندس قابليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ۽ هن جي قادر ڪلامي جو داد ڏيڻو پوي ٿو. خواجہ حافظ شيرازي جي هڪ غزل جي نعتيہ تضمين ڪئي اٿس. جنهن جي آخر ۾ فرمائي ٿو:

اے خوش آن کس کز فيض عشقت مدح خواني ميکند
هر گدائي بارگاهت کامراني مي کند
با غم عشق تو صالح شادماني مي کند
بلبل شيراز تلقين خوش بياني ميکند
خسرو وا پيرا نہ سر حافظ جواني ميکند
بر اُميد عفوجان بخش گنہ فرسائي تو

مخدوم صالحؒ جهڙو فيض بخش ۽ فيض رسان عاشق رسول هن دنيا فاني مان سن 1268ھ ۾ وفات فرمائي داراجاوداني ۾ وڃي آراميو. ۽ عشق جي طفيل پنهنجي محبوب جي جوار ۾ جاءِ لڌائين. سندس تاريخ وفات جو قطعہ ميان نور محمد پيرزاده عبدوي هيٺين ريت نظم فرمايو آهي.

زهي واصل حضرت ذوالجلال — پسنديده مصطفيٰ در حضور
وسيلہ جهان رهبر خاص و عام — از و فيض حق گشت هر جا ظهور
عجب خاور آفتاب علا — کہ رخشان کند سينہ را زنور
چو آهنگ ترحيل دنيائے دون — نموده بحکم خدا، باسرور
ز هاتف شنيدم صداي بگوش
از و گشت راضي خداي غفور

سن 1268ھ

## 174 – ميان نور محمد پيرزاده عبدوي

تعلقہ سکر ۾ عبد ولهر جو هڪ مشهور قصبو آهي، جتي ميان نور محمد پيرزاده پيدا ٿيو ۽ پنهنجي خانداني استادن وٽ پڙهي، عربي ۽ فارسي جي فضيلت ڪيائين.

سکر تعلقي ۾ مخدوم شاهہ عثمان هڪ مشهور بزرگ شيخ الاسلام بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني جو سنڌ ۾ خليفو هو ۽ سندس وفات سن 706هہ ڌاري وڃي ٿي.

تعلقہ سکر ۾ شاهہ عثمان جي اولاد ڪي پيرزادو سڏيو ويندو آهي، هي مياڻ نور محمد صاحب بہ عثمان چوٿون پيرزادو آهي، مگر جيئن عام پيرزاده ملتاني جي خلافت ڪري سهروردي طريقي جا مريد رهيا ايندا آهن. تيئن ميان نور محمد نہ هو. پر هو صاحب لڪي جي ساداتن جي علمي سنگت سبب لواري واري بزرگن سان بيعت ڪري نقشبندي طريقي جو فقير ٿيو. ۽ ذڪر اشغال ۾ پوري ڪماليت حاصل ڪيل هوس. مگر بي حد بي نفس ۽ خاموش زندگي گذاريندو هو. ڇمار بہ وڏي حاصل ڪيائين، هن سنڌ جي انگريزن جو قبضو ۽ ميرن جو زوال بہ ڏٺو. فارسي شاعري ۾ خاص قطعات تاريخ جو ڏاڍو ماهر هو. هن پنهنجي خاندان جي ڪيترن بزرگن جي وفات جون نظمون فارسي ۾ لکيون آهن. ٽالپرن جي زوال ۽ مير صاحبن جي گرفتاري جي تاريخ واقعہ ڪي جنهن انداز ۾ نظم ڪيو اٿس سو هيٺ ڏجي ٿو. فرمائي ٿو.

چون بيفتاد از مراتب جاه — صوبيدار ولد غلام علي
ديگر مير مير محمد خان — پور عالي تبار فتح علي
مير شهزاد خان [1] مير نصير — ابن الابن بن مراد علي
حيدرآباد و ملک سنده تمام — همہ ز انصاف سان مدام جلي
همہ جس آسمان کرده — ملک شان را دگر نمود ولي
سال تاريخ يکهزار دو صد — چهلم دو ونہ زے است جلي
گفت هاتف ز سال آن مردان — ڪہ کنار بکشت سيل عليؑ

تاريخ وارو مصرعو ميان نور محمد جي بياض تان اڌوهي کائي چڪي هئي، جنهن ڪري پورو سمجهہ ۾ نہ آيو.

ميان نور محمد جي وفات 13 محرم الحرام سن 1320هہ ۾ ٿي گذري. ڪنهن شاعر سندس مرثيو لکيو آهي. جنهن جا چند شعر هيٺئين ريت آهن.

---

(1) مير شهزاد خان بن مير نور محمد بن مراد علي خان، نصير خان بن مراد علي خان

آن ڪہ بد خلق را امام زمان
صاحب شرع همہ يگانہ زمان
چون ڪہ رفت از جهان بجنت خُلد
جستم از سال انتقال نشان
ناگهہ از هاتفم رسيد آواز
ڪہ بہ جنت الخلد شد امام زمان

نوٽ: پوئين مصرعہ تاريخ جو سال حاصل نہ ٿيو. هي قطعہ فقط هن لاءِ آندو ويو آهي تہ ميان نور محمد ڪي پنهنجا شاگرد ڇا سمجهندا هوا.

## 175۔ سيد عبدالملڪ بڪري

نائين صدي هجري جي وڏن مشائخن قادريہ طريقي مان هو. خضر خاندان جي مشهور بادشاهہ علاو الدين شاهہ عالم (متوفي 883) دهلي جي بادشاهہ، بڪر مان دهلي گهرايس، جتي خلق جي هدايت ۾ مشغول رهيو. آخر اسلام جي لشڪر سان اڙيسي جي علائقہ ۾ شهادت جو شربت چکيائين. اهو واقعو 855 سن ۾ ٿي گذريو.

مفتي غلام سرور لاهوري، سندس وفات جو قطعہ تاريخ هيٺيئن ريت لکيو آهي.

متقدي دو جهان عبدالملڪ — هادي و مهدي امين سيد شريف
855 855
رحلتش خوان مقتدا پير زمان — نيز ڪامل امام دين سيد شريف

## 176۔ سيد عبدالواسع بڪري

عبدالواسع بن عبدالملڪ بڪري، هي بزرگ پنهنجي والد سان گڏ بڪر (سنڌ) مان علاوء الدين شاهہ بادشاهہ جي گهرائڻ تي دهلي آيو هو. پنهنجي والد جي شهادت ڪانپوءِ دهلي مان هجرت ڪري، سرهند شريف ۾ اچي مقيم ٿيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين ۽ مقبرو بہ اُتي ئي آهي. قطعہ تاريخ از مفتي غلام سرور لاهوري.

عبدالواسع سيد هر دوسري- مقتدا و رهنما و متقي
شمع عشق و صال پاڪ او - باز فرما سيد مخلص ولي
880 880

سيد عبدالواسع بکري جي پويان سيد عبدلخالق قادري طريقي جو پير يادگار رهيو. هو سرهند مان نقل ڪري اچي لاهور ۾ رهيو. لاهور جي مشهور بزرگ سيد محمود حضوري (متوفي 942) جي دامادي ۽ مريدي جو شرف حاصل ٿيس. لاهور ۾ هڪ وڏو تلاءُ نهرايائين جتان مريض غسل ڪري شفاياب ٿيندا هوا. هن بزرگ سن 907 هجري ۾ وفات فرمائي. (گنج تاريخ از غلام سرور لاهوري)

## 177- سيد عبدالله بکري

سيد عبدالله بن سيد اسد الله بکري، سيد قطب الدين بکري جي اولاد مان چشتي طريقي جو پير ۽ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. بکر جي قلعي مان هن وقت به سيد قطب الدين يعني شاهه قطب جي مزار مبارڪ موجود آهي. سيد عبدالله جو ساڻس هيٺئين ريت سلسله نسب ڳنڍجي ٿو.

عبدالله بن سيد اسد الله بن سيد برهان الدين بن سيد عبداحمان بن سيد خواجه محمد جان بن سيد محمد سمعان بن سيد منصور بن سيد قطب الدين بکري.

سيد عبدالله صاحب مغليه سلطنت واري زماني ۾ بکر مان سير سياحت جي ارادي سان هندستان جو سفر ڪندي، بهار پرڳڻي ۾ اچي وارد ٿيو ۽ مخدوم الملڪ سيد شرف الدين احمد بهاري جي درگاهه تي اچي مقيم ٿيو. ۽ اتي ڪشف طور روحاني ارشاد ٿيس ته هن ملڪ ۾ رهي پوي.

درگاهه تان روانو ٿي جهنگل ۾ هڪ تلاءُ تي بيٺل وڻ هيٺان توڪل ڪري ويهي رهيو، جنهن ڪان پوءِ ڪيترائي معتقد ۽ مخلص ماڻهو سندس چو طرف گڏ ٿيڻ لڳا. عام ماڻهن جو هڪ وڏو هجوم ٿيڻ لڳو.

سيد اسد الله سندس والد جو هن جي جدائي ۾ سخت پريشان هو. آخر اهو صاحب پنهجي بي بي سميت پنهنجي فرزند جي ڳولا ۾

نڪتو جو آخر هن ڪي ٻهار پرڳڻي جي انهيءَ ڳوٺ ۾ اچي مليا، جتي هن صاحب پنهجي درگاهہ جو بنياد رکيو هو. هن وقت انهيءَ ڳوٺ جو نالو "شيخپوره سيدان" سان مشهور آهي. هن وقت بہ سيد صاحب جو اولاد سجاده نشين ۽ جاگيردار آهي. بکري سادات جي نالي سان شهرت جو مالڪ آهي. (رسالہ صوفي 1924)

## 178- سيد علي سيوستاني

هي بزرگ اصل شيراز جو رهاڪو مخدوم شهباز قلندر جي سفر جي ساٿين مان آهي. جو اخيردم تائين ساڻس رهندو آيو. چون ٿا تہ هو اميرانہ زندگي گذاريندو هو تہ اوچتو جذبي محبت الاهي پيدا ٿيس. مخدوم لعل شهباز جي سنگت ۾ رهي سيوهڻ ۾ اچي رهيو. هو شيخ علي بغدادي کان پوءِ ٻئي نمبر ۾ شهباز جو خليفو هو. شيخ علي پنهنجي حياتي ۾ ئي، آهي سڀ شيون سپرد ڪيون، جيڪي سهروردي قلندري طريقي ۾ فقيرن سان لاڳو رهنديون آهن.

شيخ علي بغدادي جي وفات 687 کانپوءِ هي بزرگ فقيرن جي سنڀال ۽ ذڪر جي تلقين ڏيندو رهيو مگر پاڻ ساڳي صدي ۾ وفات ڪيائين ۽ لعل شهباز جي قبہ جي ايرندي کان ڪيس دفن ڪيو ويو. رحمت الله عليہ (سير قلندري از خضر علي سيوستاني)

## 179- پير سيد محمد بقا شهيد لڪعلوي

عارف ڪامل فاضل اجل سيد محمد بقا لڪياري پير سيد حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمت الله عليہ جو والد ۽ راشدي خاندان جو مورث اعليٰ. سنڌن وڏا لڪعلوي مان لڏي اچي سائدي (ديهہ گاگڙي هاڻي تعلقہ گمبٽ) ۾ مقيم ٿيا. ان کان پوءِ سيد صاحب پنهنجن عزيزن کان جدا ٿي، رحيم ڏني ڪلهوڙي جي ڳوٺ ديهہ فريد آباد ۾ اچي ويٺو.

(رحيم ڏني ڪلهوڙي جي نياڻيءَ جي اولاد مان ڳڙهي ياسين تعلقہ ۾ وڏيرن جو خاندان آهي، جن جون اجا تائين راشدي خاندان سان مائٽيون آهن).

رحيم ڏني ڪلهوڙي جي ڳوٺ ۾ رهڻ وارن ڏينهن ۾ پير صاحب جناب مخدوم اسماعيل پريالوءِ واري سان نقشبندي طريقي ۾ بيعت ڪئي ۽ سندن سلسلو هيٺئين ريت، امام رباني مجدد الف ثاني سان وڃي رسي ٿو.

پير سيد محمد بقا لڪياري مريد مخدوم اسماعيل (متوفي ) جو اهو خواجہ جمال الله سنڌي جو اهو حافظ حاجي ايوب سنڌي جو اهو مريد شيخ سعدي لاهوري جو اهو سيد آدم بنوري (متوفي) اهو حضرت امام رباني شيخ احمد مجدد الف ثاني جو.

هڪ دفعي مخدوم اسماعيل رحہ کيس فرمايو تہ تنهنجي بيعت هڪ ٻئي بزرگ سان بہ ٿيڻ واري آهي هو تو وٽ مسافر ٿي اچي مقيم ٿيندو ان کان توکي فيض ۽ هدايت حاصل ٿيندا. پير صاحب عرض ڪيو تہ ان جي سڃاڻپ جي ڪهڙي علامت آهي؟ مخدوم صاحب فرمايو تہ هنجي سامهون ڪا مئل شئي زنده ٿي پوندي. پير محمد بقا وٽ مينهون هيون. جن تي پاڻ بہ گذران ڪندو هو ۽ مهمانن ۽ مريدن کي ماني کارائيندو هو. هڪ دفعي بغداد جو پير سيد عبدالقادر ثاني (متوفي 1190) سنڌ جو سفر ڪندو، روهڙي شريف ۾ موءِ مبارڪ جي زيارت لاءِ آيو ۽ ان کانپوءِ پير محمد بقا جو مهمان ٿيو ۽ مرده کي زنده ڪرڻ واري علامت وٽانئس ڏسڻ ۾ آئي. جنهن کانپوءِ قادري طريقہ ۾ ساڻس بيعت ڪيائين.

ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ هڪ ٻلي رستي ۾ پيل هئي، سا سيد عبدالقادر بغدادي ثاني جي ڏٺي سان زنده ٿي پئي. گلزار قادري جي مصنف لکيو آهي، بغدادي پير صاحب کي مهماني ۾ مڇي تريل ۽ ماني ڏني ويئي، جنهن تي بغدادي صاحب فرمايو تہ ميان محمد بقا مڇي تہ جيئري آهي. اها ڪيئن کائڻ لاءِ آندي اٿو. عرض ڪيائين تہ سائين مان تہ ترائي ڪٽي آيو آهيان. پوءِ ڏنو ويو تہ مڇي جون ڪرڙيون ڦٽڪي ٻاهر ٿيڻ لڳيون. ان کانپوءِ حضرت محمد بقا صاحب بہ پنهنجي مرشد جي بيعت ۾ هم رڪاب ۽ هم سفر رهيو. آخر بغدادي پير صاحب ضلع جهنگ پنجاب جي ڳوٺ سڏانہ ۾ اچي مقيم ٿيو ۽ هميشہ اتي رهڻ جو ارادو ڪيائين. جنهن کانپوءِ جڏهن پير محمد بقا صاحب کانئس رخصت وٺي ڳوٺ موٽڻ لڳو، تڏهن مرشد صاحب فرمايس تہ

جڏهن واپس اچو تڏهن رام تڙ (روهڙي) جا ڏنڊڻ پاڻ سان آڻجو. جناب پير محمد بقا صاحب ڳوٺان ڪم ڪار لاهي دوباره مرشد جي ملاقات لاءِ روانو ٿيو. تڏهن پير ڪوٽ (سڌاڻي جي ڀاهران) 7 ميلن پهچڻ وقت پنهنجي مرشد جي ڏنڊڻ آڻڻ وارو ارشاد ياد پيو، جنهن تي ڏاڍو افسوس ٿيس ته هاڻي مرشدن کي ڪهڙو جواب ڏيندس. آخر پڪو ارادو ڪري وري سنڌ ڏانهن واپس وريو. ۽ هلندي هلندي اچي روهڙي وٽان ڏنڊڻ هٿ ڪيائين ۽ جنهن ڪانپوءِ منزلون طئه ڪندي آڻي مرشد جي خدمت ۾ حاضر ڪيائين.

پير عبدالقادر ثاني ميان صاحب کي ڳلي لڳايو ۽ نهايت قرب ۽ محبت سان پيش آيو. ارشاد فرمايائين ته آئنده اوهان ۽ اوهان جي اولاد تان اسان ڏانهن سفر ڪرڻ معاف آهي. هي به ارشاد فرمايائين ته تنهنجي اولاد ۾ غوث ۽ قطب پيدا ٿيندا، جيئن ته ائين ٿيو. ان کان پوءِ پير ميان محمد بقا کي ڪجهه تبرڪات ڏئي سنڌ ڏانهن رخصت ڏنائون جنهن صاحب سنڌ ۾ رهي سوَن ماڻهن کي قادري ۽ نقشبندي طريقن تي فيض پهچايو.

زندگي جو سمورو پويون حصو فقط مهمان نوازي ۽ ياد خدا ۾ گذاريندو رهيو.

هڪ دفعي شيخ طيب جي قبرستان لڳ هڪ مسجد ۾ پٽر جي وڏن داڻن واري تسبيح ڦيرائي خاموش ذڪر ڪري رهيو هو. داڻن جو ٺهڪو يا ڪڙڪو بلند ٿي رهيو هو. رستو ويندي ڪن چورن ڪڙڪو ٻڌي گمان ڪيو ته شايد ويران مسجد ۾ ڪو ماڻهو روپيا ڳڻي خزانو پوري رهيو آهي جنهن تي هن بزرگ تي بي خبري ۾ ڪاهي آيا ۽ ڪيس ترارن جا ڌڪ هڻي شهادت جي درجي تي پهچايائونس. مگر پوءِ ڏنائون ته الله واري وٽ ڇا رکيو هو؟ ڪنهن شاعر سندس شهادت جو قطعه تاريخ هيٺئين ريت لکيو آهي:

چون سيد محمد بقا شد شهيد
حلاوت از رحمت الاهي چشيد
بسي بود نافع بهر خاص و عام

کزو زود طالب فدا شد رشيد
خرد سال تاريخ او در دلم
بگفتا بدرجہ شهادت رسيد
1198

پنهنجي پوين چار فرزند ڇڏي ويو. (1) سيد عبدالرسول شاهه (2) سيد ميان عبدالسليم شاهه (3) پير سيد محمد راشد شاهه صاحب (عرف روضي ڌڻي) (4) پير سيد علي مرتضيٰ شهه صاحب.

## 180. پير سيد صبغت الله شاهه راشدي

عالم فاضل صوفي ڪامل حافظ سيد صبغت الله ولي پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي عليہ الرحمت. هي بزرگ حضرت روضي ڌڻي جي سيني فرزندن ۾ وڏو فرزند ۽ سندن گادي نشين ٿيو. ۽ انهيءَ ڪانپوءِ هن خاندان جي گادي نشين بزرگن تي پاڳاري جو لقب پيو.

ظاهري علمن جي ختم ڪرڻ ڪانپوءِ نقشبندي ۽ قادري طريقہ ۾ سلوڪ جون سموريون منزلون پنهنجي والد بزرگ جي خدمت ۾ ختم ڪيائين. والد بزرگ جي مٿس ايڏي مهرباني هئي جو عام مريد ۽ ٻيا ماڻهو انهيءَ وقت ۾ ئي هن صاحب کي خليفت الله جي لقب سان سڏيندا هوا ۽ سندس بيحد ادب ڪندا هوا. سي جدا جدا پاڙن ۾ ورهائجي ويا. مگر هن صاحب پنهنجي عقلمندي سان هڪ اهڙي سرفروش جماعت جو بنياد رکيو جنهن تي سندس پوٽي جناب پير حزب الله شاهه صاحب جي زماني ۾ ”حرن“ جو لقب پيو.

سفر يا حضر ۾ هن بزرگ جي عادت هئي تہ مولانا روم جي مثنوي جا ڪي ٽڪرا پڙهي ان جو ترجمو جماعت کي ٻڌائيندا ۽ تصوف جا نڪتا بيان ڪندا هوا. بعض وقتن تي قرآن ۽ حديث بيان فرمائي وعظ ڪندا هوا. اگرچہ پنهنجي مائٽن جي رواج موجب حنفي مذهب جو پابند هو مگر ان هوندي بہ ڪيترن مسئلن ۾ هنجو پنهنجو مجتهدانہ رنگ هوندو هو. سندس زماني ۾ جي علمائن هن ڳالهہ ۾

اختلاف پيدا ٿيل هو ته جمعه نماز ڪانپوءِ (آخر ظهر) اڳين جون چار رڪعتون پڙهجن، يا نه. گهڻن حنفي عالمن جو خيال هو ته پڙهڻ گهرجن، ڇو ته جمعه نماز ادا ڪرڻ لاءِ ضروري شرط آهي ته وڏو شهر هجي. ۽ ان ۾ حاڪم مسلمان، اسلامي حڪم به جاري رکندو اچي ته پوءِ جمعه فرض ٿيندو. جيڪڏهن ائين نه هوندو ۽ پوءِ به جمعه پڙهيو ويو ته اهڙي مشڪوڪ حالت ۾ ظهر جون فرض چار رڪعتون به پڙهجن.

ان بابت سنڌن فتويٰ هئي ته خليفو يا مسلمان بادشاهه جو شرط غير ضروري آهي، تنهن ڪري جتي به اچي ته جمعه ادا ڪري ڇڏجي. سنڌس تحرير جي عبارت هيٺين ريت آهي:

وجبت الجمعة اين ماكان المصرالذي ورد في شانه انا مدينة العلم وكان الخليفة الذي كان في حقه اني جاعل في الرض خليفة. وكان الجماعة موجودا اعني مكان الذي سمي بجمع الجمع

(خزينة المعرفت)

هن عبارت جو اصل مطلب هيٺين سوال مان نڪري ٿو. جو خليفه ملا حبيب الله هالائي ڪائون سوال ڪيو ته جمع ۾ خليفه جو شرط ڪيئن آهي. پاڻ فرمايائون ته انسان خدا جو خليفو آهي پوءِ جتي به جمعو ادا ڪري جائز آهي. خليفه گل محمد هالائي (مصنف ديوان گل) کي هڪ سوال جو جواب ڏيندي فرمايائون:

نماز آخر ظهر از شک عدم جواز جمعه مي خوانند. و عبادت شکي هيچ نيست و نماز آخر ظهر نيز هيچ نيست (خزينة المعرفت)

اصل ۾ آخر ظهر نماز جي غير ضروري هجڻ ۽ جمعه جي تعيين سان ٿيڻ جو قائل شروع ۾ خاندان جو باني، پير سائين روضي ڌڻي رحمت الله هوا. ان ڪانپوءِ اهو مسئلو هن جماعت ۾ مضبوط ٿيندو ويو.

پير سائين صبغة الله جماعت کي نماز پاڻ پڙهائيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن بانگ به پاڻ ڏيندو هو. هڪ دفعي صبح جي بانگ ڏيندي "اصلوات خير من النوم" جو جملو چوڻ وسري ويو. پوءِ ڪنهن فقير ياد ڏياريو. مگر مجتهدانه رنگ ۾ جواب ڏيڻ فرمايائين ته جيڪا

جماعت نوم يا نئين ۾ هجي، تنهن لاءِ اهو جملو ضروري آهي. مگر جا جماعت هميشه سجاڳ آهي. تنهن لاءِ غير ضروري آهي. يعني ته فراموشي واري حالت ۾ به اها تاويل ڪئي رئي.

نماز تراويح سمورو مهينو جماعت، سان پڙهڻ ضروري نه سمجهندو هو. جيئن امام مالڪ رحه جو مذهب آهي. رمضان شريف جي پوئين ڏهي ۾ اعتڪاف ڪندو هو. ۽ جمعة الوداع جو هڪ خاص رنگ ۾ نظم و نثر ۾ خطبو پڙهندو هو. رمضان شريف جي مهيني ۾ سندس ڳوٺ ۾ ڪوبه مسلمان کليو کلايو نه کائي سگهندو هو. هڪ دفعه مير سهراب خان جو نوڪر، پير ڳوٺ ۾ رمضان شريف ۾ کائي رهيو هو. جنهن کي جماعت جي فقيرن روڪيو هو مگر هن پرواهه نه ڪئي. چو ته حاڪم جو ماڻهو هو. پير صاحب کي اطلاع ڪيو ويو، جنهن ارشاد فرمايو، اسان کي سراب جي عزت کان اسلام جي عزت وڌيڪ ڪرڻي آهي. ضرور مير جي نوڪر کي تعذير ڏنو وڃي، آخر هنجو منهن ڪارو ڪري، گڏهه تي چاڙهي شهر ۾ شهرت ڪئي وئي.

ٽالپرن جو زمانو هو. هڪڙا حيدرآباد ته ٻيا خيرپور ۾ حڪمراني ڪري رهيا هئا. هوڏانهن پنجاب ۾ رنجيت سنگهه جو راڄ هو. انگريز سيني جي ڪمزوري مان فائدو وٺي، آهسته آهسته ملڪ ۾ پير کوڙيندو ويو ٿي. سکن جي ظلمن ڪري دهلي مان شاهه عبدالعزيز بن امام ولي الله دهلوي جهاد جي تحريڪ هلائي، جنهن جي وفات کان پوءِ سندس مجاهد مريد سيد احمد غازي بريلوي ۽ سندس پاڻيٽي مولانا اسماعيل شهيد، سکن سان جهاد ڪرڻ ۽ دهلي ۾ وري مضبوط اسلامي سلطنت قائم رکڻ جي ارادي سان نڪتا. سفر ڪندي ۽ ڪهندي اچي پير ڳوٺ ۾ جناب پير سيد صبغت الله شاهه جا مهمان ٿيا. پير صاحب سندن مرحبا ڪئي ۽ مهمانيون ڪيون ۽ جماعت ۾ جهاد جو روح ڦوڪيو. ان وقت راڻي پور ۾ پير صالح شاهه پهريون سجاده نشين هو. ان وقت به سيد احمد غازي ۽ پير صاحب گڏجي دعوت جهاد لاءِ آيا.

مگر هن صاحب قبول نه ڪيو. مگر ان وقت هڪ سرويچ جماعت جو بنياد پوندو رهيو جا اڳتي هلي اسلامي سلطنت جي قيام

جو ڪم ڏئي. انهيءَ ساڳي زماني ۾ رنجيت سنگھ سنڌ تي ڪاهڻ جو ارادو ڪيو. ٽالپرن ۾ مقابلي جو اصلي حوصلو ڪونہ هو. جنهن ڪري رضاڪارانہ نموني ۾ پير صبغت الله شاھ صاحب جماعت کي سکن ڪافرن سان جهاد لاءِ تيار ڪيو ۽ چوطرف دعوت ناما لکي، هنن کي الله جي واٽ ۾ سر ڏيڻ لاءِ آماده ڪيو.

انهيءَ سڏ تي لاڙ ملڪ مان هڪ معزز بلوچن جي ٽولي آئي، جا مال املاڪ اولاد تان اُسرو ڪٽي اچي پهتي، جنهن تي پير صاحب جماعت کي فرمايو تہ اوهان جهاد لاءِ جيڪو قدم کنيو آهي. ان جو ثواب اوهان کي الله تعاليٰ ڏيندو. ۽ پاڻ هنن کان ڏاڍا خوش ٿيا. مگر هنن جواب ۾ عرض ڪيو تہ قبلا اسان کي ثواب جي سڌ ڪانہ آهي. اسان تہ آيا آهيون فقط اوهان جي قدمن ۾ قربان ٿيڻ. اگرچہ انگريزن جي وچ ۾ پوڻ ڪري رنجيت جو رولو سنڌ تان ٽري ويو. مگر حرن جي جماعت جو بنياد پئجي ويو. ان وقت ”فرق وارا“ ۽ سالم جماعت ۾ ورهايل ڪونہ هوا. پر سمورا مريد هڪٻئي سان رلي ملي رهندا هوا. اهو فرق پوءِ جناب پير سيد حزب الله شاھ صاحب جي زماني ۾ پيدا ٿيو. هو بزرگ زماني جي معاملات کي منهن ڏيڻ سان گڏ عابد زاهد ۽ ذاڪر ۽ صاحب تلقين جو بہ زبردست هو. سيد احمد بريلوي جو هڪ زبردست روحانيت جو مالڪ صوفي هو. ۽ مولانا اسماعيل شهيد سندس موحد مريدن مان هو. ان بابت روايت آهي تہ پير ڳوٺ ۾ رهڻ وارن ڏينهن ۾ هڪ دفعي پير سائين روضي واري جي مقبري تي ٻئي ڄڻان گڏ هوا. اتي مولانا اسماعيل تي ايڏو توجهہ وڌائون جو هو بزرگ عالم چوڻ لڳو تہ ”زهي صدق ارادت ايشان و زهي مرشد ڪامل ايشان“

دهلي جي مجاهد جماعت مان ڪي مسافر غلطي کان اولھ ڏانهن پير ڪري سميهل هوا. جنهن تي ڪنهن فقير وڄي، پير سائين سان ڳالھ ڪئي تہ بي ادبي ڪن ٿا. پاڻ فرمايائون ”الله جي واٽ ۾ جهاد لاءِ سر ڏيڻ هليا آهن، تنهن ڪري هو مئلن ۾ داخل آهن ۽ مئل ماڻهو جا اولھ ڏانهن پير ٿين تہ ان ۾ ڪو عيب ڪونہ آهي.“ اگرچہ روحانيت جو مالڪ ۽ روحانيت جي ذريعي فيض حاصل ڪرڻ جو قائل بہ هو مگر وفات ڪيل بزرگن تي نذر نياز ڏيڻ جو ڏاڍو مخالف هو. سندس ملفوظات شريف ۾ آهي:

”ناقل بلال فقير ڪہ روزي حضرت خليفة الله در وعظ احاديث بيان فرمودند ڪہ آن ڪسان ڪہ ماده گائو يا بزغالہ يا غيره بطريق نذرانہ بہ نيت اهل مقابر درگورستان ذبح مي ڪنند، ڪشننده وڪشانيده يعني آهن مرد و مامور هردو ڪافر مطلق اند وبر خورندگان حرام ست
(خزينة المعرفت قلمي)

صاحبزادگي جي زماني ۾ سنڌي، هندي، فارسي ۾ شعر بہ چوندو هو. مگر پوءِ والد بزرگ جي منع فرمائڻ تي اهو شغل صفا ترڪ ڪري ڇڏيائون. فارسي ۾ مسڪين تخلص ڪندو هو، ۽ اهو ساڳيو تخلص سندس پوٽي پير حزب الله بہ اختيار ڪيو.

فارسي ڪلام تمام ٿورو آهي. نموني طور هيٺ هڪ غزل ڏجي ٿو:

يار من در نقاب مي آيد — سر من در رڪاب مي آيد
خواب آلوده بخت نو بيدار — نرگس نيم خواب مي آيد
هوس وصل هل رآني را — لن تراني جواب مي آيد
تشنگي صدف چون شود بسيار — بهر سقيش سحاب مي آيد
عاشق بيگناه را ڪشتن — دالبران را ثواب مي آيد
رونمودن بہ همچومن مسڪين — نازنين را حجاب مي آيد

جناب پير صاحب وڏي ڄمار ڪي پهچي هيٺيان فرزند پوءِ تان ڇڏي وفات فرمائي ويو.

(1) پير غلام مصطفيٰ شاهہ (2) پير عبدالقادر شاهہ (3) پير علي محمد شاهہ (4) پير علي حيدر شاهہ (5) پير شاهہ مراد شاهہ (6) پير مان علي ذوالفقار شاهہ (7) پير علي گوهر شاهہ (سجاده نشين).

سندس وفات تي ڪيترن ئي شاعرن قطعات تاريخ ۽ مرثيا لکيا آهن. مگر انهن مان سندس خليفہ آخوند گل محمد هالائي جيڪي قطعات لکيا آهن. تن مان ڪجهہ هيٺ درج ڪجن ٿا.

قطعہ تاريخ في القميہ از خليفہ گل محمد هالائي
غوث عالم رشد فياض ما ڪان ڪرم
ڪامل و اڪمل مربي و مهدي ۽ اعليٰ همم

صبغت الله پير مان آن محي دين احمدي
محي دلها ماصي عصيان و آثام أمم
چون بہ امر ارجعي نقل مكان زين دار كرد
وائي واويلا زعالم خواست تا لوح و قلم
در بيان سال و صال از اسم پاک آن شفيع
صبغت الله زيب دلها گفتہ ام بيش و كم
1246

ايضاًلهٔ کہ از هر مصرعہ سال تاريخ حاصل مي شود

نائب دين خليفة الله خاص — خاص در بزم خاص، خاص الخاص
حق نما با حقيقت حق بود — بحق از خلق غير حق بزدود
كرد صورت مثال ظهور — بي مثل از تہ ظلال نور
چون شد ازظل باز سوئي اصل — رفت از اصل سوي اصل الاصل
من هاتف شديم در سر سال — در جواب و سوال، قيل و قال
او بما گفت مابوي گفتيم — حد تاريخ را در سفتيم
گفتمش بود شمع انجم خلق — گفت جامع رشيد در دل فرق
1246 1246
گفتمش بود بحر اعظم جود — گفت وه خوش دل و كريم وجود
1246 1246
گفتم اين فرد با فتوت بود — گفت ہے آن علي سخاوت بود
1246 1246
گفتم او بدر پير ضياء وجود — قال قد شاع شمس يوم شهود
1246 1246
گفتمش مهدي چہ خوب مثال — قال لي كان ذاتہ لازال
1246 1246
گفتش مظهر كمال هدا — گفت وه روشن جمال خدا
1246 1246
گفتمش زيب در طريقت شد - گفت حق بود در حقيقت شد
1246 1246

گتم آن مرشد بمع صفات — گفت بے بے وجود جامع ذات

1246 1246

گفتم از رفعت صفاتي او — گفت حق وجود ذاتي او

1246 1246

گفتم آن شرح از صفات حق — گفت وي واحد بذات حق

1246 1246

گفتم از اسم در مثل چون شد — گفت بالله ذات بيچون شد

1246 1246

چون گذشت از فهوم عام ڪلام — ختم شد والسلام والاڪرام

## 181. قاضي عنايت الله متعلوي

عالم فاضل فقيهه عنايت الله بن محمرد بن حاجي محمد سعيد. مخدوم فيروز ٺٽوي جي اولاد مان مٽارين ۾ 1276 سن ۾ ليلت البرات 15 شعبان جي تولد ٿيو. شروع ۾ قرآن شريف جي تعليم کان فارغ ٿي، قاضي محمد اسماعيل (متوفي 1286) ۽ قاضي عبدالحميد (متوفي 1305) مولانا محمد مقيم متعلوي فارسي جا علوم پڙهي فارغ ٿيو. عربي جا شروعاتي ڪتاب حافظ حاجي عبدالوالي متعلوي (متوفي 1312) وٽ صرف نحو جا ڪتاب پڙهيائين. تفسير قاضي حاجي عبدالواحد بن ابراهيم متعلوي وٽ. باقي علوم سمورا جامع العلوم مولانا مولوي محمد حسن مرحوم حيدرآباد (متوفي 1309) ۽ مولوي حاجي احمد علوي (متوفي 1341) جو پڻ ساڳي حيدرآباد واري مدرسه ۾ تعليم ڏيندو هو. اُتي فارغ ٿيو. ان ڪانپوءِ 1304 ۾ مڪه شريف جو سفر درپيش آيس. مڪه جي مدرسه هنديه ۾ سيد عبدالله (متوفي 1310) وٽ نوح جو مشهور ڪتاب الفيه ابن مالڪ ۽ ٻيا ڪتاب پڙهيائين. مڪه شريف جي مشهور صوفي عالم شيخ محمد مراد النقشبندي المجددي کان تصوف وغيره ڪتابن جي اجازت حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ مدينه منوره ۾ شيخ الدلائل سيد محمد حسين ۽ سيد محمد بن ظاهرالوطري الحنفي کان دلائل الخيرات جي اجازت حاصل ڪيائين. نقشبنديه طريقه

۾ ڀرپريان شيخ ولي محمد ملاڪاتيار واري جو مريد ٿيو. ان ڪان خط ڪتابت جي ذريعي شيخ محمد مظهر بن شيخ احمد سعيد مجددي مهاجر مڪي کان تصوف ۽ اخلاق ۾ علم جا فائدا حاصل ڪيائين. ظاهري علم پڙهائڻ کان وڌيڪ سندس لاڙو ذڪر اشغال ڏانهن رهندو آيو. ۽ مٽيارين ۾ پنهنجي مشهور فاضل ۽ شاعر ياءُ قاضي هدايت الله سان گڏجي گذاريندو ۽ ڪتابن جي مطالعہ ۾ مشغول رهندو هو. بي نظير ڪتاب ۽ اعليٰ درجہ جو خوشخط هو. عربي فارسي زبان ۾ بي ساختہ مضمون لکڻ تي قدرت هوس.

سموري زندگي متوڪلانہ گذاري 20 شوال المڪرم سن 1322 ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو.

(مسوده دستخط قاضي عنايت الله)

## 182 ـ آخوند اميد علي سانوٽي هالائي

عالم فاضل، عامل شاعر نقشبندي طريقي جو صوفي آخوند اميد علي تخلص سها ولد حاجي عبدالله ملا سانوٽي، خواجہ عبدالقيوم مجددي قنڌهاري جي مريدن مان هڪ ڪامل شخص ٿي گذريو آهي. گهڻو وقت حيدرآباد جي ٽالپرن وٽ گذاريندو هو. هو سندس ڪلي دل سان خدمتون ڪندا رهندا هوا. علم جعفر ۽ عمليات ۽ علم تڪثير ۽ اعداد جو وڏو ماهر هو. ۽ انهيءَ فن ۾ سندس دستخط هڪ رسالو بہ نظر مان گذريو آهي جنهن ۾ مستحصلہ نقش پرڻ جون واٽون ڏيکاريل آهن. هو فارسي جو نهايت عمدو شاعر آهي ۽ ۾تاريخي ماده ڪيڻ جي فن ۾ هڪ بي مثل قابليت جو مالڪ هو.

قصيده برده جو شرح فارسي نظم ۾ ٻن نمونن ۾ نهايت اعليٰ نموني ۾ ادا ڪيو اٿس. ان سان گڏ نثر ۾ بہ اُن جي هيٺ ترجمہ ڏنل آهي، تہ جيئن وڌيڪ وضاحت سان قصيده جو مطلب دل نشين ٿئي. هڪ شعر جو نموني طور ترجمہ هيٺ ڏجي ٿو.

فمالعينيک ان قلت اکفا همتا – ومالقلبک ان قلت استفق يهم

(1) چيست اين چشمانت راگريند گر گوئي بمان
ورهمي گوئي دلت را هوش کن گردديهم (پريشان)

(2) پس چيست چشم گريہ ڪنان ترا اثر
گر گويمش ڪہ گريہ مکن گريد او بهتر
باز اين دل تراچہ رسيد ست آفتي
گويم بهوش شو شود هوش بيخبر

سنڌس فارسي شعر جو نمونو هي آهي، حضرت عارف حاجي جن ۾ مناجات ۾ فرمائي ٿو:

خداوندا دلم را زندگي ده
بڪار نيڪوئي فرخندگي ده
زبانم را بذڪر خويش بڪشا
بڪا مم شڪر شڪرانہ بفرسا
شب ناأميديم را صبح گردان
بفيروزي چو خورشيد درخشان
گل پژمرده از باد خزاني
بخندان از نسيم جاوداني

پنهنجي محبوبہ جي نالي تي هيٺين نظم لکي اٿس:

بگوش هرڪہ رسد همچومن ملامت عشق
زند بہ تعبيہ نام حسن بہ نو بت عشق
حقيقتي ست نهان در حقيقت صورت
خوشا حقيقت حسن است در حقيقت عشق
لبش چہ لب ڪہ لب ڪوثر و لب حيوان است
مگر بيوسہ شوم، خضر در طريقت عشق
يقين ڪہ مفتئي عشاق مي دهد فتويٰ
بخون من بستم ڪيش در شريعت عشق
مرا بجا دوئي چشمانش رخنہ درڪار است
بيڪ نگاه دلم را ربود غيرت عشق
تبارڪ الله ڪہ دلبري پري پيڪر
نهاد در دل ويرانہ ام وديعت عشق
نوشت از سر هربيت نام موزونش
سها بشيفتگي نا مہ وثيقت عشق

هن فارسي جي خوشگو شاعر ۽ صوفي جو وصال 15- ربيع الاول سن 1298 ۾ ٿيو. سندس هڪ همعصر عزيز آخوند احمد هيٺين ريت قطعه تاريخ لکي آهي:

فرقت ياران عذاب داغ دهد بردلے
نيست کسي را گذار خواه نبي و ولي
عابد و ساجد تمام – جاهد عقبيٰ مدام
خاصه با خلاق حق باسم اميد علي
بر دل او نقش است شاه قيوم الست
بود زخيل کرام شيخ مجدد ولي
بيک اجل چون رسيد گوش دل او شنيد
فا دخلوا جنات عدن شارب جام ملي
1298

ماه ربيع لاولين پانزدهم يوم ثلث
بود هزار دو صد و نود هشت تلي[1]
سال وصالش بگوش گفت با احمد شروش
عابد و حافظ[2] وائي اميد علي

وهود خل بجنت السلام مان به سندس سال وفات ملي ٿو.
(از مسودات آخوند احمد هالائي)

## 183- آخوند احمد سانوڻي هالائي

عالم، فاضل شاعر حافظ آخوند احمد قادريه طريقي جو فقير ۽ پير سيد علي گوهر بن پير صبغة الله بن سيد پير محمد راشد روضي ڌڻي جي مريدن مان هو. سموري زندگي تعليم ۽ تعلم ۽ شعر گوئي ۾ گذاريائين. حيدرآباد جي ٽالپرن وٽ سندس وڏي عزت ۽ مان هو. مير نور محمد ۽ مير محمد حسن علي خان ولد مير نصير خان وٽس تعليم حاصل ڪئي ميرن جي ڪيترن صاحبزادن جي ڄمڻ جون تاريخون لکيون اٿس. ۽ ڪن جي وفات تي به قطعات آهن. هو تاريخ جي ماده

[1] مخفف تالي (2) اِتي هڪ حرف ڇڏيل آهي

ڪيڻ واري فن ۾ بلڪل يڪتا زمانہ هو. سندس هم عصرن مان آخوند اُميد علي سها هالائي ۽ مولوي احمد ٺٽائي سان شعرن جو تبادلو ۽ تتبع ٿيندو رهيو آهي. عربي فارسي، سنڌي ٽنهين زبانن ۾ ڪلام موزون ڪندو هو. وڏو عابد زاهد متقي هو. جنهن ڪري ڄمار بہ تمام وڏي حاصل ٿي هئس يعني تہ هڪ سئو سال کان بہ وڏي ڄمار حاصل ڪري، پوءِ وصال ڪيائين ۽ پنهنجي هم عصر دوست آخوند اُميد علي جي وفات جو بہ پاڻ مرثيو لکيو اٿس. جو اُميد علي جي تذڪره ۾ درج آهي.

آخوند اُميدعلي نقشبندي طريقي جو صوفي هو. مگر ان هوندي بہ بهادر نالي پنهنجي شاگرد تي نظارو رهندو هوس.

هڪ دفعي اُميد علي بهادر جي شان ۾ هيٺين رباعي ارشاد فرمائي.

بهادر چہ دري ست پاڪيزه
نباشد چنين گوهر در صدف
نہ هر جوهري قدر او را شناخت
بهادر گران را مده با* خزف

آخوند احمد مرحوم انهيءَ قطعي جي جواب ۾ فرمايو تہ:

بهادر نہ دري ست پاڪيزه
ز خرمهر ارزان برابر خِزف
چو شعراء تابع غوا گفتہ حق
تو داناي هستي مفرما قذف،

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻئي سان ٻنهي شاعرن جا ڏگها سوال جواب هليا آهن، جن کي اختصار سبب هت ترڪ ڪيو وڃي ٿو.

هڪ ڏگهو منظوم عربي خط مولوي احمد ٺٽائي کي لکيو اٿس، جنهن ۾ فرمائي ٿو.

فيامن هو احرق قلبنا بنار هجرڪ
فيجمع بيننا رب الخلائق

هن عربي خط جي اخير ۾ عربي کان پهلو بدلائي فارسي ۾ خطاب ڪري ٿو.

شوق زياد گشتر بسوي وصال تو
ليکن بدست خويش ندارم زمام را
چون اختيار نيست مرادر طريق وصل

پس اختيار کردم اينک کلام را
احمد صبور باش کہ ناگهہ صبا رسد
از بوءِ گل معطر سازم مشام را

فارسي عربي ڪلام کان پوءِ سندس سنڌي ڪلام جو نمونو هڪ قطعہ تاريخ ۾ معائنہ ڪري سگهجي ٿو. جو سيد خان محمد شاهہ سنائي جي تعمير مسجد جي سال لاءِ لکيو اٿس. فرمائي ٿو:

## سيد خان محمد مسجد جوڙائي گهٽي هيج منجهاءِ

شروع مهيني رجب ۾ پوري شب قدرا
تاريخ اُنجي سال جي چئي ان پر هاتفا
مسجد سڳوري، گهر خدا ٻلي جو آهہ

آخوند صاحب ۾ علم، عبادت جي وصفن کان سواءِ خانداني علميات ۽ علم جعفر ۽ وظيفن ۽ مسخرات جو ڄاڻ بہ هو. مگر عمليات تي گهٽ ڪاربند هوندو هو. شعر شاعري ۽ ياد خدا ۾ مشغول رهندو هو. ايڏي ڪماليت وارو بزرگ 1317هہ ۾ وفات ڪري هالن ۾ دفن ٿيو.
(بياض آخوند احمد هالائي)

(31 آگسٽ 1947ع بروز يڪشنبهہ ڪراچي — وفائي.)

## 184 - مفتي محمد رفيق هالائي

هي بزرگ عالم فاضل صاحب فتويٰ ٽالپرن جي زماني ۾ هالن ۾ ٿي گذريو آهي. درس تدريس سان گڏ، انهيءَ وقت فتويٰ نويسي جو معاملو بہ سندس حوالي هو. هو سيني علومن جو ماهر ۽ فاضل عالم هو.

هن بزرگ جي وفات ڀهرين جمادي الثاني سن 1182 ۾ ٿي گذري آهي. سندس معتقدن مان هڪ شاعر سندس تاريخ وفات هيٺئين ريت لکي آهي.

وه چه انسان فاضل و فائق
بود اندر لطافت او لائق
عالم و عامل ديانتدار
دائما با ڪتابيان مشتق
در علوم چهار ده دائي بود
لطف طبعش بهر ڪسي لاحق
علم فقہ و فرائض و تفسير
از حديث و معاني و منطق
هم ڪلام او اصول قرات و صرف
نيز بود او بمناظره مسبق
قضيئہ فوت شان ز هوش برد
طعن جگر ها نمود همچو شفق
بر نماز جنازش مردم
بود الف چهار از تحقق
در شب اول، جمادي الثاني
ڪرد مولاۓ ما رحيل بحق
گفت هاتف ز سال تاريخش
بود، ازان مرشدم هدايت حق

1182هه

(از ڪتب خانہ ملا سانوڻي هالائي)

## 185- آخوند محمد قاسم سانوڻي هالائي

آخوند محمد قاسم ولد آخوند محمود! سانوڻي هالائي فارسي جو وڏو شاعر ۽ فاضل اديب ٿي گذريو آهي، هن سموري تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ حاصل ڪئي، جو نصرپور ۾ پيرن وٽ تعليم ڏيندو هو. ۽ سندس مقبرو بہ اُتي نصرپور ۾ آهي. سندس وفات ٻارهين

صدي هجري جي آخر ۾ ٿيل پائنجي ٿي. چاڪاڻ جو سندس دستخط هڪ ڪتاب ڏٺو ويو، جنهن تي 1172 لکيل آهي.

آخوند محمد قاسم پنهنجي والد جي وفات ڪانپوءِ ڪجھ وقت نصرپور ڇڏي ۽ آخر مير ڄام خان جي ٽنڊه ۾ تدريس جو شغل جاري رکيو. ڪانئس فارسي زبان جي تعليم وٺي ڪيترائي فائدو پرائي ويا. هن جي سفر ۾ هڪ ”ديوان قاسم“ جمع ٿيل آهي. نموني طور سندس ڪلام مان ڪجھ هيٺ ڏجي ٿو.

رسيده در جهان بي سرو رفتار
بسنت همچنين از دور ذوار
رخ خجلت ده گل اي گل اندام
تو هم با عاشقان بنماء اظهار
روان شو بادل افگاران بگلشن
ڪه گل هم گردد رويت دل افگار
ربا تاج گلرو ده لاله را داغ
ز حسن خود بهريک کن خبردار
رود اندوه هجران از دل من
به بستان چون شوم با تو قدح خوار
رحيق ڪامرني نوش با دت
بقاسم هم عطا کن قدح دو چار

ايضاً

زود آء ڪه در قالب — آيد جان باز
جان باز تو ام — روح روان باز
زود آء ز — غم آئينه دل
کز عکس خور رويت شود نور افشان باز
زلفت چو شب تار رخت صبح منور
روزم بشب اين — مگر دور زمان باز
زنجير کجا ڪه اين دل آشفته دراين شب
ديوانه شده شب از هوس زلف بتان باز

زين گو نہ قاسم بدر دير نشين است
شايد کہ کند رحم بر او پير مغان باز

ايضاً

چهره اش خوب است رخسارش علي هذا القياس
خنده اش خوش است و گفتارش عليٰ هذا القياس
شکل او دلخواه و ناز جان فزايش زان قبيل
صور قرن – کردارش عليٰ هذا القياس
جلوه اش جادوي اوصاف جمالش زين نمط
قامتش نيکو است و رفتارش عليٰ هذا القياس
ديده شوخش ستمگار و جفا کار است بس
گيسوئي خمدار و طرارش عليٰ هذا القياس
طبع قاسم دلکش و طرز بديعش دلنواز
نظم او نغز است و اشعارش عليٰ هذا القياس

سندس ٻيو ڪلام بہ عليٰ هذا القياس ڏاڍو شيرين ۽ دل پسند آهي. مرحوم محمد قاسم جي وفات 13 صدي جي اوائل ۾ ٿيل آهي. اگرچہ سندس مقرر تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي.

(مسودات ڪتبخانہ خاندان سانوٽي)

## 186 - آخوند نور محمد سانوٽي هالائي

نور محمد بن آخوند الهہ بخش بن عارف صوفي حاجي متين الدين سانوٽي هالائي. آخوند اميد علي هالائي جي دستخط هڪ ڪتاب تي لکيل ڏٺو ويو تہ ملان سانوٽي عقيلي نسب ۾ هاشمي آهن. مگر سلسلہ نسب گهڻي ڳولا سان بہ هٿ ڪونہ اچي سگهي ٿو.

آخوند نور محمد علم تعويذات ۽ عمليات ۽ علم تڪثير جو وڏو ڄاڻو هو. فارسي زبان جو پڻ چڱو شاعر هو. سندس مخمس ڪريما سعدي نظر مان گذري. جنهن مان هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو.

در ايام گلزار فصل بهار
بهم مجلس مهوش گلعذار

بوقت صبا خنده لاله زار
مئي لال در ساغر زرنگار
بود روح پرور چو لعل نگار

آخوند نور محمد 2 ذوالحج سن 1281 ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي جاوداني جهان ڏانهن روانو ٿي ويو. قطعه تاريخ وفات سندس عزيز همعصر آخوند احمد هيٺئين ريت لکي آهي.

بسالکان هدايت طريق دين متين
بود نصيب مدارج علا بلاشک و شين
حرم کعبهء فردوس را دخول و طواف
کسي ندارد خبر حاجيان عين يقين
زهي مهذب اخلاق — مؤدب علم
باسم ان له ذمة بفضل مبين
به بيت دوم از ماه حج بود هجرت
هزار دو صد هشتاد و هفت سنين
گذاشت کثرت از شوق وحدت واحد
بمرغ طائر باشد قفس عذاب مهين
بگفت احمد تاريخ رحلتش از دل
مقيم نور محمد بود بخلد امين

1287هه

(از مسودات آخوند احمد هالائي)

## 187 - آخوند عبدالصمد سانوڻي هالائي

پخته گو شاعر ۽ عامل — رمل جعفر جو ماهر بزرگ ٿي گذريو. هو آخوند خليفه گل محمد هالائي جو عزيز ۽ همعصر هو. سندس دستخط هڪ ڪتاب نظرمان گذريو. جنهن تي 21 ربيع الاول سن 1224 لکيل هو. سندس فارسي ڪلام جو هيٺيون نمونو آهي.

زمانه جي شڪايت، دوستداري ۽ ناقدري جي باب ۾ فرمائي ٿو.

نادار را عزيز نه باشد نه خويش کس
نادار عيبدار بود بوء دار بس
چون داشت درد بوديم در حلقه عزيزان
کس يار غار خواند کسي دوست دار بس

دولت از دست رفت زبون گشتم ار چون مور
بائمال خلق گشتم در زير بار بس
عبدالصمد خموش مکن نالہ عبث
خوش دار خويش بر قلم کردگار بس

مرحوم آخوند عبدالصمد 22 محرم الحرام سن 1272 جي ۾ دنيا مان لاڏاڻو ڪري جاءِ جاوداني ڪي وڃي هميشہ لاءِ وسايو.

## 188۔ حافظ نصرالله سانوڻي هالائي

قاري عالم شاعر نصرالله بن حافظ بلاول بن حافظ هارون سانوڻي. "سانوڻي" هن ڪري هن خاندان کي سڏيو ويندو آهي. جو علم درياءَ هنن وٽ سانوڻي جي موسم جيان چوليون هڻندو رهندو هو. چيو وڃي ٿو تہ هن خاندان جو سلسلہ نسب حضرت عقيل بن ابي طالب سان وڃي ملي ٿو.و الله اعلم.

آخوند حافظ نصرالله فارسي ۾ هڪ مناجات چئي آهي. جنهن جا چند شعر هيٺ ڏجن ٿا:

ز شر نفس اماره نگا هم دار يا الله
هوائي غير خود کلي زمن بردار يا الله
کريما از کرم ما را بده تر توفيق بر طاعت
مرا از لطف خود هرگز فرو مگزار يا الله
مرا از درد بيماري بفضل خود نگهداري
برحمت خويش کن ياري بدين بيمار يا الله
دران تنگي و تاريکي کہ اندر لحد من باشد
فراخي بخش روشن کن پراز انوار يا الله
ز وسو سهاري شيطاني، دگر خطرات نفساني
از ان هر يک تو مي داني منم بيزار يا الله
شکستہ دل همين نالد بدرگاه تو نصرالله
برو رحمت فراوان کن کرم بسيار يا الله

سموري زندگي درس تدريس ڏيندي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. اگرچه سندس وفات جي تاريخ مقرر طور معلوم نہ آهي. مگر هو صاحب 13 هين صدي هجري جي رجالن مان آخوند گل محمد "ديوان گل" واري جي معاصرن مان آهي.

## 189۔ خليفو حاجي لطف الله سانوڻي هالائي

لطف الله بن حاجي حافظ نصرالله سانوڻي، هڪ عالم شاعر ۽ مدرس ۽ نيڪ سيرت بزرگ ٿي گذريو آهي، سندس ڪلام سنڌي فارسي ۾ مدح ۽ مناجات ۽ مولودن جي صورت ۾ موجود آهي. هن صاحب جي شادي سنڌ جي مشهور شاعر خليفو حاجي گل محمد هالائي "ديوان گل" جي مصنف جي دختر نيڪ اختر سان ٿي هئي. هي سمورو خاندان پير صاحب صبغت الله پاڳاري جو مريد هو. جنهن ڪري هنن کي خليفو جي لقب سان سڏيو ويندو آهي. آخوند لطف الله پنهنجي والد جي وفات ڪانپوءِ هالن پراڻن جي بازار واري مسجد ۾ پنهنجي والد جي جاءِ تي درس تدريس ڏيندو رهيو. اها مسجد اڃا تائين سندس فرزند آخوند حبيب الله جي نالي سان مشهور آهي، جو 1353 ۾ وفات ڪري ويو آهي.

آخوند لطف الله 13 صدي جي آخر ۾ وفات ڪئي ۽ هنن سٺن لکڻ وقت سندس شاگردن ۾ هڪ بزرگ 80 سالن جو هالن پراڻن ۾ اڃا زنده موجود آهي.

## سنڌي ڪافي آخوند لطف الله

هو وئيڙا ڪنهن ڏس ڏور — عمر! ادا آءٌ ڏوٽي ڏسان ڪين ٿي
جيڪس جهانگي جوءِ مان — لڏي ويڙا ڪنهن زور ضرور

مندون موٽي آئيون — مارو نہ موٽيا مور
ملڻ ڪارڻ مارن جي — رڙي ٿيس رنجور
الاهي لاڳاپا لطف چئي — ماري ويا مهجور
عمر ادا آئون ڏوٽي ڏسان ڪينڪي.

## ايضاً غزل

محب ماڻا ڪريو تون مارين ٿو
سور دل جا سدا سڌارين ٿو
تون ٻچين تو تير برھ جا تازا
نيڻ ڪٽيو جڏهن نهارين ٿو
قرب وارن قريب ڪوٺايو
پرت جا جام پُر پيارين ٿو
عاشقن کي أها بشارت بس
پيش پنهنجي پرين پوڪارين ٿو
آھ حيران لطف هالائي
نت نوان ناز جنهن ڏيکرين ٿو.

## ايضاً مناجات فارسي

غمي دارم دوايش از تو جويم – تن بيمار طبعم راطبيبي
پريشان دل فتادم از وطن دور – نظر فرما برين حال غريبي
درين آوارگي بيچار گشتم – بہ تنهائي توبا قربت قريبي
ز لطف عام تو اميد دارم – دعائي مستمندان را مجيبي

قصيدو طويل آهي، چيو وڃي ٿو تہ مدينہ شريف ۾ حاضري واري موقعي تي روضہ اطهر جي سامهون پڙهيو هوائين. والله اعلم.
(ڪاغذات قلمي ڪتبخانہ ملا سانوڻي هالائي)

## 190 - آخوند رحمت الله سانوڻي هالائي

آخوند رحمت الله ولد آخوند محمد شاڪر سانوڻي چڱو شاعر هو. ڪجھ فارسي ڪجھ سنڌي ڪلام سندس ڪتبخانہ ۾ موجود آهي. هو فارسي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سرڪاري ملازمت ۾ گهڙيو. ۽ ناري جيل (حيدرآباد) تي جيلر هو. ۽ اتان رٽائرڊ ٿي اچي هالن ۾ ياد خدا ۾ مشغول رهيو. سندس فارسي ڪلام هيٺئين ريت آهي.

از اسقام و علل رنجور گشتم – ڪريما بخش يڪ شرب شفائي
علاج خويش را جز تو ندارم – دوائي درد من أخر نمائي

درود مصطفيٰ اولاد و اصحاب — طفيل او اِجابت ڪن دعائے
فقير رحمت الله داغدار است — شهنشاها احب واسمع دعائي

آخوند صاحب 15 جمادي الثاني سن 1304هه جي هن دنيا فاني مان گذاري ويو. ۽ پنهنجي خانداني قبرستان ۾ دفن ٿيو.

## 191۔ مخدوم عبدالواسع سيوستاني

عالم فاضل شاعر عبدالواسع بن مخدوم محمد حسن قاري جو اهو ڀاءُ هو، مخدوم عبدالواحد سيوستاني بياض واري جو، سندن خاندان ۾ تصوف ۽ علومن جو چرچو هو. سندس چاچي مخدوم عبدالواحد ڪانپوءِ قضا ۽ مدرسي جو مالڪ سندس وڏو ڀاءُ مخدوم محمد عارف هو. جنهن ڪري عربي علم تہ پنهنجي مدرسي ۾ ئي تحصيل ڪيائين. ان ڪانپوءِ پنهنجي خانداني بزرگن جي طريقي نقشبنديہ جي بجاءِ هو قادريہ طريقي ۾ ملتان جي هڪ پير صاحب جي بيعت ڪيائين ۽ خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين. اهو پير صاحب سال بہ سال سيوهڻ ۾ ايندو رهندو هو.

هو وڏو فقيہ ۽ صوفي اهل الله ٿي گذريو آهي. ڪڏهن ڪڏهن فارسي شعر ۾ بہ طبع آزمائي ڪندو هو. جو تصوف ۽ حال تي مشتمل آهي.

**منهہ**

الا يا ايها الساقي شراب عشق را نوشان
زدست خويش با مستانہ دلق بيخودي پوشان
قلندر قادري هستم بہ بحر معرفت مستم
ڪمر در راهہ حق بستم ردائي فيض بر دوشان
دلم هموار مي جوشد براهہ عشق مي ڪو شد
رحيق راهہ مي نوشد، دلم چون ديگ درجو شان
گل گلزار تحسينش، بهار باغ تمڪينش
زتاب آتش حسنش، چراغ دل بڪن اوشان

مغني گر تو مي داني، غزل خواني بيا پيشم
بوجد آري دل مارا، فراموشم شود اوشان
بعبد الواسع عاشق، بده يڪجرعہ فائق
ڪہ خاطر زان شود شائق طريق نادري ڪوشان

سندس اولاد مان مخدوم حاجي فضل الله پاٽائي وڏو مشهور عالم ۽ صوفي ٿي گذريو آهي. 13 صدي جي وچ ڌاري وفات فرمائي ويو. الله تعاليٰ مٿس رحمت ڪري.

## 192- مخدوم سعد الله سيوستاني

قاضي سعد الله بن مخدوم محمد حسن قاري ۽ مخدوم عبدالواحد بياض واريءَ جو پائيٽو عالم فاضل ۽ ٻين علومن جو ماهر هو.

سيوهڻ ۽ سندس متعلق سرزمين جي قضا ۽ فتويٰ سندس ڀاءُ مخدوم محمد عارف جي حوالہ هئي. ۽ اهو مير مراد علي حيدرآبادي جي حڪومت جو زمانو هو.

هڪ دفعي مير صاحب مخدوم محمد عارف ڏانهن لکيو تہ حيدرآباد ۽ سندس آس پاس واري علائقہ جي شرعي فيصلن نبيرڻ لاءِ هيڏانهن ڪو قاضي موڪليو. جنهن جي جواب ۾ محمد عارف صاحب پنهنجي ڀاءُ مخدوم سعد الله کي حيدرآباد روانو ڪيو. مير مراد علي ڏانهن مخدوم محمد عارف جيڪو پنهنجي ڀاءُ لاءِ تعارفي خط لکيو، تنهن ۾ چاڙهايل هو تہ ”جامع العلوم سعد الله“ موڪلجي ٿو. مير صاحب جڏهن اهي حرف پڙهيا تڏهن حيرت لڳس، مخدوم سعد الله کان جدا جدا علمن بابت سوال پڇڻ لڳو، فقط هن ارادي سان تہ سچ پچ جامع العلوم آهي يا فقط عبارت آرائي لاءِ اهي لفظ ڪم آندل آهن. طب نجوم، عربي ادب، فارسي شاعري، علم عروض مطلب تہ مختلف علمن مان سوال ٿيندا رهيا. ۽ مخدوم صاحب برابر جواب ڏيندو رهيو. جنهن تي مير مراد علي خان آفرين چوندي فرمايو تہ ”بيشڪ اوهان جامع العلوم آهيو.“ مخدوم صاحب هڪ لا اُبالي مزاج ۽ بي پرواهہ ماڻهو هو جنهن ڪري حيدرآباد ۾ هڪ مهيني کان وڌيڪ رهي نہ

سگهيو. قضا جو عهدو ڇڏي مير ڄام خان وٽ، ٽنڊو ڄام ۾ وڃي رهيو. ڄام خان مخدوم صاحب جو ڏاڍو معتقد ۽ مخلص هو. جنهن ڪري سموري زندگي پاڻ کان جدا نہ ڪيائين ۽ مخدوم صاحب وفات بہ ٽنڊو ڄام ۾ ڪئي، ۽ اهو واقعو هجري جي 13 صدي جي پوئين اڌ ۾ ٿي گذريو.

## 193 - مخدوم محمد صالح صوفي سيوستاني

محمد صالح ولد مخدوم محمد حسن قاري (برادر زاده مخدوم عبدالواحد صاحب البياض) هن بزرگ ۾ ننڍپڻ کان وٺي صلاحيت ۽ نيڪي جا آثار ظاهر هوا. 11 سالن جي ڄمار کان وٺي پنهنجي چاچي بزرگ مخدوم محمد عارف مفتي سيوستان جي مدرسہ ۾ سمورا رواجي علوم پڙهي فارغ ٿي ويو. خصوصا فقہ ۽ طب، جعفر جامع ۾ يگانہ روزگار ٿيو. شروع کان وٺي عام ماڻهن کان گوشہ گزين ٿي ڪتابن جي مطالعہ ۾ لڳو رهيو. آخر ۾ ڪتابن کان منهن موڙي ياد خدا ۾ مشغول ٿي ويو.

زماني جي گهمسان ۾ ڦاسڻ کان بچاءَ طور شادي ڪرڻ کان آزاد رهي ايتريقدر الاهي عشق ۾ محويت حاصل ٿيس، جو ڪيس عام ماڻهومجذوب سمجهڻ لڳس. هميشہ سائي پوشاڪ تي ڳاڙهي پڳ پائيندو هو. هوڏانهن حنفي طريقي ۾ ڳاڙهوڪپڙو ڍڪڻ بلڪل مڪروھ آهي. ڪن لا أبالي صوفين وانگي اهلبيت جي محبت جي وڏي دعوا رکندو هو. ۽ انهيءَ ڪري پاڻ کي جعفري طريقي جو پيرو بہ سڏائيندو هو. مگر ان هوندي بہ شيعہ مذهب سان عملي طرح گوشہ گزيني ۽ چلہ نشيني ۽ رياضتن ۾ بعض حالتن ۾ ايڏو محو ۽ مشغول رهندو هو. جو فقط وٽن جي پنن تي گذران ڪري وقت گذاري وٺندو هو.

رياضت ۽ بکن ڪري اندر ۾ ايڏو چمتڪار پيدا ٿيل هوس جو بعض حالتن ۾ صافي سيني جي ڪشف سان ايندڙ واقعات جو بيان ڪري ڇڏيندو هو. جنهن ڪري سندس ڪشف ۽ ڪرامت جو ملڪ ۾

ڏاڍو غلغلو بلند ٿيل هو ۽ سوين حاجتمند انسان وٽس ايندا ۽ فائدو پرائي ويندا هوا. نذر ۽ نياز بہ گهڻائي پيش ٿيندا هئس.مگر هو مجرد مرد خدا جو هو. جنهن ڪري ڪجهہ بہ قبول نہ ڪندو هو. يا قبوليل شئي عام ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

هو صاحب گهڻو ڪري شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ٻڌڻ جو شائق رهندو هو. سومر ۽ فضل فقير نالي بہ درويش گهڻو ڪري وٽس اچي ڀٽائي جي ڪلام سان ڪيس وندرائيندا هوا ۽ راتين جون راتيون ڀٽائي جي موحدانہ شعر ۾ گذرنديون رهنديون هيون.

حيدرآباد ۾ جعفر نالي هڪ ڪٽي سندس معتقد جو گمان هوندو هو تہ صوفي محمد صالح ڪيميا ڄاڻندو آهي. هن جي گهر ۾ هڪ نوجوان ڀيڻ هئي، جا حسن و جمال ۾ بلڪل بي مثال هئي. جعفر مخدوم صاحب کي عرض ڪيو تہ هي منهنجي ڀيڻ پنهنجي نڪاح ۾ قبول ڪريو تہ آئنده منهنجو ۽ منهنجي پريءَ جهڙي پياري ڀيڻ جو وقت آرام سان گذرندو رهي ۽ مال دولت جي محتاجي لهي پوي. مخدوم صاحب ان آڇ کان انڪار ڪندي فرمايو تہ مون کي ڪا گهرج ڪانہ آهي، باقي تنهنجي ڀيڻ سان هندورن ۾ لڏندي ۽ ٻانهيون ٻانهون ٻڌي سندس خدمت ۾ اُبيون هونديون، درويش جو چوڻ سچو نڪتو. ٿورا ڏينهن مس گذريا، مير صوبدار خان ولد مير فتح علي خان "فاتح سنڌ" ڪٽي کان سندس ڀيڻ جو سڱ گهريو جا حرم سرا ۾ داخل ٿي هندورن ۾ لڏندي نظر آئي ۽ پرستاريون سندس خدمت ڪنديون رهيون.

هڪ دفعي جو واقعو آهي تہ سيد قائم جهانڪارائي تي سرڪاري پئسن غبن ڪري ميرڪرم علي خان ٽالپر حاڪم سنڌ جو غصو ٿي پيو،جنهن تي سادات سڱوري مخدوم محمد صالح کي اچي عرض ڪيو تہ اوهان مون سان گڏجي هلي مير صاحب کي سفارش ڪريو تہ منهنجي جان خلاص ٿئي. جنهن تي درويش شاهہ صاحب گڏجي سيوهڻ مان ڪهي اچي حيدرآباد پهتو ۽ سموري سفر ۾ هڪ جهنبو بہ ساڻ هون. پاڻ شاهہ مڪائي جي قلعي ۾ اچي لٿو. سيد قائم شاهہ کي چيائين تہ تون هي منهنجو جهنبو کلهي تي کڻي مير صاحب

جي ڪچهري ۾ پهچي وڃ، اميد تہ توکي ڏسڻ شرط، مير صاحب جو غصو ختم ٿي ويندو، شاهہ صاحب ٻڌندي درويش جو حڪم مڃي، مير صاحب جي ڪچهري ۾ وڃي حاضر ٿيو، مير صاحب ڏسندي فرمايو تہ اوهان نہ ٻڌو، اوهان صحيح نسب سيد آهيو. اوهان کي آلِ قيد ۾ وجهي بي آبرو ڪري سگهان ٿو؟ شاهہ صاحب کي نہ فقط ڏوهہ معاف ٿيو، پر مير صاحب پاران نوازش بہ ٿيس، جنهن تي هن صاحب حيدرآباد مان ريشمي وڳو تيار ڪرائي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪيو تہ هي قبول پوي جو اوهان جي برڪت سان هي بلا ٽري آهي، مخدوم صاحب انڪار ڪندي فرمايو تہ مون کي ڪجهہ بہ نہ گهرجي، هي سفر خدا ڪارڻ ڪيو ا ٿم. باقي دنيا جي لالچ جو ڪوبہ غرض ڪونہ آهي.
مخدوم محمدصالح ڪڏهن ڪڏهن فارسي ۾ نظم بہ موزون ڪندو هو جنهن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

از دو عالم غير ذات پاڪ حق درڪار نيست
مست هشياريم مائل، جز دل بيدار نيست
رائت راهِ قلندر بردوش آرائيم بس
تاج تقويٰ بر سرم از خشن پوشي عار نيست
سر خوشم از جام وحدت هست از روز اول
محوروئي دوست مي باشم، بعالم ڪار نيست
از سر جوش جنون در راه مستي گامزن
هيچ حاجت از رفيق و مونس وغمخوار نيست
از شراب شوق سر مستي، محمد صالح ست
درد دل و جانش طرب و الفت ورائي يارنيست

هن صاحب جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري ڪري ٽالپرن جي سائنس ڏاڍي عقيدت هئي. جڏهن مير نصير خان ولد مراد علي خان سنڌ جو والي ٿيو. تڏهن مخدوم صاحب کي ديهہ سامٽياٽي جاگير ۾ ڏنائين. سامٽياٽي ديهہ جي ڪاردار نالي جيڪو پروانو جاري ڪيو ويو هو. تنهن ۾ مير صاحب مخدوم کي هيئين لقبن سان ياد ڪيو آهي.

حقائق و معارف آگاهه، ڪمالات، دستگاهه مخدوم محمد صالح قريشي برادر زاده مخدوم محمد احسان (عبدالواحد سيوستاني) وغيره. انهيءَ پروانه تي سن 1257 درج ٿيل آهي.

اگرچه سندس وفات جي تاريخ پوري طرح معلوم نه ٿي سگهي آهي. مگر واقعات مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته 13 صدي جي پوئين اڌ ۾ سندس وفات ٿي آهي.

(رساله حالات بزرگان سيوستان قلمي)

## 194 - مخدوم محمد مراد سيوستاني

محمد مراد بن محمد حسن (برادر زاده مخدوم عبدالواحد صاحب البياض) درويش عالم ۽ وڏي اثر وارو بزرگ هو. پنهنجي وڏي پاءِ گادي نشين مخدوم محمد عارف مفتي سيوستان جي مهمان خاني ۽ زمينن جي سنڀال سندس سپرد هوندي هئي. درس تدريس جو ڪم ڪڏهن به ڪانئس نه ورتو ويو، پر درويشي ۽ خانداني لحاظ ڪري هو وڏي وجاهت ۽ اثر وارو بزرگ هو، جنهن ڪري وقت جي ٽالپر حاڪمن ۽ ٻين وٽ سندس ڏادي هلندي هئي. جنهن ڪري ڪمن ڪارين وارا سوالي سفارش لاءِ ڪيس حاڪمن ڏانهن وٺي ويندا هوا، ۽ ماڻهن جا ڪم سندس وجود مسعود جي ذريعي ٿيندا رهندا هوا.

سنڌ جي مشهور بزرگ مخدوم محمد ولد مخدوم محمد عارف سيوهاڻي جي شادي انهيءَ بزرگ محمد مراد جي نياڻي سان ٿي هئي، جنهن مان هن وقت سيوهڻ ۾ سجاده نشين قاضين يا مخدومن جو نسل هلندو اچي ٿو.

هن جون ڪي خاموش ڪرامتون به مشهور آهن. جنهن ڪري حيدرآباد سنڌ جي ڪٽين جو محلو سندس سخت معتقد هوندو هو. ۽ دعا لاءِ هميشه هن ڏانهن رجوع ڪندا هوا.

هي بزرگ به 13 صدي جي رجالن مان آهي.

(رساله حالات بزرگان صديقي سيوستان)

# 195 ـ قاضي برهان سيوستاني

چيو وڃي ٿو تہ هي قاضي برهان اصل بخارا جو باشندو هو. مگر سيرسياحت ڪندي اچي سيوستان ۾ مقيم ٿيو. هو ظاهري علمن جو وڏو عالم فاضل هو جنهن ڪري سيوهڻ ۾ هڪ وڏو مدرسو کوليو شاگردن کي پنهنجي علمن مان فيض ياب ڪرڻ لڳو. جڏهن تمام پوڙهو ٿيو، پنهنجن شاگردن کي جمع ڪري کين وصيت ڪيائين تہ هاڻي منهنجي لاڏاڻي جو وقت اچي ويجهو ٿيو آهي اوهان آئنده پنهنجو وقت ياد الاهي ۾ گذاريندا رهجو. ڪن شاگردن عرض ڪيو تہ اسان آئنده تہ ظاهري علمن جي تحصيل کان تہ محروم رهجي ويندا سين. ان جو بہ تہ ڪو بندوبست ڪريو وڃو. فرمايائين تہ انجو اوهان ڪو خيال نہ ڪريو قدرت ڏانهن اها ذات اوهان تي بند ڪانہ ٿيندي. جنهن ڪان پوءِ جڏهن هن بزرگ وفات ڪئي ۽ کيس دفن ڪري عام ماڻهو موٽيا تہ سندس شاگردن مان ست ڇٽا اُتي سندس مقبري تي مجاور بڻجي رهجي پيا. مگر ڪجهہ وقت ڪانپوءِ، سنڌ تي تاتارين جي ڪاهہ ٿي، جنهن ۾ اُهي سمورا بزرگ شهيد ڪيا ويا ۽ انهيءَ هنڌ هڪ جاءِ تي دفن ڪيا ويا. جنهن کي سيوهڻ جا ماڻهو اڄ تائين ”گنج شهيدان“ سڏيندا آهن.

شيخ برهان ۽ سندس شاگردن جو مقبرو شهر کان ٻاهران مشهور مقبرو آهي، جنهن تي اڳ گنبذ بہ هو مگر هاڻي هو ويران ٿي ويو آهي.

(تذڪره مشائخ سيوستان از عبدالغفور بن حيدر سيوستاني. قلمي.)

# 196 ـ قاضي ڏتو سيوستاني

عالم فاضل، صوفي مفسر قاضي ڏتو، پنجين پيڙهي ۾ قاضي رڪن الدين سان وڃي ملي ٿو. جو سنڌ جو قاضي ٿي گذريو آهي سندس والد جو نالو آهي قاضي شرف الدين معروف بہ مخدوم راهو. مطول تائين پنهنجي والد وٽ علم جي تحصيل ڪري پوءِ مخدوم

بلاول جي خدمت ۾ تفسير ۽ علم حديث جي حاصل ڪرڻ لاءِ اچي رهيو هو.

ازانسواءِ مخدوم محمود فخر پوٽي ۽ علامہ عبدالغزيز هروي کان بہ فائدا حاصل ڪيائين ۽ درس ورتائين. 180 تفسير قرآن جا سندس مطالعہ ۽ درس ۾ گذريا هوا ۽ سمورا ياد هوس ترڪي زبان ۾ لکپڙهہ جو بہ ڏاڍو ماهر هو. علم جعفر ۽ ٻيا عجيب علم بہ ڄاڻندو هو، ڪتابن جون عبارتون برزبان ياد هونديون هئس.

مرزا شاهہ حسن ارغون سنڌ جو بادشاهہ سندس شاگرد ۽ معتقد هو ۽ گهڻو ڪري پاڻ کان جدا ٿيڻ نہ ڏيندو هوس. سندس ايڏي تعظيم ۽ تڪريم ڪندو هو. جنهن کان وڌيڪ تصور ڪري نہ ٿو سگهجي.

مير محمد معصوم بکري بہ سندس شاگردن مان هو.

سندس والد مخدوم راهو صاحب حال هو. پنهنجي وفات کانپوءِ پٽ کي ارشاد ڪيو هوائين تہ هو مخدوم بلاول جي صحبت ۾ وڃي رهي، جنهن جي صحبت ۾ ڪشف ڪماليت کي رسيو.

(معصومي)

تذڪره مشائخ سيوستان جو مصنف لکي ٿو تہ:

قاضي ڏتو وڏو عالم ۽ ولي ڪامل ڪشف و ڪرامت جو مالڪ هو. پنهنجي والد کان تصوف طريقت ۽ ظاهري علوم حاصل ڪري، جڏهن مخدوم بلاول جي خدمت ۾ پهتو تہ مخدوم صاحب کيس هميشہ ملا ڏتو ڪري سڏ ڪندو هو. هڪ ڏينهن مخدوم صاحب ملا جي بجاءِ قاضي ڏتو ڪري سڏيس، جنهن تي جماعت عرض ڪيو تہ اڄ ملا جي بجاءِ قاضي جو لقب ڇو عطا ٿيو آهي؟ مخدوم صاحب فرمايو تہ اڄ رات حضور رسول ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو تہ ڏتو قاضي آهي تنهن ڪري کيس پيغمبري دربار مان مليل لقب سان ياد ڪيو اٿم.

علم جو ايڏو متبحر يا ڄاڻو عالم هو جو هڪ دفعي سنڌ جي حاڪم (مرزا شاهہ حسن) وٽ هڪ ڪتاب سوکڙي ٿي آيو، جنهن جو خط ۽ عبارت اهڙي منجهيل يا شڪستہ هئي، جنهن کي ڪو بہ ٻيو وقت جو عالم قابل ڪو نہ سمجهي سگهيو. آخر قاضي ڏتي جي

سامهون رکيائون جنهن بنا ڪنهن تڪليف سمورو مضمون پڙهي مطلب ڪيي ڏنو. جنهن ڪري وقت جا سڀ عالم فاضل حيرت ۾ رهجي ويا.

قاضي صاحب جي ڏهين صدي جي آخر ۾ وفات ٿي آهي. رحمت الله عليه رحمة واسعة

## 197ـ محمد عارف سيوستاني

سيوهڻ جي مشهور شاعر نورالحق مشتاقي بن ملا دائود جي اولاد مان هن پوئين زماني ۾ سنڌي ۽ فارسي جو بهترين شاعرٿي گذريو آهي. شروع ۾ آخوند غلام رسول سيوهاڻي جي مڪتب ۾ تعليم ورتائين جتي فارسي ۾ ڏاڍو چڱو محاورو پيدا ٿيس ۽ ننڍپڻ ۾ ئي شعر موزون ڪرڻ لڳو. ان ڪان پوءِ وڃي سرڪاري ملازمت ۾ داخل ٿيو ۽ سب انپسيڪٽر پوليس جي عهدي تان 1907ع مان رٽائر ٿي اچي پنهنجي وطن ۾ مقيم ٿيو. ڪريما جو سنڌي ترجمه سندس حياتي ۾ ڇپجي ورهائجي ويو. پويان 2 ديوان يادگار ڇڏيا اٿس. (1) سنڌي (2) فارسي . ڪلام ۾ عارف تخلص ڪندو هو.

سندس ديوان نظر مان گذريو. قلمي جهونو نسخو ضايع ٿيڻ تي آهي. ان ۾ 3 سئو غزل رديف وارا آهن ۽ ازانسواءِ حمد ۽ نعت تي ٻه گهڻو ڪلام چيل آهي، مخدوم لعل شهباز جون مداحون ۽ وعظ نصيحت ۽ دنيا جي فاني هجڻ تي ٻه گهڻو ڪجهه چيل آهي.

زميندارِي نامہ — ڪريما مترجم سنڌي ٻه مستقل رسالا ٻه موجود آهن. 63 سالن جي ڄمار ۾ سن 1334هه هن دنيا جي شعر و شاعري کان زبان بند ڪري لحد جي ڪنڊ ۾ خاموشي واري حالت ۾ وڃي آراميو.

## 198ـ ملا محب علي سنڌي

سنڌ جو وڏو شاعر عالم صوفي محب علي ولد مولانا حيدر علي سمرقندي مآثر رحيمي جو مصنف لکي ٿو تہ حيدر علي سمرقند مان هجرت ڪري سفر جا جاکوڙا سهندي اچي سيوهڻ ۾ پهتو ۽ اُتي

ئي مستقل بود باش اختيار ڪيائين. مير ابوالبقا بن غياث الدين سبز واري جي ملازمن ۾ منسلڪ ٿيو. اُتي سيوهڻ ۾ ئي ڪيس فرزند ارجمند ملا محب علي تولد ٿيو. هي ٻار اجا ننڍو ئي هو تہ سندس والد مولانا حيدر علي سيوهڻ ۾ وفات ڪري ويو. جنهن ڪان پوءِ جڏهن پوري طرح هوش سنڀاليائين تہ طلب علم لاءِ ٺٽہ ۾ اچي مقيم ٿيو. ٺٽہ جي عالمن فاضلن وٽ سڀني علمن ۽ فنن ۾ ڪمال حاصل ڪري ٺٽہ ۾ ئي هميشہ مقيم ٿي رهيو.

999 هجري ۾ جڏهن جلال الدين محمد اڪبر بادشاه (—) جي حڪم سان نواب عبدالرحيم خان خانان (-----) سنڌ تي چڙهائي ڪري ٺٽہ کي فتح ڪيو. تڏهن خان خانان جي درباري شاعر مولانا شڪيبي جي واسطہ سان ملا محب علي جي خان سان ملاقات ٿي ۽ پهرين ئي صحبت ۾ هڪٻئي سان اهڙا تعلقات جڙي ويا جو آخر دم تائين نہ ٽٽا.

ملا محب علي جڏهن خان جي خدمت ۾ پهتو، تڏهن هيٺيون شعرعرض رکيائين:

بي غم عشق تو صد حيف ز عمري کہ بگذشت
پيش زين ڪاش گرفتار غمت مي بودم

عبدالرحيم خان پاڻ درويش صفت ۽ ڏاڍو درويش پرور امير هو. هوڏانهن ملا محب علي ۾ اهي سموريون صفتون هيون جنهن ڪري ونس وڏي عزت ۽ وڏائي ۽ مرتبہ سان حياتي گذارڻ لڳو. هڪ قصيده ۾ خان کي خطاب ڪندي لکي ٿو تہ:

مرا چون شد جواني بردر تو
نخواهم شد بہ بيري از برتو

عبدالرحيم خان ملا سنڌي کي پنهنجي فرزند شاهنواز خان جو استاد ۽ اتاليق مقرر ڪيو. جنهن 1025 ۾ خان دکن جي مهم تي روانو ٿيو. تڏهن پنهنجي فرزند جي همراه ملا محب علي کي بہ برهانپور ۽ خانديش ڏانهن ورتيون ويو. جنهن ڪان پوءِ گهڻو وقت اتي ئي زندگي گذاريندو رهيو. خان خانان جي اجازت ۽ خرچ تي. ملا محب علي حج جو سفر ڪيو. انهيءَ سفر ۾ سندس هم عمر ساٿي مولانا محمد رضا شڪيبي (متوفي 1023) بہ هم سفر هو. خان خانان پنهنجي

بزرگن جي سفر خرچ لاءِ 80 هزار روپيا نقد ادا ڪيا. ان ڪانسواءِ ڪاڏي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي وغيره ضروريات سفر جو جدا انتظام ڪيو ويو اهو سفر سال 1012 ۾ واقع ٿيو. (گلزار) — بندر تي پهچڻ ڪانپوءِ اُتي جي وڏي عالم صوفي شيخ فضل سان صحبت ٿيس ڪائونس خرقہ خلافت ڊڪي، ان ڪان پوءِ حرمين ڏانهن روانو ٿيو. مڪہ معظمہ ۽ مدينہ عاليہ ۾ جيترو وقت رهيو سمورو وقت هڪ طرفو ۽ گوشہ نشين ياد الاهي ۾ رهيو. اتان واپس ٿي جڏهن عبدالرحيم خان وٽ پهتو. تڏهن تہ مورڳوئي سندس رنگ الڳ ٿي ويو. رات جو عبادت ۾ ويهڻ ۽ ڏينهن جو روزا رکڻ سمورو وقت تسبيح ۽ تهليل ۾ گذارڻ. مولانا محب علي سنڌي خان خانان وٽ ڪل 29 سال گذاريا. ان وچ ۾ حج جو سفر ۾ ڪيو. آخر تہ بجاءِ برهانپور ۾ ئي مقيم ٿي حياتي جون گهڙيون عبادت ۾ گهارڻ لڳو.

عبدالرحيم خان خانان جي وفات (—) ڪانپوءِ عبادت گذاري جي ايامڪاري ۾ جڏهن سلطان خورم شاهہ جهان هندستان جي تخت تاج جو مالڪ ٿيو. تڏهن ملا محب علي کي هن علم دوست بادشاهہ پاڻ وٽ گهرائي ورتو. بادشاهہ جي دربار ۾ سندس ايڏو مرتبو ۽ عزت هئي جو 1048هہ ۾ جڏهن هندستان ۾ بارش نہ پوڻ سبب ڏڪار جو سخت خطرو پيدا ٿيو. تڏهن بادشاهہ جي ارشاد موجب جن بزرگن برسات لاءِ دعائون گهريون (باران نمازون پڙهيون) تن مان ملا محب علي بہ هڪ بزرگ هو.

مير عبدالله سلطان عريضي ولد مير ابوالمڪارم (جنهن وٽ مولانا جو والد سمرقند مان اچي سيوهڻ ۾ ملازم ٿيو هو) تنهن کي شاهجهان وٽ رهڻ وارن ڏينهن ۾ مولانا سفارش ڪري 5 هزار سالانا آمدني جي جاگير ڏني ۾ ڏياري ۽ ان ريت انهيءَ خاندان جي احسان جو بدلو ادا ڪيائين. آخر 1048 ۾ شاهجهان ڪان موڪل وٺي وري وڃي گوشہ نشيني اختيار ڪيائين. مولانا ايڏي علم فضل وارو هو جو سندس معاصرن مان مولانا محمدرضا شڪيبي حسان الهند ۽ ملا عبدالحميد لاهور مصنف بادشاهہ نامہ ۽ عبدالقدوس نهاوندي مصنف مآثر رحيمي سندس تعريف ۽ واکاڻ مان ڍاپندائي ڪونہ هوا.

عبدالباقي نهاوندي مولانا جي شان ۾ لکي ٿو تہ:

درويش نهاد و فاني مشرب واقع شده دو طرز تصوف و تذکير و تحقيق جنيد وبا يزيد وقت و زبان خود است (ماثر رحيمي)

مولانا هڪ وڏو شاعر آهي. ماثر رحيمي ۾ سندس هڪ وڏو قصيدو ۽ ساقي نامہ ۾ درج ٿيل آهي. ۽ عبدالنبي مولف تذکره ميخانہ وڏن شاعرن مان شمار ڪيو آهي. عبدالباقي ڪيس حڪيم سنائي غزنوي جي برابر درجہ ڏنل ٿو. مگر ان هوندي بہ سندس صوفيانہ ۽ عارفانہ زندگي اڳيان سندس شعر شاعر کي هيچ ڪري سمجهي ٿو. لکي ٿو تہ:

”بہ نسبت شعر و شاعري بہ ايشان دادن لازم آمدہ والا مرتبہ و حالت ايشان را در اقسام حيثيات واستعدا دات بہ تخصيص فقر و مسکنت کہ انسان کامل عبارت از جمعي است کہ اين سرشتہ بدست در آورده باشد آن است“ (ماثر رحيمي)

## 199. حافظ حامد ٽڪڙائي

حافظ حاجي حامد، سنڌي فارسي جو بهترين شاعر. ميمڻ قبيلي مان هي بزرگ ٿي گذريو آهي. ننڍپڻ ۾ ماتا جي بيماري سبب سندس اکين جو نور الوداع ڪري ويو. مگر دل جي روشني اهڙي قائم رهيس جو هو سڄڻ ڪان سڄو هو.

ٽکڙ ۾ اٺ سيپارا قرآن شريف جا ياد ڪري، ان ڪانپوءِ جواني جي شروعات ۾ حرمين شريفين ڏانهن روانو ٿي ويو. باقي 22 سيپارا مدينہ طيبہ ۾ شيخ قاري محمد شازلي جي خدمت ۾ فقط 8 مهينن اندر ياد ڪري ورتائين. سندس فرزند محمد هاشم مخلص کان روايت آهي تہ والد مرحوم فرمائيندو هو تہ استاد صاحب کان سبق وٺي پوءِ حضور سرور ڪائنات صہ جي روضہ اطهر جي سامهون هڪ ڀيرو ڏيندو هوس. ۽ سبق ياد ٿي ويندو هو. وري دوباره ڀيرو ڏيڻ جي ضرورت ڪانہ رهندي هئي. هڪ دفعي شيخ محمد شازلي چيس تہ حامد تون سبق کي پورا گهمرائي ڪونہ ڪيين ٿو تنهن ڪري توکان قرآن وسري ويندو. جواب ۾ عرض ڪيائين تہ سائين هڪ دفعو اوهان وٽ پڙهان ٿو ۽ ٻيو دفعو روضو مبارڪ جي سامهون. پڪ اٿم تہ مون کان قرآن ڪڏهن بہ فراموش نہ ٿيندو. حرمين ۾ ٻہ سال رهي، ٻہ حج ادا ڪري

ان ڪانپوءِ پنهنجي وطن ۾ واپس آيو. مناسڪ الحج نالي هڪ رسالو سنڌي زبان ۾ منظوم ڪيائين. جو زماني جي دست برد سببان ناياب ٿي ويو آهي. هڪ ڏينهن پنهنجي ڳوٺ واري مسجد ۾ ستل هو ته مولوي حاجي موسيٰ نظاماڻي ڪيس اچي اٿاري چيو ته حامد اٿي فارسي پڙهه! حافظ صاحب عرض ڪيو ته منهنجو فارسي سان ڪهڙو واسطو؟ پر آخر مولوي صاحب جي زور آٽڻ تي آمدن — آوردن — آموختن جون ٿي گردانون ڪيس ياد ڪرائي مولوي صاحب ڳوٺ روانو ٿي ويو، جتي ٽن ڏينهن ڪانپوءِ وجي اُتي وفات ڪيائين. هوڏانهن حافظ حامد لاءِ اهي 3 مصدرون ۽ سندن گردانون فارسي سکڻ ۾ انجي تڪميل لاءِ گنج ثابت ٿيون. قدرت هن دل جي سچي بزرگ تي ايڏي عنايت ڪئي جو هي فارسي ۾ نهايت عمدو شعر چوڻ لڳو. جنهن تي وقت جي شاعرن ڪي عبرت لڳندي هئي سندس فارسي غزل جو نمونو ڏسو:

چه سحر آموخت يارب چشم يارم
خراب انداخته ست آن جمله ڪارم
سيه زلفش چه سودا درد در دل
ڪه هردم بيخود بي اختيارم
بشوق موعد وصلش ڪه صبح است
همه شب مي رود در انتظارم

هن صاحب عربي تعليم ملاڪاتيارن جي درس ويلي محمد وٽ شروع ڪئي. چون ٿا ته صبح جو اڪيلي سر ڪتابن جي ڳنڙي پٺي تي رکي چار ميل پنڌ ڪري ٽڪڙ مان ملاڪاتيارن پهچندو هو. رستي ۾ ڪنهن واهه تي ڪا ڪاني، پل جي بجاءِ رکيل هوندي هئي ته ان تان بيڌڙڪ عبور ڪري هليو ويندو. تعليم وٺندي هڪ ڏينهن شرح ملا جامي جي ڪنهن عبارت تي استاد سان اختلاف ٿي پيس. انجي حل ڪرڻ لاءِ گهڻو بحث مباحثه جاري رهيو. مگر حافظ صاحب کي اطمينان نه آيو. جنهن ڪانپوءِ اتان ڇڏي ٽنڊو سائينداد جي قاضي ابوالحسن مرحوم جي خدمت ۾ شاگردي جو سلسلو قائم ڪيائين. ان ڪانپوءِ ڪجهه وقت مٽارين جي علمائن وٽ پڙهي علم جي تڪميل ڪري ورتائين. طالب علمي جي زماني ۾ ۽ ان ڪانپوءِ هن جو سمورو

توجهہ شاعري ڏانهن هو. پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل ماڻهن وٽ سندس شعر قبول پوندو رهيو. سندس هم عصر شاعرن مير عبدالحسين سانگي ۽ سيد غلام محمد شاهہ گدا ۽ سيد مرتضائي نتوي سندس ڪلام جو قدر ڪندا ۽ بيحد تعظيم سان پيش ايندا هئا. جن شاعرن جي شعر، سندن حياتي ۾ ئي قبول عام جو درجو حاصل ڪيو، تن مان هڪ حافظ صاحب بہ آهي. سندس سنڌي ڪلام ۾ روانگي ۽ سادگي ۽ سلاست لفظن جي تجيس اهڙي طرح پوتل آهي جو ڄڻ تہ سندس هڪ هڪ شعر موتين مالها آهن. جنهن ماڻهو سندس ديوان "ارمغان حامد" پڙهيو هوندو، سي ئي سندس ڪلام جي لطف ۽ لذت جو اندازو ڪري سگهن ٿا.

حافظ صاحب پنهنجي ڄمار جو گهڻو حصو ڪپڙي جي واپار ۾ خرچ ڪيو هو اکين کان نابينا، مگر دل جو اهڙو سڄو هو جو هٿ لائي سفيد ۽ رنگين يا ڇيٽ ڪي سڃاڻي سگهندو هو. بلڪ چوندا آهن تہ ڪپڙن جا رنگ بہ هٿ سان سڃاڻندو هو. يادگيرو اهڙو زبردست هوس جو هڪ دفعي هڪ منٽ بہ ڪنهن ماڻهو جو ڳالهاءُ ٻڌائين تہ ورهين ڪانپوءِ اهو ماڻهو مليس تہ هڪدم سڃاڻي وٺندو هو تہ هي فلاڻو ماڻهو آهي، حافظ مرحوم جي حافظي ۽ دل جي سچائي جا اڄ تائين ماڻهن کي ايترا قصا ياد آهن جو گويا ڪرامتون آهن. جي هن کان سرزد ٿينديون رهيون ٿي. ايڏي ڪماليت وارو شاعر سفر جي حالت ۾ ڳوٺ ڇاريلي رياست جوڌپور ۾ 1315 ۾ وفات ڪري ويو. سندس سال وفات "آهہ غريب الوطن" مان نڪري ٿو.

## 200- سيد رحمت الله بکري

سيد رحمت الله بن لطف علي رضوي بکري. ميان عبدالنغني فيروز جنگ بهادر سنڌ جي پوئين ڪلهوڙي حاڪم جو درباري شاعر ۽ مداح ۽ قصيده خوان ٿي گذريو آهي. بکر جي اُجاڙ ٿيڻ ڪانپوءِ رضوي سادات ڪي روهڙي ۾ رهيا تہ ڪي وري پنهنجي بڪار واري جاگير ۾ مقيم ٿيا. سيد صاحب بہ بڪار جي جاگيردارن مان هو. جنهن جو ذڪر

انهيءَ قصيده ۾ ٿيل آهي. جو ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي مدح ۾ فرمايو اٿس. انهيءَ قصيده لکڻ وقت هو صاحب خدا آباد ۾ ميان صاحب جي وڏي درباري امير ۽ ٽالپرن جي مورث اعليٰ مير بجار خان جو اوطاقي هو. انهيءَ تي مير صاحب جي شهيد ڪرائڻ سبب ملڪ ۾ ممڻ متو ۽ ڪلهوڙن جي راڄ جو زوال آيو ۽ ميرن ملڪ ورتو. هن صاحب کي مير صاحب وٽ ٽڪندي ڪجهه وقت لنگهي ويو. پويان گهر ٻار جو انتظار هوس جنهن ڪري قصيده ۾ مير بجار خان کي به خطاب ڪيو اٿس ته ٻه مهينا گذري ويا آهن عيال کان دور آهيان موڪل ملي ته وطن وران.

سيد صاحب جو قصيدو تمام طولاني آهي. جنهن ۾ نه فقط ميان عبدالنبي جي شخصي مدح سرائي ڪيل آهي پر ان ۾ سندس درباري اميرن ۽ وڪيلن ۽ توشه خانه جي هندو منشين ۽ درباري عالمن ۽ قاضين ۽ حڪيمن جو به نام بنام ذڪر ٿيل آهي. قصيده جي شروعات اسان جي سنڌ سڳوري جي واکاڻ سان ڪئي اٿس. جيئن سنڌ کي ساراهيندي لکي ٿو ته:

بارک الله کشور سنڌ سواد دلکشا
کز غبار او بود چشم فلک را توتيا
آبروئي چهره خلد برين را آبرو
از هوايش گلشن فردوس را نشوونما
شرخشان بادهء توحيد را ميخانه
ارزو وعده ايصال را سلمي نما
بسکه آدم پرور آمد اين گلستان هنر
سبز از کهسار مي رويد هم مردم گيا
در چنين ملک ملک خيزے ملائک پرورے
در بنود گر شد ابليس از کفرش رها.

يعني ته دل کي فرحت ڏيندڙ سنڌ ديس تي الله جي برڪت هجي شال، جنهن جي خاڪ جي دز آسمان جي اکين جو سرمو آهي.

سنڌ بهشت بلند جي چهري تي آبرو آهي ۽ هنجي هوا کان بهشت جو باغ وڌي ويجهي رهيو آهي توحيد جي مست متوالن لاءِ سنڌ

ديس ميخانو آهي. ميلاپ جي وعدي لاءِ معشوق وانگي وڻندڙ آهي. هي هنر عقل جو باغ ڏاڍو انسان پرور آهي ڪهسار تي سبزگاهه جي بجاءِ ٻه ماڻهو پرورش وٺي رهيا آهن. ههڙي ملائڪ پيدا ڪندڙ ۽ ملائڪ پاليندڙ ملڪ ۾ شڪ نه آهي ته ابليس به پنهنجي ڪفر کان توبهه تائب ٿي وڃي.

سنڌ ندي جي واکاڻ ۾ فرمائي ٿو.

در دل پر مهر سنڌ اين نهر مهران روان
شادي ديدار يار وعده وصل وفا
ماشاءَ الله رود مهران سراپا مهربان
جوئبار سلسبيل و چشمه آب بقا
نيل مصر از انفعال روء اوبر چهره نيل
آب خضر از شرم او زد غوطه در بحر خفا
”کل شئي جي“ آمد و صف احياي دمش
از صفات حق زده آب بروئي کارها

سنڌ جي محبت ڀري دل جي وچ ۾ مهراڻ جاري آهي. جو ڄڻ معشوق جي وصال واري وعده جي خوشي جو ڏيک ڏئي رهي آهي.

سنڌ ندي (مهراڻ) برابر مهربان آهي. ڄڻ ته بهشت جي سلسبيل ندي آهي يا آب حيات جو چشمو آهي.

مصر جي نيل ندي شرمندگي کان پنهنجي چهره کي نير ۾ رنگي ڇڏيو آهي ۽ مهراڻ جي شرم کان آب حيات به ڪنهن ڳجهي سمنڊ ۾ وڃي غوطو هنيو آهي.

سنڌ جي دم سان سڀ کا شئي جيئري آهي. اها هڪ الاهي صفت آهي جو دنيا جي ڪاروبار ۾ ڪم ڪري رهي آهي. هن پوئين شعر ۾ قرآن شريف جي آيت ”وجعلنا کل شيءِ من الماءِ حي“ جي تلميح آهي، يعني ته اسان سڀ شئي پاڻيءَ مان جيئري يا زنده ڪئي آهي.

سيد صاحب 1194هه تائين جيئرو هو ۽ اهو قصيدو به انهيءَ سال لکيو اٿس. ميان عبدالنبي خان ڪلهوڙي ڏانهن قنڌار جي بادشاهه

تيمور بن احمد شاهه ابدالي انهيءَ سال خلعت موڪلي هئي. جنهن جو پڻ انهيءَ قصيده ۾ ذڪر ٿيل آهي ۽ "خلعت باامن" جي فقري مان 1194 انجو سال ڪڍيو اٿس. پر سندس وفات جو سال يقيني طرح معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

## 201- شيخ ابراهيم عباسي

هي بزرگ پهريان عرب ملڪ مان سنڌ ۾ پهتو ۽ نيرون ڪوٽ جي لڳ هڪ پهاڙي ڪلهوڙا نالي ۾ اچي رهيو. هڪ عابد زاهد فاضل عالم هو. جنهن سنڌ ۾ دين جي علم ڪي جاري فرمايو. هن ملڪ ۾ ٺي شادي ڪيائين. جنهن مان ٻارهن فرزند ٿيس ۽ انهن جو اولاد سنڌ ۾ ڪلهوڙا قوم جي نالي سان پڪڙيل آهي. ڪيترو زمانو سنڌ ۾ وعظ تعليم ۽ اسلامي حڪمن جي جاري ڪرڻ ۾ لڳائي. انهي ئي پنهنجي رهڻ واري هنڌ ڪن چورن هٿان شهيد ٿي ويو. ۽ اهو واقعو سن 248 جو آهي. ڪهڙن وارن مشهور مخدومن جو جدا امجد بہ اهو بزرگ آهي ۽ نسب جي لحاظ سان جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪي ڪلهوڙا سچ پچ عباسي آهن تہ چيو وڃي ٿو تہ فقط ڪهڙن وارن مخدومن جوئي هڪ گهر آهي. شيخ ابراهيم جو نسب هن ريت <u>تاريخ آئينہ جهان نما</u> ۾ بيان ٿيل آهي.

ابراهيم بن اسحاق بن معروف بن محمد بن عبدالله بن محمد بن علي بن عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهم اهو شيخ ابراهيم خليفہ معتصم بالله ابراهيم جي زمانہ ۾ خليفہ وقت جي مشوري سان سنڌ ۾ اسلامي حڪمن جي جاري ڪرڻ لاءِ آيو. (تذڪره مخاديم ڪهڙه)

## 202- شيخ عبدالله عباسي

شيخ عبدالله بن ابراهيم عباسي بغدادي پنهنجي والد جي وفات کانپوءِ شريعت ۽ طريقت جي مسند جو مالڪ بڻيو. ظاهري ۽ باطني علمن کان ماڻهن کي فيض ياب ڪندي سن 392 ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو. ان کانپوءِ سندس فرزند جمال الدين پنهنجي

والد واري ساڳين صفتن موصوف ٿي خلق خدا کي هدايت ڪندو رهيو. اهو بزرگ سن 460 ۾ هن دنيا مان آخرت جو سفر فرمائي ويو ۽ سندس فرزند شيخ عبدالله ڪاملن مان هو، جنهن 507 ۾ رحلت ڪئي ان بعد شيخ يحيٰ بن جمال الدين، ڪشف و ڪرامت جو مالڪ، شريعت ۽ طريقت جو جامع هو. سوين ماڻهو سندس ظاهري ۽ باطني علمن مان بهره ور ٿيا. آخر هن عابد زاهد جي حياتي جو سج فنا جي مغرب ۾ غروب ٿي ويو. اهو واقعو سن 668 هجري جو آهي. ان ڪانپوءِ مخدوم بن يحييٰ شرع محمدي جي مسند تي پهتو. سوين ماڻهو سندس تعليم تدريس مان بره ور ٿي فاضل ڪامل ٿيا. جنهن پڻ سن 757 ۾ دارالفنا مان دارالبقا ڏانهن رجوع ڪيو. سندس جاءِ تي مخدوم احمد بن محمد قائم مقام ٿيو. هي هڪ وڏو محدث فقيہ عالم ٿي گذريو آهي. تفسير حديث، فقہ جي تدريس ۾ دائمي مشغول رهي سن 870 ۾ پنهنجي جان، جان آفرين جي حوالي ڪيائين.

نوٽ: هي سمورو احوال مخدوم مرحوم الهبخش کهڙوي جي رسالي "فوزالاخلاف من فيض اسلاف" مقلب بہ تذڪره مخاديم کهڙه تان ورتل آهي. مگر هن ۾ بزرگن جي وفات جا جيڪي سال ڄاڻايل آهن سي قدري مشتبہ ۽ شڪي نظر اچن ٿا.

(والله اعلم با الصواب "مولف")

## 203۔ مخدوم اسد الله کهڙوي

مخدوم اسد الله ولد مخدوم احمد (متوفي 870) هو وڏو عالم فاضل متبحر صوفي باصفا بہ هڪڙو ئي هو. شريعت جي حڪمن جاري ڪرڻ ۾ اسم باسميٰ هو. سندس زماني ۾ همايون بادشاھ جڏهن سنڌ ۾ آيو تہ مخدوم صاحب جي ساڻس ملاقات ٿي. همايون ڪائونس دعا گهرائي تہ دهلي جو تخت وري واپس ڪيس نصيب ٿئي. همايون جي وفات سن 963 ڪانپوءِ جڏهن سندس فرزند جلال الدين محمد اڪبر 14 سالن جي ڄمار ۾ تخت تي وينو تہ هن شروع ۾ سموري سلطنت

جو انتظام شرعي نموني ۾ ئي رکيو ۽ هر هڪ ملڪ ۾ اشتهار موڪليائين ته شريعت جي حڪمن کي جاري ڪري بدعت ۽ گمراهي جون پاڙون پٽيون وڃن. سنڌ ۾ مخدوم موصوف ته اڳ ۾ ئي انهيءَ ڪم سان لڳل هو. مگر ان زماني ۾ ڪن هندن ٻڌي ڪري بادشاهه کي عريضو موڪليو ته اسد نالي هڪ ماڻهو اسان تي ظلم زبردستي جاري رکي رهيو آهي. جادو سحر سان ماڻهن کي غلط رستي تي هلائي رهيو آهي. مخدوم صاحب کي جڏهن اها سڌ پيئي، تڏهن هڪ عريضو پنهنجي شرعي خدمات بابت لکي قاصد هٿان بادشاهه جي دربار ۾ موڪليائين. جڏهن اهو عريضو بادشاهه جي نظرن مان گذريو ۽ شرعي حڪمن جاري ٿيڻ جو احوال معلوم ڪيائين. تڏهن بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. هڪ پروانو مخدوم صاحب جي نالي روانو ڪيائين ته سنڌ جي قضا ۽ فتويٰ سندس وجود سان وابسته رهي. بيشڪ شرعي حڪم جاري فرمائيندو اچي. ان ڪانپوءِ پاڻ ڪهڙن جي لڳ پپري جي شهر ۾ رهيا. اتي هڪ مسجد به اڏايائون ۽ اتي ئي وفات فرمايائون اهو سال 966 جو واقعو آهي.

## 204- مخدوم جلال الدين ڪهڙوي

جلال الدين بن اسد الله عباسي، پنهنجي والد جي وفات ڪانپوءِ شرع شريف جي مسند تي متمڪن ٿيو. ظاهري علم سان گڏ باطني ذوق جو مالڪ ۽ وڏو عابد صاحب حال جو هو. سموري ڄمار شريعت جي مضبوطي ۽ درس تدريس ۾ گذاري سن 1027هه ۾ رحلت فرمايائين.

### قطعه تاريخ

جمال ز دين حق ترا ڪافي ست<br>
به پيش حضور نبي شافي ست<br>
خرد سال آن شيخ عالم تقي<br>
بگفتا ڪه شيخ زمن هادي ست

1027

(آئينه جهان نما)

## 205- مخدوم يحيىٰ بن جلال الدين کهڙوي

مخدوم يحيٰ وڏن درجن ۽ وڏين ڪرامتن جو مالڪ هو. وڏو عالم ۽ فقيه مصنف ٿي گذريو آهي. پنهنجي والد مخدوم جلال الدين جي جاءِ تي ظاهري ۽ باطني فيض سان ماڻهن کي مالا مال ڪندو رهيو. سندس لقب بدرالدين رکيل هو. هن جي تاليفات مان اساس المصلي، رساله در توحيد، رساله در فرائض واجبات نماز يادگار آهن. سال 1041 ۾ وصال فرمايائين.

### قطعه تاريخ

جناب زنده شيخ معلي – ڪه بدر دين لقب نامش يحيٰ
چون تاريخ وصول جستم – خود گفتا ڪه فاصل علم اعليٰ
1041

## 206- مخدوم عبدالخالق کهڙوي

عبدالخالق بن بدرالدين يحيٰ. اهو بزرگ پهريون ئي انهيءَ خاندان مان جو پيپري (تعلقه گمبٽ) مان نقل ڪري کهڙن جي شهر ۾ اچي رهيو هو. جتي اباڻي طريقي تي دين جي تجديد ۽ شريعت کي جاري رکيائين. آخر سن 1062 ۾ وفات فرمايائين.

### قطعه تاريخ

از بروج فياض علم و عمل

## 207- مخدوم محمد عاقل اول

مخدوم عاقل ولد عبدالخالق، عالم فاضل زاهد صوفي عارف هو. سمورو وقت زهد عبادت ۽ شرعي حڪمن جي جاري ڪرڻ ۾ صرف ڪندو رهندو هو. چون ٿا ته هڪ رات ڪيس حضرت رسول الله ﷺ ۽ چئن يارن سڳورن ۽ سيدنا عبدالقادر جيلاني ۽ شيخ عثمان مروندي لعل شهباز سيوهاڻي جي پنهنجي ڳرڻ کهڙن ۾ خواب يا ڪشف جي حالت ۾ زيارت نصيب ٿي. حضور رسول ڪريم ﷺ هن صاحب کي "مخدوم" جو لقب عطا فرمائي سيدنا ابوبڪر صديق جي

معرفت فضيلت جي پڳ ٻڌائي ۽ سندس اولاد ۾ علم ۽ فيض جي ٻڌا لاءِ دعا فرمائي.

هن بزرگ انهيءَ واقعي کان پوءِ پنهنجي اولاد کي وصيت فرمائي ڇڏي ته آئنده جڏهن به ڪو قضا جي گادي تي ويهي ته اُهو پهريان سيوهڻ وڃي مخدوم لعل شهباز قلندر جي درگاهه تي دستاربندي ڪرائي ان کانپوءِ ڪم ڪار کي لڳي. اهارسم آخر وقت تائين انهيءَ خاندان ۾ جاري رهندي آئي آهي.

مخدوم محمد عاقل جي وفات 1092 ۾ ٿي گذري.

## قطعه تاريخ

عظيم و فاضل و عاقل زمانہ – شہ اهل ڪرم عاقل محمد
وصالش قطب افضل اهل دل گو – بود پاڪيزه دم عاقل محمد
1092

(آئينہ جهان نما)

## 208۔ مخدوم محمد ثاني کهڙوي

محمد بن مخدوم محمد عاقل، عالم فاضل، ظاهري ۽ باطني علمن جو جامع، قادري طريقي جو وڏو پير ڪرامتن جو مالڪ هو. آبائي رواج موجب هميشه شريعت جي حڪمن جاري ڪرڻ ۾ گهڻي ڪوشش ونندو رهندو هو.

روايت آهي، ڳوٺ ترائي (حال تعلقه ڳڙهي ياسين) ۾ وڏيري جلال خان ابڙي هڪ اهڙي هندو کي پناهه ڏني هئي. جنهن کان اسلام جا ڪلما صادر ٿي چڪا هوا. مخدوم انهي هندو جي بازو هٿ ڪرڻ لاءِ جماعت سان جلال ابڙي وٽ چڙهي ويو. مگر هن نه مڃيو، جنهن تي مخدوم صاحب شهر لاءِ بد دعا ڪئي، نتيجو اهو نڪتو، سمورو شهري سڙي خاڪ ٿي ويو. جلال خان جي والده مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اچي دعا لاءِ منٿون ۽ زاري ڪئي جنهن تي پاڻ فرمايائون ته:

**سڙي لوٺ منجهان هڪ مورو پيدا ٿيو**

جنهن ڪانپوءِ خير ٿيو. مگر اڄ تائين انهي بد دعا جو اثر انهيءَ شهر ۾ باقي نظر ايندو آهي، سندس وفات کان پوءِ ڪيترا ماڻهو هن بزرگ جي مقبري تي زيارت لاءِ ايندا آهن. ۽ سندس ڪرامتن جا قائل آهن. مماتي ۾ سندس ڪرامتن جو تفصيل تاريخ "آئينہ جهان نما" ۾ تفصيل سان ڏيکاريل آهي.

هن بزرگ سال 1122 ۾ هن دنيا فاني مان وفات فرمائي.

## قطعہ تاريخ

چون ازين دنيا بفردوس برين — حضرت مخدوم محمد دستگير
هست سلطان المشائخ رحلتش — بازگو سال وصالش شيخ پير
1122 112

## 209- مخدوم عبدالرحمان شهيد کهڙوي

مخدوم عبدالرحمان ولد مخدوم محمد عباسي، عالم عامل عارف ڪامل صاحب طريقت ۽ شريعت هو. ڪڏهن جذبي جي حالت ۾ اهڙا ڪلما بہ سندس زبان مان نڪري ويندا هوا، جو شريعت ۾ نامناسب آهن، جڏهن هوش ۾ ايندو هو تہ ان کان توبهہ ڪندو هو. شريعت جي رواج ڏيارڻ ۾ بيحد ڪوشش ڪي لڳو رهيو. ان وقت ميان نور محمد ڪلهوڙي جي سنڌ تي حڪومت هئي. ۽ اسلام جي خادمن ۽ مخدومن جو دين جي رواج ڏيارڻ ۾ ڏاڍو زور هو. هڪ دفعي جو واقعو آهي تہ مخدوم صاحب مسجد جي الهندي ڪان واهہ جي ڪناري تي وينا هوا تہ اوچتو هڪ مجذوب صفا ننگو پاڻي مان ٻاهر نڪري مخدوم صاحب جي سامهون اچي ويٺو. مخدوم صاحب شريعت موجب هن کي اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ چيو. مگر نہ مڃيو. پوءِ پنهنجي هٿن سان کيس ڍڪڻ لاءِ سڄي ٻانهن چوريائون تہ اها خشڪ ٿي پئي. وري ڪبي ٻانهن چوريائون تہ اُن بہ ڪم نہ ڏنو. آخر مخدوم صاحب هن ڏانهن شرعي حڪم جي پورائي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ سمورو بدن سڪي مُڪي ٿي پيس. مطلب تہ فقير جي ڪرامت سان مخدوم صاحب جو بدن طاقت ڇڏي نست ۽ خشڪ ٿي پيو. مگر هو صاحب شريعت جي برخلاف اگهاڙو ٿيو ويٺو هو، انکي تنبيهہ ڪرڻ کان باز نہ

آيا. آخر اهو فقير ٿوري وقت لاءِ اکين کان غائب ٿي ڪپڙا ڍڪي، مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اچي پهتو ۽ ڪيس پاڪر پائي دعا ڪيائين ته الله تعاليٰ تنهنجي عضون ۾ برڪت ۽ سگهه ڏئي جو شريعت جي حڪم پوري ڪرڻ لاءِ چوريا اٿوَ. هي اوهان جو امتحان هو جو ٿي گذريو. آئينده جهان جو مصنف لکي ٿو ته اهو خضر عليه السلام هو. مگر عقل قبول نه ٿو ڪري ته ڪو خضر عليه السلام اگهاڙو ٿي ماڻهن ۾ اچي ويهندو. شايد ڪو ٻيو فقير هوندو، جيڪو مخدوم صاحب جي امتحان لاءِ آيو هجي.

سندس دوستن مان گهوٽڪي شريف جو مشهور سيد ميان موسيٰ شاهه هڪ وڏو بزرگ ڪامل صاحب شريعت ٿي گذريو آهي. سيد صاحب هميشه مخدوم صاحب جي ملاقات لاءِ کهڙن ۾ ايندو هو. ۽ کهڙن کان 4 ميل پري ميان جاڙل شاهه جي ڳوٺ ۾ پيادل پنڌ ڪري مخدوم صحب وٽ اچي پهچندو هو. مخدوم صاحب جي شهيد ٿيڻ کانپوءِ سندس عيال و اطفال جي سنڀال لاءِ به پير صاحب 9 مهينا کهڙن ۾ رهي پيو هو. سلسله قادريه جو وڏو پير بزرگ هو.

مخدوم صاحب وصيت ڪئي هئي ته اسان جي وفات کانپوءِ ختم يا خيرات جيڪا به اسان جي نالي ڪئي وڃي، تنهن ۾ پير موسيٰ شاهه جو نالو به ورتو وڃي، نه ته اسان کي نامنظور آهي. مخدوم صاحب جي ڪامل مريدن ۽ خليفن مان فقير چنيه نالي اُچڻ به هو. جن جي درگاهه اڄان تائين کهڙن ۾ موجود آهي. خليفه جمعه کهڙو به سندس ڪامل مريدن مان هو. اهڙي طرح دوستن مان روهڙي جي مشهور رضوي سادات مان سيد حيدر حقاني بکري به هو. جنهن ڪري روهڙي جي ساداتن جو تمام پوئين وقت تائين هن خاندان سان دوستي ۽ محبت ۽ اخلاص جو رستو هلندو آيو ٿي.

مخدوم صاحب جو هڪ طرف کان شريعت جو زور هو ته ٻئي طرف کان سندن مريدن ۽ معتقدن جون جماعتون پيدا ٿينديون ويون. جي ڪڏهن شرعي معاملو پيش ايندو يا ڪنهن هندو کي مسلمان بنائڻ تي تڪرار ٿيندو ته 12 هزارن تائين ماڻهو مخدوم صاحب جي اردگرد جمع ٿي ويندا هوا. اهي خبرون وقت جي حاڪم ميان نور محمد

ڪلهوڙي تائين پهچنديون رهنديون هيون. هو سمجهندو هو تہ جيڪڏهن مخدوم صاحب ان طرح زور وٺي ويو تہ پوءِ حڪومت لاءِ چڱو ڪونہ آهي.

هڪ دفعي جو واقعو آهي تہ روهڙي جي رضوي سيدن جي جاگيرن جا پروانہ جيڪي سرڪار پاران جاري ڪيل هوا. سي ميان نور محمد ڪن سببن ڪري رد ڪرائي ڇڏيا. ساداتن مخدوم صاحب کي اچي منٿ ڪئي تہ اوهان ميان نور محمد ڏانهن ميڙ تي هلو. جنهن تي پاڻ پهريان انڪار ڪيائون مگر پوءِ گهڻي زور آڻڻ تي خدا آباد ڏانهن هزارن ماڻهن جي انبوهہ سان روانا ٿيا. سندس آمد جا اطلاع ميان نور محمد جي دربار ۾ پهچڻ لڳا. ميان نور محمد جو قاعدو هو تہ ڪنهن بہ ماڻهو لاءِ ڪچهري ۾ نہ اُٿندو هو، پر ويٺي ئي هنجي مرحبا ڪندو هو. مخدوم صاحب جي جماعتي طاقت ۽ عباسي نسب هجڻ ڪري ڪيس دل ۾ آيو تہ سندس خدمت ۾ اٿڻ بہ ڏکيو آهي ۽ وري اٿڻ بہ عزت جي برخلاف آهي. تنهن ڪري هي تدبير ڪئي وئي تہ مخدوم صاحب کي اڳ ۾ ڪچهري ۾ آندو وڃي. ان ڪنپوءِ ميان صاحب داخل ٿئي تہ جيئن مخدوم کي ئي هن لاءِ اٿڻو پوي. پر ٿيو ڇا جو جڏهن مخدوم صاحب ڪچهري ۾ داخل ٿيو تہ ميان صاحب کي نہ ڏنائين تہ اُتي چادر وڇائي نفل شروع ڪري ڏنائون. ايتري ۾ ميان صاحب بہ آيو تہ پاڻ التحيات ۾ هوا، ميان صاحب پنهنجي مسند تي اچي ويٺو، مخدوم سلام ورايو تہ اتي ويٺي ويٺي هڪبئي سان خوش آمديد ۽ مرحبا ڪيائون.

مخدوم صاحب احوال ڏيندي فرمايو تہ ميان صاحب اوهان وٽ ٻيات ٻيات جا عمده ڪتا بہ هوندا. ميان صاحب هائو ڪندي، هندستان ۽ خراسان ۽ گجرات جا ڪتا. مخدوم صاحب جي ڏيکارڻ لاءِ آڻي حاضر ڪيا. مخدوم فرمايو تہ اسان کي ڪتن جي ضرورت ڪانہ آهي، پر ڪتن کي ڏسي هڪ حديث ياد آئي آهي. تہ حضور رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ خيرات يا صدقو ڏئي موٽائيندڙ ڪتي جهڙو آهي، جو ٿُني ڪري وري ان کي پاڻ کائيندو آهي. شايد ميان صاحب وٽ جو تمام گهڻا ڪتا آهن، تن جي عادت منجهس اثر ڪيو آهي جو صدقات

اڳوڻن حاڪمن جيڪي روهڙي جي سيدن کي ڏنيون آهن، سي وري واپس ورتو ۽ ٿا. ائين چئي دعا خير گهري روانا ٿي پنهنجي رهڻ واري اوطاق تي اچي پهتا.

مياں نور محمد هڪ دانا حاڪم هو. تنهن هڪ منشي ۽ پنهنجي مهر سميت مخدوم شهيد ڏانهن روانو ڪري ڏنو ته جو ڪجهه وڻيوَ اهو پروانو لکائي مهر ڪري ساداتن جي حوالي ڪريو. جنهن تي مخدوم صاحب جاگيرن جا سمورا پروانا لکرائي بحال ڪرائي واپس ٿيو. ظاهري ۾ ميان ائين ڪيو. پر باطن ۾ ڪتي سان مشابهت ڏيڻ وارو مثال سندس دل ۾ تير وانگر چڀي رهيو هو. هن کي يقين ٿيو ته ايڏي بي عزتي جي جرات فقط اهو ماڻهو ڪري سگهي ٿو، جنهن کي هن بادشاهت هٿ ڪرڻ جو حوصلو هوندو. باقي ٻين کي ڪا مجال آهي. تنهن ڪري هن تاڙ ۾ رهيو ته ڪو وجهه ملي ته مخدوم صاحب کي ختم ڪرايو وڃي. ان وچ ۾ ڪا ٿيو جو هڪ مجذوب آئيداس نالي ڏڳي تي چڙهي، کهڙن جي بازار ۽ گهٽين ۾ هلندو رهندو هو. حقو هٿ ۾ هوس جو پيئندو ۽ چوندو رهيو ٿي ته منهنجو نالو آئيداس آهي. رمضان جو مهينو ۽ مخدوم صاحب جي شرعي حڪومت ۾ ماڻهن کي اها ڳالهه ڏاڍي ڏکي لڳي، ڪيس حقي پيئڻ کان گهڻي منع ڪيائون پر باز نه آيو. آخر مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اهو واقعو پيش ڪيائون. پنهنجي خليفي کي حڪم ڪيائين ته مجذوب کي منع ڪريو. جيڪڏهن منع سان نه مڙي ته ته ڪيس تعذير ڏيو. خليفي جماعت سميت وڃي هن کي سمجهايو. مگر هن ڪنهن جي پرواهه به نه ڪئي. آخر ڪيس پٿر هڻڻ لڳا، مگر هن کي ڪوبه پٿر ڪونه لڳو ٿي. آخر مخدوم صاحب سان احوال ڪيو ويو. فرمايائين هاڻي وڃي پڪڙيوس جو اسان هن تي ڪلام دم ڪريون ٿا. گفتار ڪري وٺي اچوس. پوءِ خليفي هن ڏانهن جنبي اچلائي ته ڏڳي تان ڪري پيو. ۽ ڪيس گرفتار ڪري مخدوم صاحب وٽ وٺي آيس. مخدوم صاحب فرمايو ته هن کي 220 درا هڻو ۽ هنجو ڏڳو کهي، خيرات ڪري کارائي ڇڏيو. مجذوب چيو ته جيڪو به منهنجو ڏڳو کائيندو سوبه ڏڳي وانگي کسي ويندو. مخدوم صاحب وراڻيو ته جيڪو به تنهن جي ڏڳي جي

ٻوٽي ڪائيندو تنهن تان دوزخ جي باهه حرام ٿي ويندي. آخر فقير ڪي 220 درا هنيائون ۽ ڏکو ڪهي ڪاڏائون. جنهن ڪانپوءِ مخدوم صاحب ۽ سندس جماعت جو واقعو پيش آيو. ٿيو ٻه ائين جو جن ڏکو ڪاڏو تن شهادت جو شربت پيتو ۽ جن نه ڪاڏو سي بچي ويا.

## شهادت جو واقعو

ڪهڙن لڳ فقير حاجي منگي – جي ڳوٺ ۾ هڪ مڱڻهار مسڪين رهندو هو. جنهن جي زال ڏاڍي خوبصورت ۽ نوجوان حسين هئي. ۽ هڪ سيد صاحب هن عورت سان ڪريل هو. ۽ مڱڻهار فقير کان زوري زال ڪسي ان سان زنا ڪندو رهندو هو

هو غريب زال وٺي مخدوم صاحب وٽ اچي فريادي ٿيو ته مون کي هن ظالم سيد کان بچاءُ ملي ۽ هي ٻانهن پنهنجي پناهه ۾ وٺو. مخدوم صاحب ساداتن جي معتبر فردن کي خط لکيو ته اوهان پنهنجي نوجوان سيد کي روڪيو ته انهيءَ بدڪاري کان باز اچي، جيڪڏهن نٿو مڙي ته مڱڻهار فقير کان 3 طلاقون زال کي ڏياري پوءِ شريعت موجب نڪاح ۾ آڻي. انهيءَ خط ڪانپوءِ معزز ساداتن گهڻو ئي هن بدڪار نوجوان کي سمجهايو مگر هو باز نه آيو. آخر مخدوم صاحب انهي مڱڻهار کي سندس زال سميت روهڙي جي حاڪم ڏانهن روانو ڪيو. جو اُن وقت ميان نور محمد پاران معين نالي ڏيٿو ذات جو مقرر هو. مڱڻهار جي بچاءُ لاءِ مخدوم صاحب پنهنجو نوڪر زيرڪ نالي ۽ ٻيا ٻه ڪي ماڻهو ساڻ ڪري روانو ڪيو. هوڏانهن اها خبر جڏهن بدڪار سيد کي پيئي. ڇا ڪيائين جو ڪهڙن جي لڳ شاهه جاڙي جي مقام وٽ ڪيترا ماڻهو وٺي عورت جي زوري ڪسڻ لاءِ اچي بيٺو. جڏهن مخدوم صاحب جا ماڻهو اُتي پهتا تڏهن ڏرين جو مقابلو ٿيو، زيرڪ گهڻوئي سيد کي سمجهايو ته مُڙي وڃو، مگر هو باز نه آيا. آخر ڌرين ۾ منهن مقابلو ترار هلڻ لڳي. ڌرين جا ڪيترا ماڻهو زخمي ٿي پيا. هڪ سيد واصل شاهه نالي کي زيرڪ جي اهڙي ضرب لڳي جو هو تڏي تي مري پيو جنهن تي سيدن جماعت ناهي مقتول جو لاش کڻي روهڙي ۾ حاڪم وٽ فريادي ٿيا. هن کي اڳ ۾ ئي مخدوم

صاحب سان ميان نور محمد جي عداوت ۽ اندروني ڪيني جو پتو پيو هو. هن کي پورو وجهه ملي ويو. جنهن کي گهٽو وڌائي ميان نور محمد ڏانهن مخدوم صاحب جي برخلاف لکيائين. خون جي بدلي جو وجهه ميان نور محمد لاءِ هڪ سونهري موقعو هو. تنهن دائود نالي قوم قصاب کي حڪم لکيو ته فوج کاهي وڃي مخدوم صاحب کي سيد جي بدلي شهيد ڪري. دائود فوج کاهي کهڙن جي ٻاهران اچي گهيرو وڌو ۽ جنگ جو انتظار ڪري رهيو هو ته من مخدوم صاحب پاران به ڪجهه چرپر ٿئي. اها ڳاله ٻڌي هزارين ماڻهو مخدوم صاحب وٽ امداد ڪرڻ ۽ جنگ ۾ سر ڏيڻ لاءِ ايندا رهيا. مگر هن بزرگ سيني کي اجازت ڏني ته اسان کي مقابلو ڪرڻو ناهي. جيڪڏهن اڳرائي ڪري اسان کي شهيد به ڪندا ته انڪار به ڪونه آهي. حاصل ڪلام ته جماعتي جن ۾ عالم، حافظ، سيد ۽ ٻيا نيڪوڪار ماڻهو هئا، ظهر جي نماز کانپوءِ مسجد ۾ مراقبو ڪري روبه قبلہ ٿي ويٺا، مخدوم صاحب پنهنجي اهل عيال کان موڪلائي وصيت فرمائي اچي شهادت جي انتظار ۾ ويٺو. قاتلن حملو ڪري پهريان مخدوم صاحب کي شهيد ڪيو. ان کانپوءِ باقي مسجد ۾ ويٺل جماعت جو ڪم پورو ڪيائون. ان واقعي ۾ مخدوم صاحب جو ننڍو ڀاءُ مخدوم محمد عاقل ۽ سندس ڏهٽو مخدوم سعد الله مجذوب به شهيد ٿي ويا. ٽن ڏينهن کان پوءِ سندن لاش کي دفنايو ويو. مخدوم صاحب جي حويلي ڏانهن ڦرلٽ لاءِ فوجي ماڻهو وڌيا مگر سيد پيروز شاهه لکياري جو وقت جو ڪامل مرد پنهنجي فرزندن ۽ متعلقين سميت حويلي جي حفاظت ڪرڻ لڳو. جنهن ڪري حويلي جي بي حرمتي نه ٿي. مخدوم صاحب پويان ٻه فرزند مخدوم محمدي ٻن سالن جو ۽ مخدوم احمدي هڪ سال جو ڇڏي ويو. اهو واقعو سن 1145 ۾ ٿي گذريو. مخدوم محمد عاقل رابع مولف تاريخ آئينه جهان نما ۾ هن دردناڪ واقعي شهادت تي هڪ مرثيو لکيو آهي. جنهن مان ڪجهه شعر هي آهن.

اين چه سودا در دماغ دهر پا انداخته

واين چه شور شربگردون در ۾ صدا انداخته

ني بيڪ شهر ست آه و نه يک کوچه است وائي
خشت ماتم هر تني در هر سري انداخته
هر زمان در فکر مي بينم بهر جا فوج فوج
هر ڪسي با هر ڪسي لاوه بلي انداخته
يا هلاکو گشت ظاهر يا مگر حجاج زيست
کز سعيد و نجم جان از تن جدا انداخته
يا قيامت گشت قائم يا شرر شد آسمان
هاء هوئي در جهان چون ڪربلا انداخته
يا به قتل عبدالرحمان رحمت رحمان عليه
در جهان شب از ره رنج و بلا انداخته
هر ڪجا آن شاه باز دين و دولت مي رويد
هر عذاب ڪفر بدعت قاوه قاه انداخته

(آئينه جهان نما)

## 210- مخدوم محمد عاقل ثاني کهڙوي

محمد عاقل بن مخدوم محمد برادر مخدوم عبدالرحمان شهيد کهڙوي هڪ ولي ڪامل، عالم فاضل پرهيزگار هو. هميشه وضو دريا جي تازي پاڻي سان ڪري پوءِ نماز ادا ڪندو هو. سندس پرهيزگاري هن حد کي پهتل هئي جو هڪ دفعي جاءِ تان مسجد ڏانهن نماز لاءِ وڃي رهيو هو ته رستي ۾ پنهنجي بيبي جي ٻانهي به اتان اچي لنگهي. اگرچه اها ڪنيزڪ سندن ملڪيت هئي. مگر مخدوم جي هڪ آڱر ٻانهي جي ٻانهن کي لڳي وئي، جنهن تي ڪيترو وقت روئي روئي استغفار ڪندا رهيا. دعا گهرڻائين ته هي آڱر جا ڌاري عورت سان ڇهي آهي، سا مون سان قبر ۾ به ساڻ نه هجي. متان ان بابت ڪا گرفت ٿئي. آخر ٿيو ائين جو شهيد ٿيڻ وقت اها آڱر بدن کان جدا ٿيل هئي ۽ سندن قبر ۾ ساڻن نه هلي.

هڪ عالم ڪاتب جو قصو آهي ته هن صاحب باوضو پاڪائي سان مشڪوات شريف (حديث جو ڪتاب) لکي سنڌ مان مدينه منوره کڻي وڃي روضه مطهره ۾ پيش ڪيو ته هي خدمت ۾ قبول پوي. هن کي خواب ۾ اشارو ٿيو ته اهو ڪتاب مخدوم محمد عاقل کي هديو ڪري ڏئي، جو اسان جي حڪم سان سنڌ ۾ اسلام جي خدمت ڪري رهيو آهي. آخر اهو ڪتاب مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهچايو ويو جو 1291 تائين ڪتاب تاريخ آئينه جهان جي تاليف واري وقت تائين مخدومن جي ڪتب خانه ۾ موجود هو.

چون ٿا هڪ دفعي سندس حجري ۾ ڪو چور لنگهي آيو. ڪجهه ٿيڙ کڻي ٻاهر نڪرڻ لڳو ته انڌو ٿي پيو. پوءِ جڏهن ٿيڙ ڦٽا ڪيائين تڏهن سڄو ٿيو ۽ راهه وٺي رمندو رهيو. ازانسواءِ هن بزرگ جون ٻيون ڪرامتون بي شمار آهن. افسوس جو پنهنجي وڏي ياءُ مخدوم عبدالرحمان صاحب سان گڏ ڪلهوڙن جي فوج هٿان سن 1145 ۾ شهيد ٿيو جنهن جو تفصيل مٿي گذريو آهي.

# 211- مخدوم محمدي کهڙوي

مخدوم محمدي بن مخدوم عبدالرحمان شهيد. هي بزرگ وڏو عالم ۽ وڏو پير قادري طريقي جو شيخ هو. پنهنجي والد جي شهادت ڪانپوءِ پير سيد محمد موسيٰ شاهه گهوٽڪي واري کان تربيت ورتائين. تصوف ۾ اويسي ولايت جو مالڪ هو ۽ ظاهري علم استادن کان حاصل نه ڪيائين. بلڪ لدني علومن جي موهبت جو مالڪ بڻيو. روايت آهي ته ستن سالن ۾ قرآن ياد ڪري ان ڪانپوءِ جناب مخدوم ابوالمعالي نوشهرائي وٽ درس وٺڻ لڳا. جو هو صاحب سندن تدريس لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. فقط 7 ڏينهن مخدوم ابوالمعالي وٽ رهيا. شرح ملاجامي ۽ توضيح تلويح وغيره ڪتاب از خود استاذ جي خدمت ۾ پوري تشريح سان ٻڌائيندا ويا. استاذ حيران هو ته هي ڇا ٿي رهيو آهي. ان ڪانپوءِ مخدوم ابوالمعالي معقولي ۽ منقولي ڇا مشڪل مسئلا پنهنجي شاگرد کان پڇڻ لڳو. جنهن جا پورا پورا جواب ٻڌندو رهيو.

استاذ صاحب فرمايو تہ هي خدا جي ذات آهي. اسان جي تعليم جي ضرورت ڪانہ آهي. جنهن ڪانپوءِ رخصت تي روانو ٿيو.

مخدوم محمدي شرعي علومن ڪانسواءِ عربي ادب ۽ فارسي انشا پردازي ۾ يڪتا روزگارو هو. سندس انشا برداري ۾ عربي خطن جا ڪي نمونا تاريخ آئينہ جهان نما ۾ موجود آهن. جن مان سندن خدا داد قابليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ڪشف ڪرامت جو ايڏو مالڪ هو جو بعض وقتن تي سندس منهن ڏسڻ سان ماڻهن تي قلبي وارداتون نارل ٿينديون هيون ۽ اسم ذاتي جو ذڪر ڪلي پوندو هو. پاڻ گهڻو ڪري چادر جي جهنب لڳائي هلندا هوا سندن باطني فيوضات مان فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترا مجذوب الحال فقير بہ وٽن خدمت ۾ ادب سان ايندا هوا.

هڪ دفعي هڪ مجذوب جو تماڪ ڇڪيندڙ ۽ ڀنگ پيئندڙ هو ڪهڙن ۾ آيو. مخدوم صاحب کي اطلاع ڪيو ويو تہ هو هندستان مان اهڙيون بدعتون ڪندي سنڌ ۾ پهتو آهي بلڪ مخدوم اسماعيل پريالوءَ واري جي مسجد ۾ بہ ويهي تماڪو بيتو ۽ ڀنگ گهوٽي اٿس. مگر مخدوم صاحب هن کي روڪي نہ سگهيو. هاڻي ڪهڙن جي جامع مسجد ۾ ساڳيو ڪم ڪري رهيو آهي. مخدوم صاحب ماڻهو موڪلي مجذوب کي منع ڪرائي مگر هن نہ ٻڌو، حالت هي اچي بڻي تہ جنهن ماڻهو بہ فقير کي ڏنو تي تہ هو بي هوش ٿي ڪري پيو ٿي. آخر مخدوم محمدي صاحب پاڻ لنگهي آيا. فقير جو حقو ۽ ڪوندو اچي پڳائون، فقير جون مڇون پنهنجي هٿن سان ڪترايائون فقير چيو تہ مان مڇون ملامت جي ارادي سان رکايون هيون. هاڻي جي اوهان اهي ڪترايو ٿا تہ ان جي عيوض اوهان جي عمر ڪترجي ويندي. مخدوم صاحب فرمايو تہ اسان شريعت جي ظاهري حڪمن جاري ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل آهيون ۽ نہ عمر جي وڏي ٿيڻ لاءِ.

مخدوم اسماعيل پريالوءَ سندس هم عصر هو جو هڪ وڏو عالم ڪامل درويش هو. جڏهن مخدوم صاحب محمدي جي ملاقات لاءِ ايندو هو تہ هلڻ وقت سندن پوئتان هلندو هو. چوندو هو تہ اوهان جي پيشاني ۾ اسم اعظم آهي، ان ڪي پٺيءَ ڏيڻ جي اسان ۾ طاقت ڪانہ آهي.

هڪ دفعي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه کهڙن جي ٻاهران سڇيڏنه اڇڻ جي ڪوهه تي اچي منزل ڪئي. مخدوم صاحب دعوت لاءِ سندن خدمت ۾ ماڻهو موڪليو. شاهه صاحب هيٺيون سنڌي بيت ڪين لکي موڪليو.

اڄ نه آيس آئون، صبح ايندس سپرين
توتي جنهن جو ناءُ، سو ڪٽي ٻار ڪهين جا

شاهه صاحب ٻئي ڏينهن مخدوم صاحب جو اچي مهمان ٿيو، اسر جي وقت نماز تهجد کان پوءِ شاهه صاحب جي عادت هوندي هئي يڪتاري تي ڪجهه راڳ ٻڌندو هو. ۽ فقيرن جي ٽولي ساڻ هوندي هيس. کهڙن جي شريعت واري شهر ۾ مخدوم صاحب جي خليفن شاهه صاحب کي عرض ڪيو ته راڳ بنا سرود جي بيشڪ ٻڌو، پر سرود بند ڪرايو. شاهه صاحب اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ تنبورو ۽ ٻيو ساز سامان هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري رکيائون. رات جو تهجد جي نماز کانپوءِ جڏهن شاهه صاحب فارغ ٿيو ۽ فقيرن ڳائڻ شروع ڪيو ته بند ڪوٺيءَ مان سرودن جو آواز به اچڻ لڳو. ماڻهن مخدوم صاحب کي وڃي اطلاع ڪيو ته ڪوٺي ۾ قفل آيل سرود وڄي رهيا آهن. فرمايائون ته اها هڪ جدا حالت آهي، جنهن سان شريعت جو حڪم لاڳو نه ٿو ٿي سگهي. ان کانپوءِ شاهه ڀٽائي پورو هفتو کهڙن ۾ مخدوم صاحب وٽ مهمان رهي. روح رهاڻيون ڪري پوءِ روانا ٿي ويا. قنڌار جو بادشاهه احمد شاهه دراني جڏهن پهريون دفعو دهلي جي بچاءُ لاءِ ڪاهيندي سنڌ مان لنگهيو هو ته سنڌ جي درويشن ۽ مخدومن کان دعائون گهرائيندو ۽ ملاقاتون ڪندو پئي ويو. ان سلسلي ۾ هن رات جي تهجد نماز پڙهڻ وقت چند سپاهين سان مخدوم محمدي سان مسجد ۾ اچي ملاقات ڪئي. مخدوم صاحب پنهنجي خانداني معمولات مان هڪ تعويذ بادشاهه کي لکي ڏنو جو فتح ۽ ڪاميابي لاءِ اڻ گس علاج هو. بادشاهه ڪجهه وقت کانپوءِ مخدوم صاحب ڏانهن مرزاپور جي جاگير جو پروانو لکي موڪليو. (مرزاپور هن وقت تعلقه ڳڙهي ياسين ۾ آهي).

مخدوم صاحب ست سالن ڄمار جو هو. ان وقت روهڙي ۾ هڪ هندو جي مسلمان ٿيڻ تي جهڳڙو ٿي پيو، جنهن تي خانداني لحاظ سان مخدوم صاحب کي بہ ننڍپڻ ۾ روهڙي چاڙهي آيا. هندو آخر مسلمانن جي حوالي ڪيو ويو،جنهن تي هندو پنچات ميان نور محمد ڪلهوڙو وٽ دانهين ويئي. ميان صاحب کي ڏاڍو غصو آيو ۽ سندس والد جي شهادت جو واقعو بہ تازو ٿي گذريو هو. حڪم ڪيائون تہ مخدوم زادي کي خداآباد ۾ حاضر ڪيو وڃي. پرواني پهچڻ ڪانپوءِ مخدوم صاحب جماعت سميت ڪهي خداآباد ڀتو. ميان صاحب ڪانئس پڇيو ڇا پڙهندا آهيو. جواب ڏنائين تہ قل هو الله احد انهي جواب حاضرين مجلس ۽ ميان صاحب کي لرزي ۾ آڻي ڇڏيو. ۽ هڪ هيبت ۽ رعب طاري ٿي ويو. جنهن ڪانپوءِ ميان صاحب مخدوم صاحب جي ڏاڍي عزت ڪئي، خلعت ۽ انعام ڏنا ۽ سندس والد بزرگ جي شهادت تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ جاگير جو پروانو لکي ڏنو. مخدولم صاحب جي ڄمار اڃا 24 سالن کي مس پهتي هئي تہ سن 1171 ۾ هن دارفاني مان، دارجا وداني جو سفر اختيار ڪيائون.

ڪان حا ميا لشر يعة جي فقري مان سال تاريخ حاصل ٿئي ٿي.

1171

## 212۔ مخدوم احمدي کهڙوي

مخدوم احمدي ولد مخدوم عبدالرحمان شهيد برادر مخدوم محمدي جنهن جو ذڪر گذري آيو آهي. قادريہ طريقہ پير سيد موسيٰ شاهہ گيلاني جو فيض يافتہ آهي.

ظاهري علومن جو وڏو عالم ۽ صاحب ڪشف ڪرامات ۽ تبرڪات جو هو. پنهنجي ڀاءُ مخدوم محمدي جي وفات ڪانپوءِ سجاده ۽ مسند جو مالڪ بڻيو. ماڻهن ۾ ايڏي مڃتا هوندي هيس جو سندس وضو ڪيل پاڻي وڃي بيمارن کي پياريندا هوا، تہ شفاياب ٿيندا هوا، روزانہ سندس وضو وقت پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ هجوم رهندو هو.

بادشاهه احمد شاهه دراني جو جيئن سنڌس وڏي ياءُ مخدوم محمدي سان لاڳاپو هو. تيئن هن بزرگ سان به هو. مرزانپور جي جاگير بابت جيڪو پروانو بادشاهه وٽان صادر ٿيل هو ان جو بعينه نقل هيٺ ڏجي ٿو.

اعوذ بالله تعاليٰ: فرمان همايون شد – آنکه عاملان حال و حکام مستاجرين و متباشرين استقلال الکار شکارپور باالطاف خداوند سرفراز گشته بدانند که چون موضع مرزانپور متعقله شرافت پناه افاضت دستگاهه شيخ و مخدوم ميان احمدي زيد توفيقه مي باشند . همه اوقات بند گان دارا دربان اقدس را پاسخا طر اين طائفه منظور ست لهذا امر ---- مقرر فرمو ديم که موضع مذکوره مطلق و معمول بحال دانسته به هانيد وهم خادمان جناب مولوي و مخدوم مشاراليه و سکنان آن ديهات که قديمي و ملکي ايشان مي باشند بدون جهت معمولي غير حساب مزاحمت نرسانند که همه اولاد ايشان درمهمد امن و امان بوده بدعاي دوام دولت ابد اقدس استقبال داشته فارغ البال و خاطر جمع باشند در عهده شناستند – تحرير 16- صفرالمظفر سن 1172هه.

ان کانسواءِ احمد شاهه دراني هڪ ٻيو پروانو 12 ربيع الثاني سن 1175هه ۽ ٽيون پروانو 7 ربيع الاول سن 1178هه ۾ به مخدوم صاحب جي نالي روانو ڪيو جنهن ۾ وڏيڪ جاگيرن ڏيڻ جا احڪام، صادر ٿيل هوا. احمد شاهه پنهنجي سر هڪ درويش صفت ۽ پڪو ديندار بادشاهه هو. سنڌس زماني ۾ سمورا معاملا شرعي عدالت ۾ رجوع ڪيا ويندا هوا. بادشاهه دين پناهه احمد شاهه جڏهن سن 1184هه ۾ وفات ڪئي ۽ سنڌس فرزند تيمور شاهه تخت تي ويٺو ته ان زماني ۾ شڪارپور ۾ هڪ ٻڍي هندو عورت ڪلمو پاڪ پڙهي اسلام قبول ڪيو مگر سنڌس عزيز هن ٻيڙي کي پاڻ کان جدا ڪرڻ لاءِ تيار نه هوا. اهو مقدمو شريعت جي عالمن وٽ پيش ٿيو. مخدوم صاحب جماعت سميت شڪارپور اچي لٿو. ان وقت تيمور شاهه جي پاران نواب غلام صديق خان حڪومت جو مالڪ هو. جنهن هندن جي طرفداري ڪري ٻانهن ڏيڻ کان صفا انڪار ڪيو. مخدوم صاحب اهو سمورو قصو لکي تيمور شاهه ڏانهن قنڌار موڪلي ڏنو، جنهن جي جواب ۾ نواب غلام صديق خان ڏانهن جيڪو حڪم نامو آيو سو بعينه هيٺ درج ڪجي ٿو.

عاليجاه رفيع جانگاه اخلاص و عقيدت دستگاه عمده خوانين اعظام غلام صديق خان. غلام سرکار خاصه شريفه و حاکم و مستاجر ماليات الکار شکارپور باطاف روز افزون شاهانه سرفراز گشته بداند که درين وقت بغرض اشرف رسيد که يک نفر ضعيفه کافره در شکارپور کلمه طيبه اسلام بر زبان رانده و علماء اسلام و سادات عظام درانجا اورا بدار الشرع طلب نموده که ارشاد با آئين مسلماني نمايند. آن عاليجاه وغيره بدفع الوقت گذاريند و اورا بدارالشرع نه فرستاده اند. جهت چيست که آن عاليجاه در امورات اسلام که اعظم — ست کوتاهي مي نمايند — بايدکه بورود رقم مبارک همان ضعيفه مذکوره را بحضور اهالي شرع اندر رجوع نمايند —وهرچه مطابق و موافق حکم شريعت غراباشد به همان قرار بعمل آورده و هيچ وجه روئي وريائي و چشم پوشي و اغماض نه نمايند — قد غن لازم دانسته در عهده شناسد.

في تاريخ ٩- شهر ربيع الثاني سن 1192هه.

ساڳي ريت تيمور شاهه وٽان جاگيرن جي بحالي جو نئين سر پروانو پهتو جنهن تي 8- محرم الحرام سن 1194هه لڳل آهي.

محمد خان ۽ اشرف خان پناڻن مخدوم صاحب جي جاگيرن تي 1197 ۾ خوامخواهه تغلب ۽ تصوف ڪيو. آمدني بند ڪيائون. مخدوم صاحب اهڙو اطلاع امير تيمور شاهه کي موڪليو. جنهن تي متين پناڻن نالي سخت تنبيهه نامو آيو. جنهن تي 10 ربيع الثاني سن 1198هه جي تاريخ ثبت ٿيل آهي.

تيمور شاهه جي زماني ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو ۽ 1191هه ۾ مير فتح علي خان ٽالپر سنڌ کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪري تخت تي وينو. ان زماني ۾ هڪ برهان فقير نالي ماڻهو پيدا ٿيو. جنهن جي ڪٿ هوا تي هلندي هئي. چوندو هو ته مون کي سليمان پيغمبر جو مرتبو مليل آهي مسيلمه ڪذاب وانگي نبوت جي دعوي به ڪيائين. هو پنهنجو نالو احمد سڏائيندو هو. پنهنجن معتقدن کي هن ريت ڪلمو سيکاريو هئائين. لا اله الا الله محمد احمد رسول الله. چوندو هو ته قرآن شريف ۾ جو ارشاد آهي ته يأتي من بعدي اسمه احمد

يعني تہ عيسيٰ پيغمبر خوشبخري ٻڌائي تہ مون ڪان پوءِ جيڪو ايندو، ان جو نالو احمد هوندو. سو اهو احمد آءٌ آهيان. فقير جون ڳالهيون ٻڌي ۽ ڪرامتون ڏسي هزارين ماڻهو سندس حلقي ۾ داخل ٿيڻ لڳا. تانجو مير فتح علي خان بہ سندس عزت ڪرڻ لڳو ۽ معتقدانہ نموني ۾ پيش اچڻ لڳو. سنڌ جي عالمن مخدوم صاحب جو انهيءَ فتني ڏانهن توجہ ڇڪايو.

مخدوم صاحب پير سيد جمال محمد گهوٽڪي واري ۽ ٻين علمائن جي جماعت ساڻ ڪري حيدرآباد روانو ٿيو. مخدوم صاحب جو وڏو فرزند مخدوم عاقل محمد ثالث جو هڪ نوجوان عالم هو، سو اڳ ۾ حيدرآباد وڃي پهتو. مير فتح علي خان سان گفتگو ڪئي. مگر مير صاحب برهان فقير جي طرفداري ڪري ٻيهي رهيو. ايتري ۾ مخدوم احمدي بہ جماعت سميت حيدرآباد ۾ پهچي ويو. آخر اهل سنت جماعت جي اميرن جي ذريعي مير صاحب ۽ مخدوم صاحب جي گفتگو هلي. آخر فيصلو هن ڳالهہ تي ٿيو تہ علمي بحث ڪي ڇڏي ڪرامت جو مقابلو ڪرامت سان ڪرايو وڃي. مخدوم صاحب اها ڳالهہ قبول ڪئي. نهراءُ ٿيو تہ جڏهن برهان فقير پنهنجي ڪٽ تي چڙهي هوا ۾ پرواز ڪري تہ ان ڪي جماعت جو ڪو شاگرد موچڙو اڇلائي ڪيرائي وجهي، تہ پوءِ معاملو طئي ٿي وڃي. آخر ائين ٿيو جو هڪڙي شاگرد جي موچڙي اڇلائڻ سان فقير ڪٽ سميت هيٺ اچي ڪريو ۽ شريعت جي مددگارن جو مُنهن مٿي ٿيو. برهان فقير جو منهن ڪارو ڪري هاٿي تي چاڙهي،حيدرآباد ۾ شهر گشت ڪرابو ويو. پوءِ برهان ڪي کهڙن ۾ وني مسجد جي اتر واري حجري ۾ پنهنجي شاگرد رشيد پير سيد محمد راشد لڪياري (يعني حضرت روضي ڌڻي) جي حوالي ڪيائون جو ان وقت ننڍي ڄمار ۾ مخدوم صاحب وٽ تعليم حاصل ڪندو هو. برابر ڇهہ مهينا اتي زنجيرن ۾ جڪڙيو ٻڌو پيو هو. مگر ان ڪانپوءِ صاحبزادي ڪي ڪو فائدو پهچائي چاپلوسي ڪري راتورات آزاد ٿي گم ٿي ويو، جنهن جو پوءِ ڪوبہ پتو ڪونہ پيو.

انهيءَ مخدوم صاحب جي زماني ۾ راڻي پور جا پير سيد محمد شاهہ ۽ سيد احمد شاهہ بغداد مان سنڌ ۾ پهتا ۽ ڪيترو ئي وقت

مخدوم صاحب وٽ مهمان هوا. جنهن ڪانپوءِ راڻيپور ۾ احمد شاهه ۽ گمبٽ ۾ محمد شاهه ڪي مخدوم صاحب پنهنجي معرفت رهايو هو، جتي باقاعده سندن اولاد جون گاديون قائم ٿي ويون آهن. مخدوم صاحب جي زماني ۾ امير تيمور شاهه قنڌاري پنجاب ويندي سنڌ مان اچي لنگهيو. ماڻهن ۾ فوج جي آمد جو ڏاڍو ڊپ ۽ هراس پيدا ٿيل هو. مخدوم صاحب بادشاهه ڪي هڪ عريضو موڪليو ته سنڌ وارا فوج جي دراز دستي کان امن ۾ رهڻ گهرجن.جنهن جو اطمينان بخش جواب بادشاهه وٽان پهتو. جنهن ڪانپوءِ سنڌ وارن ڪي آرام مليو. ۽ لشڪر شاهي امن سان بکر ٽپي پنجاب روانو ٿي ويو.

مخدوم صاحب اسلامي مقدمن ۽ هندن کي اسلام ۾ آڻڻ لاءِ گهڻو ڪري سفر ۾ رهندو هو. جنهن ڪري آخري ڄمار ۾ پير ۾ زخم ٿي پيس. هڪ اهڙي طبيب حجام کان مرهم پٽي ڪرائيندا هوا. جنهن کي هندن رشوت ڏئي مخدوم صاحب جي دوا ۾ زهر ملائڻ تي راضي ڪري ورتو. هن مرهم ۾ زهر ملائي ڏنو، جنهن جو اثر سموري بدن تي ٿيو. اهو واقعو شڪارپور ۾ ٿيو. پاڻ ٻئي ڏينهن سکر مان ٻيڙي تي چڙهي کهڙن پهتا، ۽ اُتي اچي وفات ڪيائون. اهو واقعو سال 1203 ۾ ٿي گذريو.

## قطعہ تاريخ

آه از فوت مکمل مقتدي — حامي دين رسول احمدي
آمر و معروف بوده خلق را — آمر نيکي و ناهي از بُدي
پيش او يکسان بُدي در امر شرع — چہ پياده چہ اميري هفصدي
آن ولي چون ازين جهان بي بقا — رفت سوئي خلد دار سرمدي
سال تاريخش بجستم از خرد — گفت بوده پير قاضي احمدي
1203

(آئينہ جهان نما مختصرا)

## 213۔ مخدوم محمد عاقل ثالث

وڏو عالم فاضل، صوفي عارف ڪامل محمد عاقل بن مخدوم احمدي. والد جي وفات ڪانپوءِ شرعي حڪمن جاري ڪرڻ ۾ سانڀيو

دستور قائم رکيائين. جو سندس والد بزرگ جو قائم ڪيل هو. سندس رعب ۽ دهشت بدعتي ماڻهن ۽ ڪافرن تي سخت وينل هو ۽ مخدوم صاحب جي نالي ڪان به گناهه ڪندي ڀيا ڪنبندا هئا. جڏهن ڪنهن شرعي مقدمي لاءِ شڪارپور ۽ حيدرآباد چڙهندو هو ته سندس جماعت جي دهشت کان ڪوٽن جا دروازا بند ڪرائي سرڪاري طرح مخدوم صاحب ڪان سندس آمد جو مقصد ٻڌي پوءِ دروازا کوليندا هوا. سندس زبان ۽ بيان ۾ ڏاڍو تصرف هوندو هو. جيڪو لفظ به سندس وات مان نڪرندو هو ته ائين ئي پورندو هو.

سنڌ جا امير ۽ حاڪم ته سندس معتقد هوا. پر جوڌپور جو راجا ۽ جيسلمير جو راجا به هميشه سندس خدمت ۾ سوکڙيون موڪلي پنهنجي حق ۾ دعائون گهرائيندا هوا. قنڌار جو بادشاهه تيمور شاهه به سندس معتقدن مان هو. مخدوم احمدي جي وفات کانپوءِ هڪ وريقه مخدوم محمد عاقل پاران بادشاهه تيمور کي ارسال ڪيو ويو. جنهن جي جواب ۾ امير تيمور جيڪو خط ارسال ڪيو سو بعينه هت ڏنو وڃي ٿو.

آنکه حقائق معارف آگاه فضيلت و کمالات پناه زبدة العارفين ميان محمد عاقل بالطاف مرفوز شاهانه سرفراز گشته بدانند. عريضه که در خصوص حقائق احوال خود و مقدمات وفات مرحوم ميان احمدي والد آن حقائق معارف آگاه و معطل ماندن اجراء امور شريعت آنجا وغيره مواد انفاذ حضور ساطع النور نمود بود رسيد مضامين اين حالي راءِ جهان آرا شد چون هيچ فردي از افراد انساني را از وضع وشريف و جوان نحيف از شربت ناگوار ممات چشيدن وجيب جامه حيات دريدن و سر در نقاب تراب کشيدن چاره نيست در اين امر که برضائي خدا خداوند جهان است راضي و شاکر بوده باشند در حضور امور قضائي و اجراءِ احکام شريعت نبوي بدستور مرحوم و مغفور متوجه شده جميع مهمات شرعيه که فيما بين مرد مان آنجا اتفاق آفتد بروقت شريعت غرا انفصال و حق بحقدار برسانن. حکام و عمال و مباشرين امور رعايا و برايا و متوطنين صوبه سند فضيلت پناه حقائق آگاه زبدة السالکين ميان محمد عاقل را قاضي بالاستقلال اينجا در امورات

سندس والد جو شاگرد هو ۽ ڏاڍو ادب سان پيش ايندو هو. جنهن ڪري مخدوم صاحب وٽ اچي حاضر ٿيو. پوءِ جيڪو فيصلو ٿيو سو ”تاريخ آئينه جهان نما“ جي لفظن ۾ نقل ڪيو وڃي ٿو.

پير صاحب پيش مخدوم صاحب آمدند. فرموند ڪه ما از حڪم شرع --- بيرون نيستم و حاضر هستم. عرض مي ڪنم ڪه موجب حيله شرعي ڪه سنت حضرت امام حسين عليه السلام است سنت طلاق ثلثه ادا مي نمايم بعده خامس را اختيار مي ڪنم و دو شاهدان معتبر مستعد حلف موجود بودند باقي اختيار نشستن و رفتن اوشان ست. بعد اقرار پير صاحب و حضور شاهدان مخدوم صاحب اجابت فرمود وبا خود مصافحه و معانقه فرموند“

مخدوم صاحب جي زماني ۾ فقير سچيڏنه عشق رسول ۾ هڪ مغلوب الحال فقير هو. هو پهريان عالم زاهد هو، پر پوءِ رندي مشرب ۾ هليو ويو ۽ توحيد جي مضمون جون ڪافيون جوڙيندو رهندو هو. ان هوندي به عالمن سان سندس صحبتون رهنديون هيون ۽ مخدوم صاحب وٽ به ايندو ويندو هو. هڪ دفعي مخدوم صاحب ڪي سندس ننڍو ڀاءُ مخدوم محمد جاگير جي حصي تي جهڳڙو ڪيو. فقير سچيڏنه مخدوم صاحب وٽ فيصلي لاءِ لنگهي آيو. مخدوم پنهنجي مهر فقير جي حوالي ڪندي فرمايو ته جيئن وڻي، تيئن فيصلو ڪر. فقير سچيڏنو ٽيون حصو مخدوم محمد ڪي ڏياري پرواني تي مهر ڪري ڏني. ايڏا گهٽا لاڳاپا ٻنهين ڌرين جا هوا ان هوندي به جڏهن مخدوم صاحب ڪي معلوم ٿيو ته سچيڏنه هڪ اهڙي ڪافي چئي آهي جا ظاهري شرع شريف جي مخالف آهي، جنهن تي سنبريا ته فقير ڪي تعذير ڏيارجي، يا توبه تائب ڪرائجي. فقير صاحب جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته پيرين پياده صبح جي وقت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پهچي عرض ڪيو ته اجهو حاضر آهيان. مون ڪي ڪهڙي طاقت آهي جو شرع شريف جي حڪمن کان منهن موڙي سگهندس. مخدوم صاحب ياڪر پائي تعظيم ڏئي شرع شريف تي هلڻ جي وصيت ڪري ڪيس رخصت ڪيو.

مخدوم صاحب ڪي ملا عرشو عمراڻي خدا تعالي جو اسم وجهي، پنهنجي سنوٽ پير بخش عمراڻي بلوچ ڏي ناڙي جي ملڪ ڏانهن

چاڙهي ويو. طبع ۾ اڳ ۾ ئي توري علالت هئي. پر ناڙي جي سفر وڌيڪ تڪليف پهچائي. جڏهن اتان ڪم لاهي واپس ٿيا طبيعت وڌيڪ ضعيف ۽ نازڪ ٿي وئي. آخر منزل قبول ڪندي کهڙن ۾ اچي پهتا. جتي ٽئين ڏينهن وفات فرمايائون. سندن جنازه نماز ۾ پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي ۽ سيد محمد صالح شاهه جيلاني راڻي پوري، فقير سچيڏنو درازائي ۽ ٻيا ٻه هزارين ماڻهو موجود هوا. سندس وفات 1232 هجري ۾ ٿي. مصرع نور ڪامل بود بشرع رسول مان سندس وفات جو سال
1232
حاصل ٿئي ٿو.

## 214۔ مخدوم عبدالخالق کهڙوي

ولد مخدوم عاقل ثالث، هڪ وڏو بزرگ عالم ۽ عابد زاهد پرهيزگار ۽ متقي هو. هو نقشبندي طريقي ۾ خواجه فضل الله مجددي نقشبندي ڪان بيعت ٿيو ۽ اباڻي طريقي قادريه جي بجاءِ نقشبندي طريقي کي رواج ڏياريائين. تهجد نماز کانپوءِ صبح تائين مراقبي ۾ رهندو هو. ۽ ڪشف جي حوالي ۾ حضور سرور ڪائنات ﷺ سان سندس ملاقاتيون ٿينديون رهنديون هيون.

شرع شريف جي جاري ڪرڻ ۽ مقدمن نبيرڻ ۾ پنهنجي خانداني بزرگن وانگي عام خاص جو مرجع هو.

هڪ دفعي گمبٽ ۾ هڪ هندو ذمي ڳئون زنا ڪئي. مخدوم صاحب هن کي تعذير ڏيڻ لاءِ گهريو. مگر حاڪمن ۽ هندن هن جي ڏيڻ ۾ ڪجهه ڪوتاهي ڪئي. آخر مخدوم صاحب پاڻ چڙهي گمبٽ ويا. انهيءَ جوابدار جي جڏهن مخدوم صاحب تي نظر پيئي تڏهن ڪلمو پڙهي اسلام جي دامن ۾ اچي لڪو ۽ مسلمانن جي جماعت فتحياب ٿي.

1234 جو واقعو آهي ته ٽنڊو مستي خان ۾ هڪ هندو عورت جي واتان ڪو اهڙو ڪلمو نڪتو. جنهن ڪري هن تي لازم آيو ٿي، اهو مقدمو معتبر شاهدن اچي مخدوم صاحب سان بيان ڪيو. وڏيرو محبت خان مري ولد مستي خان انهي هندو زال کي ڏڱاڻي خان مري جي معرفت حيدرآبادموڪلي ڏنو ته جيئن مخدوم صاحب جي گرفت

کان بچي وڃي. مخدوم صاحب 7 هزارن جي جماعت سان ٺٽي ڏانهن چڙهي پيو. مگر هندو زال تہ هٿ مان نڪري چڪي هئي. جنهن تي مخدوم صاحب کي ڏاڍو غصو آيو. مريدن تي ڏاڍي ناراضگي ڏيکاريائون ڪن درويش جماعت جو خيال هو تہ بددعا ڪري ٽالپرن جو ٻوٽو ئي ڪڍي ڇڏجي. مگر مخدوم صاحب منع ڪندو رهيو تہ مسلمان حاڪمن کي بددعا ڪرڻ نہ گهرجي. آخر مخدوم صاحب جماعت سميت خيرپور ۾ مير رستم خان وٽ پهتو. مير صاحب حياءُ وارو علماء دوست هوتنهن عورت جي ضمانت ۾ هڪ هندو ڪڍي ڏنو تہ جيستائين اها هندو زال نہ ملي تيستائين هي هندو اوهان وٽ رهي. مخدوم صاحب اهو هندو پير محمد صالح شاھ راشدي پوري ۽ سيدبچل شاھ کهڙائي جي حوالي ڪيو تہ انجي نگهباني ڪندا رهو. هنن بزرگن نيل گهرائي هڪ پاسي هندو جي پيرن ۾ تہ ٻئي ڪڙي پائو خان جتوئي جي پير ۾ وڌي. جو اهو جتوئين ۾ معتبر نيڪ بخت ماڻهو هو. ٿيو ڇا جو هندن جتوئي کي رشوت ڏئي هڪ رات هندو ضامن جي پيرن مان نيل ڪڍائي ڀڄائي ڇڏيو. جنهن تي جماعت ۾ ڏاڍو جوش خروش پيدا ٿيو. آخر مخدوم صاحب نااميد ٿي کهڙن ڏانهن واپس آيو ۽ اسلام جي برخلاف هلندڙ اميرن ۽ بلوچن کي بددعا ڪيائون. نتيجو هي نڪتو جو شجاع الملڪ جي ڪاھ وقت گهڻا امير قتل ٿي ويا، محبت خان مري دربدر ٿي ويو. ڪي بلوچ درياءَ ۾ غرق ٿيا ۽ ٽالپرن جي حڪومت ۾ ڏاڍو فتور پئجي ويو. آخر وڏيري محبت خان غلطي محسوس ڪئي پوءِ تہ پنهنجن ڪڄاون سميت مخدوم وٽ اچي معافي جو خواستگار ٿيو ۽ وڏو نذرانو ڏنائين. ان کانپوءِ لنگر جي خرچ لاءِ ڪيترو ئي اناج موڪليندو رهندو هو. مخدوم صاحب ڪيس دعائون ڪري معافي ڏني.

افغانستان جي انقلاب کان پوءِ حڪومت امير دوست محمد جي حوالي ٿي تہ مخدوم صاحب انهن سان خط و ڪتابت بند ڪري ڇڏي. فقط حيدرآباد جي اميرن ۽ خيرپورين سان سندس راھ و رسم هوندو هو. هو هميشہ دعا طلبي لاءِ خطوط لکندا ۽ نذرانا موڪليندا رهندا هوا. هن صاحب جون ڪرامتون بہ عام طرح ماڻهن کي معلوم

هونديون هيون جنهن ڪري هزارين خلق سندس معتقد ۽ مخلص ٿي رهندي هئي. علمي مباحثن ۾ هڪ وڏي پايه جو عالم هو ۽ صحاح ستہ جي اجازت حاصل ٿيل هوس. جا مسلسل نسرت ۾ پنهنجي فرزند مخدوم محمد عاقل رابع کي عطا ڪيائين. جنهن جو ذڪر تفصيلوار آئينہ جهان نما ۾ ڪيل آهي. جامع الصغير حديث جي ڪتاب جو اختصار سندس ڪيل آهي. هڪ بياض ٻن جلدن ۾ سندس تاليف آهي. جنهن ۾ هزارين ناياب مسائل ۽ علمي مباحث جمع ٿيل آهن. آئينہ جهان نما جو مولف لکي ٿو تہ:

روزي پيش حضور آنحضرت نشستہ بودم. بغتة يک نعره اسم ذات از بدن مبارکش مانند برق جلوه گر شد پس غمناک شده صبر فرمودند. بعد چند ساعت کہ سر از زانو برداشتند. پر سيدم صاحب چہ حالت بود. بعد تامل هجوم الناس برطرف شدند. اين مسکين ودوسہ تن خلفاء موجود بودند فرمودند بابا! امشب بحکم رباني ملائک در آسمان منادي کردند کہ بعد اليوم تصرفات و کرامات اهل حيات خواه اهل ممات نہ کنند. بہ صبر و شکيب و رضاء قضا سبحاني بوده اين آواز هر اوليا زنده و ممات رسيد و هر همہ تسليم کردند. آئنده تصرف مرشدان يا اهل کرامات بند شد. اين حکم بعد غلبہ انگلستان بر سندھ فرمودند. (قلمي نسخہ تاريخ جهان نما)

سندس وفات 1018هہ رجب سن 1268 وقوع ٿي.

### قطع تاريخ از پير نظام الدين مجددي شڪارپوري

دريغا رونق دين متين بود — مهي افلاک شرع هم يقين بود

چراغ دين آمد سال و صلش — اگر تاريخ او واضح ازين بود

1268

کہ جستہ چون نظام الدين ازهاتف- بگفتا خاتم علماءِ دين بود

1268

## 215ـ مخدوم محمد عاقل رابع

مخدوم محمد عاقل معروف بہ مخدوم پير محمد کهڙوي ولد مخدوم عبدالخالق عالم فاضل فقيہ شاعر ڪامل هو. سندس تصنيفات

مان "ديوان عاقل" فارسي مڪمل (2) "منع المعاني" پاره عم جو تفسير جنهن ۾ هزارين علمي نڪتا جمع ٿيل آهن. (3) رسالہ جواب باصواب. در رسالہ لاجواب رد مذهب اهل تشيع. (4) رسالہ در ارسال بہ دين تائيد مذهبي حنفي. (5) قصہ چهار درويش فارسي نثر بهار دانش جي جواب ۾ فارسي زبان جي بلاغت جو هڪ خزانو آهي (6) انشا عاقلي (7) تاريخ آئينہ جهان نما جو ابتداءِ اسلام کان پنهنجي وقت تائين تاريخي مواد جمع ڪيو اٿن ۽ هڪ بينظير ڪتاب آهي. (8) رياض المحافل سخنوري ۽ مجلس جي آداب ۾ هڪ بينظير ڪتاب آهي

اگرچہ سندس زمانہ ۾ سنڌ ۾ انگريزن جو راڄ قائم ٿي ويو ۽ شرعي مقدما ۽ معاملا علماءِ اسلام جي اختيارات مان نڪري چڪا هوا. تاهم اڃا ڪجهہ رواج هلندو آيو ٿي. تنهن ڪري مخدوم صاحب وٽ عام ماڻهو پنهنجي مقدمات جي فيصلن لاءِ ايندا هوا. هڪ دفعي گهوٽڪي جي پيرن صاحبن جي مقدمہ فيصل ڪرڻ لاءِ رياست بهاولپور تشريف فرما ٿيا.بهاولپور جي نواب فتح خان چئن ميلن تي سندن استقبال ڪيو ۽ نواب فرمايو تہ علماءِ اسلام جي گهوڙن جي خاڪ اسان جي لاءِ هزارن مشڪ ۽ عنبر کان بهتر آهي، آخر احمد پور ۾ پهتا جتي نواب صاحب مخدوم ۽ ساداتن جي رهڻ لاءِ اهڙو انتظام رکيو هو جو ان مان بهشت جو ڏوڪو آيو ٿي. بهاولپور ۾ هڪ وڏو حنفي عالم مولوي قمرالدين رهندو هو ۽ سرڪار سان هنجو تعلق هو. تنهن بر وقت ئي مخدوم صاحب جي شان ۾ تشريف آوري جي مبارڪباد ۾ هڪ طويل قصيده پڙهيو جنهن جا چند شعر هي آهن.

اي ز علوم تو ملک مهتدي — خلق بعلم تو شده مقتدي
دل کش تو گشتہ دل عالمي — آمدنت شد سپر هر غمي
چون تو نمودي سوءِ ما دل ڪشي — ز آمدنت گشت محفل خوشي
منتظرات عالم وهم ملتجي — جئت الينا فلتقم المجي

پورو هڪ هفتو ساداتن جي مقدمہ فيصل ڪرڻ لاءِ اهڙو شرعي فيصلو پاتائون جو طرفين ان تي راضي ٿي ويا.

امتحان طور مخدوم صاحب کان ان وقت جي علمائن تفسير، حديث ۽ تاريخ مان سوال ڪيا. جن جا بررقت هنن ڪي ڪافي جواب

مليا. جنهن ڪري نواب صاحب ڪان رياست جي ٻين اهلڪارن جو اعتقاد زياده تر ٿيندو رهيو. جمعي ڏينهن نواب صاحب جي زور آٽڻ تي امامت ڪرائي، امامت پڙهيائون ۽ واعظ بہ فرمايائون. ان ڪانپوءِ پنهنجي وطن ۾ واپس آيا. مخدوم صاحب شرعي مقدمن جو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ جڏهن واندو ٿيندو هو تہ باقي سمورو وقت نقشبندي طريقي جي ذڪر اذڪارن ۾ مشغل رهندو هو. سموري ڇمار ان ريت رات ڏينهن ياد خدا ۾ گذاري وفات فرمائي ويو. سندس فارسي ڪلام جو ڪجهہ نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

برون شد از خم ديرين شراب آهستہ آهستہ
بر آمد از پس کره آفتاب آهستہ آهستہ
فريب روئي آتشناک او خوردم وندانستم
کہ خواهد خورد خونم چون کباب آهستہ آهستہ
باين خورسندم از نسيان روز افزون پيريها
کہ از دل مي برد ياد شباب آهستہ آهستہ
بيا بشنو تو پند من اگر هستي تو عاقل دل
کہ طفل خورد مي خواند کتاب آهستہ آهستہ

—*—

تمام شد مسودات جلد ثالث کتاب تذکره مشاهير سنڌ مورخہ 23 شوال الکرم شب اربع بوقت 10 بجہ شب سن 1366 ھ بمطابق 9 سيپٽمبر 1947ع. بحمده تعاليٰ.

(فقير دين محمد وفائي)

## 216ـ نيازي ٺٽوي

بخاري جو سيد سفر ڪندي ٺٽي ۾ پهتو ۽ اتي فوت ٿي ويو. معمانويس ۽ علم عروض ۽ شعر شاعري جو وڏو ماهر ۽ قابل هو. گهٽي هجو ۽ گلا چوڻ جو اُستاد هوندو هو. اهوئي سبب آهي، جو هنکي ڪٿي بہ قرار يا آرام ڪونہ ملندو هو. هميشہ دربدر ڌڪا کائيندو وتندو هو. هنجي زندگي جي ڪهاڻي بہ عجيب آهي. بخارا جي رهڻ وارن ڏينهن ۾ هڪ نظم لکي جنهن جي شروعات هن ريت آهي.

برفلک نيست شفق، باده گلفام من ست
رند درد کشم طاس فلک جام من ست

اخير ۾ چيائين:

تا نيازي شد در ملک سُخن خسرو عهد
نام جامي شد منسوخ کنون نام من ست

غزل جي هن مقطع جي معنيٰ آهي ته نيازي يعني آءٌ جنهن وقت کان وٺي شاعري جو بادشاهه ٿيو آهيان ته اُن ڏينهن کان وٺي مولوي جامي جو نالو منسوخ يا مٽجي ويو ۽ هاڻي فقط منهنجو نالو آهي.

انهيءَ شعر سبب بخارا جي ماڻهن ۾ سخت ناراضگي پيدا ٿي، جو نقشبندي طريقي جي پير ۽ عالم جي بي ادبي سمجهي وئي. جنهن ڪري بخارا مان پڄي هرات هليو ويو هو. اُتي جي مشهور راڳينڌڙ شاهه محمد شرنائي جي صحبت ۾ اچي رهيو. ۽ اهو ماڻهو موسيقي ۽ سرودي جو وڏو ماهر هو. مگر پنهنجي ڦرڻي گهرڻي بي قرار طبيعت موجب اُن سان به نه نڀيو. هنجي گلا ۾ هيٺئين رباعي لکيائين:

شرنائي منافق بي حسن بي تميز
انگوهم نوائي بد آموز ميزند
شرنائي او چوکير خرست و بحير تم
کان بي هنرز کير چسان گوز ميزند

يعني ته منافق ۽ بدتميز شرنائي سمورو آواز بڇڙو بلند ڪري رهيو آهي. هن جي شرنائي گڏهه جي عضوي رانگر آهي. مگر مون کي حيرت ٿي لڳي ته هو مخصوص عضوي ماز "ٽٽ" ڪيئن ڏئي رهيو آهي. شاهه محمد شرنائي جي وير وٺڻ کان ڊڄي، سڌو بلخ ۾ پهتو، اُتي به هجو جا بيت چئي، بلخ وارن جي خوب خبر ورتائين. جنهن تي شهر وارن سندس قتل جو ارادو ڪيو، مگر اُتان راتو رات پڄي ڪولاب جي علائقه ۾ پهتو. اُتي هڪ امير سيد زادي مير حيدر علي بن سلطان تي عاشق ٿي پيو. ماڻهن کي اها ڳالهه نه وڻي، جنهن ڪري هنجي مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ويچارو بدبخت نيازي، اُتان به جان بچائي وٺي ڀڳو. بدخشان وڃي پهتو، پر بدنام ٿيل هو، جنهن ڪري اتي وري رافضي

هجڻ جي تهمت رکي ويس. جنهن ڪري اُتان پڄي اچي قنڌار ۾ لڪو. سلطان همايون تيموري جي گورنر بيرم خان سان ملاقات ڪيائين، مگر پهرين ملاقات ۾ ئي بيرم هن کان ناراض ٿي پيو. ان کان پوءِ سنڌ ۾ هليو آيو. ان وقت ٺٽي ۾ مرزا شاهه حسن ارغون حاڪم هو. ٺٽي ۾ پهچي مرزا کي ملاقات لاءِ عرض ڪيائين. مرزا حضرت جامي رحه جو سخت معتقد هو جنهن هن شاعر جي ملاقات کان اڳ ۾ "ديوان جامي" تان فال ڪڍي. اڳوڻي بي ادبي سبب جا هنجي مولانا جامي سان ڪيل هئي، هيٺيون شعر نڪري آيو.

چرخ را جامي نگودان کز مئي عشرت تهي ست
باده از جام نگون جستن نشان ابلهي ست

جنهن ڪانپوءِ مرزا هن کي پاڻ وٽ اچڻ ۽ ملاقات ڏيڻ کان انڪار ڪيو. آخر لاچار ٿي، ٺٽي وارن ماڻهن سان ساز باز ڪري، نهايت تنگدستي ۽ مفلسي جي حالت ۾ اُتي رهجي پيو.

مرزا شاهه حسن جي وفات ڪانپوءِ، مرزا عيسيٰ ترخان، سندس حال تي رحم آڻي کيس نوازيو ۽ ان ڪانپوءِ مرزا محمد باقي ترخان جي نوازش ۾ رهيو.

اُنهي زماني ۾ سلطان اڪبر جو دور دورو هو. هنجي اميرن مان شاهه خواجه ولد دوست خاوند حج جو سفر ڪري سنڌ ۾ پهتو هو. ٺٽي ۾ نيازي جي احوال کان واقف ٿي سلطان اڪبر جي دربار ۾ سندس لاءِ سفارش ڪيائين. بادشاهه قبول فرمائي. هنجي اچڻ لاءِ ٺٽو ۾ قاصد ۽ فرمان موڪليو. جيستائين شاهي فرمان ٺٽي ۾ پهچي ئي پهچي، تنهن کان ٿورو اڳ ۾ نيازي مسڪين جي نالي تي حقيقي حاڪم پاران فرمان قضا پهچي ويو. ۽ ٺٽي ۾ ئي دفن ٿيو.

اهو واقعو ڏهين صدي هجري، پوئين اڌ جو آهي.

(مقالات تحفة الڪرام)

## 217ـ مخدوم ميڏنو نصرپوري

عالم فاضل فقيه، صوفي، نصرپور ۾ مخدوم روح الله ڪانپوءِ ئي هو صاحب قضا ۽ فتويٰ جو مالڪ بڻيو. سندس معاصرين مان

مخدوم عبدالواحد سيوستاني ۽ مخدوم محمد صادق گچيرائي ۽ مخدوم عثمان متعلوي آهن جن سان هن بزرگ جا بعض فقهي مسئلن تي رد ڪد ۽ مناظرا رهيا آهن. مير قانع لکي ٿو تہ:

مخدوم ميان ميدنہ جامع فنون ڪمال. عالم متبحر در فقہ اڪثر علماء در سائر ڪمالات اشهر برايا، با سلوڪ، آشنا درين تاز گيها بس ڪمال وفات يافت. پسرارشد ش ميان عبدالله از علوم ظاهري بهره وافي برده متوجہ علم معني است. (تحفة الڪرام)

مخدوم ميڊنو مريد هو مخدوم محمد امين ڊاسوڙي واري جو، هو وڏو موحد ۽ ڪامل وقت جو بزرگ ٿي گذريو آهي. ۽ ٻارهين صدي جي پڇاڙي ۾ ان بزرگ وفات فرمائي آهي. جيئن تہ تحفة الڪرام مان معلوم ٿئي ٿو:

مخدوم ميڊنو تمام ٻڍاپڻ ۾ سال 1181 ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي نصرپور ۾ ئي سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## 218۔ شيخ ابو تراب تبع تابعي

هن بزرگ جو احوال سنڌ گزيٽر ۾ هيٺئين ريت آيل آهي.

ابو تراب نالي هڪ وڏو بزرگ، جنهن بکر جو قلعو فتح ڪيو ۽ ٻيا وڏا بهادري جا ڪم ڪيا انجو مقبرو ڳوٺ گجو تعلقہ ٺٽو ۾ آهي ٺٽي کان اهو ڳوٺ 10 ميل پري آهي. سندس قبر تي سال 171 هجري مطابق 877ع جو ڪتبو لڳل آهي. سنڌ ۾ انهيءَ کي تمام جهوني تاريخي لکيت تسليم ڪرڻو پوي ٿو.

هن مان ظاهر آهي تہ اهو سال خليفي هارون عباسي جي خلافت جو آهي جنهن کي سنڌ ۾ جهوني مان جهونو بزرگ ۽ سندس مقبره کي جهوني مان جهوني يادگار تسليم ڪجي تہ درست آهي.

(اورينٽل ميگزين لاهور)

مولوي محمد شفيع ايم. اي لاهوري مٿئين ميگزين ۾ لکي ٿو: مان انهيءَ مقبري تي پهچي ڏاڍي ڳولا ڪئي تہ 171 ورهين وارو ڪتبو نظر اچي، پر ڪٿي بہ اهو ڪتبو نظر ڪونہ آيو.

مگر مير قانع لکي ٿو تہ:

شيخ ابوتراب از اجل تبع تابعين ڪہ مزارش مع شهدا ديگر تاهنوز زيارتگاهہ اهل دل ست. برسر گنبذ تاريخ بنا از ان قرار سال صدو هفتاد ويڪ مرقوم. (تحفة الڪرام)

مير قانع شيخ ابوتراب جو ذڪر عباسي خليفن جي گورنرن جي سلسلي ۾ ڪيو آهي ۽ سندس خيال آهي تہ هو ٻي صدي ۾ اسلامي عرب مجاهدن سان گڏ ساڪري جي سرزمين تي شهيد ٿي، اُتي دفن ٿيو آهي. مير قانع ٻي هنڌ لکي ٿو تہ:

شيخ ابو تراب المعروف بحاجي ابوترابي اصل از گماشتگان بنو عباس ست ڪہ بايالت سنڌ اور امر بودند و معروف بہ تبع تابعي چنانچہ مذڪور، از شهداء است. مزارش مابين موضع گجو ڪہ بعوض شهر ناره ولتو آباد شده و موضع ڪوري ڪہ بدل رسول آباد محمد طورثاني آباد گريده از تتہ بانداز چهار گروه زيارتگاه سائرو زائر است برگنبذش تاريخ تعمير صد و هفتا ويڪ موجود. (تحفة الڪرام)

مير قانع جي عبارت مان هي بہ ظاهر آهي تہ 171 جو ڪتبو سندس زماني 1181 ۾ بہ موجود هو جو هاڻي ناياب ٿي چڪو آهي.

ڄام صلاح الدين سمو ( 871هہ کان 893هہ تائين) حاڪم سنڌ جي زماني ۾ سندس رشتيدارن علاؤالدين سمو شيخ ابو ترابي تي گنبذ تيار ڪرايو جنهن تي هينيون ڪتبو لکيل آهي. جو تمام مشڪل سان پڙهڻ ۾ اچي ٿو.

بعهد شهر يار دهر سلطان دوار (؟)
شہ فيروز و منصور و مظفر در صف ميدان
بامر سرفراز بسندهہ خاص حضرت عالي.
ڪہ قدر او علا از فر فرقد تابان
ستوده ڄام جم سيرت علاءُ الدين دريا دل
ڪہ مهماني لطفش جهان شد جملہ آبا دان
برآمد اين چُنين گنبذ معليٰ ڪز صفا گوئي
بسان بيت معمور آمده است اظهار اين ايوان
مقام شيخ حاجي بوترابي آن ولي الله
ڪہ بر درگاهہ اود گردد رواحاجات خلق آسمان

بسال هفتصد هشتاد دو از هجرت احمد
زعون ايزد ذوالمنن والافضل والاحسان
بنا شد ثالث ماهِ صفر اين روضہ ميمون
بسعي کمترين بندگان موسيٰ بن شہ جان

# 219۔ مولوي محمد علي سنڌي

هي بزرگ عارف، ڪامل، شاعر فاضل اصل سنڌ جو رهاڪو هو. ابتدائي تعليم بہ سنڌ ۾ حاصل ڪيائين. ان ڪانپوءِ ٻاهر علم جي تحصيل لاءِ سفر ڪندو رهيو. دهلي، لاهور ۽ پشاور ۾ علوم حاصل ڪري پنجاب جي مشهور چشتي طريقي جي پير خواجہ محمد سليمان (متوفي 7- صفر 1267) جي خدمت ۾ پهچي، نجي بيعت ڪري سندس خدمت ۾ رهجي پيو. (تذڪره روز روشن)

خواجہ محمد سليمان تونسوي جي مريدن مان 3 خليفا عرب عجم ۾ مشهور ٿي ويا جن مان هڪ مولوي محمد علي آهي. جنهن پنجاب کي پنهنجي ظاهري ۽ باطني فيض سان مالامال ڪري ڇڏيو.
(خزينةالاصفياء)

آخر مرشد جي اجازت سان سنڌ ندي جي ڪناري تي هڪ قصبہ مکڏ ۾ اچي رهيو، جتي پنجاب وارن کي ظاهري ۽ باطني فيض ڏيندو رهيو. هو ايڏو وڏو پرهيزگار ۽ شب زنده دار عابد هو جو برابر 36 سال لڳو لڳ عشا جي نماز واري وضو سان صبح جي نماز ادا ڪندو رهيو. هو فارسي جو نهايت بهترين شاعر هو. پورو ديوان غزليات جو يادگار ڇڏيو اٿائين. مولوي تخلص ڪندو هو سندس ڪلام جو نمونو اجهو هي آهي.

شهيد تير آن ترکم کہ از ابرو کمان دارد
خدنگ از شست آن خوردم کہ از مژگان سنان دارد
زچشم مست بيمارم چہ بيماري فزود آخر
بهر سويش کہ مي بينم هزاران کشتگان دارد

حديث حُسن يوسف راڪجا دانند اخوانش
زليخا را بپرس از وي ڪہ صد شرح و بيان دارد
خوش آن عاشق ڪہ از جانان رخ مهر وفا بيند
ز يار خويش حيرانم نہ اين دارد نہ آن دارد
صبابا آن طبيب عشق، حال مولوي برگو
ڪہ بس عمري است اين بيمار سر بر آستان دارد

هن بزرگ مکڏ شريف (پنجاب) ۾ ئي باقي ڄمار گذاري 29 رمضان شريف 1253هه ۾ وفات فرمائي.

(تذکره روز روشن)

## 220۔ مير ڪرم علي خان ٽالپر حيدرآبادي

سنڌ ۾ حيدرآبادي ٽالپرن جي شاخ مان چئن ڀائر ٽالپرن هڪ ٻئي جي پوئتان حڪومت ڪئي. تن مان مير ڪرم علي خان ٽالپر هڪ نامور حاڪم ۽ علمي ادبي مذاق جو شاعر ٿي گذريو آهي. هن جو زمانو جيڪڏهن ٽالپرن جي عروج حڪومت جو زمانو هو تہ ان سان گڏ شعر ۽ سخن پروري جي ترقي جو زمانو ليکيو وڃي ٿو.

ڪرم علي خان پنهنجي ٻن ڀائرن، مير فتح علي خان (فتح سنڌ) ۽ مير غلام علي خان ڪانپوءِ سال 1813ع ۾ گادي تي ويٺو.

سندس زماني ۾ شاهہ شجاع الملڪ قنڌار جو بادشاهہ، سنڌ تي چڙهي آيو مگر مير صاحب هنکي ڪافي خزانو ڏيئي، ملڪ تان اها مصيبت ٽاري ڇڏي.

پنجاب جي حاڪم، راجا رنجيت سنگ بہ سنڌ تي ڪاهڻ جو ارادو ڏيکاريو، مگر ميرن جي انگريزن سان دوستي قائم ٿي چڪي هئي، جنهن ڪري انگريزن وچ ۾ پئجي رنجيت سنگهہ کي ڪاهڻ جي ارادي کان روڪي ورتو.

مير ڪرم علي خان، مذهب جي لحاظ سان پڪو شيعو هو، جنهن ڪري هنجي نگراني ۾ هڪ مشهور مرثيہ گو شيعو ثابت علي سيوهاڻي سنڌي زبان ۾ مرثيہ جو بنياد رکيو ۽ ثابت علي جي مير جي دربار ۾ ڏاڍو قدر ۽ عزت ٿيندي رهي.

مير صاحب پاڻ فارسي جو شاعر هو هو پنهنجي يادگار هڪ ”ديوان“ ڇڏي ويو آهي. انهيءَ ديوان جو گڏ ڪندڙ مير نصير خان ولد مير مراد علي خان، سندس پاٽتيو آهي.

”ديوان ڪرم“ ۾ ڪل 111 غزل، 3 قصيدا ۽ 4 قطعات آهن. سندس شعرجو نمونو هي آهي:

لطف ايزد هستم هردم يار ما
زين سبب بگرفت رونق كار ما
از نسيم فيض او خواهد شگفت
تازه گل در گلشن گلزار ما
نيست حاجت تا كرم سازد بيان
كار ساز ما بہ فكر كار ما

ٻي هنڌ فرمائي ٿو:

سويم بہ مهر ديد خطارا بهانہ ساخت
وز كوئي خويش راند جفارا بهانہ ساخت
گفتم بتا ز لطف بنہ پاء بچشم من
خنديد ناز كردہ حنا را بهانہ ساخت
گفتم كہ روئي تو بہ بينم ز شوق دل
پوشيد رو بدست دعا را بهانہ ساخت

مير ڪرم علي خان، 15 سال سنڌ تي راڄ ڪري 12 جمادي الثاني 1244هہ مطابق 1838ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس تاريخ هيٺين فقري مان نڪري ٿي.

”بادا بهشتش بارگاهہ“

## 221۔ ملا عبداللطيف بديٽائي

عبداللطيف سرزمين سنڌ جو هڪ وڏو شاعر هو، قيصر تخلص سان مشهور حضرت محي الدين عالمگير جي درٻارين مان هو.

مير قانع لکي ٿو تہ: قيصر هڪ مستعد ۽ قابل ماڻهو هو. ڇهن ڇهن مهينن کان پوءِ پيس جي تڏي جو مصلو ڪٽي سلطان عالمگير ڏانهن ويندو هو، جتان کيس ڪافي انعام ملندو هو ۽ عيال جو ان مان گذران ڪندو هو. هڪ دفعي بادشاهہ جي حضور ۾ هي شعر پڙهيائين:

سُلطنت ختم ست بر تو چون نبوت بر نبي
بادشاهي بر تو تنها چون خدائي بر خدا

بادشاهه شريعت جو سخت پابند هو. جنهن ڪري مٿئين قسم جي شاعري جنهن ۾ حد کان وڌيڪ مبالغو هجي ڪيس پسند نه هو. بادشاهه کي مٿئين شعر تي ڏاڍو غصو آيو ۽ حڪم فرمايائين ته ملا قيصر لاءِ روزينو ٺٽي جي حڪومت تي مقرر ڪيو وڃي ته جيئن ملا آئينده سفر جي مصيبت کان ڇوٽڪارو لهي، سنڌ ۾ رهيو پيو هجي. ۽ هيڏانهن اچڻ جي تڪليف نه ڪري. هي هو بادشاهه جو غصو، پر شفقت سندس لاءِ کهڙي نموني جي هوندي. (مقالات الشعراء)

ملا قيصر جي شاعرانه طبيعت ڏاڍي سخي هئي. هن "ديوان قيصر" پنهنجو يادگار ڇڏيو آهي. بختيار خان خواجه سراء جي مدح ۾ فرمائي ٿو:

هر ڪہ خواهد مدد از بخت و نصيب از دوران
گونهند سر بر در دولت بختاور خان

(تذڪره فرحت الناظرين)

بختاور خان پنهنجي ڪتاب "ده ساله عالمگيري" ۾ ملا قيصر جو ذڪر ڪيو آهي، ڪيس ٺٽي جو رهاڪو لکيو آهي. مگر مير قانع مقالات ۾ لکي ٿو ته سنڌ وارن کي هندستان ۾ گهڻو ڪري ٺٽئي ڪري ليکيندا آهن. تنهن ڪري بختاور خان ملا قيصر بديڻي کي "ده ساله" ۾ ٺٽوي ڪري لکيو آهي. نه ته دراصل هو بدين جو رهاڪو آهي. تاريخ وفات معلوم نه ٿي سگهي، مگر سندس حالات مان ظاهر آهي ته هو 12 صدي هجري جو سنڌي شاعر هو.

## 222. مير زين العابدين ٺٽوي

سيد زين العابدين عرف مير لطف الله ولد مير بزرگ. ٺٽي جي سيد علي شيرازي جي اولاد مان هڪ وڏو صاحب ڪمال ۽ مرجع جميع خصال، پنهنجي وقت ۾ ٺٽي جي مائٽن ۾ هڪ وڏو معتقد، اهل علم ۽ فضيلت جو مالڪ هو، ٺٽي جا حاڪم سندس بيحد تعظيم ۽

تڪريم ڪندا هوا. شهر جا سمورا ماڻهو هن جي فيض ۽ صحبت مان فائدا حاصل ڪندا هوا. علم جي استعداد ۾ تمام گهڻو هوس. سندس ڪيترائي ڪتاب مشهور آهن. حرزالبشر هڪ عربي رسالو ۽ "ديوان قانع" هن جا يادگار آهن. شعر ۾ قانع تخلص ڪندو هو. ملا حسن ڪاشي ايراني جي ترڪيب بند جو جواب ڏاڍو سهڻو لکيو اٿس.

(مقالات شعراء)

مير علي شير قانع لکي ٿو ته سندس هي هڪ شعر هزار شعرن جي برابر آهي جو هيٺ درج ڪجي ٿو:

دوات چين چشم غزالان کم سياهي شد
مگر مجنون بليلي باز انشاکرد مکتوبي

مير موصوف سال 1132هه ۾ وفات فرمائي "رضو عنه" مان
1132 هه

سال تاريخ ڪڍيو ويو.

## 223. خليفو زين العابدين ٺٽوي

صديقي نسب مان سنڌ ۾ قادري طريقي جي خليفن جي خاندان مان هڪ وڏو بزرگ گوشه نشين رهندو ايندو هو. جاءِ جو دروازو هميشه بند رهندو هوس جيڪڏهن ڪو ماڻهو از خود ڪيس ڪجهه سوکڙيون يا نذرانو پهچائيندو هو ته وٺندو هو.

ان قسم جي ماڻهو جي آمد جو پتو ڪيس باطن جي صفائي سان پوندو هو، جنهن لاءِ اُٺي دروازو کوليندو هو. ٻي صورت ۾ سوال لاءِ ڪٿي به هٿ ڊگهو ڪونه ڪيو هوائين. ڪڏهن ڪڏهن فارسي ۾ ڪلام موزون ڪندو هو. فرمائي ٿو ته:

چه بردارد ز دريا نوک عصفور
چه نسبت درميان اعمي ودر نور
نتابد پر تو خورشيد خفاش
ندارد سر معنيٰ طبع او باش
هم از تو باشم از تقصير کردم
بعصيان برگنه توفير کردم

توئي آمرزگاري هر گناهي
صلاح ڪار هر حالت تباهي

هي اهل الله بزرگ سال 1148 ۾ ٺٽي ۾ وفات ڪري هميشہ لاءِ هن دنيا جو دروازو بند ڪري ويو. (مقالات الشعراء)

## 224۔ مير حيدرالدين ٺٽوي

مير حيدرالدين ابوتراب تخلص ڪامل، ولد مير رضي الدين تخلص فدائي بزرگ پنهنجي تخلص ڪامل وانگي سمورين ڪماليتن جو مالڪ هو. ۽ اهل ڪمال سندس خدمت ۾ ڪمالات حاصل ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندا رهندا هوا. دنيا کي ترڪ ڪري فقيرانہ زندگي اختيار ڪئي هوائين. سموري حياتي شادي ۽ اهل عيال جي گمسان ۾ ڦاسڻ کان سواءِ مجرد گذاريندو رهيو. هن کي اگرچہ گذران جي ڪابہ ڳڻتي ڪانہ هوندي هئي. مگر ان هوندي بہ امير طبقي جا ماڻهو، جيئن تہ نواب مهابت خان تخلص ڪاظم (متوفي 1135) منتون ڪري سندس خدمت ۾ نذر نياز پهچائيندا هوا مگر گهٽو ڪري قبول نہ ڪندو هو. گوشہ نشيني ۾ گذاريندو هو.

جيڪو بہ سندس صحبت ۾ ايندو هو، سو گهٽو ڪجهہ پرائي اٿندو هو. قال الله و قال الرسول کان سواءِ سندس گفتگو خالي نہ هوندي هئي.

مير علي شير قانع ٺٽوي ۽ محمد پناهہ رجا ٺٽوي سندس مشهور شاگردن مان آهن. سنڌي، هندي ۽ فارسي جو بهترين شاعر هو. سندس متفرق شعرن جو هڪ وڏو ڪتاب جمع ٿي ويو هو، جنهن کي سندس ارشاد موجب ميان محمد پناهہ رجا مرتب ڪندو رهيو. فرمائي ٿو:

نگاهش ساغر مل ميتوان گفت
صراحي گفت قلقل مي توان گفت
شهادت جنت از دوزخ برآرد
چراغ گشتہ گل مي تواند گفت

ايضاً

قانع بخانہ دست بهر خان مڪش مڪش
يڪنان بس است منت دو نان مڪش مڪش
ايماشناس نرگس بيمار يار باش
با درد ساز منت درد مان مڪتس مڪش

هندي شعرن جو نمونو ڏسو:

لبوں دلبر کے میرے قتل پہ بیڑا اٹھایا ہے
خدایاں خون سوں میرے تو اسکو سرخرو کرنا

ٻيا بہ هندي ۾ هزارين شعر زبان زد عام هوا. سندس شعرن جي ديوان کي محمد پناهہ رجا اجا پوري طرح جمع نہ ڪيو هو تہ پاڻ سال 1164 ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو. مير قانع ”ان للمتقين جنت“ جي فقري مان سال تاريخ جو ڪڍيو آهي.

(مقالات الشعراء)

## 225. حڪيم حبيب الله بڪري

حبيب الله بن خواجہ ابراهيم بڪري شاگرد حڪيم محمد بڪري اهو شاگرد حڪيم عبدالڪريم رضوي بڪري (ملازم ميان نور محمد ڪلهوڙو) اهو شاگرد سيد حڪيم عبدالفتاح نمڪين دهلوي.

حڪيم حبيب الله هڪ مصنف ۽ شاعر عالم هو. سندس تصنيفات مان (1) رسالہ در نبض (2) دلائل البول (اهي ٻئي رسالا منظوم آهن) (3) دافع الامراض و شفاء الاعواض (4) شجره منظوم مشائخان قادريہ (5) رسالہ در علم تصوف.

هو بزرگ حضرت پير سيد محمد راشد عليه الرحمت روضي ڌڻي جو مريد ۽ خليفو هو. سندس دستخط شرح مثنوي مولانا روم جو نظر مان گذريو جنهن کي 22 جمادي الثاني سن 1218 ۾ لکي پورو ڪيو اٿس. (دافع الامراض) جي پڇاڙي تي 9 ذي الحج سن 1221هہ لکيل آهي.

اگرچہ تاريخ وفات معلوم ٿي نہ سگهي. مگر مٿين رسالن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ هو بزرگ ٽالپرن جي زماني ۾ 13 صدي هجري ۾ گذريو آهي.

## 226۔ سيد عبدالڪريم متعلوي (بلڙي وارو)

سيد عبدالڪريم بن سيد لعل محمد جو شجرو نسب وڃي سيد علي بن حيدر هروي سان ملي ٿو. ۽ انهيءَ سيد علي متعلوي شهر آباد ڪيو، جو هاڻي مٽيارين جي نالي سان مشهور آهي.

سيد عبدالڪريم مشهور شاهه ڪريم بلڙي وارو مٽيارين ۾ 20 شعبان 944هه (20 جنوري 1538ع) ڄائو. هو اڃا ننڍو ئي هو ته سندس والد وفات ڪري ويو، جنهن ڪري سندس پرورش ۽ سنڀال سندس وڏو ڀاءُ سيد جلال ۽ سندس والده ڪندا رهيا. ڇئن پنجن سالن جي ڄمار ۾ کيس مڪتب موڪليائون، پر پڙهڻ ۾ دل نه لڳس. سبق جي بجاءِ، الله جو نالو ياد ڪندو رهيو. سندس وڏي ڀاءُ هنجي پڙهائڻ لاءِ گهڻي ئي ڪوشش ورتي، پر ڪامياب نه ٿيو. هو ننڍپڻ ۾ مڪتب ڇڏي وڃي سماع يا راڳ جي مجلسن ۾ شريڪ ٿيندو هو، جنهن سان ڏاڍو چاهه هوندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن وعظ جون مجلسون به ٻڌندو هو.

هڪ دفعي مشهور عالم مخدوم ضياءُ الدين جو وڏو عارف دانشمند هو تنهن وعظ ڪيو ٿي، شاهه ڪريم ننڍڙو هو ۽ ڪن لائي وعظ ٻڌي رهيو هو. جڏهن وعظ ختم ٿيو ۽ شاهه ڪريم اُٿي گهر ڏانهن هلڻ لڳو تڏهن مخدوم ضياءُ الدين جي سندس پٺ تي نظر پئجي وئي، ڏسڻ شرط فرمائين ته سبحان الله هي ڇوڪرو هنن ڏينهن ۾ ئي ..... خضر عليه السلام سان صحبت ۾ آهي. جيڪڏهن جواني ۾ کيس ڏسان ها ته کهڙو نه چڱو ٿئي ها.

سيد جلال جي وفات کان پوءِ حضور رسول الله صلي الله عليه وسلم وٽان شاهه ڪريم کي ارشاد ٿيو ته آئنده پنهنجي ڀاءُ وانگي گهر جي ڪم ڪار ۽ عيال جو سمورو بار توتي آهي. انجي خدمت ڪندو رهه.

ڀاءُ جي وفات کان اڳ ۾ ئي سندس شادي ڪرائي وئي هئي. هن کي اگرچه شادي سان ڪابه دلچسپي ڪانه هئي، مگر سندس وڏي ڀاءُ ۽ سندس والده ڪائونس پڇڻ ڪانسواءِ شادي ڪرائي ڇڏي، نڪاح واري مجلس ۾ ئي انڪار ڪرڻ تي هو، مگر عزيزن، ساداتن جي زور آڻڻ تي ڪٽي قبول ڪيائين.

سندس ملفوظات جي ڪتاب بيان العارفين ۾ آهي ته دل ۾ پنهنجي ٻيبي سان لاڳاپو ڪونه هو، ۽ گهر ۾ گهڙندو هوس ته چڻ دوزخ ۾ پير پاتم. اهڙي رنجش جي حالت ۾ به مون ڪي ڪيترائي ڀار ڄاوا چاڪاڻ جو ڪوشش ڪري اها رنجش لڪائيندو رهندو هوس. ايتريقدر جو گهر وارن کي ان جو پتوئي ڪونه پيو. ٻاهران ڪو هڪ پئسوئي ملندو هو ته اهو گهر وارن کي آڻي ڏيندو هوس. جيستائين جيئري هئي، تيستائين ڪنهن سان به پنهنجي ناراضي جو حال نه اوريم. هميشه صبر ۽ شڪر ۾ رهيم.

شادي کان اڳ ۾ پنهنجي والده سڳوري جي خدمت ڪندو هو. پوڙهيءَ سانگي ٻين مزدورن سان وڃي جهنگ ڪپي زمين صاف ڪندو هو. اُتي ڏوهيڙو به مني سر سان چوندو هو. مزور جڏهن اهي بيت ٻڌندا هوا، تڏهن ڪيس منت ڪري چوندا هوا ته اوهين ويهي رهو. اسان پاڻيهي اوهان جي زمين جو حصو صاف ڪنداسين. پوءِ شاهه ڪريم آلاپ سان ويهي ڳائيندو هو ۽ مزور ذوق ۽ حظ پيا حاصل ڪندا هوا. شام جي ويلي شاهه صاحب بنا ڪنهن تڪليف جي پنهنجي مزوري جو حصو وٺي گهر موٽندو هو.

حضرت شاهه ڪريم فيض ۽ برڪت گهڻي ڀاڱي حضرت مخدوم نوح هالائي کان حاصل ڪئي. گهڻو ڪري سندن خدمت ۾ رهندو ۽ فيض برڪت پرائيندو رهيو. حضرت مخدوم نوح جي ارشاد سان ئي متيارين مان لڏي بلڙي ۾ اچي رهيا ۽ ان کان پوءِ سيد يوسف مهدي بکري کان ۽ مخدوم آدم سميجي کان به فيض پرايائون.

بيان العارفين جي ضميمي ۾ آهي ته هڪ دفعي ڪو سيلاني بزرگ سلطان ابراهيم نالي بهار پرڳڻي جو رهاڪو، شاهه ڪريم جي ڳوٺ واري مسجد ۾ اچي رهيو هو. هو پهتل ٻانهو وڏو بزرگ هو. شاهه ڪريم هنجي خدمت ڪرڻ لڳو. روزانو فقير کي ڪکڙ کهي ڪارائيندو هو. برابر ڇهه مهينا هو مسجد ۾ رهيو پيو هو ۽ شاهه ڪريم سندس خدمت ڪندو رهيو.

هڪ دفعي شاهه صاحب کان هن فقير پڇيو ته هن پسگردائيءَ ۾ ڪهڙا بزرگ آهن؟ عرض ڪيم ته مخدوم نوح ۽ سيد يوسف بکري

جو ٿٽي ۾ مڪلي جي ٽڪري تي رهي ٿو ۽ ٻين وقت جي ڪن بزرگن جا نالا ٻڌايائين. جنهن تي ميران يوسف جي واڪاڻ ڪرڻ لڳو ۽ ڪيس پيو ساراهيندو هو تہ هنجي ذڪر ڪرڻ جو طريقو ڏاڍو چڱو آهي.

هڪڙي ڏينهن انهيءَ بزرگ شاهہ صاحب کي ذڪر جي تلقين ڪئي، چيائين تہ اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ سلج. ان ڪانپوءِ اوچتو ئي اوچتو فقير صاحب مسجد مان ڪيڏانهن هليو ويو. پوءِ تہ شاهہ صاحب ڏاڍو سرگردان ٿيو. آخر ڳوليندي ڳوليندي اچي سيد يوسف مهدي جي اوتاري ۾ ڪيس لڌائين مگر اهو فقير سُتت ئي لاهري بندر (شاهہ بندر) مان ڪشتي ۾ سوار ٿي سنڌ مان روانو ٿي ويو ۽ شاهہ ڪريم کي چئي ويو تہ سنڌ ۾ ستت ئي تنهنجو ڪم چمڪندو ۽ تون تمام خوشحال ٿيندين ۽ هاڻي وڃي پنهنجي عيال جي خدمت ڪر.

شاهہ ڪريم جي جواني ۽ وچولي وهي جي حياتي گذارڻ جو نمونو هن ريت هوندو هو، جو صبح جي نماز پڙهي، مراقبي ۾ ويهندا هوا سج ايرئي ڪان پوءِ اشراق پڙهي گهر ۾ ايندا هوا. رڌ پچاءُ ڪري پنهنجي ٻچن کي ڪارائي، پوءِ ڪاسو کڻي شهر مان گدائي ڪري آٽي فقيرن کي کارائيندا هوا. ان ڪانپوءِ هر ڦار ڏاندن جو جٽ ڪاهي ٻني ۾ ڪم لاءِ ويندا هوا. زمين کيڙي، سج لڙي مهل وري گهر ڏانهن موٽندا هوا ۽ ڍڳن کي گاهہ ڏيئي، پوءِ وضو ڪري نفل پڙهندا هوا. پوءِ گهٽي آرام ۽ قرار سان جماعت سان نماز پڙهي وري ٻني جي ڪم تي ويندا هوا. ٽيهري وقت موٽي ڏاندن کي گاهہ ڏيئي، پوءِ مسجد ۾ نماز پڙهي ياد خدا ۾ ويٺا هوندا هوا، تانجو سومهڻي جي نماز پڙهي، پوءِ گهر اچي ٻارن ۽ فقيرن جي ڪاڌي پيتي جو سمورو ڪم سرانجام ڪندا. جڏهن ڪائي پيئي سڀ ماڻهو سمهندا هوا، تڏهن پاڻ وضو ڪري نفل پڙهي ڳوٺ کان ٻاهر نڪري، راهوٽ ڳوٺ ڏي روانا ٿيندا هوا. واٽ تي ڪا مسجد ايندي هئي تہ ان ۾ وضو لاءِ پاڻي پريندا ۽ وٽ لاءِ ڪڙا رکندا هوا. اتان هڪ ندي تري مڪلي ٽڪري تي نٽہ ايندا هوا. ٿٽي جي مسجدن جو پاڻي پريندا ۽ مسجدن ۾ ستل ماڻهن کي پوڙو ڏيندا، مڪلي جي مشائخن کي ختما چوندا موٽندي پير آري ۽ پير پٺي کي ختما چوندا، پوءِ پرهہ ڦٽي ڳوٺ اچي صبح نماز لاءِ بانگ چوندا هوا. فجر جي نماز

پڙهي، اشراق جي نفلن پڄاڻا وري ساڳي ريت ڪم ڪي لڳندا. پيري جي ضعف اچڻ کان اڳ ۾ سمورو وقت ان ريت رياضتن ۽ بي خوابي ۾ گذاريندا رهيا. جنهن جو پتو، ڪن خاص ماڻهن کانسواءِ ٻين ڪي ڪڏهن ڪونہ پئجي سگهيو. سموري زندگي جو وڏو حصو فقرفاقہ ۽ تنگدستي ۾ گذاريائون. مگر ڪنهن کان بہ حياتي ۾ سوال نہ ڪيائون.

ٻڍاپڻ جي ڏينهن ۾ مسجد جي حجري ۾ ياد خدا ۾ ويهي رهيا ۽ اُتي صوفيانہ سنڌي ڏوهيڙا چوندا هوا. ۽ ٻاهران فقيرن جي وڏي جماعت ٻڌندي ۽ روحاني راز حاصل ڪندي هئي.

هن بزرگ جو سنڌي ۾ پنهنجو صوفيانہ شعر چيل آهي. جنهن کي اڄ اهل دل درد وارا ماڻهو ڳائيندا آهن.

شاهہ ڪريم جڏهن هن بي بقا دنيا مان لاڏاڻو ڪيو، تڏهن سندس ڄمار 88 ورهين جي هئي. 7 ذي القعد 1023 هجري. آچر رات مغرب جي نماز کانپوءِ سندن روح پاڪ پنهنجي رب کي وڃي رسيو.

ڪنهن شاعر سندس ولادت ۽ وفات جي تاريخ هن ريت چئي آهي.

شاهہ عبدالڪريم سيد ما
بود از هاديان راهہ خدا
از نبي و علي نژادش دان
و ز حُسين و بتول اصلش خوان
بود از اولاد حيدر هروي
زاد شد اولا بہ متعلوي
سال نهصد و چهل چهار دگر
بود از هجرت شفيع بشر
چونڪ سي ودو و هزار گذشت
شد لقائش نصيب و وصلش گشت
شهر ذي قعد هفتين از ماه
شب يڪشنبہ آن خدا آگاه
وقت شام از جهان برضوان رفت
قد بلغ قد بلغ ز جانها رفت
سال تاريخ رحلتش از ره ابجد

جز بلغ نيست در حساب خرد
رحمت حق برو و مريدانش
وز خدا باد عفو غفرانش

هن بزرگ جا حالات، مقالات ۽ ڪشف ڪرامتن جا بيان تمام ڊگها آهن. جن ڪي سندس ملفوظات "بيان العارفين" ۾ تفصيل سان مطالعو ڪري سگهجي ٿو.

(ماخوذ از بيان العارفين از علامہ محمد دائود پوٽہ)

سندس مقبري تي جڏهن گنبذ تيار ٿيو، تڏهن ٺٽي جي مشهور عالم فاضل مخدوم محمد صادق هيٺئين مصرعہ مان تاريخ ڪڍي "چہ در گہ ڪريمست مجلائي حق"

1166

(مقالات)

## 227۔ شيخ معروف پاٽائي

پاٽ جي صديقي خاندان مان شيخ معروف ۽ شيخ عثمان ٻہ ڀائر وڏا عالم ۽ وڏا صوفي هوا. شيخ طاهر بن يوسف پاٽائي ( ) جا سڳا سئوٽ هوا ۽ اُنهن بزرگن جي ڀيڻ وري شيخ طاهر جي ننڍي ڀاءُ قاسم جي نڪاح ۾ آيل هئي، جنهن مان دنيا جو مشهور ولي ۽ عالم مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ سنڌي برهان پوري تولد ٿيو.

شيخ طاهر جو قول آهي تہ اسان جڏهن سنڌ ۾ هواسين، تڏهن انهن بزرگن کان وحدت الوجود جون ڳالهيون ٻڌندو هوس. مگر مونکي سمجهہ ۾ نہ اينديون هيون. ڪتاب مرصادالعباد ان وقت ۾ پڙهندو هوس، پر اُهو بہ سمجهہ ۾ نہ ايندو هو. پوءِ غوث الاولياء جي خدمت ۾ احمد آباد آيس تڏهن سڀ ڳالهيون سمجهہ ۾ اچڻ لڳيون. هي ٻئي بزرگ سنڌ جي مشهور قاضي قاضن بکري (متوفي 958) جا صحبتي ۽ ساٿي هوا. قسمت سانگي هو پنهنجي ڳوٺ پاٽ مان صيت پور شهر[1] ۾ اچي مقيم ٿيا، جتي سندن سوين معتقد ۽ مريد جمع ٿيندا ويا.

---

[1] صيت پور اڳ بکر جي گورنري ۾ ملتان جي گورنري جي سرحد تي هوندو هو. هاڻي اهو شهر عليپور تحصيل ضلع مظفر ڳڙهہ ۾ سنڌ جي ضلع جيڪب آباد سان متصل آهي.

ماڻهن هنن بزرگن جي وجود کي غنيمت سمجهي ڏاڍا فائدا پرايا. اُتي ئي وفات فرمايائون. سندن آرام گاهه بہ صيت پور ۾ آهي.

سندن نسبت هن ريت آهي. معروف بن شيخ عيسيٰ ڪبير پاٽائي بن رڪن الدين بن معروف بن شهاب الدين صديقي شهابي سهروردي.

ساڳي ريت شيخ طاهر جو والد شيخ يوسف سنڌي پڻ آهي رڪن الدين جو. باقي نسب نامہ تاريخ جي ڪتابن ۾ موجود آهي.

(تذڪره گلزار الابرار)

هنن بزرگن جي وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي. مگر حالات مان ظاهر آهي، هو ڏهين صدي هجري جا آهن.

## 228۔ مخدوم عباس پاٽائي

عباس بن جلال صديقي، پاٽائي پاٽ جي شهر ۾ ڄائو ۽ اُتي ئي علم حاصل ڪيائين ۽ وڏو ٿيو. مگر پوءِ ڪن سببن ڪري تقدير جي حڪم موجب 947هہ ۾ پاٽ مان لڏي هنگورجن ۾ اچي رهيو (جنهن ڪري تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪيس مخدوم عباس هنگورجو سڏيو ويندو آهي) ورهين تائين درس جو هنگامو جاري رکيائين. هزارين وڏا وڏا عالم وٽائونس فيض حاصل ڪري ويا.

حڪيم عثمان بوبڪاني ۽ قاضي عبدالسلام سنڌي برهانپوري سندن شاگردن مان هوا. قاضي جو چوڻ آهي تہ دين ديانت، دانش، بينش، طبيعت ۾ نرمي، ميلاب وقت گرمي، اهي سڀ وصفون مخدوم صاحب جي سرشت ۾ داخل هيون. ننڍپڻ کان وٺي ويندي وفات تائين ڪنهن بہ ماڻهو کان ڪوبہ سوال نہ ڪيائين

(تذڪره گلزار الابرار)

مير معصوم فرمائي ٿو تہ مخدوم عباس تفسير، حديث، فقہ ۽ باقي بين علومن ۾ وڏي مهارت جو مالڪ هو هر هڪ مسئلي تي تحقيق ۽ تدقيق تمام زبردست نموني ۾ ڪيل هوس. زهد ۽ پرهيزگاري ۾ جهڙس ڪونہ هو. رات ڏينهن جدا جدا عبادتن ۽ فرمانبردارين ۾ گذاريندو هو. حديث جي درس وقت ايڏي نيازمندي ۽

هيئائين پيدا ٿيندي هيس جو قال قال رسول الله ﷺ چوڻ وقت مٿس بيهوشي غالب پئجي ويندي هئي ۽ اکين مان لڙڪ زار زار وهندا هوا. خود ٻڌندڙن کي روح ڪان حديث جي ٻڌڻ جي طاقت ڪانہ رهندي هئي. مولانا عباس جو درجو تمام وڏو هو. 96 سالن جي ڄمار ۾ 14 شعبان 998هہ، ٻي دنيا ڏانهن روانو ٿي ويو. (تاريخ معصومي)

تذڪره گلزار مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس مدرسہ ۾ مسجد جو جاءِ نشين يا حقدار رشتہ داري سبب شيخ عيسيٰ مسيح الاولياءَ بڻيو هو.

## 229۔ شيخ لادجيو سنڌي

هي بزرگ سنڌ مان هجرت ڪري برهانپور ۾ وڃي رهيو. مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري جي جامع مسجد جي اتر واري ديوار سان سندس هڪ ڪوٺڙي ملي پئي هوندي هئي.

سيد محمد بن حسن غوثي لکي ٿو تہ آءٌ سندس گهر وٽان وقت بوقت لنگهندو هوس. خانہ داري جو سامان مطلق سندس گهر ۾ ڪونہ ڏسندو هوس. هڪ پراڻو تڏو وڇائي ان تي رات جو سمهندو هو. هڪ مجازي عشق ۾ وڏو نظرباز هو ۽ سندس دل کي ظاهري معشوقن جي محبت کان روڪي نہ سگهندو هو. سنڌي ڪافيون ڏاڍي درد مندانہ آواز ۾ ڳائيندو ۽ ماڻهن جون دليون پنهنجي راڳ سان ڇڪي وٺندو هو. 70 سالن جي ڄمار کي پهچي برهانپور ۾ وفات ڪيائين. شيخ ابراهيم سنڌي جي قبرستان ۾ برهانپور ۾ دفن ڪيو ويو. هو ظاهر ۾ قيدي پر معنيٰ ۾ آزاد هو. ”روضہ اش بزمگاهہ رضوان باد“

(تذڪره گلزار الابرار)

## 230۔ مولانا يونس سنڌي

قوم جو لاکو، سنڌ ۾ علومن جي تحصيل ڪرڻ کان پوءِ برهانپور هليو ويو. هو ايڏو وڏو عالم هو، جو شيخ وجيهہ الدين علوي احمد آبادي — ۽ قاضي عيسيٰ احمد آبادي جي برابر علمن ۾ دستگاهہ ۾ پهچ هوس.

ڏهين صدي جا وڏا وڏا عالم سندس شاگرد آهن، جيئن تہ شيخ نظام الدين ابن ڪبير — ملا طيب سنڌي، قاضي، —— سيد ابراهيم بکري —— قاضي ——

# 231۔ قاضي قاضن سيوستاني

قاضن بن قاضي ابو سعيد بن زين الدين بکري. قاضي قاضن جدا جدا علمن جو وڏو عالم هو. قرآن جو حافظ ۽ علم قرات جو وڏو ماهر هو. حديث، تفسير، فقہ، تصوف ۽ عمليات يا عزيمت جي علمن ۾ وڏو دخل هوس. انشاء پروازي ۽ علم حساب ۾ جهڙس ڪونہ هو.

(معصومي)

هن بزرگ ڄام فيروز سمہ حاڪم سنڌ ۽ مرزا شاهہ بيگ ارغون ۽ مرزا شاهہ حسن ۽ سلطان محمود بکري سان گڏ گذاريو.

ٺٽي تي ڄام فيروز برخلاف جڏهن 923 ۾ مرزا شاهہ بيگ ڪاهي آيو ۽ سمورو شهر ويران ٿيڄي ويو تہ ان وقت قاضي قاضن جو عيال بہ مغلن جي لشڪر جي گرفت ۾ اچي ويو. قاضي صاحب ڏاڍو حيران پريشان رهجي ويو. شهر ڦرجي رهيو هو. عيالدار ماڻهن جي آبرو ريزي جو خطرو صاف نظر اچي رهيو هو. اُن وقت قاضي صاحب خداداد قابليت کان ڪم وٺي مرزا شاهہ بيگ ارغون کي هڪ خط لکيو. شهہ بيگ تي انهيءَ خط ايڏو اثر ڪيو جو عام منادي ڏيارائين تہ ٺٽي وارن جي مال ۽ عيال تي ڪوبہ سپاهي هٿ سنئون نہ ڪري. ان کان سواءِ مرزا، قاضي صاحب کي پنهنجن تيرن جي ٻني نشاني طور ڏني تہ ڪنهن بہ فوجي ماڻهو کي هي نشاني ڏيکاري، ان کان ٺٽي وارن جي مال ۽ عيال کي واپس وٺي. ان کان پوءِ مرزا شهہ بيگ جو قاضي صاحب تي ڏاڍو اعتماد ۽ اعتبار ٿيو. ٺٽي وٽ جڏهن مخدوم بلال سمہ ۽ سنڌس مريد مرزا جي اطاعت کان انڪار ڪيو، تڏهن قاضي صاحب کي هنن جي سمجهائڻ لاءِ موڪليو ويو، مگر هنن نہ مڃيو، جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو مرزا جي سنڌ تي فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ مخدوم بلال کي شهيد ڪرايو ويو.

جڏهن مرزا بکر جي علائقہ ۾ پهتو، تڏهن ڪيس معلوم ٿيو تہ هن علائقي جا ڌاريجا زميندار، اطاعت ڪرڻ کان نابري واري ويٺا آهن. آخر ڌريجن جا ست سرڪردا وڏيرا گرفتار ڪري وٺي آيا، قاضي قاضن کان هنن بابت مشورو ورتو ويو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي، قاضي قتل

جو اشارو ڪيو، جنهن ڪري هنن کي مارائي سندن سريون سنڌ نديءَ ۾ اڇلايون ويون ۽ انهيءَ علائقي ۾ امن امان قائم ڪيو ويو.

مرزا شاهه بيگ جي وفات (928هه) کان پوءِ مرزا جي فرزند شاهه حسن قاضي صاحب کي بکر جو قاضي مقرر ڪيو. هو فيصلن ۾ ڏاڍي ايمانداري سان شرعي فتويٰ ڏيندو هو. ماڻهو سندس امانت داري جي بيحد واکاڻ ڪندا هوا. (معصومي)

سيد ميران محمد جونپوري (وفات 910هه) جي مهدي هجڻ جي دعويٰ سان سنڌ ۾ ڄام فيروز جي حڪومت واري زماني ۾ سنڌ آيو رهيو هو. قاضي قاضن سندس مريد ٿي، تصوف جي علم عمل ۾ وڏو درجو حاصل ڪيو هو. سنڌ جا ظاهري عالم سيد محمد جي مهدويت واري دعويٰ جا سخت مخالف هوا، تنهن ڪري قاضي صاحب تي به هو گمراهه هجڻ جو طعن ڪندا هوا. مگر هو پنهنجي ارادي تي آخر تائين قائم رهيو.

سيد محمد غوثي لکي ٿو ته قاضي قاضن ظاهري علمن کان دل کڻي چڪو هو. اخلاق جي تبديل ڪرڻ سان هن دنيا جي ڳجهارت کي حل ڪرڻ ۾ لڳل هو. نفس جي لڙائي سان انهيءَ ڳجهارت کي حل ڪري ورتو هوائين. شين جون حقيقتون ڪيس ظاهري اکين سان صاف ڏسڻ ۾ آيون، هت سندس خيالات کي پيش ڪجي ٿو. جي سنڌي زبان ۾ هن لکيون آهن. پوءِ هيٺين بيتن جو فارسي ۾ ترجمو ڏئي عذر ڪيو اٿس ته اصل ڪلام جي نزاڪت انهيءَ زبان ۾ قائم رهي ٿي، جا ترجمه سان ادا نه ٿي سگهندي آهي. (تذڪره گلزار الابرار)

شيخ ابراهيم ولد عمر سنڌي، قاضي جي ارادتمند دوستن مان هو. جنهن جو مقبرو برهانپور ۾ آهي.

ڪنز قد وري ڪافياڪ ڪوهه نه پڙهيوم
سو پارئي ٻيو ڪو، جئان پرين لڌوم

لوڪان نحو، صرف، مون مطالع سپرين
سوئي پڑهيو سو پڑهان، سوئي سو حرف

(بيان العارفين)

قاضي قاضن ٻڍاپڻ جي زماني ۾ ٻڪر جي قضا کان استعفا ڏيئي ياد خدا ۾ مشغول رهيو. سندس جاءِ تي سندس ڀاءُ نصرالله قاضي مقرر ٿيو. قاضي قاضن سن 958هه ۾ وفات فرمائي.

## 232. سيد صفائي ٻکري

شيخ الاسلام سيد صفائي بن سيد مرتضيٰ ترمذي شاهه بيگ جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ ٻکر ۾ اچي رهيو. علم عمل جو مالڪ، زماني جي عالمن ۾ وڏو عالم ۽ فاضلن ۾ وڏو فاضل هو. هن جون عادتون ۽ اخلاق ساراهيل هوندا هوا. هن جي شرافت ۽ سيادت بيان کان ٻاهر آهي. هميشه عالمن سان سندس صحبتون رهنديون هيون ۽ هنجي دسترخوان تان مسافر ۽ محتاج ڪاڏو کائيندا رهندا هوا.

ٻکر جي شيخ الاسلام شاهه قطب الدين جي وفات کانپوءِ مرزا شاهه حسن ارغون، شيخ الاسلامي جو منصب، سلطان محمود حاڪم ٻکر جي مشوري سان سيد صفائي کي مليو، انهيءَ حالت ۾ ذي قعد مهيني سن 991 ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري بقا واري دنيا ڏانهن روانو ٿي ويو.

سندس مشهور گرامي فرزند سيد محمد معصوم نامي ٻکري تاريخ وفات تي هيٺيون قطعو لکيو آهي.

شاهه قريشي لقب صفائي
کافراخت فلک تواي نورش
ناگاه ازين جهان گهه سير
افتاد به آن جهان عبورش
تاريخ جستمش ز نامي
گفتا پر نور باد گورش

991هه

سنڌس مقبرو سکر ۾ مير معصوم جي مناري هيٺان چوڪنڊي ۾ آهي جتي مير معصوم ۽ ٻئي خاندان جون قبرون آهن.

## 233- مرزا شاهه بيگ ارغون

شاهه بيگ بن امير ذوالنون چغتائي چنگيزي، هن جو تعلق هرات جي سلطان حسن مرزا سان رهيو آهي. شروع ۾ حسن مرزا پاران امير ذوالنون قنڌهار جو گورنر هو ۽ ان ڪانپوءِ شال (ڪوئيٽه) مستونگ ۽ سيوي تي به قبضو ڪري ورتو.

شاهه بيگ هرات ۾ پيدا ٿيو ۽ اُتي پنهنجي والد جي تربيت ۾ علم پڙهيائين. هرات جي علماء سان صحبتون ڪندو رهيو ۽ گهڻو وقت عبادت ۽ بندگي ۾ گذرندو هوس. نقشبندي طريقي ۾ شيخ الاسلام عبدالله انصاري هروي جو مريد هو. 913هه ۾ جڏهن سنڌس والد ذوالنون قنڌار جي ٻاهران شهيد ٿيو، تڏهن شاهه بيگ مستقل طرح قنڌهار جو حاڪم مقرر ٿيو. هو جنهن صورت هڪ وڏو عالم، عادل ۽ صوفي طبع جو حاڪم هو، تنهن ڪري ماڻهو ڪانئس ڏاڍا راضي ٿيا.

ساڳي سال ظهيرالدين محمد باقر قنڌهار جي فتح ڪرڻ لاءِ چڙهائي ڪئي ۽ شاهه بيگ ۽ سنڌس ڀاءُ محمد مقيم مقابلي جو ارادو ڏيکاريو مگر شاهي فوج جي سٽ نه سهي وڃي ڀڳا، سلطان بابر قنڌهار تي پنهنجي ڀاءُ ناصرالدين مرزا کي قبضو ڏياري، پاڻ واپس هليو ويو.

مگر ٿوري ئي عرصي ۾ مرزا شاهه بيگ وڏو ڪٽڪ ڪٺو ڪري دوباره قنڌهار تي ڪاهيو ۽ فتح ڪري پنهنجي قبضي ۾ آندو. ان زماني ۾ هڪ طرف شاهه اسماعيل صفوي ايران ۾ زور وٺي رهيو هو ته ٻئي طرف بابر بادشاهه جو ڏاڪو چمي رهيو هو. اها حالت ڏسي مرزا شاهه بيگ هن ۾ سلامتي ڏٺي ته سيوي ۾ جاءِ پناهه ڳولهي ڇڏجي. جي ڪڏهن ٻنهين بادشاهن مان ڪنهن جي به ڪاهه ٿئي ته اُتي وڃي رهجي اگرچه سيوي ۽ فتح پور جي فتح ڪرڻ ڪان بلوچن جون فوجون ميدان جنگ ۾ آيون، مگر تاب مقابلا جو نه آڻي آخر پيش پيا. ان ڪم کان فارغ ٿي شاهه بيگ وري قنڌهار واپس آيو. مگر ان هوندي به پنهنجا

ايلچي موڪلي، اسماعيل صفوي جي اطاعت قبول ڪيائين تہ جيئن سلطان بابر جي حملي کان ڪيس بچاءُ جو ڪم ڏئي.

حضرت سلطان بابر اها ڳالھ ٻڌي قنڌهار ڏانهن توجھ ڪيو، مگر سلطان بابر قنڌهار جي ٻاهران بيمار ٿي پيو، شھ بيگ اها ڳالھ ٻڌي بادشاھ جي خدمت ۾ سوکڙيون موڪلي، صلح جو پيغام ڏياريو. جنهن ڪري بادشاھ واپس هليو ويو.

921ھ ۾ دوباره بادشاھ قنڌهار تي ڪاهيو ۽ ان کان پوءِ 923ھ ۾ ٽيون دفعو ڪاهيو. مرزا شھ بيگ بادشاھ جي ڪاهن کان تنگ اچي معاهدو ڪيو تہ آئنده سال 924ھ ۾ قنڌهار بادشاھ جي حوالي ڪيو ويندو، في الحال معافي ڏني وڃي.

شھ بيگ ان کان پوءِ ڪوئٽہ (شال) سيوي جي علائقن ڏانهن هليو ويو. سندس ارادو هو تہ سنڌ تي قبضو ڪري وڃي آرام سان وقت گذارجي تہ ايتري ۾ ڄام نندہ (          ) جو پٽيلو امير دريا خان سيوي تي ڪاهي آيو. سنڌين ۽ مغلن جي وچ ۾ سخت جنگ لڳي. مرزا شھ بيگ اُن وقت سيتان طرف ڪنهن مهم تي هليو ويو هو. آخر انهي جنگ ۾ مرزا شھ بيگ جو پائينو ابو محمد مرزا شهيد ٿي ويو، مگر پوءِ سنڌين جي فوج سواءِ ڪنهن نتيجي جي ٺٽہ موٽي آئي.

ڄام نندہ جي وفات کانپوءِ ڄام فيروز تخت تي وينو مگر حڪومت جا سمورا اختيار دريا خان جي هٿ ۾ هوا، جنهن ڪري هو ڏاڍو تنگ ٿي پيو هو. لاچار ٿي پنهنجي والده نالي مدينہ ماڇاڻي کي مرزا شھ بيگ ڏانهن روانو ڪيائين تہ اسان کي دريا خان کان اچي بچائي، شھ بيگ سندس داد رسي لاءِ وڏي فوج ڪاهي سنڌ مان باغبان، سيوهڻ، فتح ڪندي اچي ٺٽہ جي ٻاهران پهتو. دريا خان، ڄام فيروز کي چيو تہ هي مصيبت منهن جي لاءِ نہ آندي اٿئي پر پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو اٿئي. ڄام فيروز هن جي نصيحت کي نہ ٻڌو. آرام سان گھر ۾ وينو رهيو. آخر دريا خان مقابلو ڪندي قتل ٿي ويو، سواءِ ڪنهن تڪليف جي مغلن جو ٺٽي تي قبضو ٿي ويو.

مرزا شاهہ بيگ هيترو سو ڪيو جو سيوهڻ کان هيٺيون حصو ڄام فيروز جي حوالي ڪيو ۽ سيوهڻ کان مٿي پنهنجي قبضي ۾ ڪري بکر ۾ سلطان محمود کي مقرر ڪري پاڻ وري سيوي واپس ويو.

ڄام صلاح الدين ڄام فيروز جو ڇاڇو جو دريا خان هٿان شڪست کائي گجرات ڏانهن هليو ويو هو، تنهن کي جڏهن سڌ پئي تہ فيروز بيڪار ٿي چڪو آهي ۽ دريا خان قتل ٿي ويو آهي. اهو وڏو ڪٽڪ ڪاهي نٿو ۽ سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ وڌيو. ڄام فيروز مرزا شاهہ بيگ ڏانهن قاصد موڪلي امداد گهري.

شاهہ بيگ 927هہ ۾ پنهنجي فرزند مرزا شاهہ حسن بيگ کي سنڌ روانو ڪيو. مرزا شاهہ حسن جو ڄام صلاح الدين ۽ گجراتي فوج سان سخت مقابلو ٿي گذريو، جنهن ۾ ڄام صلاح الدين جو پٽ ۽ پاڻ ٻئي قتل ٿي ويا. باقي فوج ٽڙي پکڙي گجرات ڏانهن هلي وئي.

ان ۾ مرزا شاهہ بيگ بہ باغبان (ٿلٽي) ۾ اچي پهتو ۽ پنهنجي فرزند مرزا شاهہ حسن کي خلمت ۾ پهچڻ جو خط لکيائين جو پڻ ساڻس اچي ڳنڍيو.

سنڌ جي معاملات کان جڏهن مرزا شاهہ بيگ فارغ ٿيو تڏهن ڪيس دل ۾ آيو تہ گجرات تي ڪاهي اهو ملڪ بہ هٿ ڪجي، مگر ايتري ۾ هن کي اندر ئي اندر سور پيدا ٿيو. گهڻو علاج معالج ڪيو ويو، مگر فائدو نہ ٿيو. جڏهن موت جي ويجهو آيو، تڏهن پيش امام محمد شريف قاري کي گهرائي چيائين تہ سورت ياسين پڙهي، جڏهن حافظ آيت:

وما لي لا اعبدالذي فطرني واليهہ ترجعون

يعني تہ مون کي ڇا ٿيو آهي، جو آءٌ انهيءَ پالڻهار جي عبادت نہ ڪريان جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي، ۽ ان ڏانهن اوهان کي وڃڻو آهي. حافظ کي چيائين تہ اها آيت 3 دفعا پڙهہ!

جڏهن آيت: ”قال ياليت قومي يعلمون بما غفرلي ربي“ تي حافظ پهتو، تڏهن پنهنجي جان الله تعاليٰ جي حوالي ڪيائين، اهو واقعو 2 شعبان 928هہ ۾ ٿي گذريو.

مرزا شاهہ بيگ جي عادت هوندي هئي، هفتي ۾ هڪ دفعي عالمن جي وڏي مجلس سڏائي هنن سان علمي ڳالهيون ڪندو هو. هن

جا پنهنجا تصنيف ڪيل ڪتاب آهن، جيئن ته ڪافيه نحو جو شرح-حاشيه شرح-مطالع حاشيه شرح-فرائض مرسيد ۽ ٻين ڪن رسالن تي حاشيا. (معصومي و طاهري)

انهن مان بعض ڪتاب مير محمد معصوم جي زماني تائين سنڌ ۾ موجود هوا، جو هاڻي ناپيد آهن.

## قطعه تاريخ از مفتي سرور لاهوري

چون بهدير خدائي ذوالجلال
گشت راهي سوئي جنت شاه بيگ
سال تاريخ وفاتش از خرد
شد عيان، سلطان بدولت شاه بيگ

930هه

هت تاريخ وفات 930 ڏيکاريل آهي ۽ مير معصوم بکري 928 ڄاڻائيندي فقره "شهر شعبان" مان سال تاريخ ڪڍيو آهي. ٽن سالن کان پوءِ مرزا شه بيگ جي لاش کي مڪه معظمه موڪلي جنت المعليٰ جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. اهي 3 سال بکر ۾ لاش امانت رکيل هو.

## 334- مخدوم بايزيد هالائي

مخدوم بايزيد بن مخدوم عربي آيانو هالائي. هن ظاهري ۽ باطني علم پنهنجي والد بزرگ کان حاصل ڪيو. هو سڌي رستي تي صداقت هميشه فائدي ڏيڻ ۾ مستقيم رهيو. ڪيترن طالبن ڪائونس فائدو پرايو. (تحفة الڪرام)

سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ جڏهن مرزا عبدالرحيم خان خانان سنڌ ۾ آيو ته واپس ٿيڻ وقت برهانپور ۾ شيخ عيسيٰ سنڌيءَ، مسيح الاولياء سان بيان ڪيائين ته صوبه ٺٽه جي فتح واري زماني ۾ آءٌ مخدوم بايزيد جي خانقاه ۾ ويو هوس، اُتي درويشن جي هڪ جماعت ڏٺم،جن جا هٿ ته ظاهري ڪم ڪار ۾ رڌل هوا، مگر هنن جون زبانون قرآن جي تلاوت ۽ ذڪر الاهي ۾ مشغول هيون، سندن قلب نفساني خطرات جي دور ڪرڻ ۾ رڌل هوا، مان سندن سڳوري صحبت مان گهڻو ڪجهه فائدو پرايو ۽ اندر جو سوجهرو حاصل ڪيو. (تذڪره ابرار گلزار)

مرزا عبدالرحيم خان خانان سنڌ ۾ 998 کان 999 تائين هو، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، هن بزرگ جي وفات ٻارهين صدي جي اوائل ۾ ٿي هوندي.

## 235۔ مير لطف الله سيوستاني

لڪياري ساداتن مان شاهه صدرالدين لڪعلوي جي اولاد مان نامور بزرگ ٿي گذريو آهي. هو پنهجي علم ۽ قابليت ڪري ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ پهريان سنڌ پاران دهلي دربار ۾ سفير ٿي رهيو ۽ ان ڪانپوءِ ميان نور محمد والي سنڌ جو وزير اعظم جي درجي تي پهتو. بخت ۽ دولت واري زماني ۾ ساداتن ۽ علماء جي خدمت ۽ ڪمن ڪارين ڪي نهايت خوش اسلوبي سان سرانجام ڪندو هو. عام خاص سان سندس سلوڪ ڏاڍو سهڻو رهيو، جنهن ڪري سنڌ ۽ هند ۾ تمام نيڪ نالو چڱيائين. (تحفة الڪرام)

هو جڏهن دهلي مان دوباره ٺٽي ۾ آيو ۽ اچي سرڪاري ڪم ڪار سنڀاليائين، تڏهن سندس دوست ۽ علمي مصاحب محمد پناهه رجا ٺٽوي هيٺئين مصرعہ مان ٺٽي ۾ آمد جو سال تاريخ لکيو.

ع — ڪردي آباد صوبہ تهتہ
1155

آخر وقت سيوهڻ ۾ اچي رهيو. اُتي سرڪاري طرح ماڻهن جا فيصلا ڪندو هو. گويا وقت جو قاضي هو.
(بياض مير صابر علي ٺٽوي)

ٺٽي جو مشهور شاعر محمد پناهه تخلص رجا گهڻي ڄمار سندس نوڪري ۾ رهي انعام اڪرام حاصل ڪندو رهيو ۽ ڏاڍو آبرو سان گذاريائين.

سيد صاحب 1160هه ۾ هن دنيا فاني مان وفات فرمائي ۽ سندس تاريخ رحلت تي محمد پناهه رجا، هڪ قطعہ لکيو آهي، جنهن جي آخر ۾ آهي تہ:

هر ڪہ آمد برسر قبرش بتاريخ وفات
رحمت ايزد بجان مير لطف الله گفت
1160

(تحفة الڪرام)

## 236ـ مولانا عبدالعزيز ابهري محدث

مولانا عبدالعزيز اصل هرات جو رهاڪو، هڪ وڏو عالم فاضل هو. هرات تي 918هه ۾ جڏهن ايران جي شيعي بادشاهه اسماعيل صفوي ڪاهيو تہ اُن وقت اهل سنت جماعت جي علماء تي ڏاڍو تنگ وقت آيو، ڇاڪاڻ جو بادشاهه جو حڪم هو تہ جيڪو ماڻهو شيعہ مذهب قبول نہ ڪري تہ ان کي قتل ڪيو وڃي، جنهن ڪري مولانا عبدالعزيز ابهري ڄام فيروز ڄام نظام الدين جي زمانہ ۾ سنڌ ۾ هليو آيو، ڇاڪاڻ جو فيروز جو والد ڄام نظام الدين پنهنجي علم دوستي ڪري ڏاڍو مشهور هو.

سيوهڻ جي لڳ ڳاهان جي ڳوٺ ۾ سمن حاڪم جي وزير اعظم دريا خان جي جاگير هئي، جتي مولانا کي سندس ٻن فرزندن (1) امير الدين ابهري (2) محمد ابهري سميت رهايو ويو. هي ٽيئي بزرگ عقلي ۽ نقلي علمن جا جامع ۽ ماهر هوا. جنهن ڪري سنڌ وارن وٽانئن تمام گهڻو فيض پرايو.

مير محمد معصوم لکي ٿو تہ هر هڪ علم ۾ مولانا عبدالعزيز جون پسندي جهڙيون تصنيفون آهن، جن مان مشڪوات شريف تي سندس حاشيہ آهي، مگر پورو نہ ٿيل آهي. انجا مسودا منهن جي (مير معصوم) جي ڪتب خانہ ۾ موجود آهن. (معصومي)

مير قانع لکي ٿو تہ ٻين بہ ڪيترن ڪتابن تي سندس حواشي آهن هرات مان هي رباعي منظوم فرمائي هوائين:

انجائي ڪہ بناءِ دين گردد برهم
باشي تو دني اگر کني مکني کم
اينک ره راست پيش روءِ عالم
کافر نشوي ملک خدا نبود کم

(مقالات الشعراء)

انهيءَ ڳاهان جي ڳوٺ ۾ هن دنيا جي نسخي پڙهڻ کان اکيون ٻوٽيائين ۽ آخرت جي حالات کي مطالعہ ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

اهو ڏهين صدي هجري جي وچ ڌاري جو واقعو آهي ۽ سندس مقبرو بہ ڳاهان جي قبرستان ۾ آهي. اهو ڳوٺ هن وقت 21 ميل سيوهڻ جي اُتر الهندي ۾ آهي جو ڳاهن جي ڳوٺ سان مشهور آهي. سندس شاگردن مان محمد انور تخلص انوار قنڌهاري هڪ مشهور شاعر ۽ عالم ٿي گذريو آهي جو سنڌ ۾ پرورش پاتي ۽ ڳاهان ۾ مخدوم صاحب وٽ سمورو علم حاصل ڪيو. پوءِ وڃي سلطان ظهير الدين بابر جو ملازم ٿيو ۽ آخر همايون جي ملازمت ۾ سنڌ ۾ پهتو ۽ حرمين سفر ڪندي وفات ڪري ويو. (مقالات)

## 237۔ سيد عبدالرشيد ٺٽوي

عبدالرشيد بن عبدالغفور حسيني ٺٽوي، پنهنجي وقت جو علامہ ۽ سڀني علمن جو جامع هو. سلطان شاهہ جهان جي نالي عربي لغت جو ڪتاب "منتخب اللغات" لکيائين جو سموري هندستان ۾ مشهور آهي ۽ بار بار ڇپجي چڪو آهي. فارسي نعت جو ڪتاب بہ رشيديہ سان مشهور آهي. علم مناظره ۾ "رشيديہ" رسالہ عربي زبان ۾ داخل درس آهي.

سيد وڏو شاعر هو. هڪ ڊگهي قصيدي ۾ پنهنجي علميت ۽ علومن ڏانهن اشارو ڪيو اٿائون، جنهن مان ڪجهہ شعر هيٺ ڏجن ٿا.

شهر ياري فضلم و شهري معاني جاءِ من
ميرود در ڪشور دانش ڪنون غوغائي من
هم قلم دارم بدست هم علم دارم بدوش
ڪرد فتح ملڪ معنا خاطرم داناي من
در تعاسير سور ڪشاف سير مشڪم
منزل است اين آية اندر شان استيفاي من
در معاني و بيان م فتاح گنج داشتم
نيست در فن بلاغت هيچڪس همتائي من
در طريق نحويان مصباح راه ظلمتم
در سبيل صرفيان وافي است استيفاي من

در اصول هند سي تحرير اشكال از من است
در طريق منطقي تام است استقرائي من
از طبيعي واز الهي بهره دارم تمام
نيست محتاج براهين سوره دعوائي من
شيوه سحر حلال از شعر من دارد رواج
شمع جمع شاعران باشد يد بيضائي من

قصيدو تمام ڏگهو آهي. هن ۾ جن علمن ۽ ڪتابن جا تلميح طور نالا ورتندو ويو آهي تن جو پتو تن کي پئجي سگهندو، جي صاحب علم انهن جا ماهر هوندا.

سلطان شاهجهان کان پوءِ حضرت عالمگير جڏهن تخت نشين ٿيو، تڏهن جلوس جي تاريخ هيٺئين آيت مان حاصل ڪيائين.

"واطيعو الله واطيعو الرسول وا ولي الامر منكم"

(يعني ته الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريو ۽ اوهان مان جيڪو حڪومت جو مالڪ هجي، ان جي به اطاعت ڪريو.)

عالمگير جي زماني ۾ ٺٽي مان دهلي ۾ پهچي اُتي وڏو مرتبو حاصل ڪيائين. ٻارهين صدي ۾ وفات ڪري ويو، پوٽتان ڪابه اولاد ڪونه ڇڏيائين، سندس ڀاءُ سيد عبدالرئوف به هڪ وڏو عالم هو، مگر ان کي به اولاد ڪونه ٿيو. رحمهم الله تعاليٰ

(تحفة الڪرام- مقالات)

## 238- ملا عبدالحڪيم عدلا ٺٽوي

اخلاق حسنه جو جامع ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو مالڪ برابر 30 سال رات جو جاڳندو عبادت ڪندو ۽ ڏينهن جو روزي سان رهيو. عشا جي نماز جو وضو ڪري صبح جو فرض انهي ساڳي وضو سان ادا ڪندو هو. انهن ٽيهن سالن ۾ رسول الله جي نعت ۽ حضرت علي جي مناقب ۾ هڪ لک شعر لکيائين جو عام ماڻهن ۾ مقبول پئجي ويو. سندس ڪلام سنڌ مان لنگهي ڪابل تائين پهتو جو ماڻهو سندس

ڪلام کي مولود طور پڙهڻ لڳا. سندس غزلن جو هڪ ديوان ٻه آهي جو ٽيهه هزار بيتن کان ٻه وڌيڪ آهي. جيئن ته هڪ هنڌ فرمائي ٿو ته:

نسخهٔ ابيات ديوانم گذشته از سي هزار
ليڪن اين در و گهر نيست اڪنون جوهري

سندس ڄمار هڪ سئو سالن کان ٻه لنگهي وئي. سندس سامهون صفائي، سنڌي، قيصر، بديٽي، سلامي ۽ شڪري ٺٽوي هڪ هڪ ٿي فوت ٿي چڪا هوا. جيئن ته هڪ شعر ۾ فرمائي ٿو:

ڪو صفائي، قيصر و ملا سلامي و شڪري
در گذشهٔ القصه هر يک اختر روشنگري

ملا عطا ٺٽوي، بادشاهه شاهجهان (تخت نشين 1036) جي زماني کان وٺي بادشاهه محمد شاهه (تخت نشين 1131) تائين سمورو وقت زنده رهيو.

دهلي مان ٺٽي تي جيڪي ٻه حاڪم مقرر ٿي ايندا هوا، سي ملا عطا جي ڏاڍي عزت ڪندا ۽ انعام اڪرام ڏيندا هوا. هو سائو لباس پهريندو هو. سندس اولاد ۾ ٻه ڪيترا شاعر ٿي گذريا آهن.

(مقالات الشعراء)

سن 1967ع مطابق 1345هه ماهه رمضان ۾ مون کي ٺٽه جي سيد محمد زمان شاهه مهدوي وٽان عطا ٺٽوي جي قصائد جو هڪ ڪرم خورده نسخو مطالعه لاءِ مليو جنهن ۾ حمد ۽ نعت ۾ سوين قصيدا هوا. بعض بعض قصيدن جا جدا جدا نالا ٻه لکيا اٿس. هڪ قصيده روح الارواح ۾ فرمائي ٿو:

خدا وند بحق وحدت تو
ٻه آن مختار صاحب همتاها
حبيب خلق، تاج فرق ابرار
ٻه آل صحب اصحاب تقاها

هڪ قصيده مان معلوم ٿئي ٿو ته هو عبادت زهد سان گڏ قرآن جو حافظ ٻه هو، فرمائي ٿو:

ز دست آويز حفظ خاص قرآن
ڪنم عرض و غرض هم التجا ها

سموري زندگي رات ڏينهن عبادت ۾ گذارڻ جو احوال هينئين ريت پيش ڪري ٿو:

با کلمهٔ صلوات مرا تاشو اعليٰ ست
هر شب، شب برات و بهر روز روز عيد
بيدارو خفته در صلوات توام بس است
بي ياد تو مباد مرا گفت هم شنيد
يک لحظهٔ ز عمر معطل نبوده ام
کسب مُفيض داشته ام و پيشهٔ سعيد
توحيد و نعت خاص و صلوات ست منقلبت
نظم و نثر هائي قديم است وهم جديد
بس نامهائي تحفه تحيت رساله
گفتم نو شتم آنچه بطبعم همي رسيد

اهو مجموعه مصنف مرحوم جو دستخط هو، جنهن تي مصنف قصيدن جي جمع ۽ ترتيب جي تاريخ هينئن ريت لکي آهي:

خجسته قصائد بتوحيد و نعت
مردف و مرتب بطرز نوي
ثـمـرهـا طـبـع دل[1] ........
بحسن قواني رديف و روي
خرد سال تايخ ترتيب او
بگفتا قصائد عطا تتوي

1109

اگرچه سندس سال وفات هٿ نه آيو، مگر معلوم ٿئي ٿو ته هن بزرگ 12 صدي جي وچ ڌاري وفات ڪئي آهي.

ٺٽي جا سبز پوش سڏائيندڙ عبدالحڪيم عطا سبز پوش جو اولاد آهن.

---

[1] ڪرم خورده بود اينجا -12- وفائي (ڪاغذ اڌوهي ڪاڌل ۽ اکر غائب هوا "وفائي")

## 239۔ شيخ محمد سيوستاني

شيخ محمد اصل بغداد جو رهاڪو هو. بغداد جي تباهي (652هه) کان پوءِ سنڌ ۾ هليو آيو آهي. سيوهڻ ۾ اچي رهيو. شيخ محمد ابن بطوطه مغربي جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن هن بزرگ سان سيوهڻ ۾ اچي ملاقات جو شرف حاصل ڪيس، جو مخدوم عثمان قلندر جي مقبره وٽ هڪ حجري ۾ دنيا کان لاڳاپا ٽوڙي، ياد خدا ۾ رهندو هو. ان وقت سندس ڄمار هڪ سؤ چاليهه ورهه کان به مٿي هئي. هو بغداد جي تباهي وقت جڏهن بغداد جي پوئين خليفه مستعصم باالله کي هلاڪو بن تولاءِ تاتاري قتل ڪيو هو، تڏهن هي بزرگ بغداد ۾ موجود هو، ايڏي ڄمار هوندي به بدن جو مضبوط ۽ پنهنجن پيرن تي هلي سگهيو ٿي. (نزهت الخواطر)

ابن بطوطه سنڌ ۾ 734 ۾ آيو ۽ بغداد جي تباهي 652 ۾ ٿي.

## 240۔ شمس الدين شيرازي بکري

شيخ شمس الدين محمد هڪ وڏو عابد زاهد ۽ تمام پيرسن هو. جنهن سان محمد بن بطوطه جي سن 734 ۾ بکر جي شهر ۾ ملاقات ٿي. ان وقت سندس ڄمار هڪ سئو ڏهن سالن کان وڌيڪ هئي، دنيا کان منهن موڙي، عبادت ۾ رهندو آيو ٿي. (نزهت الخواطر)

## 241۔ سيد نجم الدين بکري

بکر جي سيد يوسف مهدوي جي اولاد مان جو پوءِ اهو خاندان ٺٽي ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو. نجم الدين جي والد مير محمد رفيق بکري جي علامه محمد معين ٺٽوي جي ڀيڻ سان شادي ٿي، جنهن جي پيٽ مان مير نجم الدين تولد ٿيو. مخدوم معين کي اولاد ڪونه هو، جنهن ڪري ڀاڻيجي کي پنهنجي اولاد وانگي تربيت ڏنائين ۽ سندس ئي شاگرد ٿي رهيو. جامع ڪمالات ۽ حاوي فضائلات ٿي، استاد ۽ مامي جي سامهون درس تدريس جو شغل اختيار ڪيائين ۽ صاحب فتويٰ جو بڻيو. سندس شاگردن مان مخدوم احمد ۽ باقر واعظ نامور ٿي گذريا.

سيد نجم الدين مخدوم معين جي تربيت ۾ بهترين شاعري ۾ هڪ بهترين ڪماليت جو مالڪ ٿيو. تخلص "عزلت" اختيار ڪيائين، "ديوان عزلت" سندس يادگار آهي، جو شايد هن وقت زماني جي دستبرد کان محفوظ نه رهيو هجي. سندس هڪ نسخو 1921ع ۾ راقم الحروف وفائي، حيدرآباد جي مرحوم ڊاڪٽر مرزا مدد علي وٽ ڏٺو هو، مگر ڊاڪٽر جي وفات کان پوءِ انجو پتو ڪونه ٿو پوي.

عربي فارسي ۾ ڪيترين ئي تصنيفون آهن، جن مان يڪروزي منطق جي جواب ۾ سندس هڪ رسالو "يڪروزي" پڻ آهي، جنهن ۾ ڪيترن ئي علمن جو بيان ٿيل آهي، جو موجوده درسي يڪزوزي کان وڌو ۽ بهتر آهي. فقط هڪ ڏينهن ۾ لکيل آهي.

طوطي نامہ فارسي زبان نخشبي جي طوطي نامہ کان عمده عبارت ۾ لکيل آهي. ازانسواءِ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي هڪ رسالي "عدم جواز ماتم حسين" بابت بہ سيد عزلت جو هڪ جوابي رسالو آهي ۽ اهو رسالو پير سائين جهنڊي وارن جي ڪتب خانہ ۾ سيد عزلت جي مهر سان، منهنجي نظر مان گذريو.

سندس شعر جو هي نمونو آهي:

معشوق راز جوهر ناز آفريده اند
عشاق را ز خاک نياز آفريده اند

(مقالات)

سيد عزلت کي حياتي وفا نہ ڪئي. هو نوجواني ۾ ئي وفات ڪري ويو. سندس وفات سال 1160هه ۾ ٿي ۽ پوئتان نرينہ اولاد ڇڏي ويو ۽ اهو خاندان اڄ تائين ٺٽہ ۾ بکري جي بجاءِ مهدوي نسبت سان موجود آهي.

## 242۔ ميان عبدالله واعظ ٺٽوي

ميان عبدالله ولد ميان محمد حفيظ. مخدوم ابوالحسن سنڌي واري جو پائينو ۽ پاٽيجو هو. سندس ئي شاگرد ۽ مريد پڻ هو. هو "ميان موري" جي نالي سان مشهور هو. وڏو صالح ۽ وڏو پرهيزگار، صاحب علم ۽ عمل ۽ خدائي توفيق ۽ ذات جو مالڪ هو.

هن جي وعظ وارين مجلسن مان هزارين عام ۽ خاص ماڻهو فائدو پرائيندا هوا. هن جو ڪلام ڏاڍو اثرائتو ۽ دلين ۾ گهر ڪندڙ هو.

هو جيڪي بہ فرمائيندو هو، ان تي اڳ پاڻ بہ عمل ڪندو هو. هن جو وجود فقط برڪت ئي برڪت هو. هو شعر و شاعري جي ڪوچہ مان نہ لنگهيو هو مگر ان هوندي بہ ٺٽہ جي مشهور بزرگ قاضي محمد يحيىٰ جعفري جي تاريخ وفات آيت **ذالڪ الفوز الڪبير** مان ڪڍي هوائين.
1137

مياں عبدالله عرف ميان موريو واعظ تمام وڏي ڄمار ڪي رسي 1167 ۾ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري هليو ويو.

فائده: اسان جي ڪن معاصرن[1] ميان موري واعظ کي سنڌي جي مشهور ڪتاب ڪنزالعبرت جو مصنف سمجهي، انجي ڪتاب تي وڏي تنقيد ۽ تبصرو ڪرڻ فرمايو آهي. هوڏانهن ڪنزالعبرت جو مصنف رياست ڪڇ ڀڄ جو رهاڪو نمرئي جي شهر ۾ مدفون آهي ۽ اتي ئي سندس اولاد ۽ هزارين مريد آهن ۽ ميان موري عبدالله واعظ کان پوءِ جو بزرگ آهي، ڇاڪاڻ جو ڪنزالعبرت سال 1175 ۾ لکي پورو ڪيو اٿس. جيئن تہ پاڻ لکي ٿو تہ:

تحقيق جڏهن تمام ٿيو نسخو سنڌي واء
تڏهن ڪنزالعبرت سنڌي ۾ رکيم تنهنجو ناءُ
ٿيا هوا، اڪاره سئو ۽ پنجهتر ورهن گذريا
ڪنا هجرت حضرت رسول جي نورالانبياء

هوڏانهن مخدوم موريو، مير قانع ٺٽوي جي سامهون سن 1167 ۾ وفات فرمائي. جيئن تہ لکي ٿو:

معمر شده و عنقريب سال شصت و هفت انتقال نمود
(مقالات الشعراء)

اميد تہ هن پڌرائي کان پوءِ هن تاريخي مسئلي ۾ اشتباهہ نہ رهندو.

## 243۔ مير رضي الدين محمد ٺٽوي

مير رضي الدين محمد ولد مير ابوالمڪارم شهود امير خاني سادات مان مشهور شاعر ۽ عالم فاضل هو. ڪيترين ئي خانداني

[1] ڏسو سنڌ جي ادبي تاريخ مصنف مسٽر محمد صديق ميمڻ حيدرآبادي.

فضيلتون ۽ نيڪيون هن جي ذات ۾ جمع ٿيل هيون. شعر ۾ فدائي تخلص هوس ۽ ”ديوان فدائي“ سندس يادگار آهي. ان کان سواءِ ٻيا ڪي قصيدا بہ آهن. سندس هڪ شعر آهي:

غير خاموشي کسي از درد ما آگاهہ نيست
آه رابهر عيادت برسر ما راه نيست

مير رضي الدين سن 1120 ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو. مير قانع ٺٽوي هيٺين شعرن مان تهميہ طور سندس تاريخ وفات حاصل ڪئي آهي:

بسڪ بفوتش همہ کردند هي
رضي الدين بود سال وے

سندس فرزند مير حيدرالدين ابو تراب ڪامل وقت جو ٿي گذريو آهي. جنهن جو ذڪر سندس جاءِ تي پڙهڻ گهرجي.

## 244۔ مير محمد عطا ٺٽوي

سيد محمد عطا حسين بن سيد امين الدين خان حسين ولد مير ابوالمڪارم شهود، ٺٽہ جي امير خاني سادات ۾ هڪ وڏي ممتاز مرتبي جو مالڪ، خوبين جو جامع، خوش اخلاق متواضع ۽ بامروت بزرگ هو.

پنهنجي والد ماجد کان ادب فضيلتون تمام گهٽي انداز ۾ گڏ ڪيون هوائين، ڪيترن اميرن جون صحبتون ۽ مجلسون ڏٺيون هوائين جنهن ڪري هن ۾ اڳين بزرگن جون گهٽيون مٺيون ريتون جمع ٿيل هيون. خانداني ورثي جي ڪري شاعرانہ طبع جو مالڪ هو ۽ نظم عمده ۽ مرصع لکندو هو.

چون ٿا نوجواني جي زماني ۾ ”حياتا“ نالي هڪ عورت سان عش هوس، پنهنجي روح ۽ ساهہ وانگي سمجهندو هو. اوچتوئي اوچتو جڏهن حياتا جي حياتي ختم ٿي وئي ۽ پنهنجي اڌاري حياتي کي ڇڏي ڏنائين تڏهن مير محمد عطا نڪ پڪ سندس موت جي واقعي تي چيائين تہ ”هائي حياتم رفت“ هن جو حساب لڳايائون تہ وفات جو سال نڪري آيو. 1155

مير صاحب جي ڪلام جو نمونو هي آهي:

محو گشتم در خيال يار خويش
خود شدم آخر عطا غمخوار خويش

(مقالات)

سندس مقبري جي پٿر تي وفات جي تاريخ هيٺئين ريت ثبت آهي. نهم شهر رجب 1178ھ.

## 245. مير حفيظ الدين علي ٺٽوي

مير حفيظ الدين ولد مير حافظ الدين ولد مير ابوالمڪارم شهود. مير خاني ساداتن جي خاندان ۾ سموري ڪمالات جو حاوي ۽ فضيلتن جو جامع پنهنجي سر مير حيدرالدين ابوترات وانگي، هندي زبان جو بهترين شاعر هو، خصوصا هڪ لفظ ۾ معنائن وارو ڪلام تمام گهڻو چيو اٿس. ايترو گهڻو پڙهيل به نه هو. اڪين ڪان ديد گهٽ پوندي هيس ۽ ڪنن ڪان صفا ٻوڙو هو، پر شعر ايڏو لطيف ۽ غريب چوندو هو جو ماڻهو حيرت ۾ پئجي ويندا هوا. هندي زبان ۾ ثاني امير خسرو هو. هو ڪنهن به هندي ڪبت يا ڏوهيڙي ۾ جيڪي ڏو معنيٰ وارن لفظن سان معنائون ٻڌي ٿو. تن جو سمجهڻ سڀ ڪنهن ماڻهو لاءِ آسان ناهي. فارسي ۾ سندس ڪلام تمام گهٽ آهي. هندي ۾ تمام گهڻو آهي. سندس هڪ بيت هندي جو هيٺ ڏجي ٿو، جو عام فهم آهي.

اچار ہوا کھٹا، پاپڑ لینے ہیں مجھے
سرکا بنا تو آگے سوئے سلونے اچھے

شعر فارسي

پئے شکار من آدن ترکتا ز مي آيد
ز بهر صيد دلم يار، با ز مي آيد

سيد صاحب مير قانع جو همعصر يعني ٻارهين صدي جي آخر جو ماڻهو آهي. سندس تاريخ وفات معلوم نه ٿي سگهي آهي. ٺٽي جي سيد مرحوم محمد زمان شاهه ساقي مهدوي رضوي جي ڪتب خاني ۾ مير حفيظ علي جو بياض نظر مان گذريو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته

مير صاحب جو ڪلهوڙن حاڪمن سان تعلق هو، جيئن ته ميان نور محمد جي آباد ڪيل شهر شاهپور ۾ وڃي رهندو هو.

هن بياض ۾ علامه محمد معين ٺٽوي جون ڪجهه رباعيون درج آهن، جن جي هيٺان لکيل آهي "ڪتبه فقير حفيظ علي در شاهپور 7- محرم 1179". ان کان پوءِ هو صاحب 1180 ۾ زنده هو. چاڪاڻ جو سندس دستخط بياض ۾ هڪ قطعه تاريخ لکيل آهي، جنهن ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي ديره غازي خان جي علائقه کي فتح ڪري اچڻ جي مبارڪباد لکيل آهي، ۽ اهو واقعو 1180 ۾ ٿي گذريو. انهيءَ قطعه هيٺان لکيل آهي. اين تاريخ ورقه بخدمت ميان محمد سرفراز خان صاحبزاده نوشته شد. پوءِ خط ۾ ڏيکاريل آهي ته ذره نواز اهي قطعه تاريخ مبارڪباد رات جو دل ۾ آيو ۽ خدمت ۾ موڪلجي ٿو.

## 246- مخدوم عبدالرئوف هالائي

عبدالرئوف بن مخدوم عمر پٽي هالائي، سهروردي طريقي جو فقير ۽ سنڌي شاعر ۽ عالم درويش هو. سموري زندگي فقط عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريائين ۽ پنهنجي وقت جي مشائخن ۾ وڏي عزت وارو هو. هن جون ڪرامتون شمار قطار کان ٻاهر آهن. ميان نور محمد ڪلهوڙو، سندس معتقد ۽ خدمتگذار هو. جنهن ڪري مخدوم صاحب جي اخراجات جو سمورو بار ميان صاحب تي هوندو هو. سن 1166هه ۾ هن دنيا فاني مان انتقال ڪيائين. ميان ابراهيم قاضي زاده هالائي سندس تاريخ وفات "ڪان وليا رئوف الخلق" جي فقري مان ڪڍي آهي. (تحفة الڪرام)

ميان عبدالرئوف جو ڪيتي تان ڏل نه وٺڻ جي باري ۾ هڪ خط ميان نور محمد (شاهه قلي) جي مهر سان اڄ تائين سندس خاندان ۾ موجود آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته ميان صاحب مخدوم صاحب سان تمام رعايت سان پيش ايندو هو.

مخدوم عبدالرئوف سنڌي زبان جو بهترين شاعر هو. فارسي علم عروض جي نموني تي سڀ کان پهريان هن صاحب نئي نظمون

موزون ڪيون آهن، جي مولودن جي صورت ۾ عام طرح مولود خوان ماٺهو پڙهندا آهن. هن صاحب ٻہ دفعا حج ڪيو ۽ پوئين حج جي سفر ۾ وفات ڪيائين.

## 247- مخدوم عبدالحميد هالائي

عبدالحميد ولد مخدوم فتح الله (متوفي 13 صفر 1124) پنهنجي خاندان جو عالم فاضل بزرگ هو ۽ مخدوم عبدالرئوف موصوف جو تربيت يافتہ هو. پنهنجي وڏن جي درويشانہ زندگي جو بهترين نمونو هو. سندس وجود ذي جود پنهنجي زماني ۾ نج برڪت ۽ خاص غنيمت هو. مخدوم عبدالرئوف کان پوءِ هوئي فيض و رشد جو مالڪ بڻيو ۽ خلق کي هدايت ڏيندو هو.

حج جي فريضہ ادا ڪرڻ کان فارغ ٿي جڏهن مدينہ طيبہ ۾ پهتو تڏهن اُتي ئي وفات فرمايائين. (تحفة الڪرام)

مقالات الشعراء ۾ آهي تہ مخدوم محمد حيات سنڌي ۽ مخدوم محمد قاسم ٺٽوي جي قبر ۾ دفن ڪيو ويو. ٻي هڪ روايت آهي تہ ازواج مطهرات جي قبہ لڳ (جنت البقيع) ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو. اهو واقعو 1171 ۾ ٿي گذريو. هيٺئين عربي فقري مان سندس تاريخ وفات نڪري ٿي. <u>ادخل الله الجنت في جوار المحبين</u>

(از بياض مير صابر علي مرحوم ٺٽوي)

## 248- شيخ پرڪيو ٺٽوي

هي بزرگ هڪ جنگهہ کان منڊو ۽ برڪي لنگ جي نالي سان مشهور هو. چيو وڃي ٿو تہ هو شروع ۾ مخدوم نوح جي صحبتن ۽ فيض يافتن مان هو، ٺٽي جي مڪلي پهاڙي تي رهندو هو. اُتي ٻہ چار دفعا ڏينهن جي نوبت نغارا وڄائيندو هو ۽ ٺٽي جا ماڻهو وٽس وڃڻ فرض سمجهندا هوا.

چار سمن جي قبرستان وارن گنبذن جو چونو ۽ سرون هٽ ڪري هن هڪ وڏو بلند مينارو نهرايو هو، جنهن تي رات جو شمع

ٻاريندو هو. انهيءَ لائيٽ هائوس جي سوجهري تي عربي سمنڊ جا مسافر رستو معلوم ڪري بندر ڏانهن وڌندا هوا ۽ ساموندي واپارين مان ڪيس تمام گهڻا نذر نياز ملندا هوا، جنهن ڪري وڏي دولت ۽ جماعت جو مالڪ بڻجي ويو.

هن جو دستور هوندو هو ته جيڪو به ماڻهو وٽس ملاقات لاءِ يا ڏسڻ ايندو هو تنهن کي زوري چوني گچ جي ڪم ۾ لڳائيندو هو، جنهن ڪري هڪ دفعه شهر جي مشهور بزرگ ۽ عالم عارف سيد علي شيرازي ٺٽوي کان به اهو ڪم زوري وٺي ڇڏيائين ۽ سيد علي شيرازي حضرت مخدوم نوح جو مريد هو. جنهن ڪري مخدوم صاحب جي طبع تي اها ڳالهه ڏاڍي گران گذري، جنهن ڪري مخدوم صاحب کي ٺٽه اچڻ لاءِ تڪليف ڏني وئي. (تحفة الڪرام)

هن وقت ٺٽه جو حاڪم مرزا محمد باقي ترخان (      ) هو. سيد علي شيرازي، پرڪي جي طاقت پڪڙڻ ۽ زور وٺڻ جون اُن سان به ڳالهيون ڪيون ۽ سيد صاحب جي، جيڪا پرڪي زوري چوني ڳوهائڻ سان بي عزتي ڪئي هئي، اهو به بيان ڪيائين. مرزا محمد باقي کي پرڪي جي ڪرامتن ۽ ماڻهن جي اجتماع ۽ دولتمندي ڪري اڳ ۾ ئي ڏپ هو ته ڪو ممڻ نه مچائي، بادشاهه حڪم ڪيو ته پرڪي درويش جي هٿيارن ۽ سامان اسباب کي ضبط ڪري، سرڪاري مهر هڻي اچو.

انهيءَ حڪم جي تعميل کان پوءِ ڏٺو ويو ته خود بادشاهه جي خزاني ۽ هٿيارن ۽ بارود خاني جي ڪوٺين تي فقير جون مهرون لڳل آهن. مرزامحمد باقي ڏاڍو پشيمان ٿيو. پڇڻ جو چارو نه ڏسي فقير کان معافي گهري. هوڏانهن اندر ئي اندر سيد علي شيرازي کي تاڪيد ڪيائين، ڪنهن به صورت ۾ هي بلا منهنجي سر تان ٽار!

سيد صاحب اُن کان پوءِ حضرت مخدوم نوح کي هڪ خط لکيو ۽ ڪيتريون سوکڙيون ۽ هديا موڪلي ڏاڍي نياز ۽ تاڪيد سان عرض ڪيائين ته پاڻ ڪنهن به صورت ۾ ٺٽي ۾ تشريف فرمائين. مخدوم صاحب سيد صاحب جي خط کان پوءِ ٻيڙي ۾ سوار ٿي ٺٽي جي ٻاهران پهتا ته سيد صاحب سندن استقبال لاءِ آيو ۽ هن نذر ڪيو هو مخدوم صاحب جي آمد وقت ڪجهه قدر پيادل هلندو. مخدوم

صاحب ارشاد فرمايو تہ نذر پورو ٿيو، تنهن ڪري هاڻ سوار ٿيو. پاڻ نٽي ۾ سيد جلال بن سيد علي شيرازي جي هڪ نئين جاءِ ۾ اچي رهيا. جا ڏاڍي خوبصورت ٺهيل ٺهيل وئي هئي ۽ اڃان اُن ۾ ڪو ماڻهو نہ ئي ڪونہ رهيو هو.

جمعہ جي ڏينهن هزارن جي اجتماع ۾ سيد علي منبر تي چڙهي ماڻهن کي سمجهايو تہ اسان سمورا مخدوم صاحب جا مريد يا معتقد آهيون. اسان کي هڪ ضرورت آهي، جنهن لاءِ مخدوم صاحب کي نٽي ۾ اچڻ جي تڪليف ڏني اٿئون. يعني تہ مڪلي جي قبرستان ۾ هڪ فقير رهي ٿو. اُن وٽ جيڪو صاحب دل يا اهل الله يا ڪو ٻيو فقير وڃي ٿو تہ هن کان زوري چونو ڳوهائي ۽ ڪم وٺي ٿو!

حضرت مخدوم صاحب فرمايو تہ پوءِ ان ۾ ڇا آهي، ڇاڪاڻ جو ان قسم جا ڪي فقير ٿيندا آهن. سيد صاحب عرض ڪيو تہ هن وٽ شهر جون زالون بہ مردن سان گڏ وڃن ٿيون. مخدوم صاحب فرمايو تہ ان ۾ ڪهڙو ڏپ آهي. الله جو رستو هٿ ڪرڻ زالن ۽ مردن تي برابر هڪ جهڙو آهي.

سيد علي، اتي گفتگو جو نمونو بدلائي عرض ڪيو تہ اهو درويش بدعتي آهي. هو ڪڏهن ڪڏهن قبلہ ڏانهن پير ڪري سمهي ٿو ۽ قبلہ ڏانهن ٽڪون اچلندو آهي. اها سراسر بدعت آهي.

مخدوم صاحب جو هٿ چرندو نظر آيو ۽ پنهجي هٿ سان مڪلي ڏانهن اشارو ڪندي فرمايائون تہ برابر اهي ڪم بدعت آهن. سيد صاحب اُتي سمجهي ويو تہ هاڻي پرڪيو فقير آرام سان ڪونہ رهندو ۽ مخدوم صاحب هٿ سان تڙجي وڃڻ جو اشارو ڪيو آهي.

(دليل الذاڪرين قلمي)

سيد مير لطف الله تتوي کان جو سيد علي شيرازي جي اولاد مان آهي، روايت آهي تہ مان پنهنجن وڏن کان ٻڌو تہ جڏهن مخدوم صاحب شيخ پرڪي جي شرارت دفع ڪرڻ لاءِ نٽي ۾ تشريف فرما ٿيو، تڏهن هڪ ڏينهن مڪلي جي قبرستان ۾ زيارت لاءِ هليو ۽ مخدوم جمعہ جي قبر لڳ شيخ پرڪيو بہ وينل هو. مخدوم صاحب ماڻهو موڪليس تہ هو فقيرن جي جماعت ۾ اچي حاضر ٿئي. مگر اهو ماڻهو شيخ پرڪي جي حڪم موجب چوني ڳچ ناهڻ ۾ لڳايو ويو، جيئن اُتي

جو دستور هو. يعني جيڪو ايندو هو ته ان کان زوري اهو پورهيو ڪرايو ويندو هو. جڏهن انهيءَ ماڻهو دير ڪئي ته وري ٻيو ماڻهو موڪليو ويو، هن موٽي اچي عرض ڪيو ته پهريون ماڻهو ته چونو وينو ڳوهي. مخدوم صاحب فرمايو ته وري تحقيق ڪري اچ ته ڇا آهي؟

هي خادم جڏهن ٻئي دفعي ويو ڏٺائين ته درويش پرڪيو ئي اتي ڪونه آهي.

ٻي هڪ روايت ۾ آهي، مرزا محمد باقي هالا قوم جي فوج جو هڪ دستو درويش پرڪي تي چاڙهي موڪليو. مخدوم اُن وقت ٺٽي ۾ هو، ان فوج پهريان مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اچي اجازت گهري. مخدوم صاحب فرمايو ته اطاعت اولي الامر جي فرض آهي، پلي وڃو. هو موڪل وٺي مڪلي پهتا، مگر پرڪي جو پتو ئي ڪونه هو. پوءِ جيڪو به سامان اسباب هٿيار ۽ زر نقد پرڪي جو موجود هو، سو ڪٽي بادشاهي خزاني ۾ داخل ڪيائون. ان کان پوءِ پرڪي جو پتو ئي ڪونه پيو ته ڪيڏانهن ويو ۽ ڪٿي رهيو. (دليل الذاڪرين)

تحفة الڪرام ۾ مير قانع لکي ٿو ته ”مرزا باقي مخفي شهيد ش ساخت“ يعني مرزا پرڪي کي ڳجهي طرح مارائي ڇڏيو.

بهرحال پرڪيو فقير ڏهين صدي جي رجالن مان آهي ۽ ڏهين صدي ۾ مارجي ويو.

## 249. شيخ پرڪيو ڪاتيار

پرڪيو ولد شاهو ڪاتيار. ”ڪاتيار“ قوم جو نالو آهي ۽ هڪ ڳوٺ جو نالو به آهي جو قديم تاريخ ۾ سماواتي تعلقه ۾ هو ۽ هاڻي ٽنڊو محمد خان تعلقه ۾ آهي.

شيخ پرڪيو شروع زماني ۾ ڏاڍيون زبردست رياضتون ڪيون ۽ عبادت ۽ رياضت ۾ هڏن جي مُٺ بڻجي ويو هو.

چون ٿا ته 12 سالن کان پوءِ هڪ دفعي روزو کوليو هوائين. سردي جي موسم ۾ هڪ چادر ڍڪي دريا جي ڪناري تي وڃي رات جو غسل ڪري ۽ انهيءَ پڳل يا آلي چادر سان نماز پڙهندو هو ۽ سموري رات نئون غسل ڪندي نمازن ۾ مشغول رهندو هو. سانوڻ جي موسم

۾ سخت تتي ۽ ڪاڙهي ۾ ڏينهن جا ڏينهن سخت اُس ۾ گذاريندو هو. ايڏين رياضتن ڪري سندس بدن تان چمڙي صفا سڙي لهي وئي هئي.

هڪ دفعي فقير صاحب چلي ۾ ويهي رهيو ۽ سائس ٻيو هڪ ماڻهو به وينو هو. روزانہ شام جو فقير لاءِ بسري پچائي گهڻو گيهہ وجهي آڻيندا هوا. جا کائي ويندو هو ۽ ٻيو فقير پيو بکون ڪڍندو هو. اُن تي ڪي ماڻهو طعنا هڻي رهيا هوا. (يعني تہ فقير پاڻ تہ گراڙيون کائي ٿو ۽ پنهنجي ساٿي کي بکون ٿو ڏئي) پوءِ جڏهن چلو پورو ٿيو تڏهن فقير اُهي چاليهہ منيون مانيون آڻي انهيءَ ماڻهو جي اڳيان رکيائين، چيائينس تہ جيڪي کاڌو هوم، اجهو هي آهي ويهي کاءُ. پوءِ سڀني حاضر مجلس وارن پيٽ ڀري انهن مانين مان ويهي کاڌو. (تحفت الڪرام)

هڪ دفعي ڪنهن ماڻهو اچي فقير پرڪي کي چيو تہ مان پنهنجي زال ڄڻائي وينو آهيان. ننڍڙا ٻار تا پيا ٻاڏائين، ڪيئن بہ ڪري لهي ڏيوم. پتو ناهي تہ الائي مئي، الائي جيئري آهي. فقير پنهنجي نوڪر کي چيو تہ هن جي زال کي وٺي اچ، نوڪر دروازي مان ٻاهر نڪري ٻيهي رهيو، حيران هو تہ ڪيڏانهن وڃي. فقير وڏي سڏ چيس تہ اڳتي وڌيو هليو وڃ. پوءِ تہ نوڪر هلندو ويو تانجو رات بہ پئجي وئي. پر هلڻ وقت ائين پيو معلوم ٿئيس تہ ڄڻ هيٺ لهندو وڃي ٿو، تانجو سمجهڻ لڳو تہ زمين سندس مٿان آهي. ڪنهن گفا ۾ ٿو هلي، اتي اوچتو هڪ وڏي بادشاهي ڪچهري ۾ وڃي پهتو. ڏٺائين تہ اُها زال ۽ ٻيون ڪي زالون ۽ مرد ڪچهري ۾ قيد ٿيل آهن. فقير جي نوڪر انهي زال جي ٻانهن گهري، مگر جواب مليس تہ هن زال اسان جو ڏن ادا نہ ڪيو آهي، تنهن ڪري هت بند رهندي جيستائين ڏن نہ ڏيندي. نوڪر اهو سمورو قصو واپس اچي فقير پرڪيو سان بيان ڪيو. فقير پرڪيو انهيءَ مرد کي ساڻ وٺي. پاڻ ڪچهري ۾ پهتو. هن پنهنجي زال جي گهر ڪئي، پر جواب مليس. جنهن تي فقير هڪل ڪري مڙس کي چيو تہ تون زوري پنهنجي ٻانهن کنيون هليو اچ! جڏهن مڙس پنهنجي زال وٺي هلڻ لڳو تہ ڪچهري وارن بادشاهہ کي چيو تہ هي اجازت کان سواءِ زال ورتيون وڃي ٿو. جواب مليو تہ هي مجذوب

آهي. الله جي محبت ۾ مست ٿيل تنهن ڪري ان جو ڪير اڳ وٺي، جيڪڏهن اسان سيني ڪي پاڻ سان وٺي وڃي ته ٻه وس وارو آهي. اهو بادشاهي صورت ۾ پيران پير رحه بادشاهه هو.

(بيان العارفين ملفوظات شاهه عبدالڪريم بلڙي)

هڪ دفعي مخدوم نوح عليه الرحمت جي خدمت ۾ بيان ڪيو ويو ته شيخ پرڪيو ڪاتيار چئي رهيو آهي ته جيڪڏهن مان پنهنجي خداڪي چوان ته سمورا مئل ماڻهو ۽ حيوان جيئرا ڪر ته هڪدم جيئرا ڪري ڇڏي.

مخدوم اها دعويٰ ٻڌي فرمايو ته فقيرن ڪي گهرجي مئل دلين ڪي زنده ڪن. باقي هھڙيون دعوائون ڪرڻ شريعت جي مخالف آهن تنهن ڪري زبان تي نه آڻجن. (دليل الذاڪرين)

هڪ ڏينهن چيائين ته آءٌ هڪ وقت شهود جي نور ۾ غرق هوس ته ان وقت آواز آيو ته پرڪيا ٻانهو ٿي رهندين؟ چيم ته نه! وري آواز آيو ته ڀلا نوڪر ٿيندين؟ چيم ته نه! اهو آواز برابر 3 دفعا ايندو رهيو! چيم ته ياالله آءٌ ته ڪجهه به نه آهيان ۽ ڪجهه به ٿيڻ نٿو گهران! جڏهن ائين چيم، تڏهن خدا تعاليٰ پنهنجي قدرت جو هٿ منهن جي پٺي تي رکيو ۽ منهنجي نيازمندي ڪي قبول فرمايائين.

(تحفة الڪرام)

شيخ پرڪيو مخدوم نوح ڪان ٿورو اڳ پيدا ٿيو آهي. ڏهين صدي جي رجالن مان آهي.

## 250۔ فقير ميرڻ ڪاتيار

قدوت الابرار ميرڻ ڪاتيار، پنهنجي وقت جو وڏو عارف ۽ ڪامل مرد ٿي گذريو آهي. هو مخدوم نوح عليه الرحمت جي مخلص مريدن فيض پرائيندڙن مان آهي.

هو اصل ۾ پنهنجي قوم جو رئيس۽ ڌن دولت جو مالڪ ڏاڍو بي پرواهه انسان هو. اوچتو ئي اوچتو هن جي دل ۾ الله تعاليٰ جي طلب جو جذبو جاڳيو ۽ جنهن ڪري وڏيرپ ۽ وڏائي جو وڻ سندس دل

مان ڪپي ويو. هو خدا جي طلب ۾ برن پٽن ۾ حيران سرگردان رلندو وتيو ٿي. گهر گهاٽ ۽ مال اسباب جي محبت، الله جي عشق ۾ بدلجي ويس، مگر اها ڳالهه ڪنهن سان ڪانه سليائين ۽ پنهنجي گهر وارن کان به راز ڪري مخفي رکيائين.

آخر هڪ دفعي الاهي عشق ۽ معرفت جي مام جو بيان ڪنهن دوست سان سلي وينو، جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو سندس دل مان درد جو دڪيل دونهون ختم ٿي ويو. اندر ۾ جيڪو عشق جو خزانو سانڍيل هوس، سو گم ٿيندو ڏنائين جنهن تي ڏاڍو پشيمان ٿيو. چرين وانگي وجايل وٿ جي ڳولا ڪندو رهيو. جتي به اهل دل ۽ معرفت وارو ماڻهو ٻڌائين ٿي ته وٽس ڪهي ويو ٿي، مگر نتيجو ڪجهه به نه ٿي نڪتو. آخر شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري وٽ اچي رهيو ۽ شاهه صاحب سان گڏجي ڪيتي ڪندو ۽ هر ڪيڙيندو هو ۽ خدا جي طلب ۾ لڳا رهندا هوا. اُن زماني ۾ انهن جي ڪنن تائين حضرت مخدوم نوح عليه الرحمت جي فيض رساني ۽ طالبن جي مرادن تائين پهچڻ جو آواز پهتو. ٻئي ڄڻا گڏجي نڪتا، اچي مخدوم صاحب جي صحبت مان فيضياب ٿيو.

فقير ميرڻ ڪاتيار ڪي پنهنجي گم ٿيل شئي وري موٽي ملي وئي ۽ سندس درجه ۾ ڏاڍي ترقي ٿي ۽ هو جڏهن به مخدوم صاحب جي بيعت وٺڻ ڪان پوءِ سندس خدمت ۾ ايندو هو ته پنهنجي سلوڪ واري منزل ۾ پاڻ کي مٿاهون سمجهندو رهندو هو. مخدوم صاحب سان ايڏو اعتقاد ٿيس جو پنهنجي نينگري جو نڪاح مخدوم صاحب جي فرزند سلطان ابراهيم سان ڪرائي عزازت جو رشتو ڳنڍي ڇڏيائين. (دليل الذاڪرين)

مير قانع لکي ٿو ته اوائل جواني ۾ ميرڻ ڪاتيار ڀنگ جي نشي ۾ ڀرپور ٿيو، ٻيڙي ۾ چڙهي ڪيڏانهن ويو ٿي ته اوچتو جذبي الاهي جي حالت مٿس طاري ٿي وئي. جيڪي پسڻو هوس پسيائين. ماڻهن کان اهو احوال ڳجهو رکيائين، هڪ ڏينهن ڪنهن سان پنهنجي عشق الاهي ۽ پريت پسڻ جو حال اوريائين، جنهن ڪري اها حالت

ڪاڻونس ڪسجي وئي. پوءِ چرين وانگي سرگردان ٿي پيو ۽ ڪاڏي جا طبق سر تي رکي، جوڳين ۽ مستن جي پويان رلندو وتندو هو. آخر سيد عبالڪريم (بلڙي) ڪيس مخدوم نوح جي خدمت ۾ پهچايو. فقط مخدوم جي ديدار سان اڳ ڪان به وڌيڪ معرفت جي مرتبي کي وڃي پهتو. سندس اهڙي حالت ٿي جو جڏهن ذڪر ڪندو هو ته صفا بيهوش ٿي ويندو هو، بلڪ ڪيترا پيرا ته هن کي مئل سمجهي مٿس ياسين شريف به پڙهي وئي ٿي. هو چوندو هو ته عزرائيل عليه السلام جو اسان سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي. (تحفة الڪرام)

ميرڻ ڪاتيار جي ذڪر واري حجري ۾ هڪ دفعي سندس گهرواري لنگهي آئي، پر هڪدم واپس هلي وئي. فقير چيو ته هي هجرو هاڻي ساڙڻ جي لائق آهي، جو عورت جو پير هن ۾ پيو آهي.

هن چيو ته جڏهن آءٌ لا اله الا الله جي ذڪر ۾ مشغول ٿيندو آهيان تڏهن منهنجي لڱو لڱ سامهون مون جهڙو هوبهو ٻيو ماڻهو به ذڪر ڪندو رهندو آهي. آءٌ هن کي پڌري پٽ ڏسندو رهندو آهيان. (دليل الذاڪرين)

هن اهل الله جي تاريخ وفات معلوم نه ٿي سگهي آهي، مگر مخدوم صاحب جي مريدن مان هجڻ ڪري ڏهين صدي جي بزرگن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

## 151 - سيد طيب متعلوي

سيد طيب هڪ وڏو عالم، فاضل، شريعت جو پابند ۽ صوفي بزرگ هو. هن خدا شناسي جي رستي ۾ وڏا ڪشالا ڪاٽيا ۽ ڏاڪڙا ڏٺا، آخر مخدوم نوح جي صحبت ڪان پوءِ پنهنجي حقيقي مقصود کي رسيو.

سندس چوڻ آهي ته مان وڏي گهراڻي جو سيد زادو هوس، مون کي ننڍي ڄمار ۾ ئي اندرئين جذبي ڏاڍين مشڪل ۽ مشقت جهڙن رياضتن ۽ عبادتن تي آماده ڪيو. ڏينهن جا ڏينهن انساني آبادي ڪان پري وڃي جهنگلي جانورن سان رهيس. ڪاڏي پيتي کي ترڪ ڪري ڇڏيم. سيني جي صفائي سان معرفت جي منزلن تي درجه بدرجه

عروج ڪندو ويس. آخر وڃي چاليهہ ابدالن جي ڪچهري ۾ صحبت ڪي ٻہ پهتس. پانت پانت جي غيبي ڳالهين کان واقفيت حاصل ٿيم، مگر اڃان بہ سمجهان پيو، حضور ذاتي جو درجو نصيب نہ ٿيو آهي، جو صفات جي ظهوري کان بلڪل خالي هجي. ان ڪري ڏاڍو نااُميد ٿي پيس ۽ وري پنهنجي وطن ۾ واپس آيس ۽ عبادت گذاري واري رنگ ۾ الله تعاليٰ جي بندگي ۾ مشغول رهيس ۽ انتظار هو تہ من مقصود جي مکڙي تان پردو کڄي وڃي. ايتري ۾ حضرت مخدوم نوح عليه رحمت جو ظهور ٿيو. اها ڳالهہ ٻڌي هڪدم هالا هليو آيس. فقط هالن جي داخل ٿيڻ سان ئي مون کي پنهنجي ڪاميابي جي خوشبوءِ اچڻ لڳي. مخدوم جي ذات تي نظر پوڻ شرط انهيءَ مقصد کي وڃي پهتس، جن جي سالن کان وٺي ڳولا ڪندو رهيس ٿي.

سيد طيب شريعت جو بيحد پابند هو. هوش سنڀالڻ کان وٺي وفات تائين ڪوبہ بدعت وغيره جو غير شرعي ڪم هن کان سرزد نہ ٿيو. بلڪ هنجو ڏنڌوئي اهو هوندو هو تہ ماڻهن کي شريعت تي هلائڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هوندو. ظاهر ۽ باطن ۾ سندس اهوئي ڪم هوندو هو. هو دنيائي ناهہ ناٽ جي سامان جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪندو هو ۽ سادي زندگي گذاريندو هو ۽ سندس زبان مان قرآن شريف جي آيتن ۽ حضور جي حديثن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نہ ايندو هو ۽ هر وقت وعظ نصيحت ۾ لڳل رهندو هو. شريعت جي رواج ڏيارڻ ۾ گهڻو ڪري نرمي کان ڪم وٺندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن سختي سان پيش ايندو هو.

انهيءَ زماني جي بدعتي صوفين کي جيڪي مٽي پيرين اگهاڙا گهمندا هوا، يا ٻيون بدعتون ڪندا هوا، تن کي سخت تعذير يا سزائون ڏيندو هو.

هن بزرگ جو شريعت سان ايڏو شغف ۽ عشق هو جو هڪ دفعي پنهنجي پير ڀائي سيد علي شيرازي ٺٽوي سان عمدي پوشاڪ پائڻ واري سوال تي تڪرار ڪري وڌائين ۽ گفتگو حضرت مخدوم نوح جي مجلس ۾ ٿي گذري هئي، ڇاڪاڻ تہ سيد علي شيرازي هميشہ قيمتي پوشاڪ پهريندو هو. (دليل الذاڪرين)

سندس وفات جي تاريخ معلوم ناهي، مگر معاصرين جي لحاظ سان ڏهين صدي جي رجالن مان آهي.

## 252. مير سيد غلام علي مائل ٺٽوي

مير غلام علي، تخلص مائل بحق ولد مير علي شير قانع شڪرالاهي شيرازي ٺٽوي مير علي شير قانع کي چار فرزند هوا، جن مان غلام علي مائل هڪ نامور شاعر ٿيو جنهن پنهنجي خانداني شاعرانه روايت کي زنده رکيو. مير مائل جو والد ته مير قانع شاعرانه دنيا ۾ توصيف ۽ تعريف کان باالاتر آهي. اهڙي طرح مير مائل جو چاچو مير ضياءُ الدين به بلندپايه جو شاعر ۽ "ديوان ضيا" جو مالڪ آهي. وري مير مائل جي شادي به پنهنجي چاچي، مير ضيا جي گهران ٿي هئي، جنهن ڪري هن اڪيون ئي پنهنجي اهڙي خاندان ۾ کوليون، جنهن ۾ شعر شاعري جو پورو پورو شغل موجود هو.

مير صاحب جي ولادت 1181 ۾ ٿي، سندس سال ولادت "غلام علي" مان نڪري ٿو.

مير قانع لکي ٿو ته 1160 سن ۾ جڏهن آءٌ سورت بندر ۾ هوس، تڏهن معلوم ٿيو ته سيد سعد الله علامي جي ٻن فرزندن جا نالا عبدالعلي ۽ عبدالولي آهن، تنهن ڪري دل نذرانو ڪري ڇڏيم ته جيڪڏهن مون کي فرزند ڄاوا ته اهي نالا رکندس.

حُسن اتفاق سان سن 1181 ۾ پٽ ڄائو، نالي رکڻ جي نذرانه کان سواءِ سندس تاريخي نالي جو به دل ۾ خيال آيو. سيدنا علي جي برڪت سان غلام علي نالي مان مٿيون سال ظاهر ٿيو. ان کان پوءِ ارادو ڪيم ، ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو ٽن سالن کان پوءِ ٻيو فرزند ڄمي ته انجو نالو غلام ولي الله نالو رکن، جنهن مان سال 1183 نڪري ٿو. نذرانو به پورو ٿئي ۽ نالي سان سندس ولادت به ظاهر ٿئي. الله تعاليٰ اها دعا قبول ڪئي جو سال 1183 ۾ ٻيو فرزند به ڄائو.

(تحفة الڪرام ج -2)

۽ درسي ڪتاب پنهنجي شهر ۾ ئي مطالعه مان ڪديائين. هو جواني کي پهتو ته ڪلهوڙن جي حڪومت جو خاتمو ٿي چڪو هو،

جنهن ڪري هن ميرن جي دربار ڏانهن رخ رکيو. هن مير فتح علي جي چار ياري ڏٺي، مگر شاعرن جي نوازش جو دروازو مير ڪرم علي پاڻ تي کولي ڇڏيو هو، جنهن ۾ مير مائل پنهنجي ديوان ۾ قصيدن ۾ فقط ڪرم علي کي ياد ڪري ٿو.

هنجي ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو ته اثنا عشري شيعه پنهنجن ممدوح حاڪم جو هم مذهب هو. مير قانع فقط سيدنا علي جي فضيلت جو قائل هو، مگر مير مائل ڪجهه ان کان وڌيل هو. صوفيانه رنگ ۾ رڱيل نظر اچي ٿو، جنهن ڪري پنهنجي تخلص مائل سان حق جو لفظ ڳنڍي ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي عشق اهل بيت کان قدم وڌائي عشق الاهي جون ڳالهيون به ڪري ٿو. هنجي زندگي قناعت ۽ نيڪ ڪرداري ۾ گذري ٿي ۽ ڪڏهن به نشو يا شراب جهڙين شين جي ويجهو نٿو وڃي ۽ ناخدا شناس ماڻهن سان قطع آشنائي نٿو رکي. هڪ نظم ۾ هن پنهنجي انهيءَ احوال جو بيان ڪيو آهي.

خود نمائي ز من نمي آيد
اين خدائي ز من نمي آيد
هست بودم چو قطره ماء ست
من و مائي ز من نمي آيد
بيخود عشقم و به دختر رُز
ڪتخدائي ز من نمي آيد
با ڪسي هست از خدا بيگانه
آشنائي ز من نمي آيد
غرض نان ست شيوه دونان
اين گدائي ز من نمي آيد
مائل حقم در حق الحق
دم جدائي ز من نمي آيد
گر بهايش ڪني همه دنيا
دين فروشي ز من نمي آيد
بنده فيض مير ذوالا ڪرام
دين فروشي ز من نمي آيد

سندس غير مڪمل ديوان موجود آهي ۽ متفرق قصيدا ۽ منقبت آئمہ اطهار ۾ نظمون جدا جدا بياضن ۾ آهن. هن جو سئوٽ مير عظيم الدين ٺٽوي سندس هم عصر ميرن جو درباري شاعر آهي. پنهنجن غزلن ۾ ڪٿي مير عظيم الدين جي شعرن تي تضمين بہ ڪري ٿو ۽ ڪڏهن محسن ٺٽوي جي ڪلام تي بہ تضمين آڻي ٿو، پر بار بار مير ڪرم علي جو ذڪر ڪندو رهي ٿو.

دهد از ڪرم علي ڪامش
دل بہ شڪر و زبان بہ تحسين است

سندس ناقص ديوان ۾ بہ 216 غزل آهن، جو هاءِ جي رديف تائين آهي. جيڪڏهن ڳولا ڪري يائي جي رديف بہ اُن سان ملائي وئي. جيئن ڪن ..... جو ادو آهي ۽ سندس قصيدا بہ جمع ڪيا ويا تہ پوءِ تمام گهڻو ڪلام جمع ٿي سگهي ٿو.

هي خوش گو ۽ خانداني شاعر 19 ذي الحج سن 1275 ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو ۽ پنهنجي خاندان جي قبرستان مڪلي ۾ دفن ٿيو. (از مسودات ڪتب خانہ سيد صابر علي شاهہ ٺٽوي)

## 253. سيد صابر علي ٺٽوي

مير صابر علي ولد مير غلام علي مائل بن مير علي شير قانع، شاعر بن شاعر، بن شاعر هن صاحب ٺٽي جي شهر ۾ اُن وقت اکيون کوليون، جڏهن اسلامي حڪومت جو سنڌ ۾ خاتمو ٿي رهيو هو ۽ انگريز راڄ جي شروعات هئي. هن خاندان جي علم ۽ فضل ۽ شاعري سبب سنڌ جا حاڪم پرورش ڪندا هوا، سو دور ختم ٿي چڪو هو. پر ان هوندي بہ مير صاحب هڪ خانداني شاعر هو ۽ ٺٽي ۾ اُن وقت تائين گهڻا خوش گو شاعر موجود هوا، جنهن ڪري هن صاحب فارسي نظم ۾ ڪمال حاصل ڪيو هو. سندس ڪلام جو نمونو ڪجهہ هيٺ ڏجي ٿو:

تيري شره، ز ابروي ڪمانے بُگمينے
زين تير ڪمان نيست امانے بہ ايمنے

مهر توان قرآن کرد بدل هيئت شرف شد
در برج و داد است قرآنے بقرينے
از قرب قريب بدخو حيرت افزود
زيبا نبود جاءِ چينے بہ چينے
هر ناوک مژگان خدنگ است پئي صابر
ابرو تو گويا ست کمانے بہ کمينے

## ايضاً ولہ

دستت از خون ما نگا رين است
دلبرا اين چہ رنگ رنگين است
آب حيوان يا دعائي مسيح
يا تحقيق لبش نگارين است
گرچہ نرگس بہ باغ خودبين است
پيش چشم تو ليک نابين است
مہ جبين ابر زلف يار فلک
عقد رندان يار پروين است
صابر اينمت خوف روز جزا
چون شفيعت علي شہ دين است

سندس متفرق ڪلام گڏ ڪيو وڃي تہ پورو ديوان جمع ٿي وڃي.

انگريزن جي اوائل حڪومت ۾ سڀ کان پهريان علمي خاندان ڪي آئنده گذ ران جو خيال هو، ڇاڪاڻ جو اڳين خاندانن کي اسلامي حڪومت پاران يوميہ (روزنيا) يا جاگيرون مقرر هيون جي انگريزي حڪومت ۾ سند پيش ڪرڻ کان سواءِ ختم ٿيڻ واريون هيون. اُنهيءَ بناء مير صابر علي هڪ پراڻو پروانو جو مرزا عيسيٰ ترخان جي مهر سان وٽن موجود هو، سو سنڌ ڪمشنر مسٽر فريئر صاحب جي پيش ڪيو، جنهن کان پوءِ تحقيقات ٿي ۽ سند پنيداري بحال ٿي ۽ سندس لکپڙهہ جي طفيل، ٽني جي ٻين خاندانن جا وظيفا بحال ٿيا. انگريزن جي شروع زماني ۾ ٻن سالن تائين قديم نموني ۾ سرڪاري لکپڙهہ

فارسي ۾ ٿيندي هئي ۽ مير صابر علي شاهه جي ڪتب خاني ۾ جهوني لڪپڙهه فارسي واري موجود آهي. ان کان پوءِ جڏهن سنڌي سنڌي ۾ شروع ٿي. اُهي خط ڪليڪٽرن جا نظر مان گذريا آهن، مگر ڏٺو وڃي ته هي صاحب پاڻ سنڌي ۾ لکي پڙهي ڪونه ڄاڻندو هو. مير صابر فارسي جو بيحد خوشخط هو. سندس دستخط غزل ۽ بيا ڪاغذ نظر مان گذريا آهن، جن مان سندس قابليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

سندس خاندان مير حسين علي شاهه، پنهنجي والد کان بيان ڪيو ته فريئر صاحب سنڌ مان جڏهن بمبئي جو گورنر ٿي ويو ته هڪ دفعي مير صاحب کي پاڻ وٽ اُتي گهرايو هوائين، جو برابر ڏيڍ مهينو مهابلشور جي پهاڙي تي ساڻس رهاڻيون ڪندو رهيو هو. هو خوشگو شاعر ۽ وڏن جو يادگار بزرگ اٽڪل سن 1292 ۾ دنيا فاني مان انتقال فرمائي ويو ۽ پوئتان وڏي چمار جو فرزند مير حسين علي شاهه يادگار ڇڏي ويو. (مسودات ڪتب خانه صابر علي)

## 254- قاضي غلام علي ٺٽوي

غلام علي ولد محمد باقر ولد قاضي محمد حسين جعفري، قاضين جي مشهور خاندان جو فرد هڪ وڏو عالم هو. پنهنجن هم عصر علمائن جي برابر درجه تي پهتل هو. جيئن ته وقت جي وڏي عالم مخدوم قائم سان سندس مناظرا ٿي گذريا. هو ظاهري علمن کان سواءِ تصوف ۾ وڏو ماهر هو. مولانا رومي جي مثنوي سان بيحد عشق هوس. هن جو چوڻ هو ته اڳين بزرگن چڱا يادگار ڇڏيا آهن، آءٌ به ڪو يادگار ڇڏيندس. سندس ارادو هو ته ڪو ڪتاب تصنيف ڪري، مگر افسوس جو جواني جي زماني ۾ ئي مشيت ايزدي سان هو مست ٿي پيو. انهيءَ بي خبري جي زماني ۾ ڪڏهن ڪڏهن نظم لکندو هو. مگر بي خودي جي حالت ۾ جيڪو به شعر چوندو ۽ لکندو هو سو مجهه ۾ ئي نه ايندو هو. فقط شعر سندس پڙهڻ ۾ آيو جو هيٺ ڏجي ٿو:

در بيخبري شدم خبردار
خود شده باخدا شدم يار

افسوس هي نوجوان عالم شاعر جنون يا ديوانگي جي حالت ۾ سن 1154 ۾ هن فاني دنيا مان انتقال فرمائي ويو. مير قانع هيٺين فقري مان سندس تاريخ وفات ڪڍي آهي. جعل الجنت مثواه
1154هه

## 255- فاضل خان ٺٽوي

عثمان نالي ٺٽ جي ملن جي خاندان مان قوم سميجو. مخدوم معين جي ڏاڏي مخدوم طالب الله جو مريد هو. انهيءَ اعتقاد سبب هن پنهنجي نياڻي مخدوم طالب الله جي فرزند مخدوم محمد امين سان شادي ڪرائي جنهن مان علامه محمد معين پيدا ٿيو. ان لحاظ سان فاضل خان علامه معين جو نانو آهي. شروع ۾ مسڪين حال هو، مدرسن ۽ مسجدن ۾ گدائي ۽ ڦقر جون ٽڪيون يا ماني وٺي تعليم حاصل ڪندو رهيو. هن فارسي لکپڙهه ۾ وڏي قابليت حاصل ڪئي ۽ انهيءَ پروسي تي هو شاهه جهان آباد (دهلي) روانو ٿي ويو، جتي اڳ ۾ ئي سلطان عالمگير جو مير منشي ٺٽي جو رهاڪو قابل خان محمد شفيع موجود هو، اتي هن جو علمي جوهر چمڪندو نظر آيو ۽ سلطان عالمگير جي خدمت ۾ پهچي ويو ۽ شاهي خاندان جو داروغو مقرر ٿيو. آخر پنهنجي علمي قابليت سان ترقي ڪندي قابل خان جي جاءِ تي مير منشي مقرر ٿيو. سلطان پاران فاضل خان جو خطاب عطا ٿيس. آخر صدرالصدور جي عهدي تي وڃي پهتو.

چون ٿا هڪ ڏينهن قابل خان محمد شفيع مير منشي پنهنجي حڪومت واري اوج جي زماني ۾ رستو ورتيون آيو ٿي ته ملا عثمان مٿس السلام عليڪم ڪيو، مگر هن صاحب ڪيس سلام جو جواب نه ڏنو. ڪنهن ماڻهو چيس ته تون به ته هن جهڙو لائق ماڻهو آهين، آخر توکي و عليڪم السلام چو نه چيائين. جواب ۾ هي بيت نهه پهه پڙهيائين:

ميڪشد آخر عدو را ناگهان تسليم ما
دست برسر رفته را تيغ کمر فهميده ايم

هو فارسي انشا پردازي جو بيحد قابل هو، جنهن جا خط سندس زماني ۾ ڏ ادا مشهور هوا. شعر به ڏاڍو سهڻو چوندو هو. فرمائي ٿو ته:

ما از نسيم جبهہ گل رنج مي شويم
نازک تر از حباب شناسي دماغ ما

سنڌس وفات سن 1096ھ ۾ ٿي "رضوان پاءِ نگاه" مان سن وفات جو حاصل ٿئي ٿو.

ملا عبدالحکيم عطا ٺٽوي هيٺين مصرع مان تاريخ ڪڍي.

مشعل ملک سند گل شد حيف

1096

ان تاريخي مصرع تي جڏهن فاضل خان جي وارثن کيس صلہ (انعام) نہ ڏنو تہ غصہ ۾ اچي في البديهہ هيٺيون فقرو تاريخ لاءِ پيش ڪيائين. "کاسہ پهکر بشکست" يعني تہ پنڻ جو پيالو ڀڄي پيو. ان فقري ۾ فاضل خان شروعاتي چمار ۾ علم حاصل ڪرڻ وقت گدائي ڪرڻ پڙهڻ ڏانهن اشارو آهي. اگرچہ هن فقري مان هک سال گهٽ نڪري ٿو. يعني سن 1095 مگر اهو معاف آهي. (مقالات الشعراء)

## 256۔ مولوي محمد جعفر مرزا

اصل شيراز جو رهاڪو ٻارهين صدي هجري جي پهرئين اڌ ۾ ٺٽي ۾ اچي پهتو ۽ اُتي ئي رهي ويو. ٺلامہ مخدوم محمد معين سان سنڌس تعلقات پيدا ٿيا ۽ ان کان گهڻو ڪجهہ علم ۽ فضل پرايائين. مخدوم صاحب کي بہ هن جي علم ۽ فضيلت جو اندازو معلوم ٿيو. جنهن ڪري ٺٽي جي ناظم شيخ شڪرالله جي معرفت مرزا جعفر جو احوال صاحبزاده محمد خداداد خان ولد مِيان نور محمد ڪلهوڙي جي خدمت ۾ پهچارايائين. جنهن تي صاحبزاده مرزا کي ڏاڍي عزت سان پاڻ وٽ گهرايو ۽ ورهين جا ورهيہ پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائينس. خداداد خان مرزا جعفر جو علم فضل ۽ ڪماليت ڏسي، هن جو عاشق ٿي پيو، جنهن ڪري سنڌس معتمد عليہ بنجي ايڏي اوج ۽ عروج کي پهتو، جنهن کان وڌيڪ تصور ڪري نٿو سگهجي.

ڪجهہ وقت کان پوءِ صاحبزاده خداداد خان تي شيخ شڪر الله ناظم ٺٽي جي قتل ڪرائڻ جو الزام لڳايو ويو، جنهن ڪري خداداد خان تي سنڌس والد ناراض ٿي پيو هو. پيءُ جي ناراضگي کان هندستان

هليو ويو ۽ مولوي جعفر مرزا ڏولائي ۾ اچي ويو ۽ انهيءَ ڏک کان اکين کان صفا انڌو ٿي پيو، مگر پوءِ سنت ٿي اکيون نهرايائين ۽ دنيا جي ديدار کان بهره ور ٿيو. ايتري ۾ ميان نور محمد خان جو سڏ ٽيس جتي نهايت عزت آبرو سان پهتو. ميان صاحب جي دربار ۾ ببحد مرتبو حاصل ڪيائين. مرزا صاحب علم جفر رمل، عمليات جو وڏو ماهر هو، جنهن ڪري ميان نور محمد جي حڪم سان ”جامع جفر“ نالي ڪتاب لکڻ شروع ڪيائين، اجا اهو ڪتاب پورو ئي نہ ٿيو هو تہ ميان صاحب هن دنيا فاني مان رحلت ڪري ويو. ان کان پوءِ جڏهن ميان مراد ياب خان وليعهد گادي تي ويٺو تڏهن وري مرزا جعفر وٽس ساڳئي مرتبي تي پهتو، جيڪو سندس والد وٽ هو. مگر ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪي اهڙا سبب پيدا ٿيا، جو ميان صاحب مرزا کان ناراض ٿي پيو ۽ سندس نظرن مان ڪري پيو. مرزا صاحب اها ڳالهہ برداشت ڪري نہ سگهيو، جهن ڪري عراق جي زيارتن جي سفر لاءِ اجازت وٺي روانو ٿيو. واٽ ۾ ڪڪرالہ بندر وٽ رهڻ جو ارادو هوس، مگر اُتي جو ڄام اجمال سائس چڱي طرح پيش نہ آيو، ڇاڪاڻ جو ڪلهوڙن ۽ ڄام جو هميشہ تڪرار رهندو هو. (مرزا ڪي ڪلهوڙن جو ماڻهو سمجهي ڄام چڱو برتاءُ نہ ڪيو هوندو) آخر اُتان نااُميد ٿي وري ٺٽي ڏانهن واپس آيو. هن ارادي سان تہ ڪراچي جي بندر کان عراق روانو ٿئي. خاص انهيءَ زماني ۾ ميان مراد ياب خان بہ ٺٽي ۾ آيل هو، ۽ ڄام ڪڪرالہ سان جنگ ڪرڻ جي تيارين ۾ هو. ڪن حاسدن ميان صاحب جا ڪن ڀريا، هن ارادي سان تہ شايد ڄام سان مرزا جي ڪا ساز باز آهي، جنهن تي ميان صاحب مظلوم مرزا کي ٺٽي ۾ بن ٽن ڏينهن جي پهچڻ کان پوءِ قتل ڪرائي ڇڏيو. اهو واقعو سن 1167هہ ۾ ٿي گذريو، مير قانع سندس تاريخ وفات هن مصرعہ مان ڪڍي آهي. ”غريب زدام دنيا گشت آزاد“

(مقالات و تحفة الڪرام جلد دوم)

## 257۔ مخدوم حاجي محمد هاشم ٺٽوي

عالم، عارف، قاري، حاجي، صوفي مولانا مخدوم محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان بن محمد قاسم بن خيرالدين.

مخدوم صاحب جو والد ٻنوري ۾ رهندو هو، جتي 10 ربيع الاول سن 1104 هه حضرت مخدوم صاحب تولد ٿيو. سندس ولادت جي تاريخ هيٺئين عربي فقري مان حاصل ٿئي ٿي، انبت الله نباتا حسنا.

مخدوم صاحب ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ حاصل ڪئي. فقط ڇهن مهينن ۾ قرآن شريف ختم ڪيائين، ۽ ٻيا ڪجهه ڪتاب پڙهي باقي علم ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم محمد سعيد ۽ مخدوم ضياءُ الدين وٽ ختم ڪيائين.

علم حديث جي تحصيل مخدوم محمد معين وٽ ڪيائين. سمورو علم 9 سالن جي مختصر عرصي ۾ ختم ڪري ورتائين. ان وچ ۾ سندس والد 1113 ۾ وفات فرمائي ويو. مخدوم صاحب ٻنوري جي لڳ ڀرام پور نالي هڪ ڳوٺ ۾ اچي مدرسه قائم ڪيو، جنهن ڪري ڳوٺ جي پيرن ۽ وڏيرن کي مخدوم صاحب جي نصيحت ۽ پابندي شرع ڏاڍي ڏکي لڳي. انهيءَ اڻ ٻڻت سبب مخدوم صاحب اُتان هجرت ڪري هميشه لاءِ مستقل طرح ٺٽي ۾ اچي رهيو. مخدوم صاحب ٺٽي ۾ علمي مدرسو فيض ڏيڻ لاءِ جاري ڪيو، جنهن ڪري سوين طالب علم سندس درس ۾ اچي شريڪ ٿيا ۽ سندس علمي شهرت دوردراز ملڪن ۾ پهچڻ لڳي ۽ پري پري جا شاگرد سندس درس ۾ اچي شامل ٿيا.

مخدوم صاحب 1135 هجري ۾ حج جي ارادي سان حرمين شريفين روانا ٿيا. حج جي عبادت سان گڏ مڪه ۽ مدينه جي وڏن وڏن علمائن کان حديث ۽ تصوف جون اجازتون ۽ سندون حاصل ڪيائون. جيئن ته شيخ عبدالقادر صديقي مالڪي ۽ شيخ عبد بن علي مصري ۽ شيخ ابو طاهر مدني ۽ شيخ عبد علي بن عبدالملڪ دراوي کان فائدا حاصل ڪيائون، جنهن جو مفصل ذڪر ڪتاب "اتحاف الاڪابر في مسايند شيخ عبدالقادر" ۾ فرمايو اٿن. مخدوم صاحب کي مدينه شريف جي رهڻ واري زماني ۾ جمعرات 9 رجب 1136 ۾ حضور رسول الله ﷺ جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. جنهن جو ذڪر پنهنجي بعض تصانيف جي حاشيه ۾ ڪيو آهي ۽ پنهنجي دستخط سان اها يادداشت لکي ڇڏي آهي.

حج جي سفر تان موٽندي بندر سورت جي مشهور عالم عارف صوفي سيد مير سعد الله سورتي جي بيعت ڪيائين، جو هڪ وڏو عالم ۽ وقت جو ڪامل بزرگ هو ۽ مخدوم محمد معين ٺٽوي به سندس معتقدن مان هو. مخدوم صاحب ٻن سالن جي سفر کان پوءِ خيريت سان صفر سال 1137 ۾ ٺٽي ۾ اچي وارد ٿيو. حرمين جي سفر کان پوءِ هڪ نئون رنگ حاصل ڪري واپس ٿيو هو. علم حديث جو شغل اڳي کان وڌيڪ جاري رکيو ويو ۽ بدعات جي انڪار ۽ بيخ ڪني تي وڌيڪ زور ڏيڻ لڳو. ان ۾ ٺٽي ۾ ٻين بدعتن سان گڏ شيعي مذهب جو به زور هو. مخدوم صاحب تابوت سازي ۽ محرم جي ماتم کي روڪڻ ۽ زالن کي قبرن تي وڃڻ واري بدعت کي روڪڻ تي ڏاڍو زور ڏنو، جنهن ۾ گهڻي حد تائين ڪامياب ٿيو.

ميان غلام شاهه ڪلهوڙو حاڪم سنڌ جو مخدوم صاحب جي معتقدن مان هو. تنهن کان مخدوم صاحب ٺٽي جي بدعات بند ڪرائڻ لاءِ هڪ سرڪاري پروانو حاصل ڪيو، جو بعينه هيٺ ڏجي ٿو:

> عمال وڪار پردازن حال و استقبال متعلقه اين جانب بدانند ڪه حسب مرقوم جناب مخدوم محمد هاشم درباب اجرا و ترويج، مقدمات اسلام و منع ماتم و تابوت وغيره بدعات ايام عاشورا و منع شرب جميع مسڪرات و قمار بازي ولولي بازي و زنان فاحشات و مخنثين و منع رفتن زنان مسلمين در مقابرو ڪوهستان و باغات و منع زنان مردان از نياحت در وقت تعزيت و منع مصورين از صور ذوالارواح و منع هنود از هرهنه ڪردن رانوها در بازار و ڪوچها و دڪانها. و منع مسلمين از گرفتن لحيه قبل القبضه روڪشيدن خط ريش و گذاشتن سبلت و منع هنود از هولي و بهگت و سرود مزامير و دهول نواقيس و سجده پيش اصنام و پيش دريا بطريق علانيه زجر و توبيخ شديد نموده قدغن بليغ نمايند ڪه از رعايا متعرض و مرتڪب حرمات و بدعات نشده متنبهه گردد و نيز مسلمانان را در باب صلوات

و صيام و ديگر عبادات ماليہ و جانيہ تاڪيد اڪيد بعمل
آ رند ڪہ احدي ارتڪاب شرڪ آن نہ نمايند. درين
باب تاڪيد اڪيد دانستہ حسب السطور بعمل آ رندو
باب بداهانت بر ذمہ خود دانستہ تخلف نہ ورزند.

تحرير تاريخ 2 شهر شعبان سن 1172ھ

هن سرڪاري حڪم نامي جي پهچڻ ڪان پوءِ ٺٽي مان محرم جون بدعتون ۽ بيون بچڙايون ۽ غير شرعي ڪم گهڻي حد تائين ختم ٿي ويا ۽ ان جي برخلاف ڪن ماڻهن ڪوشش ورتي ۽ ميان غلام شاھ کي برغلائڻ گهريو. مگر نتيجو ان جي برعڪس نڪتو، يعني تہ مرڳوئي ميان غلام شاھ مخدوم صاحب کي قاضي القضاة جو عهدو ڏئي، مخالفن جي طاقت کي ختم ڪري ڇڏيو

(حيات محمد هاشم دستخط ميان غلام محمد ٺٽوي [1]

مخدوم صاحب سان سندس معاصرين مان مخدوم محمد قائم ۽ علامہ محمد معين سان سوال جواب هليا آهن. خصوصا علامہ معين سان محرم جي ماتم تي ۽ سيني صحابين تي حضرت علي جي فضيلت ۽ ڏاڙهي کي مٺ کان گهٽ رکڻ تي رسالن جي صورت ۾ رد ڪد ٿيا آهن. يعني تہ علامہ محمد معين انهن شين جو قائل هو ۽ مخدوم صاحب مخالف هو. ان باب ۾ ڏرين جا رسالا موجود آهن. مير قانع لکي ٿو تہ مخدوم معين هڪ رباعي ۾ ڪئي. يعني تہ:

اي واعظ خوش ڪلام شيرين پيغام
ممبر سواد گير گون ڪن تمام
باروي سيہ خاڪ بسر ناش بگو
در تعزيت حسين صبر است حرام

مخدوم محمد هاشم ان جي جواب ۾ هيٺئين رباعي فرمائي:

اي عاشق صادق محب خوش نام
در تعزيت حسين ڪن خو نہ مدام

---

[1] اهو صاحب مخدوم صاحب جي اولاد مان آهي

بانحوز دلت اشک همريز ز چشم
ليکن نہ دهي را ز مخبت بعوام

(مقالات)

مخدوم صاحب جي زماني ۾ شريعت جي حڪمن بيحد رواج ورتو ۽ هن جو حڪم مسلمان ڪان سواءِ غير مسلمن تي بہ هلندو هو. هن جي هٿ تي هزارين غير مسلمان اسلام تي آيا. وقت جي بادشاهن مان نادر شاهہ ۽ احمد شاهہ ابدالي سان سندس لکپڙهہ هئي ۽ بادشاهہ بہ سندس خواهشن موجب دين جي حڪمن جاري ڪرائڻ ۾ پوري پوري امداد ڪندا رهندا هئا. دين جو وجود غنيمت هو ۽ هر علم ۾ سندس تصنيفون آهن. (تحفة الڪرام)

مخدوم صاحب جي پوٽي ميان غلام محمد ڪل نندين وڏن 150 ڪتابن جا نالا ڏيکاريا آهن، جي مخدوم صاحب جا تصنيف ٿيل آهن. سنڌي، فارسي ۽ عربي ٽنهي زبان ۾ سندس تصنيف آهي، جن مان ڪن ٿورن جا نالا ڏجن ٿا.

بياض هاشمي (فقہ) تفسير پاره تبارڪ (عربي) تفسير پاره عم (سنڌي نظم) جنت النعيم في فضائل قرآن الڪريم، الشفا في مسئلہ الراءِ، اللولوالمڪنون في مد السڪون. تحفة القاري، رسالہ في وجوه قراء تہ وان من اهل الڪتاب. حياة القاري باطراف البخاري. اتحاف الاڪابر في مرويات الشيخ عبدالقادر. نور البصائر و غاية النيل في اختصار الاتحاف الذيل. الرحيق المختوم في وصل اسانيد العلوم. غنيتہ الظريف بجمع المرويات والتصانيف. نظم الجواهر بذيل اتحان الاڪابر. نورالعينين. بذل القوي. فتح القوي في نسب النبي. وسيلة الفقير اليٰ اسماء البشير والنذير. روضة الصفا في اسماء المصطفيٰ. نديقة الوصول اليٰ احباب الرسول. وسيلة القبول في حضرت الرسول. مظهرالانوار. حياة الصائمين. رشف الزلال في تحقيق في الزوال. فيض الغني في تقدير صباع النبي. تصحيح المدرڪ و تهذيب الڪلام. فرائض الاسلام. فتح الڪلام في اسقاط الصلواة و الصيام. شد النطاق في مسئلة الطلاق تمام العناية. درهم الصرة في وضع الدين. ترصيع الدرر. معيار النقاد. الشفاء الدائم، السيف الجلي علي ساب النبي،

رساله في مسئلة السڪر، اجارت النجدة القول الانور في ليس الاحمر. حيات القلوب، فاڪهة البستان راحة المومنين رساله در ذبح و شڪار. وصيت نامه. زادالسفينة اليٰ سالڪ المدينه. مناسڪ الحج، وسيلة الغريب اليٰ ديارالحبيب. الطريقه الاحمديه. تحفة الاخوان في حڪم شرب الد خان. اصلاح لمقدمه الصلواة حمل السلاح عليٰ معاندا لا صلاح. ڪشف الستر في تقدير صدقته الفطر بسط البرده شرح قصيده برده. نتيجته الفڪر في تحقيق صدقته الفطر. موهبته العظم في ارث شعر الرسول الڪريم. التحفة المرغوبته في الدعاء بعدالمڪتوبه. زادالفقير. شرح مقدمه جرزي مسمي به رفع الخفاعن مسئلته الراء.بناء الاسلام . قوت العاشقين.

سنڌ جو هي نامور بزرگ عالم ذڪر قلبي جاري رکندي، ستر سالن جي ڄمار ۾ 6 رجب المرجب 1174 ھ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري، آخرت جي عالم ۾ وڃي آرامي ٿيو. سندس وفات حسرت آيات تي ٺٽي جي شاعرن جيڪي مرثيا ۽ قطعات تاريخ لکيا سي هيٺ ڏجن ٿا:

## از محمد پناه تخلص رجا ٺٽوي

هزاران حيف صد افسوس صد آه
ڪه مخدوم خلائق رفت نا گاه

زهي مخدوم عالم عالم سنڌ
دليل دين احمد هادي راه

زهي مخدوم عالم مشعل ملڪ
فروغ نور علمش برتر از ماه

زهي مخدوم عالم، عالم علم
ڪه رونق داد دين را گاه بيگاه

نه اندر فقه و تفسير و احاديث
ڪجا مثلش بعلم قرآة اگاه

بجد و جهد ورع و زهد و تقوي
ڪمال دين بدست آورد دلخواه

بروز رحلت ان پاک دين و خلق
نہ تنها کرد پيهم نالہ و آه
کہ ابر آنروز از غم زار بگريست
هوا حالش دگر گون شد باکراه
فتاده اندر زمين از آسمانها
عجائب کوکب ذري شبا نگاه
پس از افتادن آن شعلہ نور
جناب حضرت حاجي حق آگاه
مبدل گشت احوال سير نعش
ز حالت سابق وے تا سحر گاه
از ان دم تا دم آخر مر او را
نبودش بر لبش جز اسم الله
گذشتہ از روز چون قدري دو ساعت
وجود شيخ فاني گشت في الله
ششم تاريخ ز روز پنجشنبہ
وقوع واقعہ شد در رجب ماه
کدامي واقعہ يک آفتي بود
چہ قضيہ قضيہ دلگير جانکاه
بوقت نزع ذکر از وي عجب نيست
کہ بود اين ذکر شغلش گاه بيگاه
بروئي تختئہ غسل اين عجب دان
همانان داشت ذکر قلبي آن گاه
بنوعي از سماعش حاضران را
بر آمد بر زبان سبحان الله
صفات ذات آن مخدوم ديندار
کہ نفس الامر گويد حاش لله
کمالات از تصانيفش هويد است
چہ گويم من چہ گويمہ قصہ کوتاهٔ
ز بهر اين چنين کامل وجودي

نگرید چشم کس استغفر الله
رجا تا چند جزع فزع خاموش
جمیل است و جمیل صبر هر گاه
رضا را تابع حکم قضا کن
قدم بگزار محکم اندرین راه
بحق حضرت مخدوم هاشم
کنون از درگهہ حق مغفرت خواه
دل پر درد تسکین ده اکنون
کہ فضل ایزد یها اوست همراه
بشارت دو ازین بخشش بخدام
ترا هاتف چوکرد از سر آگاه
بلند آواز گو سال وصالش
بهشتش داد ایز د منزل جاه

1174

## از غلام علي تخلص مداح تتوي

در این زمانہ کہ بر وفق خواهش ازلي
نمود است بعالم نزول قحط رجال
بود دریغ کہ بربست رخت زین عالم
مدار دائره علم و آسمان کمال
بہ پنجشنبہ ششم از رجب قریب بپاس
گذشتہ بود بہ هفتاد سالگي این حال
معین دین شریف محمد عربي
مزیل رسم ضلالت ز روي استقلال
مہ سپهر کرامت محمد هاشم
کہ بود خاطرش از نور علم مالا مال
چو سال رحلت او ز عقل جستم گفت
کہ انہ دخل الجنت هست سال و صال

## از محمد رفيع تتوي

ناگهان برخواست ماتم در جهان با شور شين
حشر شد ظاهر المها کرد در عالم نزول
آسمان تاريک گشته و ابرمي ناليد زار
جن و انسان، و ملک حيران و پريشان وملول
چون چنين ديدم برسيدم، شنيدم اين ندا
کرد رحلت از جهان سر دفتر اهل قبول
نير برج شريعت ماحي کفر ظلام
واقف سر حقيقت عالم علم اصول
چون بجستم سال فوتِ آن بهار باغ دين
هاتفم گفتا که گل شد مشعل دين رسول

1174

## از مرزا غلام علي بيگ تتوي

حيف از رحلت آن مرد فقيه و عالم
که بحق بود بهر امرو نواهي حاکم
قوت شرع ز بازوئي علومش محکم
بود اسلام با يجاد قيامش قائم
داد هر مور ضعيفي چو سليمان مي داد
حل هر عقد همين کرد ز نقش خاتم
ششم از شهر رجب بود در ايام خميس
سال فوتش چون ازين دار فنا شد عازم
گفت هاتف ز گلستان جهان باز پريد
طائر قدس بفردوس محمد هاشم

1174

## از ميان محمد رحيم تتوي

بو حنيفه عصر خاذل اهل کفر
رخت خود بسته سوءِ جنت شتافت
سال فوتش ز خرد جستم بگفت

در جوار مصطفيٰ ماواي يافت

1174

از محمد احسن خان ٺٽوي

کرد رحلت ز عالم فاني
مقتدائي علوم رباني
گفت تاريخ هاتفم با آه
جعل الله جنة مثواه

1174

فائده: هي سموريون منظوم تاريخون ٺٽي جي مير قانع جي اولاد وٽان سندن قلمي ڪتب خاني مان هٿ لڳيون، جي هت درج ڪيون ويون آهن. (وفائي)

## 258. مخدوم حاجي محمد قائم ٺٽوي

عالم،فاضل، حاجي حافظ سمورن ڪسبي ۽ وهبي علمن جو جامع مخدوم محمد قائم.

اصل ۾ ٺٽي جي ڀهراڙي جو رهاڪو هو. علم جي تحصيل لاءِ ٺٽي ۾ مخدوم رحمت الله جي درس ۾ اچي شريڪ ٿيو. علومن جي تحصيل ڪان پوءِ ٺٽي ۾ ئي رهجي ويو. مخدوم محمد قائم، وقت جي وڏن عالمن، جهڙوڪ: مخدوم محمد معين ۽ مخدوم محمد هاشم جو همعصر ۽ همسر هو، بلڪ طبع جي ذڪاوت ۾ انهن ٻنهين بزرگن ڪان وڌيڪ ذهين ۽ ذڪي هو. حافظو يا يادگيرو ايڏو قوي هوس، جو ڪتاب جي ڏسڻ ڪان سواءِ ورقن جا ورق ياد هوندا هوس ۽ ڪتاب جي فصل ۽ باب جو حوالو ڏيندو هليو ويندو هو. ٻين کي اُن جي ڳولا ۾ گهڻي محنت ڪرڻي پوندي هئي. علماءِ وقت سان سندس صحبتون ۽ مناظرا رهندا آيا ٿي، خصوصاً مخدوم محمد هاشم صاحب سان رد ڪد ٿي گذريا.

مخدوم صاحب شيخ ابوالحسن جي سنڌي مقدمة الصلوات جي اصلاح طور هڪ مضمون لکيو ته مخدوم محمد قائم اِن تي رد ڪيو،

جنهن تي مخدوم صاحب هڪ رسالہ حمل السلاح عليٰ عقائد الاصلاح جي نالي لکي پنهنجي همعصر محمد قائم کي جواب ڏنو.

ٺٽي جي قاضي غلام علي کي بہ مخدوم صاحب سان مناظرا رهيا. قرآن ڏاڍو دردناڪ لهجي ۾ پڙهندو هو، جنهن جو ٻڌندڙن تي ڏاڍو اثر پوندو هو. حديث جي علم ۾ ثقہ ۽ پڪو محدث سمجهيو ويندو هو. هن ٻهريون دفعو حج سن 1145 ۾ ڪيو ۽ اتي جي عالمن خاص طرح شيخ عبدالقادر مڪي مالڪي کان حديث جي سند حاصل ڪري ٺٽي واپس آيو ۽ ان کان پوءِ ٺٽي ۾ روزانو عصر جي نماز کان پوءِ حديث جو عام درس ڏيندو هو، جنهن ڪري تمام گهڻن ماڻهن کي ان مان فائدو پهچندو هو.

ٻهرين دفعي حج جي سفر تان جڏهن واپس ٿيو ٿي، تڏهن جنهن بہ شهر ۾ منزل ٿي ڪيائين تہ وڏي شان ۽ عزت سان ماڻهن سندس استقبال ڪيو ۽ سندس وجود کي غنيمت ۽ تبرڪ سمجهي پيش آيا ٿي. خصوصاً سورت بندر ۾ سندس ايڏو غلغو بلند ٿيو جو بيان کان ٻاهر آهي. اُن وقت سندس ڄمار فقط ٽيهن سالن جي هئي. ٽئي دفعي سن 1150 هہ ۾ ٺٽي مان بلڪل هجرت ڪري مدينہ شريف روانو ٿي ويو، اتي ئي وطن ڪري وڃي ويٺو. حرم نبوي ۾ درس حديث جي خدمت تي مقرر ٿيو، جتي سوين ماڻهن هن جي وجود مان فائدو پرايو. سنڌ ۾ پنهنجا وڏا مشهور شاگرد ڇڏي ويو. مولوي محمد باقر واعظ تتوي ۽ مخدوم نور محمد نصرپوري، جي پنهنجي وقت جا وڏا عالم فاضل ٿي گذريا آهن.

هو ڪڏهن ڪڏهن فارسي شعر بہ ڏاڍي سليس ۽ سادي انداز ۾ چوندو هو. هيٺ سندس هڪ نظم ڏجي ٿي جا علم هيئت ۽ نجم جي مسئلن سان لاڳاپو رکي ٿي، غور ڪندڙن لاءِ فائدي کان خالي ناهي. جنهن ڪري هيٺ ڏجي ٿي.

## قطعہ در استخراج تحويل شمس

گر تو خواهي کہ برج شمس کدام
بنگري هجرت رسول همام

باد بر روح اطهرش هردم
بروئي و آل او درود و سلام
طرح کن يک هزار سه صد زان
انچه ماند بکن تو ضرب تمام
در عدد يا زده پس آنکه هم
بسپاري بحافظ بدوام
ثمن مضروب و پنج ديگر هم
وضع کن تا شود حساب دوام
نيست در ثمن گر کسر فبها
ور بود نصف فوق ش آر تمام
و آنچ از نصف کمترين باشد
نيست محبوب نزد اهل کلام
آنچه پس وضع ماندان موسوم
گشته محفوظ اوليت نام
آنچه بگذاشت باشد از قمري
بشمار اندرش و ضا و ظلام
سي دهم بيست نه مساوي دان
سرمد ا دائما علي الا عوام
پس بکن طرح اول از ثاني
گر بود ممکن اي سعيد انجام
ورنه دوري زياده کن تو بران
سصد و شصت پنجگان ايام
آنچه باقي بود بکن تقسيم
از ترازو و ابتدائي خوشه ختام
هر کجا منتهي شود عددت
اندران نزل آفتاب المام
بهر خوشنودي خدا و رسول
کشف کردم ازين جزيره شمام
چونکه منظوم سهل الحفظ است

وضع كردم بطرف تمام
يا رب اين كثرت گناه مبين
منخرط سلک عفو رکن علام
رشتہ عفو تو دراز بسي است
گر شود نظر اين حقير چہ نام
بهر مبعوث اسودو احمر
سيد اصفيا كرام و عظام

مخدوم محمد قائم جا عربي زبان ۾ ڪجھ رسالا ۽ تصنيفات بہ آهن، جن مان حل العقود ۽ سخة العلام في مسائل الا اسلام نظر مان گذريا آهن. پوئين دفعي مديني شريف ڏانهن هجرت ڪرڻ کان پوءِ هن بزرگ 7 سال اتي درس حديث جو ڏئي سن 1157 ۾ هن دنيا کان رحلت ڪري، خيرالابرار جي جوار ۾ آسودو ٿيو ۽ مخدوم محمد حيات سنڌي مدني جي مقبره اندر جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

مير قانع ٺٽوي سندس تاريخ وفات في جنات تجري مان ڪڍي آهي.
1157

(تحفة الڪرام و مقالات)

## 259- سيد احمد ٺٽوي

سيد احمد ولد سيد محمد انجوي شيرازي، سيد محمد صاحب 786 هجري ۾ سنڌ ۾ پهتو، جڏهن ڄام صلا الدين سمي جو سنڌ ۾ راڄ هو. پهريان منڇر جي ڪناري تي مراد اوٺي جي ڳوٺ ۾ رهيو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين. پوئتان پنهنجو فرزند سيد احمد ڇڏي ويو، جو پوءِ ماڻهن جي ڪشش ۽ ڪوشش سان ٺٽي ۾ اچي رهيو، جنهن کي ٺٽي ۾ قاضي نعمت الله عباسي جي نياڻي فاطمہ مان چار پٽ تولد ٿيا، جن مان سيد محمد حسين مشهور شاھ مراد شيرازي وڏو مشهور آهي، جنهن جو ذڪر هن تذڪري ۾ اچڻ وارو آهي.

سيد احمد هڪ خدا رسيد بزرگ هو ۽ خدا وارن جي صحبت کي پسند ڪندو هو. ٺٽي جي لڳ ساموئي شهر ۾ هڪ بزرگ شيخ

عيسيٰ لنگوٽي رهندو هو جتي سيد صاحب هن جي ملاقات ۽ زيارت لاءِ ايندو رهندو هو.

هڪ دفعي سيد صاحب شيخ عيسيٰ جي ملاقات لاءِ آيو ته اُن وقت شيخ وٽ شهر جو مشهور عالم قاضي نعمت الله عباسي ويٺل هو. جنهن تي شيخ عيسيٰ سيد صاحب جي تعظيم لاءِ اٿيو، مگر قاضي صاحب پنهنجي جاءِ تان ئي نه چريو. اها ڳالهه سيد صاحب کي نابوار لڳي، هو ملاقات کان پوءِ رنج ٿي موٽي جاءِ تي پهتو ۽ قاضي صاحب به گهر ۾ آيو ته اچڻ شرط اکين کان انڌو ٿي پيو، جنهن جو سبب ئي معلوم نه پيو ٿيئس. قاضي صاحب جي نياڻي کي خواب ۾ سيد صاحب جي رنجيدگي جو واقعو معلوم ٿيو، جنهن تي قاضي صاحب، اهائي نياڻي سيد صاحب جي نڪاح ۾ ڏني ۽ رضامندو ۽ رشته داري حاصل ڪئي، جنهن مان چار فرزند ٿيا (1) سيد علي (2) سيد جعفر (3) محمد شريف (4) سيد محمد حسين، مشهور شاهه مراد شيرازي، ٺٽي جا شيرازي سيد انهي خاندان جو اولاد آهن.

سيد احمد صاحب هن رهگذر دنيا مان پهرين محرم الحرام 1145هه ۾ لاڏاڻو ڪري، ٻي دنيا ۾ آراميو "و احمد خالصاً لله" جي فقري مان سندس تاريخ جو سال نڪري ٿو. سندس مقبرو مڪلي ۾ عباسي قاضين جي قبرستان ۾ آهي. (تحفة الڪرام و معارف الانوار)

## 260۔ سيد مرتضيٰ سيوستاني

سيد مرتضيٰ ولد عبدالنبي سيوهڻ جي سادات مان هڪ مشهور فاضل ۽ هر علم ۾ ماهر هو ٺٽي ۾ مخدوم محمد معين وٽ ورهين جا ورهيه تعليم حاصل ڪندو رهيو ۽ مير غلام علي آزاد بلگرامي عرب عجم جي مشهور شاعر جو شاگرد هو. شعر ۾ قانع تخلص ڪندو هو ۽ مير غلام علي جو ڏاڍو گهاٽو دوست هو. ڪلهوڙن جي زماني ۾ سيوهڻ جو ڪجهه وقت قاضي به ٿي رهيو.

مير علي شير قانع لکي ٿو ته مراد آباد ۾ ساڻس ملاقات ٿي. بزرگي ۽ فضيلت مٿس ختم هئي. شعر جو سليقو يا لياقت به ڪافي منجهس موجود هوس.

مير آزاد بلگرامي يد بيضا ۾ هيٺيان شعر هن سنڌي شاعر جا ڏنا آهن.

ز اشک ديد مرا آب تاب مي باشد
ز چاک سينہ مرا فتحياب مي باشد
شدم گداز بتدريج از فروغ رخش
چو نخل موم ڪہ در آفتاب مي باشد

## ايضاً

ڪے رود از دل خيال يار پُر تمکين ما
عکس او در ديدهء آئينہ مردم مي شود

سيد صاحب قريب سن 1180 جي هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ۽ سيوهڻ ۾ دفن ڪيو ويو. (تحفة الڪرام و مقالات)

## 261۔ سيد عبدالقدوس نجوي ٺٽوي

سيد عبدالقدوس بن سيد حامد سيد محمد حسين شاهہ مراد جي اولاد مان وقت جو وڏو عالم ۽ وڏي شان ۽ بزرگي جو مالڪ هو. هو ايڏي علمي لياقت جو مالڪ هو جو ٺٽي ۾ شرعي فتويٰ ڏيڻ جا اختيارات بہ ڪيس مليل هئا. ٺٽي جو وقت محتسب (شرعي باز پرس ڪندڙ ڪوٽوال) بہ هو. هنجي قابليت هن حد ڪان پهتل هئي جو ٺٽي جي گورنر نواب سيف الله خان (     ) جي زماني ۾ ايران مان هڪ وڏو شاعر ۽ عالم شاهزاده ٺٽي ۾ پهتو. جنهن ٺٽي جي سيني ان وقت جي فارسي جي چاڻن شاعرن مان مير عبدالقدوس کي وڌيڪ پسند ڪيو. هن صاحب جي علامہ مخدوم محمد معين سان علمي لکپڙهہ هلندي هئي. هڪ دفعي علامہ مخدوم محمد معين امام حسين جي شهادت واري واقعي کي ياد ڪندي ڪيس تمام بلند درجي جي عربي ۾ خط لکيو ۽ ڪجهہ ماتمي رباعيون بہ لکيون، جن جو جواب بہ سيد عبدالقدوس عربي فارسي ۾ نظم نثر ۾ ڏنو. عربي عبارتون ڇڏي، هت فقط ٻنهين عالمن جون رباعيون پيش ڪجن ٿيون.

## مخدوم محمد معين

در تعزيت حسين رد جامہ بہ نيل
در سد ره منتهيٰ بشيون جبرئيل
تا کرد رسول شيشہ پر خون برکف
خون است دل عيسيٰ و موسيٰ و خليل

## ايضاً

در ياد حسين خاکراهش دو جهان
از عشق سپند مجمش عالم جان
امرزز بماتمش سيہ روز شدم
باد زن اليٰ يا نجات الا کوان

## جواب از مير عبدالقدوس

اي نور نبي رتبہ تو نہ شنيده اند
ان بد بختان نہ از غضب تر سيدند
خاک قدمت مرهم دوش جدت
هيهات سرت بخاک غلطا نيد ند

## ايضاً

پيش قدمت سيد شهداءِ جهان
عالم همہ سر قدم نموده از جان
ماتم زدگان گوئي سعادت برا ند
فا سعوا بعزائد يا خيار الا خران

هي عالم فاضل شاعر ماه شعبان 1147 ۾ حضرت قدوس جي واصلن ۾ وڃي پهتو. مير قانع هڪ سال جي زيادتي سان هيٺئين قرآن جي آيت مان سندس سال تاريخ حاصل ڪيو.

(مقالات الشعراء)

<u>يرثون الفردوس</u>
1147

# 262۔ سيد طاهر نسياني ٺٽوي

سيد طاهر بن سيد حسن تخلص "نسياني" ٺٽوي. شروع ۾ اهو مرزا شاهه بيگ ترخان گهراڻي مان سلطان جهانگير جي اميرن مان هڪ عالم فاضل شاعر امير هو. هڪ دفعي قنڌهار تي قزلباش قبيلي وارن ڪاهيو ۽ سلطان جهانگير جي حڪم سان شاهه بيگ کي قنڌهار ڏانهن چڙهائي جو حڪم ٿيو ته اُن وقت سيد محمد ظاهر به ساڻس همرڪاب هو، مگر اهامهم شاهه بيگ کان پوري نه ٿي جنهن ڪري سيد طاهر ٺٽي موٽي آيو. ان وقت شعر و شاعري جو ٺٽي ۾ ڏاڍو چرچو هو. امير کان وٺي سپاهي تائين هر هڪ ماڻهو شعر چوڻ جي ڌُن ۾ لڳل هو. انعام ۽ صلا حاصل ٿيندا هوا. جنهن ڪري فارسي نثر لکڻ جو چڻ رواج ئي ختم ٿي چڪو هو. سيد طاهر، ٺٽي ۾ ملا اسحاق بکري جي خدمت ۾ شعر جي اصلاح ۽ مشق شروع ڪئي ۽ تمام ٿوري وقت ۾ انهيءَ فن ۾ ڪماليت حاصل ڪيائين. اهو ملا اسحاق، خود مرزا غازي ولد مرزا جاني بيگ والي سنڌ جو به استاد هو. هن کي سعدي ۽ جامي جي ڪلام جو وارث سڏيو ويندو هو. ان ڪانپوءِ قصائد خاقاني ۽ قصائد انوري علامه سيد ظهير الدين شڪراالهي جي خدمت ۾ پڙهي فارسي جي نظم نثر ۾ ڪماليت حاصل ڪيائين ۽ اهو سڀ ڪجهه فقط هڪ سال جي اندر ڪيائين. اهو سن 1014 جو واقعو آهي ۽ ان وقت سيد طاهر جي ڄمار ڪل 25 سالن جي هئي.

هن صاحب جو مرزا غازي و قاري سان به لاڳاپو هو. مگر جڏهن هو قنڌهار ۾ اوچتو ئي اوچتو 1021 هه ۾ فوت ٿي ويو ته هن کي ڏاڍو صدمو پهتو. لکي ٿو ته نظم ۽ نثر فارسي جي تحصيل ئي هنلاءِ ڪئي هئم ته مرزا جي سخن نوازي مان بهرفه ور ٿيندس، مگر سندس وفات ڪري، اها مراد پوري نه ٿي سگهي.

ان کان پوءِ هو وري وڃي مرزا شهه بيگ جي ملازمن ۾ منسلڪ ٿيو، جنهن جي اشاري سان سنڌ جي "تاريخ طاهري" لکيائين، جنهن ۾ گهڻو ڀاڱو ارغون ۽ ترخان گهراڻي جي حالات تي مشتمل آهي. هڪ دفعي لاهور ۾ مرزا شاهه بيگ کي تاريخ طاهري جي خطبو

لکي گذارش ۾ آندائين، جو پسند ڪيو ويو. مگر اجا پوري طرح ڪم شروع نہ ٿيو هو تہ سيد صاحب پنجاب مان دربيلي ۾ جتي سندس جاگير هئي، پهچي ويو ۽ ڪم اڌ ۾ رڪجي ويو.

سن 1030 ۾ مرزا شاهہ بيگ کي لاهور ۽ ڪانگڙي جي حڪومت تان قنڌهار ڏانهن بدلي ٿي. هو قنڌهار ڏانهن روانو ٿي چڪو هو تہ سيد صاحب کيس ملتان ۾ وڃي مليو. ڪتاب لکڻ جي ماجرا وچ ۾ آندائين. هن صاحب وري ترغيب ڏياريس. جنهن ڪانپوءِ اهو ڪتاب لکي پورو ڪيائين ۽ وڏو انعام حاصل ٿيس.

سيد صاحب صوفي منش اهل دل بزرگ هو. رات جو عبادت ۾ گذاريندو ۽ ڏينهن جو هميشہ روزي ۾ رهندو هو. مرزا شاهہ بيگ جي خدمت ۾ ويندو هو تہ بہ ڪتاب جي مسودي ڏيکارڻ کان سواءِ ٻي ڪابہ قيل قال نہ هلائيندو هو. سندس والد سيد حسن بہ مرزا محمد باقي ترخان ولد مرزا عيسيٰ ترخان جي خاص ملازمن مان هو. هو فارسي جو عمده شاعر هو ۽ سندس نثر بہ ڏاڍي مشڪل ۽ مرصع آهي. پنهنجي نظم بابت لکي ٿو:

زبان سخن وردم عيسويست،
کہ از کلک بخشد برده روان
بمحمود فردوسي در جان ندارد
نرا ندي کسي نام او بر زبان

ايضاً

ز آب حيات قلم هر کہ زيست
نمير د بود زنده تا زند گيست
ولي مرد در زندگاني کسي
کہ زمانہ نامش ندانند کيست

سال وفات معلوم نہ ٿي سگهيو، مگر هو بزرگ 11 صدي جي رجالن مان آهي.

## 263. آخوند محمد شفيع ٺٽوي

ٺٽي جي شهر ۾ عام ماڻهن جو فارسي جو استاد ٿي گذريو آهي. نهايت متانت ۽ وقار سان وقت گذاريندو رهيو ۽ عام طرح فارسي جا طالبِ العلم ڪائونس فارسي جي نظم ۽ نثر جا سبق وٺندا رهيا. شعر ۾ به ڪافي گهڻو محاورو هوس. مير علي شير قانع لکي ٿو ته قصائد عرفي ۽ قصائد سيفي ۽ علم عروض آخوند محمد شفيع جي خدمت ۾ تحصيل ڪيم ۽ ان وقت تمام پيڙهو ٿي ويو هو. سندس زماني جي قاضي صاحب سان سندس اختلاف ٿي پيو، جنهن تي هيٺئين رباعي قاضي جي هجو ۾ لکيائين:

قاضي بدين بزرگواري عجبي!
بر مرکب جهل شهسواري عجبي
اما پسرش نعوذ باالله منها
عجلا جسد له خواري عجبي

سندس هڪ شعر آهي:

شب از ياد خيال عنچه چون شبنم گره بودم
سحر که تکمه پيراهن خورشيد تا بانم

آخوند صاحب جي سن 1156 ۾ وفات ٿي (مقالات)

## 264. صوفي محمد شفيع ٺٽوي

ٺٽه جي مخدومن جي گهراڻي مان هي بزرگ ٿي گذريو آهي. پنهنجي ڄمار جو گهڻو پاڱو شاهه جهان آباد (دهلي) ۾ گذاريندو رهيو. هن سموري زندگي ۾ شادي نه ڪئي، تنهن ڪري دل جي اطمينان سان تصوف ۽ سلوڪ جون منزلون طئي ڪندو رهندو هو. جو ڪجهه به ملندو هوس ته ٺٽي ۾ پنهنجي ڀاءُ محمد رضا ڪي موڪلي ڏيندو هو. سن 1161 ۾ حرمين شريفين جي ارادي سان ٺٽي ۾ پنهنجي وطن ۾ پهتو. هو صوفي منهب ۾ صافي مشرب هو. ٺٽي ۾ فقيرن سان صحبتون جاري رکيائين ۽ سندس صحبتون فيض کان خالي نه هيون. مخدوم محمد معين هن جي صحبتن مان ڏاڍو لطف پرائيندو رهيو.

ٺٽي مان حرمين وڃڻ لاءِ ڪجهه رنڊڪون پونديون رهيس، جنهن ڪري قضا جو قاصد اچي پهتس ۽ ساڳئي سال 1161 ۾ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري هميشه حج جو ثواب حاصل ڪندو رهيو.

مير قانع سندس تاريخ وفات ۾ هي بيت فرمايو:

روز يک جانش و اصل حق شد زروي هم

قانع بگفت يار محمد شفيع خان

1161

هي تاريخ تعميه طرح چيل آهي، جنهن مان جان جا عدد ڪڍي ه جو عدد جو لفظ هم جو پهريون آهي وڌايو ويندو ته ان ڪان پوءِ سال تاريخ حاصل ٿيندو. (مقالات)

## 265۔ قاضي نعمت الله ٺٽوي

عالم فاضل فقيهه نعمت الله بن قاضي سائينڏنو بن قاضي نعمت الله عباسي. هي خاندان اصل عربن جي حڪومت ۾ سنڌ ۾ اچي رهيو هو ۽ اُتي ئي هميشه رهجي ويو. نعمت الله پهريون ڄام صلاح الدين سمه جي زماني ۾ مرجع خاص و عام ۽ مشهور انام هو. سندس فرزند قاضي سائينڏنو پڻ هڪ وڏو عالم بزرگ هو. (تحفة الڪرام)

نعمت الله ثاني علامه وقت ۽ زمانه وقت جي عالمن جو مرجع ۽ فضيلتن جو منبع هو. سندس معاصران ميرڪ عبدالوهاب پوراني ۽ ٻيا ڪيترا بزرگ ۽ فاضل سندس قدر ۽ عزت ڪندا هوا. مرزا عيسىٰ ترخان ۽ سندس فرزند مرزا محمد باقي جو هم عصر ۽ سندس وقت ۾ قضا جو مالڪ هو. (تحفة الڪرام)

مرزا محمد باقي جي نااهل اميرن مان هڪ قاضي خميسي نالي جاهل مطلق تمام وڏي اوج ۽ عروج کي پهتل هو. تنهن هڪ دفعي ٺٽي جي وڏن عالمن کي پاڻ وٽ دعوت ڏئي گهرايو، جنهن ۾ مير عبدالوهاب، سيد علي شيرازي ۽ قاضي نعمت الله هوا.

خميسي جاهل حقارت جي انداز ۾ سيني کي خطاب ڪري چيو ته پلي آيو ملا صاحبو!

اهي لفظ علماء کي ناگوار گذريا، ٻين تہ ڪٿي مُاٺ ڪئي، پر قاضي نعمت الله جو هڪ لاابالي طبع جو عالم هو، تنهن خميسي کان پڇيو تہ قاضي صاحب ٻڌايو تہ ملا جي لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟

قاضي خميسي چيو تہ آءٌ اڻ پڙهيل آهيان، ملا جي معنيٰ ڪانہ ڄاڻان. مگر منهن جي هڪ سوال جو اوهان جواب ڏيندا؟ سڀني فاضلن فرمايو تہ ڀلي سوال ڪريو! هنن سمجهيو تہ ڪو علمي يا عقلي بحث هوندو، مگر قاضي خميسي ڇا ڪيو جو هڪ "گول ليڪو" ڪڍي پڇيائين تہ هي ڇا آهي؟ علماء سڀ‌ڳورا حيران رهجي ويا، حيرت کان پڇڻ لڳا تہ اسان کي پتو نہ ٿو پوي، اوهان ٻڌايو. جنهن تي نالائق خميسي چيو تہ ملئو اها گول ماني آهي، افسوس جو اوهان کي خبر ئي نہ پيئي تہ ڇا جي تصوير ڪڍي اٿم. ان کان پوءِ چيائونس تہ ٻيو ڪجهہ بہ ٻڌايو، پوءِ ڇا ڪيائين جو هڪ ور وڪڙ ۽ انگڙ ونگڙ ليڪو ڇڪيائين، چيائين تہ هي ڇا آهي؟ سمورن عالمن چيو تہ اسان علم هيئت، حڪمت، علم ڪيميا مسخرات ۽ ٻيا پڙهيا آهن پر ههڙي شڪل نظر مان ڪانہ گذري آهي. قاضي خميسي چيو تہ اوهان ڏڳي جو پيشاب ڪونہ ڏٺو آهي؟ چيائون اڄ ڏٺو اٿئون. آخر قاضي نعمت الله سميت خميسي وٽان رخصت ٿي روانا ٿي ويا. (طاهري)

قاضي نعمت الله جي ڏاڏي قاضي نعمت الله جي "سمن" جي زماني ۾ شيرازي سيدن جي ڏاڏي سيد احمد سان مائٽي ٿي. يعني تہ قاضي صاحب جي نياڻي بي بي فاطمہ، سيد احمد جي نڪاح ۾ آئي جنهن کان قاضين ۽ شيرازين ساداتن جو خاندان هميشہ عزت سان گڏ رهندو آيو ۽ مڪلي تي قبرستان گڏ اٿن. (تحفہ)

قاضي نعمت الله جي وفات جو سال پوري طرح معلوم نہ ٿيو آهي، مگر واقعات ۽ سندس حالات مان ظاهر آهي تہ هو بزرگ ڏهين صدي هجري جو آهي.

## 266۔ مولوي محمد سليمان ٻنوي

عالم فقير حاجي محمد سليمان ميمن ٻني ضلع ڪراچي ۾ پيدا ٿيو ۽ ابتدائي تعليم ٻنہ ۾ مولوي نور محمد پليجي کان حاصل

ڪيائين. باقي علمن جي تحصيل مخدوم حاجي حسن الله پاٽائي جي خدمت ۾ رهي پوري ڪيائين. فارغ ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه پنهنجي ڳوٺ ۾ رهي پوءِ ڪراچي ۾ مولانا حاجي عبدالله صاحب سان گڏجي مدرسه مظهرالعلوم جو محلہ کڏه ڪراچي ۾ بنياد رکيائون ۽ بنا ڪنهن پگهار جي توڪل علي الله رکي تعليم جو ڪم ڪندا رهيا.

انهيءَ زماني ۾ مولوي حافظ سيد احمد الدين چڪوالي سفر حج جي ارادي سان ڪراچي ۾ پهتو، جنهن کي مولانا عبدالله ۽ مولانا محمد سليمان عرض ڪري پنهنجي مدرسه ۾ تعليم لاءِ رهايو. ان وٽان ٻه هنن بزرگن گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو. مولانا سليمان صاحب حج ارادي سان حرمين جو سفر ڪيو، جتي پورا 2 سال رهي فيض ۽ فائدا حاصل ڪيائين، واپسي کان پوءِ پنهنجي اصلي وطن "دڙي" ۾ اچي مدرسو قائم ڪيائين. ڪجهه وقت ٽنڊه حافظ شاهه ۽ ديهه رتاهه ۾ به تعليم ڏيندا رهيا. سندن شاگردن ۾ مولوي محمد صديق ڪراچوي ۽ مولوي علي محمد مهيري، مولوي محمد يوسف سندس فرزند مولوي حافظ محمد صديق ٽنڊو حافظ وارو ۽ ٻيا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن سنڌي زبان ۾ شعر به چوندو هو، مگر اهو ڏوهڙن يا سنڌي زبان جي بحروزن ۾ آهي ۽ ايترو گهڻو ڪلام ڪونه چيو اٿس جو ملڪ ۾ مشهور ٿئي.

سن 1340هه مطابق 1921ع ۾ جڏهن ملڪ ۾ ترڪي خلافت بابت انگريزن جي برخلاف هلچل شروع ٿي ته ان ۾ هن بزرگ پنهنجن فرزندن سميت پورو پورو حصو ورتو ۽ سمورو وقت پيش پيش رهيا. مولانا مرحوم سان جامع اوراق، فقير وفائي جون ڪيترا دفعا ملاقاتون ٿيون. صابر ۽ عابد، زاهد، نيڪ بخت بزرگ هو. تمام پيرسنيءَ سبب سماعت ۾ ڪجهه خلل به آيو هوس. افسوس جو هي ديرينه سال ۽ اڳين جو يادگار بزرگ سن 1360هه ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو. سندس وفات تي تاريخي مرثيا جيڪي لکيا ويا آهن، تن مان به قطعات هيٺ ڏجن ٿا:

### از: مولوي محمد صاحب ٻنوي

زمين و فلک زار بگريست دوش
بيفتاد اهل جهان در خروش
چون زنده دل زين جهان رخت بست
کشيده لباس بقارا بدوش
جهان جملگي گشت ظلمت کده
رخ خويش چون کرد در پوش
بهر گوشہ گسترد خوان علوم
بتدريس در زندگاني بجوش
بابر کرم تربتش تازه باد
بعزت بود خلد نور پوش
بتاريخ رحلت ندايم رسيد
کہ او مرد حق شيخ کامل بگوش
1360ھ

### ايضاً

چراغ شريعت سراج هديٰ
کريم طبيعت امين الوريٰ
بہ پيچيده زين دار پهلوي خويش
گزشت از فنا رفت سوئي بقا
بسر دل . بجستم سن رحالتش
4
”سليمان رضوان حق“ شد ندا
1360ھ

## 267. ميرڪ محمد احسن ٺٽوي

ميرڪ محمد احسن ولد ميرڪ محمد شفيع ولد شيخ الاسلام ميرڪ محمد مهدي ولد شيخ الاسلام مير عبدالباقي ثاني (متوفي 1058ھ) خانداني لحاظ کان وڏي علمي گهراڻي جو بزرگ هو، جنهن

ڪري هن ۾ اباڻيون علمي فضيلتون ۽ نيڪ عادتون موجود هيون، جنهن ۾ نادر شاهه دهلي تي ڪاهي سنڌ ندي وارن علائقن کي دهلي کان جدا ڪري پنهنجي قبضي ۾ آندو تنهن زماني ۾ ميرڪ محمد احسن داغستان ۾ وڃي نادر شاهه سان مليو ۽ ٺٽي مان شيخ الاسلامي جو عهدو ختم ٿي ويو هو. تنهن جو پروانو نادر شاهه کان پنهنجي نالي نئون ڪرائي ٺٽي ۾ اچي پهتو. هن سموري حياتي ڪمال انسانيت ۽ وڏي امتياز سان گذاري ۽ آخر سن 1167 ۾ هن دنيافاني مان لاولد فوت ٿي ويو. ڪنهن شاعر سندس هيئين مصرع مان سندس تاريخ وفات ڪڍي آهي. "جنت الماويٰ محل احسن است" (تحفه)

## 268- ميرڪ محمود ٺٽوي

ميرڪ سيد محمود ولد شيخ مير ابو سعيد پوراني بن مير علي شير سبز واري قنڌهاري سڀ کان پهريان ميرڪ محمود ۽ مير بايزيد قنڌهار مان لڏي سنڌ ۾ پهتا. انهيءَ زماني ۾ ارغون خاندان جو سنڌ تي قبضو ٿي ويو هو. انهن ٻنهين ڀائرن مان ميرڪ محمود ٺٽي ۾ شيخ الاسلامي جي عهدي تي پهتو ۽ مير بايزيد ٻکر ۾ رهجي پيو. مرزا شاهه حسن بيگ ولد مرزا شهه بيگ ارغون جي زماني ۾ شرعي فيصلا شيخ الاسلام ميرڪ ڪندو رهندو هو ۽ هن تي مرزا جو پورو پورو اعتماد هو.

سن 960 ۾ جڏهن مرزا شاهه حسن تي فالج جي بيماري جو حملو ٿيو ۽ ٺٽي کان ٻيڙي ۾ سوار ٿي ٻکر وڃي رهيو هو تڏهن ٺٽي جي مرزا جي ڪن ملازمن جي سرڪشي حد درجي کي پهچي وئي. جن هڪ رات جو هڪ ارغوني خاندان جي پيٽ واري عورت کي لتون هڻي سندس ٻار ڪيرائي ڇڏيو. اها ڳالهه مرزا شاهه حسن کي پهچائي وئي. جنهن ارشاد ڪيو ته شيخ الاسلام ميرڪ کي خط لکي سموري واقعي کان واقف ڪيو وڃي ۽ شريعت موجب هڪ جيڪا سزا تجويز ڪري، سا جوابدارن کي ڏني وڃي. (معصومي)

ميرڪ محمود، علم فضل، سخا، زهد، تقويٰ ۾ يگانه روزگار هو. هن جي علمي فيض جو دروازو سڀ ڪنهن لاءِ کليل هو، جنهن

مان سون شاگردن فائدو حاصل ڪيو. هو پنهنجي وقت جي عالمن ۾ سڀ ڪنهن خصلت ۾ بلڪل اڳرو هو. خوش خطي جي فن ۾ يگانه روزگار هو. خصوصا نستعليق خط ۾ جهڙس ڪوبہ ڪونہ هو. ايترين خاصيتن ۽ نيڪ خصلتن واري بزرگ محرم 962هہ ۾ هن دنيا فاني کي هميشہ لاءِ الوداع ڪيو. هينئن فقري مان سندس وفات جي تاريخ حاصل ٿئي ٿي. "رفت ميرڪ آه آه"

ٺٽي ۾ پنهنجي محلي ۾ وڏي مسجد ۽ مڪلي تي گنبذ سندس يادگار آهن، پنهنجي پوئتان 3 فرزند عالم فاضل ڇڏي ويو.

## 269- ميرڪ عبدالباقي پوراني ٺٽوي

مير عبدالباقي ولد مير محمود شيخ السلام ميرڪ پوراني. هو بزرگ پنهنجي والد وانگي مرزا عيسيٰ ۽ مرزا محمد باقي جي زماني ۾ شيخ الاسلامي جي عهدي تي پهتو. فضيلتن ۽ ڪماليتن جو جامع هو. جدا جدا علمن ۽ هنرن ۽ ڪاريگرين جو يگانو بزرگ هو. لطيف مزاج ۽ باوقار هڪ ئي هو. سندس مروت ۽ انسانيت بلند درجي تي پهتل هئي. اگرچہ آمدني گهٽ هيس، مگر ان هوندي بہ ايندڙ ويندڙ سندس احسان واري دسترخوان کان حصو حاصل ڪندا رهندا هوا. سندس گهر ۾ مختلف قسمن جا ڏاڍا لذيذ کاڌا پچندا هوا. خاص طرح مون کي معلوم ٿيو آهي تہ مٺيون ۽ چاشني دار شيون اهڙيون تيار ٿينديون هيون جو ڪنهن کي بہ ٻئي هنڌ اهڙيون لذيذ نصيب نہ ٿيون هونديون. ميرڪ عبدالباقي علم حڪمت ۽ فلڪيات ۽ اقليدس ۾ خاص طرح وڏو عالم هو. مولانا عبدالخالق گيلاني جو شاهہ فتح الله شيرازي ۽ مرزا جاه شيرازي جي پائي جو عالم هو، سو پڻ ميرڪ عبدالباقي کان ڪي مشڪل علمي سوال اچي حل ڪندو هو. تحرير اقليدس ۾ هن نيون شڪليون پيدا ڪيون جي عالم عالمن وٽ قبول پيون. شعر ۾ بہ وڏو دسترس هوس. هو وڏي قابليت وارو اولاد ڇڏي 983 ۾ هن فاني دنيا مان وفات ڪري ويو. (معصومي)

مير عبدالباقي ثاني ولد مير محمود ثاني هي بزرگ بہ پنهنجي والد کان پوءِ ورثہ طور ٺٽہ جي شيخ الاسلامي واري عهدي تي فائز ٿيو.

نيڪي سان دنيا مان وقت گذاري سن 1058 ۾ لاڏاڻو ڪيائون. سندس وفات جي تاريخ هيٺئين مصرع مان نڪري ٿي.

"مير عبدالباقي آسود بفردوس نعيم"

مير عبدالهادي ولد مير عبدالباقي ثاني هي پڻ اباڻي علمي وراثت موجب پنهنجي والد بزرگ کان پوءِ ٺٽي جو شيخ الاسلام مقرر ٿيو. سن 1086ھ ۾ هن جهان بي بقا مان بقا واري جهان ڏانهن روانو ٿي ويو. سندس وفات جو سال هيٺئين مصرعي مان حاصل ڪيو ويو.

"هادي اهل اڪرم يافت مقام محمود"

هي بزرگ لاولد فوت ٿيو. رحمت الله عليهم (تحفة الڪرام)

# 270. ميرڪ عبدالوهاب پوراني ٺٽوي

علمي، فضيلت ۽ سخاوت ۽ شجاعت جو جامع ميرڪ عبدالوهاب بن ميرڪ بايزيد بن مير ابوسعيد پوراني بڪري. ٺٽي جي شيخ الاسلام ميرڪ محمود جو سڳو ڀائيٽو هو. هي صاحب بکر مان هجرت ڪري ٺٽي ۾ اچي رهيو. هن مرزا شاهه حسن ارغون، مرزا عيسيٰ ترخان ۽ سندس فرزند مرزا محمد باقي جو سمورو زمانو ڏٺو.

عمده خصلتن ۽ پسنديده عادتن جو مالڪ هو. هن جي مجلس هميشه زنده دلي ۽ علمي مذاق واري هوندي هئي. شعر و سخن سمجهڻ جو ڪيس بلند مقام حاصل هو. زاهد ۽ پرهيزگار ته هن جهڙو سندس وقت ۾ ڪو مشڪل سان ملي سگهي. هميشه نصيحت ۽ واعظ جو شغل جاري رکندو هو. بادشاهن کي حق جي ڪلمه چوڻ ۽ سڌي رستي هلائڻ هن جو بهترين مشغلو هو. ظلم ۽ بدعت جي پاڙ پٽائڻ ۾ هميشه سعيو ڪندو رهيو. فقيه به هڪڙو ئي هو. "جامع فتاويٰ پوراني" جو علم فقه ۾ هڪ مشهور ڪتاب آهي. سندس تصنيف ٿيل آهي.

ايتري حد تائين سخي هو جو شاعر ۽ عالم ۽ ٻيا ضرورت مند هن جي مهمان خاني ۾ هميشه موجود هوندا هوا ۽ ڪوبه سوالي وٽانئس خالي ڪونه ويندو هو.

مرزا شاهه حسن ارغون جي طبع ۾ هن کي ڏاڍو دخل هو ۽ گهرو معاملات ۾ تمام گهڻي حد تائين سندس معتمد ۽ پروسي جهڙو هو.

مرزا شاهه حسن ڪان جڏهن مرزا ڪامران ولد ظهيرالدين همايون سنڌس نياڻي ڪوچڪ بيگم جو سنگ گهريو ته اها مائٽي به مير عبدالوهاب جي مشوري ڪان پوءِ ٿي. مرزا ڪامران ڪي جو ان وقت پاڻ وٽ رهايو ويو هو. اتي شادي ڪرائڻ جو انتظام مير عبدالوهاب جي حوالي ٿيو ۽ بيگم ڪي نٿي مان مير عبدالوهاب پاڻ سان پاٽ وٺي آيو ۽ شاهاني نموني شادي ڪرائي ڏنائين.

مرزا شهه حسن آخر عمر ۾ چون ٿا ته همايون بادشاهه جي بددعا سان بيمار ٿي پيو. بيماري هئي فالج (اڌ رنگ) جي جنهن ڪري مرزا صاحب صفا بيڪار ٿي ويو. هوا بدلائڻ لاءِ نٿي مان بکر هليو آيو ته پوئيتان اميرن بغاوت ڪري شاهه حسن جي وڏي امير مرزا عيسيٰ ترخان جي بيعت ڪئي. انهيءَ خبر مرزا شاهه حسن ڪي ڏاڍي تڪليف پهچائي ۽ غصو آيو.

مرزا عيسيٰ وفادار امير هو. هن ڪي بغاوت جو ڪو به خيال ڪون هو، تنهن ڪري ڏاڍو پشيمان ٿيو. مگر هن جي پاران مرزا شاهه حسن ڪان معافي ڪير وٺرائي ڏئي. آخر مير عبدالوهاب ڪي وچ ۾ آندو ويو، جنهن بادشاهه جو غصو گهٽايو ۽ مرزا عيسيٰ ڪي معافي وٺرائي ڏني.

مرزا شاهه حسن جي جڏهن بيماري تمام سخت ٿيندي وئي تڏهن مير عبدالوهاب جو بيماري واري حالت ۾ هڪ منٽ به ڪائونس جدا نه ڪيو ويندو هو. تنهن مرزا شاهه حسن ڪي بکر مان نٿي هلڻ جو مشورو ڏنو. هي سمورو قافلو ٻيڙين جي رستي روانو ٿيو، جنهن ۾ سلطان محمود بکري، شهه شاهه حسن جو وفادار ۽ جان نثار امير ۽ سنڌس پياري بيگم ماه بيگم پڻ ساڻ هئي، آخر اهو ٻيڙين جو قافلو جڏهن علي پوٽا وٽ پهتو، تڏهن مرزا شاهه حسن جي حالت وڌيڪ خراب ٿي. مير عبدالوهاب ۽ سلطان محمود بکري شاهه حسن جي مٿن ڪان ويٺل هوا.

شاهه حسن دم ڏنو. اُن وقت مير عبدالوهاب ٻاهر نڪري ملڪ ماه بيگم ڪي اطلاع ڏنو ۽ سلطان محمود بکري ۽ ماه بيگم ڪي پاڻ ۾

اتحاد ڪرايو ته هو هڪ ڳالهه تي ٻيئا هجن ته جيئن سنڌن اختلاف ڪري، دشمن ملڪ تي قبضو نه ڪري وٺن. انهي ئاهه ڪان پوءِ غسل ۽ ڪفن جو سمورو ڪم به مير عبدالوهاب سرانجام ڪيو. اتي اختلاف ٿيو ته لاش کي بکر ڪٺي وڃجي يا ٺٽي.

سلطان محمود جو بکر ڪٺي وڃڻ جو ارادو هو، مگر ماه بيگم اختلاف ڪيو. آخر مير عبدالوهاب جي ارشاد تي سلطان محمود پنهنجي ارادي تان هٿجي ويو ۽ مير عبدالوهاب مرزا شاهه حسن جو جنازو ٺٽي ڪٺائي پهتو. (معصومي)

مرزا شاهه حسن جي وفات کان پوءِ مرزا عيسيٰ جي زماني ۾ به مير عبدالوهاب ساڳي عزت ۽ قبوليت جو مالڪ هو ۽ مرزا محمد باقي جي زماني ۾ اگرچه بادشاهه سان تقرب نه رکيائين، مگر ان هوندي به سندس قديم جاگيرون بحال رهيون، جنهن ڪري مهمان نوازي ۽ سخاوت جو ڪم بحال رکندو آيو. مرزا محمد باقي هڪ ڪنجوس ۽ حاسد ۽ ظالم ڏاڍو سخت مزاج انسان هو، جنهن ڪري هن جي زماني ۾ ڪيترائي درويش ۽ عالم ۽ امير، شهري ۽ مسافر قتل ٿيندا رهيا. ميرڪ عبدالوهاب جي شهادت جو واقعو به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. ان جو تفصيل تاريخ طاهري واري هيٺئين ريت ڏنو آهي.

حقيقت ۾ ميرڪ عبدالوهاب ترخان گهراڻي وارن جو مرشد هو. جنهن سان مرزا محمد باقي ترخان جي دل ۾ وير ۽ حسد پيدا ٿيندو رهيو، ڇاڪاڻ جو ميرڪ عبدالوهاب وڏو سخي مرد هو ۽ ڏورانهن ملڪن جا عالم ۽ فضل وارا ماڻهو سمنڊ جي رستي جيڪي ٺٽي ۾ ايندا هوا، تن جي مهمانداري، نيڪي ۽ مروت جي برتاءُ ۾ ڪين گهٽائيندو هو. هنن کي خوراڪ کان سواءِ پهراريون، انعام ۽ سفر جو سامان به ڏيندو هو. مرزا محمد باقي کي دل ۾ آيو ته ميرڪ عبدالوهاب جي اها شاهاڻي روش منهنجي بدناموسي جو ڪارڻ آهي، تنهن ڪري بهتر آهي تنهن کي ختم ڪرائي ڇڏجي ته پوءِ نه ڪو پرديسي مسافر وٽس ايندو ۽ نه وري هن جي نيڪ نامي ۽ منهنجي بدنامي ٿيندي. هوڏانهن حقيقت ۾ مرزا باقي جي گادي يا حڪومت هٿ ڪري ڏيڻ ۾

۽ ميرڪ جوئي هٽ هو، مگر هن ناحق شناس بادشاهہ ان جو ڪوبہ خيال ڪونہ ڪيو ۽ سندس قتل ڪرائڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيائين ۽ پنهنجي دولت جي بدخواهي جو ڪوبہ خيال نہ ڪيائين.

قاضي خميسو جاهل جو مرزا جي اميرن مان هو، ميرڪ جي شهيد ڪرڻ تي ان کي مقرر ڪيو ويو. مشورو هيئن ڪيو ويو جو عيدگاهہ کان موٽندي حملو ڪيو وڃي تہ بهتر آهي. عيدالفطر جي نماز ادا ڪري جيئن مڪلي تان پنهنجي جماعت سميت شهر ڏانهن موٽي رهيو هو تہ رستي تي قاضي خميسي جي اشاري سان مٿس حملو ٿيو ۽ وڏو عالم ولي درويش سيد ڏينهن ڏٺي بي گناهہ راهہ ويندي شهيد ڪيو ويو. اهو واقعو سال 990 هہ ۾ ٿي گذريو. (طاهري)

ساڻس گڏ سندس سئوٽ ميرڪ عبدالرحمان بن ميرڪ محمود بہ شهيد ٿي ويو، جو هڪ وڏو صوفي موحد عالم هو. (معصومي)

## 271. خليفو عبدالوهاب عباسي ٺٽوي

عباسي خاندان مان هي هڪ وڏو بزرگ ٺٽي جي ٻاهران رهندو هو. هن جي درويشي ۽ ولايت جي پري پري مشهوري پهتي هئي. سندس صوفيانہ تصرف سبب جهنگلي جانور ۽ پکي چوڌاري اچي گڏ ٿيندا هوا. ڪاٿونس ٽڏهن پري ٿينداهوا، جڏهن ٻيو ڌاريو ماڻهو اچي نڪرندو.

ترخان گهراڻي جي حاڪمن جي هن بزرگ سان بيحد عقيدت هئي. مرزا محمد باقي انهيءَ عباسي خاندان مان شادي بہ ڪئي هئي. جنهن ڪري خليفي جي بيحد رعايت رکي ويندي هئي، مگر سندس ڪرامتون ۽ معجزا ڏسي مرزا کي ڏاڍو حسد پيدا ٿيو، جنهن ڪري خيال ٿيس جيڪڏهن حد کان وڌيڪ ماڻهو هن جي چوگرد اطاعت ۾ اچي جمع ٿيا تہ پوءِ ممڪن آهي تہ منهنجي بادشاهت کي نقصان پهچي وڃي، تنهن ڪري بهتر ٿيندو تہ هن کي قتل ڪرائي خطره کان ٻاهر ٿجي. انهيءَ ڪم لاءِ مرزا پنهنجي مهر داد نوڪر خليل کي مقرر ڪيو تہ هو وڃي هن ولي الله جو ڪم لاهي اچي. خليل پنهنجي ماڻهن

ڪي چيو تہ جڏهن آءٌ درويش عبدالوهاب سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري دعا گهرائڻ لاءِ هٿ مٿي ڪٽان تہ اوهان هڪدم مٿس حملو ڪري سندس ڪم پورو ڪري ڇڏيو.

انهيءَ تياري ۽ واردات جي سڌ خليفي عبدالوهاب کي بہ وڃي پهتي، جنهن تي سندس پٽ ۽ جماعت مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا، مگر هن درويش فرمايو تہ الله تعاليٰ جي رضا اڳيان سر تسليم خم ڪرڻو آهي. وقت جي مسلمان حاڪم جي بي فرماني ڪرڻ چڱي ناهي تنهن ڪري اوهان ڪجهہ بہ نہ ڪريو، جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيڻ ڏيو.

خليل ذليل جڏهن هن بزرگ وٽ پهتو، تڏهن پاڻ اڪيلو مصلي تي ويهي رهيو فقط سندس هڪ فرزند محمد صادق نالي خنجر لڪائي پنهجي والد وٽ بيهي رهيو. گفتگو ملاقات کان پوءِ جڏهن دعا لاءِ هٿ مٿي ڪنيا تہ سندس ماڻهن خليفي اهل الله تي حملو ڪري شهادت جو شربت پياري ڇڏيو. خليفي جي فرزند محمد صادق کان اهو سور نہ سنو ٿيو، تنهن خليل تي خنجر جا ٻہ چار حملا ڪيا اگرچہ موت کان بچي ويو، مگر سندس نڪ صاف ڪپجي ويو. محمد صادق کي اُتي شهيد ڪري پنهنجي والد جي اڳيان اچلايو ويو. اهو واقعو سن 990هہ ۾ تي گذريو. (طاهري)

تحفة الڪرام ۽ طاهري ۾ آهي مرزا محمد باقي جو نوڪر خليل جيترو وقت دنيا ۾ جيئرو رهيو تہ نڪ تي ڪپهہ رکي اڳڙي ٻڌي، نڪ ڪپجڻ جي عيب کي لڪائيندو هو. نڪ تي اڳڙي اهڙي طريقي تي ٻڌي ويندي هئي جيئن ٻيو ڪو سمجهي تہ شايد اکين اٿڻ ڪري ائين ڪيو اٿس. هوڏانهن اها هڪ ولي خدا جي ضرب جو مٿس نشان هو. خليفي عبدالوهاب کي ٻيو هڪ فرزند هاشم نالي هو، جو نهايت ناز نعمت ۾ نپيو هو. هو ان واقعي کان پوءِ گهوڙي سميت دريا ۾ غرق ٿي ٻڏي مئو. جو سندس لاش بہ هٿ نہ آيو. باقي خاندان جا ماڻهو هن خوفناڪ حادثي کان پوءِ سنڌ ڇڏي ڪنهن ٻي وطن ڏانهن هليا ويا. (طاهري)

# 272- مرزا احمد علي براهوئي

مرزا احمد علي صاحب تخلص احمد اصل بلوچستان جو رهاڪو هو. خان قلات مير خداداد خان سان ڪنهن اختلاف جي بنياد تي هن جا وڏا سنڌ ڏانهن هجرت ڪري آيا آهن ته انهن ۾ مرزا احمد علي صاحب به هو. اها هجرت 1873 ۾ ٿي. هو پهريان جيڪب آباد اچي رهيو. ان کان پوءِ رياست خيرپور ۾ سر مير علي مراد ٽالپر وٽ پهتو. هو فارسي جو بيحد خوش گو شاعر ۽ وڏي قابليت جو مالڪ هو، جنهن ڪري مير صاحب وٽ سندس ڏاڍو قدر ٿيو. مير صاحب جي ڏيڍ سال مصاحبت کانپوءِ هن سرڪاري ملازمت ڪئي ۽ سالٽ انسپيڪٽر مقرر ٿيو. انهيءَ ملازمت جي سلسلي ۾ ٺٽي ۾ برابر عيال سميت 12 سال مقيم ٿيو. ٺٽي ۾ اُن زماني ۾ استاذ الشعراء مخدوم ابراهيم صاحب خليل موجود هو، جنهن جي صحبت ۾ مرزا جي شاعري ڏاڍي چمڪي. ڪراچي جي مفرح القلوب اخبار ۾ سندس فارسي ڪلام شايع ٿيڻ لڳو ۽ فارسي ۾ طرحي مشاعرن ۾ به حصو وٺڻ لڳو ۽ ان وقت جي شاعرن جا ڪلام مفرح القلوب اخبار ۾ شايع ٿيندا هوا.

مرزا صاحب جو تذڪرو مخدوم ابراهيم خليل پنهنجي ڪتاب "تڪلمة مقالات الشعراء" ۾ به ڪيو آهي ۽ هونئن به سندس ڪلام مفرح القلوب جي جلدن ۾ به محفوظ آهن. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سوار چا بک من عزم ميدان کرد مي آيد
سمند ناز را يکسر بجولان کرد مي آيد
مرا جمعيت خاطر چسان مانند آن سرکش
کلہ کج کرده و کاکل پريشان کرد مي آيد
بہ هندوستان علم افراخت حُسن دلربائي او
کنون آهنگ تسخير خراسان کرد مي آيد
بچشم نرگسين و زلف کافر کيش خلقي را
هزاران رخنها در دين و ايمان کرد مي آيد
بہ يک عشوه دل از من برد چشم مست و مخمورش

نگاهش بار قصہ غارت جان کرده مي آيد
نخستش بود بہ "احمد" عهد و پيمان وفاداري
کنون برکف ترک پيمان کرده مي آيد

## ايضاً

آتش رخسار خود کردي نهان و خلق را
شعلہ هادر خرمن صبر و قرار انداختي
دل بچو گانِ خم زلفش چو گوءِ افتادو رفت
احمد اتا دين بر آن شهسوار انداختن

## ايضاً

کشتن عاشق جزين نيست ز دست تو عجب
زانکہ تو عهده قتلش از روز نخست کرده
شستہ جهان ز زندگي دست دران دم اي صنم
تاتو بخون ما کمر چابک و چست کرده

جڏهن رياست قلات جون حالتون درست ٿيون. مير خداداد خان جي جاءِ تي سندس فرزند مير محمود خان برطانيہ جي ماتحت والي قلات بڻايو ويو تہ ان وقت خان قلات مرزا احمدعلي خان کي پاڻ وٽ گهرائي بلوچستان ۾ متوفي جي عهده تي مقرر ڪيو، مگر هڪ سال مس گذريو هوس تہ چنچر ڏينهن 2 ذي القعد 1312هہ مطابق 1894ع ۾ هن دنيا مان وفات ڪري ويو ۽ ڪوئٽہ ۾ سندس نعش کي دفن ڪيو ويو.

## 273۔ مير عبدالباقي پوراني سڪري

مير عبدالباقي ولد مير بايزيد ولد ميرڪ ابو سعيد بن مير علي شير سبزواري ميرڪ سعيد سيد شيخ جلال بايزيد پوراني جو ڏهٽو آهي. ابو سعيد جو فرزند مير بايزيد سبزوار (ايران) مان لڏي قندهار ۾ اچي ويٺو، جتان سندس ہہ فرزند مير بايزيد ۽ ميرڪ محمود شهہ بيگ ارغون سان گڏ سنڌ هليا آيا. جن مان ميرڪ محمود ٺٽہ جو

شيخ الاسلام مقرر ٿيو ۽ اُتي ئي رهيو ۽ ميرڪ بايزيد بڪر جو شيخ الاسلام واري عهدي تي رهي سکر ۾ رهيو.

شيخ الاسلام ميرڪ بايزيد جي وفات کان پوءِ سندس فرزند مير عبدالباقي وڏي بزرگي ۽ ڪماليت جو صاحب ٿيو. تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو ته:

”مير عبدالباقي بفور ڪمال مرجع صغار و ڪبار زيسته و مضجعش بيرون سکهر زيارتگاه خلائق“ مير عبدالباقي جو اگرچه مفصل احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي، مگر سندس وفات کان پوءِ سندس اولاد سکر ۾ اڄ تائين ميرڪي ساداتن جي لقب سان مشهور آهي.

مير عبدالباقي ۽ سندس پاءُ مير عبدالوهاب ٺٽوي جنهن جو ذڪر ٿي آيو سڀ سنت جماعت جا عالم هوا، مگر هن وقت سکر ۾ ۽ ٺٽه ۾ جيڪو به سندن اولاد آهي سي سمورا شيعا ٿي ويا آهن. مير عبدالباقي 3 رمضان سن 1019ھ ۾ وفات ڪئي. سندس تاريخ وفات لاءِ هيٺئين قطعه گنبذ تي مثبت آهي:

مير عبدالباقي پوراني قطب ڪه بود
قدوه آل رسول و زبدهء خاص اله
سال فوتش شيخ قاضي شاه محمد زد رقم
دار جان را مير عبدالباقي پوراني آه

تاريخ 3 شهر رمضان 1019ھ

## 274- ڇٽو امراڻي سيوستاني

ڇٽو امراني اصل ۾ سنڌ جي راءِ گهراڻي جو امير آهي. راجا دلوراءِ جي سوٽن مان هو. دلوراءِ پنهنجي ظلم ۽ ستم راني ۾ هڪ زبردست مشهور ماڻهو هو. هن جي ظلمن سبب جنهن الور (اروڙ) جو شهر ويران ٿي ويو، تڏهن برهمن آباد ۾ اچي رهيو ۽ اُتي به سندس ظالمانه ڪارروايون بدستور جاري رهيون. ڇٽو فطرتي طرح نيڪ طبع جو انسان هو ۽ ان وقت عباسي خاندان جي گورنرن جي سنڌ تي حڪومت هئي،

جنهن ڪري هو اسلامي عقيدا سکي ڳجهه ڳوهه ۾ مسلمان ٿي رهيو.هن کي سنڌن عزيزن جڏهن شادي لاءِ زور آندو، تڏهن انڪار ڪيائين چاڪاڻ جو هو هندو ڌرم کان بيزار ٿيل هو، جنهن تي ڪن ماڻهن ٽوڪ طور چيس ته هو شايد عرب ملڪ مان وجي عربياڻي پرڻجي ايندو. انهيءَ ڪري هندو سنڌي عورت قبول نه ٿو ڪري. چون ٿا ته هو انهيءَ زماني ۾ حج جي ارادي سان روانو ٿي ويو، جڏهن مڪ معظمه ۾ پهتو تڏهن هڪ ٻُڍي عورت کي ڏٺائين، جا دڪان تي قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهي هئي. هن کي اها ڳالهه پسند آئي. ٻيهي پڙهڻ لڳو. مائي چيس ته بابا ڇو بيٺو آهين؟ چيائين ته قرآن جي قرآت پڙهڻ لاءِ. جيڪڏهن احسان فرمائي مون کي به قرآن جي قرآت سيکارين ته گولو ٿي رهندس! مائي چيو ته منهن جي استاد به منهن جي ڌي آهي، هو پرده نشين آهي. تون جيڪڏهن زنانو لباس ڍڪي خاموش هلي سندس درس ۾ شريڪ ٿئي. آخر ڇنو ان ريت قرآت جي درس ۾ پهچي ويو. چون ٿا انهيءَ ڇوڪري کي علم نجوم ۾ به مهارت هئي، جنهن کي نجوم جي زائچه مان معلوم ٿيو هو ته سندس شادي سنڌ جي رهاڪو مرد سان ٿيندي، جنهن کان پوءِ ڇني سان سندس شادي ڪرائي ويئي. ان کانپوءِ ڇنو پنهنجي انهيءَ ٻي ٻي سميت جنهن جو نالو فاطمه هو. سنڌ ۾ واپس موٽي آيو.

دلو راءِ جي شهر برهمڻ آباد ۾ پهچڻ کان پوءِ دلو راءِ زور آندو ته ڇني جي زال فاطمه سندس حوالي ڪئي وڃي. چاڪاڻ ته هن نامراد جو رواج هو ته نئين ڪنوار پهريان سندس حوالي ٿيندي هئي، مگر ڇني انڪار ڪيو ۽ هن کي وعظ و نصيحت ڪرڻ لڳو، مگر دلوراءِ باز نه آيو. آخر هڪ ڏينهن ڇنو گهر کان ٻاهر ويل هو، ان وقت وجهه وٺي دلوراءِ سندس گهر ۾ گهڙي پيو، مگر ڇنو بروقت پهچي پنهنجي زال کي پاڻ سان وٺي شهر ڇڏي هليو ويو ۽ بد دعا ڪيائين ته هي شهر غرق ٿي ويندو، جو آخر ائين ٿيو ۽ شهر ٽن ڏينهن اندر زلزله ۾ برباد ٿي ويو. (تحفة الڪرام)

ٻئي روايت ۾ آهي ته ڇنو دلوراءِ جي ظلمن کان بغداد جي خليفه وٽ 4 صدي هجري ڌاري دانهن کڻي ويو. جنهن سان سيد علي مڪي گڏجي سنڌ ۾ آيو. دلوراءِ جو شهر برهمن آباد قدرتي طرح برباد ٿي ويو.

دلوراءِ ان ڪان پوءِ سيوهڻ ۾ اچي رهيو ۽ پنهنجي هڪ نياڻي جي شادي به سيد علي مڪي سان ڪرايائين ۽ جنهن مان لڪياري سيدن جو خاندان سنڌ ۾ وڌيو ۽ پکڙيو آهي. ڇنو امراني حقيقت ۾ دلوراءِ جو مائٽي ياءُ هو ۽ سندس والده جو نالو "آمره" هو. جنهن ڪري هن تي امراني جي نسبت پئي آهي. (تحفة الڪرام قلمي نسخو) ڇنو امراني حاجي حافظ درويش عارف سيوهڻ ۾ چوٿين هجري جي پڇاڙي يا پنجين صدي جي اوائل ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو.

• سندس مقبره تي شاهه جهان جي زماني ۾ سيوهڻ جي حاڪم سيد دينار شاهه عرف پوهه هڪ گنبذ ٺهرايو، جنهن تي هيٺيون ڪتبو لڳل آهي:

بدور شهنشاهه شاهه جهان
خديو خرد مند صاحبقران
چو خلد برين روضئہ شاهه چئہ
بنا کرد نواب دينار خان
ز سال بنايش طلب داشتند
بهشت بروئي زمين گفت عثمان

1042 هه

گنبذ هن وقت به چڱي حالت ۾ آهي. صحن تي سبز ڪاشي جون سرون لڳل آهن، ديوارين تي ڪاشي ڪاري ٿيل آهي ۽ مٿيون ڪتبو به ڪاشي جي سرن تي مغربي ديوار تي لڳل آهي.

# 275۔ مخدوم عثمان مروندي سيوستاني

سيد عثمان مشهور لعل شهباز قلندر بن سيد حسن ڪبيرالدين بن سيد شمس الدين بن سيد صلاح الدين بن سيد شاهه بن سيد خالد بن سيد محب بن سيد مشتاق بن سيد اسماعيل بن سيد امام جعفر صادق بن امام محمد باقر بن امام زين العابدين علي بن امام حسين بن امام علي بن ابي طالب رضي اللهب تعاليٰ عنهم اجمعين.
(اخبار اولياء و گنج تاريخ)

قلندر نامہ ۾ لکي ٿو تہ شمس الدين سيد عثمان لعل شهباز آذربائيجان جي پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ مرند ۾ 538ھ ۾ تولد ٿيو.

شروع ۾ قرآن شريف ياد ڪيائين ۽ ان کان پوءِ ٻيا علم سمورا حاصل ڪري وڏو فاضل ٿيو. ظاهري علمن جي ڪماليت کان پوءِ، بابا ابراهيم ڪربلائي جي خدمت ۾ پهچي باطني علم حاصل ڪيائين ۽ ڪائونس ئي خرقہ خلافت ڏنائين. ڪتاب معارج الولايت ۾ آهي تہ "قلندر شهباز" ظاهري ۽ باطني ڪمالات جو مالڪ آهي. پڙرين ۽ ڳجهين ڪرامتن جو صاحب هو. ڪرامتون ۽ ڏکيون ڳالهيون بي اختيار هن کان ظاهر ٿينديون رهنديون هيون. هو اصلي سنڌ جو رهاڪو آهي. حسيني سيدن سڳورن جي خاندان مان آهي. هو مريد ۽ خليفہ شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني جو آهي. هن ۾ جذب ۽ مستي نهايت چوٽ تي چڙهيل هئي، تنهن ڪري شريعت جي حڪمن جو پورو پابند ڪونہ رهندو هو. ملاميہ فرقہ جي طريقي تي هلندو هو. حسن پرستي کان سواءِ گياھ سبز (ڀنگ) بہ گهڻي انداز ۾ پيئندو هو. ڳاڙها ڪپڙا ڍڪيندو هو، شهباز جو لقب سندس مرشد وٽان مليو هوس. جنهن صورت ملاميہ طريقي تي هو، تنهن ڪري ماڻهو ڪيس قلندر سڏيندا هئا. گهڻين ڪرامتن ظاهر ٿيڻ ڪري هزارين ماڻهو سندس معتقد ۽ مريد ٿيندا رهيا. (خزينت الاصفياء).

قلندر نامہ ۾ لکيل آهي تہ لعل شهباز مريد شيخ بابا ابراهيم جو هو. مدارج الولايت وارو لکي ٿو تہ هو شيخ بهاءُ الدين ملتاني جو مريد ۽ خليفو آهي، مگر حقيقت هيءَ آهي، هو ٻنهين بزرگن جو تربيت يافتہ هو. اخبار الاولياء مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو بابا ابراهيم جو مريد نہ هو پر سندس خليفي شيخ جمال مجرد جو خليفو هو ۽ سندس سلسلہ پيري جو هن ريت آندو ويو آهي. "سيد عثمان مرند مريد شيخ جمال مجرد جو ۽ اهو مريد شيخ بابا ابراهيم مجرد جو، اهو مريد شيخ عاقل شهيد جو، اهو مسڪين شهيد جو ۽ اهو شيخ مرتضيٰ سبحاني جو ۽ اهو مريد امام جعفر رضي الله عنه جو.

مير قانع لکي ٿو تہ "مخدوم لعل شهباز قلندر سير ڪندي 662 سنڌ مان لنگهي اچي ملتان ۾ پهتو ۽ انهيءَ زماني ۾ ملتان جو حاڪم

شهزاده محمد ولد سلطان غياث الدين بلبن دهلوي هو. شهزادو هڪ نوجوان، نيڪ بخت عالمن، صالحن جو صحبتي هوندو هو. شيخ بهاءُالدين ذڪريا ۽ شيخ فريد شڪر گنج سندس دوستن ۾ داخل هوا. امير خسرو دهلوي ۽ دهلي جو مشهور صوفي شاعر مير حسن سندس درباري هوا، شهزاده محمد لعل شهباز قلندر کي ملتان ۾ رهڻ لاءِ گهڻو ئي چيو، مگر پاڻ قبول نہ ڪيائون. اتان اڳتي روانو ٿي شاهہ شمس بو علي قلندر جي خدمت ۾ پهتو، جنهن چيس تہ هندوستان ۾ اڳ ئي ٽي سو قلندر موجود آهن، تنهن ڪري بهتر تہ تون وري موٽي سنڌ ڏانهن هليو وڃ!“

انهيءَ اشاري ملڻ کان پوءِ هو صاحب سنڌ ۾ واپس وري اچي سيوهڻ ۾ سڪونت پذير ٿيو. سيوهڻ ۾ جنهن هنڌ تي اچي رهيو. اُتي آس پاس ڪجهہ بد پيشہ عورتون رهنديون هيون. مخدوم شهباز جي رهڻ ڪري اهڙو تصرف ٿيو جو انهيءَ رات جيترا بہ بدڪار مرد، انهن عورتن وٽ رهيل هوا سي پنهنجي فعل تي سگهارا نہ ٿي سگهيا. صبح جو جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿين تہ سندن پاڙي ۾ ڪو ولي الله اچي رهيو آهي، جنهن ڪري اُهي سموريون زالون تہ توبہ تائب ٿي آئنده لاءِ بد پيشي کان باز آيون. (تحفة الڪرام)

مخدوم حضرت عثمان مرندي جي نالي ڪيترا ئي شعر ۽ غزل منسوب آهن، مگر هت اُهو غزل درج ڪيو وڃي ٿو. جو مير قانع پنهنجي ڪتاب مقالات الشعراءِ ۾ آندو آهي تہ تبرڪ طور يادگار رهي:

از عشق دوست هر ساعت درون نار مي رقصم
گهي بر خاڪ مي غلطم گهي بر خار مي رقصم
بيا اي مطرب مجلس سماع ذوق را ور ده
ڪہ من از شادي وصلش قلندر وار مي
شدم بدنام در عشقش بيا در پارسا اڪنون
نمي ترسم ز رسوائي بهر بازار مي رقصم
مرا خلقي همي گويد گدا چندين چہ مي رقصي
بدل داريم اسراري ازان اسرار مي رقصم
منم عثمان مروندي ڪہ يار خواجہ منصورم
ملامت مي ڪند خلقي و من بردار مي رقصم

مير غلام علي آزاد بلگرامي لکي ٿو ته مولانا محب علي تتوي جو پنهنجي زماني جو وڏو بزرگ هو ۽ شاهجهان نامہ ۽ ٻين تاريخ جي ڪتابن ۾ سندس ذڪر آيل آهي. ان جي دستخط هي عبارت لکيل ڏٺم ته حضرت لعل شهباز قدس سره سندس نالو شريف عثمان است فقير (محب علي) هڪ ڪاري پٿر جي تختي هيٺيئن ريت ڪتبہ اُڪريل ڏٺو هوم.

شيخ عثمان مرندي قطب دين باز سپيد – مرند ميم جي زبر راء بنا نقط واري، نون جزم سان، دال بغير نقط جي هڪ ڳوٺ آهي، "علاقہ تبريز ۾" سندس نسب 13 واسطن سان امام جعفر صادق سان وڃي ملي ٿو.

"تذڪره مشائخ سنڌ" ۾ ڏيکاريل آهي ته لعل شهباز جي ڄمڻ ۽ وڏي ٿيڻ جي جاءِ مرند آهي. جڏهن جواني کي پهتو، تڏهن بابا ابراهيم مريد شيخ جمال مجرد جي خدمت ۾ رسيو، پورو هڪ سال انهيءَ صاحب ڪمال جي خدمت ۾ رهي، ڪماليت جي درجي کي رسيو، ۽ خلافت جي خلعت ڍڪي، اجازت حاصل ڪيائين. سموري ڄمار شادي ڪرڻ کان سواءِ مجرد يا اڪيلو رهيو. آخر سنڌ ڏانهن هجرت ڪري، شيخ الاسلام بهاءُالدين زڪريا ملتاني ۽ شيخ فريد شڪر گنج جي خدمت ۾ رهي، گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيائين ۽ شيخ صدرالدين عارف ملتاني سان بہ صحبتون رهيس، ان کان پوءِ سيوهڻ ۾ مقيم ٿيو.

ضياء برني تاريخ فيروز شاهي ۾ لکي ٿو ته جڏهن حضرت مخدوم شهباز ملتان ۾ پهتو تڏهن، خان شهيد، يعني شهزاده محمد قاان اعتقاد موجب تواضع جا سمورا شرط بجا آندا ۽ گهڻو ئي ڪجهہ نذراني طور خدمت ۾ پيش ڪيائين. شهزاده ڪوشش ڪئي تہ هي بزرگ ملتان ۾ مقيم ٿي رهي، پر پاڻ راضي نہ ٿيا. هڪ ڏينهن جو واقعو آهي تہ خان شهيد پنهنجي مجلس ۾ شيخ صدرالدين عارف ۽ حضرت عثمان شهباز کي سڏايو. مجلس ۾ عربي غزل ڳائجڻ شروع ٿيا. هي ٻئي بزرگ ۽ درويشن جي ٻي جماعت رقص ۾ هوا ۽ خان شهيد هٿ ادب جا ٻڌيو بيٺو هو ۽ زار زار رنو ٿي.

مير غلام علي وڏيڪ لکي ٿو ته آءٌ جڏهن 10 ربيع الاول سن 1143 ۾ سيوهڻ ۾ پهتس ته ان وقت سيد محمد خان (سندس مامو) بخشي گري ۽ قائع نگاري جو عهدو منهنجي حوالي ڪري، پاڻ ڳوٺ بلگرام روانو ٿي ويو، مگر ٿوري ئي وقت ۾ مون کي نوڪري کان برطرف ڪيو ويو، جنهن ڪري ڏاڍو پريشان ٿي پيس.

هڪ رات خواب ۾ ڏسان ٿو ته ڪنهن شهر جي هڪ گهٽي مان وڃي رهيو آهيان، هڪ سامهون ايندڙ ماڻهو کان پڇيم ته هي گهٽي اڳيان کليل آهي؟ جواب ۾ هن ماڻهو عربي زبان ۾ چيو ته "ستلقاڪ رجال" يعني توکي اڳهوڪي مرد ٿا ملاقي ٿين. اڃا ٻه چار قدم اڳتي وڌيس ته 3 بزرگ سنڌي پوشاڪ ۾ هڪ جاءِ ۾ ويٺا آهن. جن ۾ هڪ اڳواڻ پيو سمجهان. مان اڳتي وڌي سلام ڪيئي وڏي بزرگ جي سامهون گوڏن ڀر ادب سان ويهي رهيس، عرض ڪيم ته منهن جي نوڪري بحال ٿيندي؟ اهي لفظ ٻڌي گردن ڪٽي جهڪايائين ۽ مراقبه ۾ هليو ويو. برابر هڪ ڪلاڪ کان پوءِ مٿو مٿي ڪري فرمايائين بحال ٿيندي. عرض ڪيم ته هي ڳالهيون ٿي گذريون آهن. فرمايائين آءٌ جو چوان ٿو ته بحال ٿيندي. آخر هڪ سال کان پوءِ وري نوڪري ملي وئي. پوءِ معلوم ٿيو ته اهو بزرگ خوشخبري ڏيندڙ لعل شهباز قلندر هو ۽ هڪ پهر يا هڪ ڪلاڪ مراقبي جي معنيٰ هئي هڪ سال.

(ماثر الڪرام صفحو 287)

شيخ عثمان مرندي جي تاريخ وفات ۾ گهڻو ئي اختلاف آهي. سير قلندري ۾ لکيل آهي خميس ڏينهن عصر جي وقت 21 شعبان سن 688 ۾ وفات ڪيائين، سندس ڄمار 136 سال هئي. هڪ قطعه تاريخ سن 650 ڏيکاريل آهي.

چو شهباز مقدس لعل حضرت
شده طائر برحمت راز جنت
نموده فکر تاريخ وصالش
سروش غيبم گفتا برحمت
650

حيات قلندري ۾ به سن 650 لکي ٿو، جيئن هيٺين قطعه مان معلوم ڪري سگهجي ٿو:

بجو تاريخ شمس الدين عثمان
بد رکن رنج از فلک ڪرامت
538 (تاريخ — ولادت)
سن عمرش ولي الله — وفاتش
112
سروش غيب مي گويد برحمت
650

رسالہ نسبت سادات سنڌ قلمي وارو لکي ٿو تہ:

وفات مخدوم محمد عثمان لعل شهباز بيست يڪم (21) روز يڪشنبہ بوقت عصر خمسين وستہ (650) علي الاصح.

مفتي غلام سرور لاهوري گنج تاريخ ۽ خزينة الاصفياء ۾ لکي ٿو تہ سندس وفات سن 724هہ ۾ ٿي آهي. جيئن تہ هيٺيون قطعہ تاريخ ۾ لکيو اٿس:

چو رفت ولي عثمان از دار دنيا
ز حق ابواب شد برو باز
ز مخدوم اجل جو ارتحالش
724
فرما عارف محبوب شهباز
724

مير قانع ٺٽوي تحفة الڪرام ۾ ۽ مقالات الشعراء ۾ سندس وفات جو سال 673 لکيو آهي ۽ اهوئي صحيح سال آهي. مقالات ۾ لکي ٿو:

اين محقر متوسل نگاه اهل الله چو عدد اسم گرامي اش را شمار گرفت در سال واقعہ دوازده کم بوده لهذا باين تعميہ دوبيت در واقعش گفتم.

چون رفت سوئي جنان آن شيخ
کو زبده آل و پاڪ نام است

از هاتف غيب مي شنيدند.
عثمان بد وازده امام است
673

## 276- سيد شجاعت علي بکري

شجاعت بن سيد لطيف علي بکري. هو شاهجهان بادشاهه دهلي جي اميرن مان هڪ نامور امير ٿي گذريو آهي. ڪجهه وقت دوآبا جو به فوجدار ٿي رهيو ۽ ڪجهه وقت قلعه ڪانگڙه جي نگهباني ۽ حفاظت لاءِ مقرر ٿيو.

شاهه جهان جي 27 سال جلوس واري زماني ۾ سيد صاحب کي ٻڍاپڻ ڪري نوڪري کان معافي ڏئي ڪيس فريد آباد (يو. پي) جي پرڳڻي، چار لک دام جاگير مقرر ڪري ڏني وئي ۽ ڪيس هزار ۽ پنج سو سوارن جو منصب عطا ڪيو ويو.

شاهه جهان جي وفات ڪانپوءِ هو محي الدين عالمگير جي نظر عنايت جو حقدار ٿيو. شاهزاده محمد شجاع برادر عالمگير جي بغاوت ۽ جنگ جي موقعي تي ۽ شهزاده داراشڪوه جي ٻئي جنگ وقت سيد صاحب حضرت عالمگير سان جنگين ۾ همرڪاب رهيو. عالمگير تخت نشيني جي ٻئي سال ڪيس شجاعت خان جو لقب عطا فرمايو. ان کان پوءِ هو چنڊا واهه جي قلعه داري تي مقرر ٿي، دنيا و مافيها کان تعلقات ٽوڙي خاموش زندگي گذارڻ لڳو. ان ڪانپوءِ سندس وڌيڪ احوال معلوم ڪونه ٿي سگهيو ته ڇا ٿيو. (ماثرالامراء)

## 277- سيد عبدالڪريم امير خان بکري

مير عبدالڪريم امير خان بن مير ابوالبقا امير خان بن مير ابوالقسام نمڪين هروي بکري. هي خاندان هميشه کان وٺي مغل بادشاهن جي دربار ۾ عمدن خدمتن بجا آڻڻ جي مقبول ۽ مقرب رهندو آيو هو، تنهن ڪري پنهنجي والد ۽ ڏاڏي وانگر حضرت محي الدين

اورنگزيب جي دربار ۾ پهچي، سڀ ڪان پهريان بادشاهه جي نماز پڙهڻ جي بندوبست ۽ مصلي وڇائڻ جي خدمت لاءِ مقرر ٿيو. ان ڪان پوءِ ستت ئي، بادشاهه ۽ محلات جي چوڪيدارن جي نگراني ۽ نماز جي انتظام رکڻ سان ٻئي ڪم سندس حوالي ٿيا. بادشاهه هن جي خدمت ۽ سهڻي حاضري ڪان راضي ٿي مٿين حاضري جي ڪمن سان گڏ نقاش خانه جي نگراني به مير صاحب جي حوالي ڪئي.

آخر 1128هه ۾ ڪنهن ڪوتاهي سبب بادشاهه ڪائونس ٿورو ناراض ٿي پيو جنهن ڪري نماز جو انتظام ڪائونس کسيو ويو.

1129هه ۾ جڏهن بادشاهه زاده شاهه عالم بهادر حيدرآباد دکن تي ڪاهي اهو شهر ابوالحسن والي تلنگ تي فتح حاصل ڪئي تڏهن مير صاحب کي شاهزاده جي خدمت ۾ مقرر ڪيو ويو هو. حيدرآباد جي ٻاهران چئن ڪوهن تي هڪ هلڪي جنگ ٿي جنهن ۾ مير عبدالڪريم کي سخت زخم رسيا، جنهن ڪري ميدان ۾ نهايت لاچاري واري حالت ۾ پيو رهيو. آخر کيس اُتان کڻائي شاهزاده جي فوج ۾ پهچايو ويس، جتان محمد مراد نالي هڪ امير کيس پنهنجي گهر کڻائي ويو ۽ اُتي سندس دوا درمل ڪيو ويو. صحت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ سندس ارادو هو ته سرڪاري ملازمت ڇڏي گوشه نشين ٿي رهي، مگر بادشاهه جي پيغام پهچڻ تي خان جهان بهادر سان گڏجي شاهي دربار ۾ وڃي پهتو. (بادشاهه انهيءَ زماني ۾ ڏکڻ هندستان جي جنگين ۾ رڌل هو)

انهيءَ زماني ۾ صوبه دکن جي محصول اگاڙڻ لاءِ نيابت خان سان گڏ هن کي سرڪاري طرح انهيءَ ڪم تي مقرر ڪيو ويو ۽ ازانسواءِ ڏنڊن وصول ڪرڻ جو ڪم به سندس سپرد ٿيو.

1133هه محصول اگاڙڻ جي حسن خدمت سبب بادشاهه کيس دربار ۾ گهرائي ملتفت خان جو خطاب عطا ڪيو. سرڪاري محلات جي آبداري جون خدمتون سندس حوالي هيون.

1136هه دربار ۾ خاص حاضري جو شرف حاصل ٿيس ۽ هزاري جي بلند منصب تي وڃي پهتو ۽ بادشاهه جي طبيعت ۾ ڪافي اثر رسوخ حاصل ڪيائين جنهن ڪري نهايت خاص خلوت ۽ پرده

داري واري حالت ۾ حاضري جو حڪم ٿيس. 1145ھ ۾ خانداني لحاظ سان مير جي لفظ سان بادشاھ سڏڻ لڳس. ان کان پوءِ ستت ئي مير خان جو خطاب حاصل ٿيس.

1148 ۾ پنهنجي موروثي لقب امير خان سان سرفراز ٿيو. ان وقت بادشاھ فرمايس تہ اوهان جي والد کي جڏهن امير خان جو لقب ڏنو ويو هو، تڏهن هن هڪ لک روپيا حضرت فردوس مڪاني جي خدمت ۾ پيش ڪيا هئا. هاڻي ٻڌاءِ تہ تون ڇا پيش ڪري رهيو آهين؟

عرض ڪيائين، سو بار منهن جو ساھ اوهان جي ذات تان صدقي آهي، منهنجو تہ جان مال سڀ ڪجهہ اوهان سائين جن تي صدقي آهي.

ٻئي ڏينهن هڪ قرآن مجيد ياقوتي خط سان بادشاھ جي خدمت ۾ پيش ڪيائين، جنهن تي بادشاھ فرمايو تہ اهڙي شي عطا ڪئي اٿو جو دنيا و مافيها کان وڌيڪ ملھ واري آهي. پوءِ ستت ئي سہ هزاري جي منصب تي وڃي پهتو. بادشاھ جي پوئين زماني ۾ ايتريقدر وڃي ويجهو ٿيو جو رات ڏينهن وقت بي وقت بادشاھ جي خدمت ۾ ويندو هو. ماثر عالمگيري ۾ آهي تہ هندستان جي ديواپور ۾ بادشاھ فوج سان لٿل هو، اتي بيماري سبب سندس طبيعت بگڙجڻ لڳي، بيماري جو ايڏو غلبو ٿيو جو ڪڏهن ڪنهن بيهوشي بہ طاري ٿئي ٿي ڇمار 90 سالن کي پهتل هئي، جنهن ڪري چوطرف نا اُميدي پکڙندي رهي. ملڪ ۾ گڙ ٻڙ پيدا ٿيڻ جو خطرو نظر آيو ٿي. سيد عبدالڪريم امير خان نقل ڪيو تہ انهن بيماري وارن ڏينهن ۾ بادشاھ آهستہ آهستہ چپن ۾ (نظامي گنجوي جا هي شعر) چئي رهيو هو:

بهشتادو نود چون رسيدي
بسا سختي ڪہ از دوران ڪشيدي
و ز انجا چون بصد منزل رساني
بود مرگي بصورت زندگاني

اهي شعر ٻڌي بادشاھ جي خدمت ۾ عرض ڪيم تہ حضرت سلامت! سيخ نظامي گنجوي انهن شعرن سان گڏ ٻيو هڪ شعر بہ ارشاد فرمايو آهي. جو هي آهي:

پس آن بهتر ڪ خود راشاد داري
دران شادي خدارا ياد داري

بادشاھ فرمايو تہ وري پڙھ! ڪيترا ڀيرا مان انهيءَ شعر کي وري وري پڙهيو. اشارو ٿيو تہ لکي ڏي. لکي ڏنم. پوءِ انهيءَ کي گهڻو وقت پئي پڙهيائون، جنهن ڪان پوءِ صحت ۽ طاقت ترقي ڪندي وئي. انهيءَ رات جي صبح جو مظلومن جي دانهن ٻڌڻ واري ڪچهري ۾ تشريف فرما ٿي، مير عبدالڪريم کي فرمايائون تہ اوهان جي بيت مون کي صحت ڪامل بخشي، منهن جي هيٺي بدن ۾ طاقت ۽ توانائي آندي آهي.

امير خان (عبدالڪريم) هڪ تيز فهم ۽ نڪتہ رس ۽ جلد ڳالهہ کي سمجهندڙ ۽ وڏو حاضر جواب فاضل ماڻهو هو.

بيجاپور جي گهيري وقت بادشاھ محفه ۾ چڙهي ڪاهي جي معائنہ ڪرڻ لاءِ روانو ٿي اچي قلعه جي خندق يا ڪاهي تي پهتو ۽ قلعي مان دشمن پاران خوب گولي باري ٿي رهي هئي، جي بادشاھ جي محفه مٿان لنگهي رهيا هئا.

مير عبدالڪريم ان وقت بادشاھ جي نماز جو انتظام رکڻ جو داروغو هو، تنهن ايڏي گولہ باري هلندي فوراً هيٺيون مصرعہ تاريخ تيار ڪري:

<u>فتح بيجاپور زودي مي شود</u>

1099

ڪاغذ جي ٽڪري تي موٽي قلم سان لکي بادشاھ جي خدمت ۾ پيش ڪيو. بادشاھ ان مان نيڪ فال وٺي فرمايو "خدا ڪند چنين باشد" يعني تہ الله تعاليٰ شال ائين ڪندو. آخر انهيءَ هفتہ ۾ بيجاپور جو قلعو فتح ٿيو.

گولڪنده جي قلعي جي فتح ٿيڻ تي هيٺئين ريت تاريخ مصرعہ لکيائين:

<u>فتح قلعہ گولڪنده مبارڪ، بادا</u>

1099

بادشاهه انهيءَ تي تمام گهڻي مهرباني فرمايس.

بادشاهه جي قرب ۽ پيار ڪري، هو هڪ اهڙي وڏي اوج کي پهتل هو جو ڪنهن کي بہ ڪجهه ڪري ڪين پائيندو هو. خاندان جا امير زادا ۽ ٻيا بلند مرتبي وارا ماڻهو هن جي نظرن ۾ ڪجهه بہ ڪين هوندا هئا. بلڪ سڀ ڪو ماڻهو هن جو محتاج هوندو هو، ڇاڪاڻ جو هن جو بادشاهه جي طبع ۾ سخت دخل هو.

پالڪي ۾ چڙهي بادشاهه جي دربار ۾ اچڻ تي جن ٻن ڇئن ماڻهن کي اجازت هئي، تن مان هڪ صاحب هي بہ هو. ان مان هن جي مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هن بادشاهه جي دل ۾ ڪيتري قدر جاءِ حاصل ڪئي هئي.

بادشاهه جي وفات کان پوءِ پهريان شاهزادو محمد اعظم شاهه سان، ان کان پوءِ شاهزاده شاهه عالم بهادر شاهه تخت جو مالڪ ٿيو تہ مير صاحب کي سہ هزاري منصب عطا ٿيو، مگر بادشاهه جي زماني وارو ناز نخرو بلڪل ڪونہ رهيو. آخر اڪبر آباد (آگره) جي قلعہ داري تي مقرر ٿي گوشہ نشين ٿيڻ گهريائين، مگر منعم خان خانخانان وزير اعظم جو مروت ۽ فضيلت ۾ بي نظير انسان هو، تنهن مير صاحب کي آگره جو صوبيدار مقرر ڪري سندس قدر شناسي ڪئي، مگر ان کان پوءِ سنت ئي معزول ٿي فقط قلعہ دار ٿي رهيو. بادشاهه محمد فرخ سير جي وچ حڪومت واري زماني ۾ دهلي ۾ گهرائي شاهي حويلي جو داروغو مقرر ڪيو ويو. فرخ سير کي تخت تان لاهڻ کان پوءِ دهلي جي مغليہ تخت تي باره جي سيد ڀائرن جو قبضو ٿي ويو هو. امير الامراء حسين علي خان ۽ سندس ڀاءُ قطب الملڪ سموري سلطنت جا مالڪ هئا. قطب الملڪ سيد عبدالڪريم جي ڏاڍي رعايت ڪندو هو ۽ ڪيس پاڻ سان گڏ تخت تي ويهاريندو هو. انهن ڏينهن ۾ ئي (محمد شاهه جي شروع زماني ۾) دهلي ۾ وفات ڪيائين ۽ هڪ سو سالن جي ڄمار تائين هن جي قوت ۽ نظر ۾ ڪو فرق ڪونہ آيو هو. پنهنجي والد وانگي اولاد تمام گهڻو ڇڏي ويو، جي گهڻو ڪري قابليت جا مالڪ ڪونہ هئا. دولت ۽ مال دهلي مان ڪٽي سنڌ ڏانهن هليا ويا. (ماثر الامراء)

# 278. حاجي عيسيٰ سانداڻي محدث

عالم، فاضل، حاجي، محدث،موحد حاجي عيسيٰ رح. سندس فرزند مولوي فيض الڪريم جو بيان آهي ته سندس ڏاڏو رنجيت سنگهه جي حڪمراني جي زماني ۾ کهاوڙ قوم جي سردارن سان گڏجي سنڌ ۾ هجرت ڪري آيا ۽ کهاوڙن جا ٻيلي، دروازي جا ماڻهو تي گذران ڪندا هئا. سندس والد مولوي حاجي عيسيٰ سنڌ ۾ ڄائو ۽ هن اڪيون ڪوليون ته پاڻ ڪي کهاوڙن جو ٻيلي ڏٺائين.

مولوي فيض الڪريم جو چوڻ آهي ته اسان جا وڏا پاڻ ڪي "اعوان" سڏائيندا هئا ۽ شجره ۾ لکيل آهي "بندگان قطب الدين اعوان" مگر سنڌ ۾ شهدادڪوٽ جي کهاوڙن جي نوڪرن جي صورت ۾ پهتا. حقيقت ڇا آهي، ان جو پتو ڪونه پوي ٿو.

هڪ دفعي جو واقعو آهي ته کهاوڙن اعوانن جي هڪ عورت کي سندس وارثن جي اجازت ۽ رضامندي کان سواءِ ڪن ڌارين ماڻهن کي شادي ڪرائي ڏني، مگر هو ويچارا مظلوم نوڪر هئا، جنهن ڪري ڪجهه ڪري نه سگهيا جنهن تي حاجي عيسيٰ جو سمجهه وارو نوجوان هو، سو اتان ناراض ٿي ترڪ وطن ڪري طلب علم جي ارادي سان نڪري پيو. ان زماني ۾ اڄا انگريزن جو راڄ ڪونه هو ۽ مٽيارين ۾ مخدوم عبدالڪريم جو مشهور مدرسو هو، اُتي اچي پهتو. برابر ست سال علم حاصل ڪندو رهيو. اُنهيءَ ساڳي زماني ۾ خليفو محمد يعقوب اچي همايون ۾ مدرسو قائم ڪيو هو، جنهن تي حاجي عيسيٰ مٽيارين مان چڙي خليفي صاحب جي خدمت ۾ پهتو. مطول معاني جا اڃا ڪجهه سبق پڙهيا هوائين ته خليفي صاحب ارشاد ڪيس ته تون وري به وڃي مٽيارين ۾ پنهنجن پوئين ڪتابن جي تڪميل ڪر. جنهن تي وري واپس آيو.

12 محرم سن 1295هه مطابق 1843ع جڏهن سنڌ تي انگريزن قبضو ڪيو، تڏهن مخدوم عبدالڪريم متعلوي هن ملڪ کي دارالحرب سمجهي، پنهنجي اهليه سميت مڪ شريف ڏانهن هجرت

ڪئي ۽ پاڻ سان انهيءَ سفر ۾ پنهنجي پياري شاگرد قاضي حاجي عيسيٰ کي بہ پاڻ سان ورتيون ويو. افسوس جو مخدوم صاحب ٻن سالن جي رهڻ کان پوءِ 1261هہ ۾ مڪه ۾ وفات ڪئي. حاجي عيسيٰ خيال ڪيو تہ سندس اهليہ کي سنڌ ۾ واپس وٺي وڃي عزيزن کي پهچائي، مائي جي بہ اها مرضي هئي، مگر خواب ۾ مخدوم صاحب ارشاد ڪيس تہ شرعي عدت جا ڏينهن گذاري ان کان پوءِ سنڌ واپس وٺي وڃوس.

حاجي هڪ ذهين عالم هو، ان موقعي کي غنيمت ڄاڻي حرمين جي عالمن کان علم حديث جي تحصيل شروع ڪئي. حج ڪندي، برابر هڪ سال علم حاصل ڪندي گذري ويس.سنڌ ۾ جو منطق ۽ معقول جو ڪوبہ رواج ڪونہ هو. انهيءَ فن ۾ بہ گهڻائي ڪتاب پڙهيائين. حديث جي سمورن ڪتابن جي سند شيخ عمر محدث حدودي يمني کان حاصل ڪري، ان کان پوءِ پنهنجي استاد جي اهليہ محترمہ سميت اچي مٽيارين ۾ وارد ٿيو.

حاجي عيسيٰ جو اڳ حنفي فقہ جو وڏو عالم هو، سو سنڌ ۾ موٽڻ وقت علم حديث ۽ منطق ۽ معقولات جو وڏو عالم هو. هو حنفي مذهب جو پيرو هو، مگر مذهب جي تقليد واجب ڪانہ ڄاڻندو هو. پر صحيح حديث جي حڪم کي سڀ کان مقدم سمجهندو هو. ان زماني ۾ سموري سنڌ ۾ سندس هم خيال فقط هڪ ئي عالم هو. يعني قاضي حاجي عثمان نوشهرائي. جنهن سان آئنده هلي گهاٽا دوستانا لاڳاپا ٿيس.

ان زماني ۾ خواجہ محمد حسن مهاجر مڪي سجاده نشين درگاهہ شريف کي پنهنجي فرزند خواجہ محمد سعيد صاحب جي تعليم لاءِ هڪ وڏي عالم جي ضرورت هئي، جو خصوص الحڪم محي الدين ابن عربي جي ڪتاب جي تعليم ڏئي سگهي. سڄي سنڌ مان حاجي عيسيٰ جي معقول ۽ منقول جي جامع هجڻ جي واڪاڻ ٻڌي، ڪيس پاڻ وٽ گهرائي ورتائين، جتي رهي هن وڏي عالم خواجہ محمد سعيد کي تعليم ڏني. لواري جي عظيم الشان ۽ بي نظير قلمي ڪتبخانہ مان

بيحد فائدا حاصل ڪيا. لواري کان پوءِ پهريان نوشهروفيروز تعلقي جي ڳوٺ جلباڻي ۾ اچي رهيا ۽ ان وقت قاضي عثمان پاڻ وٽ نوشهره ۾ رهڻ لاءِ زور آندو. مگر سنت جناب پير سيد حزب الله شاهه پاڳاري، هن بزرگ کي پنهنجن فرزندن جي تعليم لاءِ پير ڳوٺ گهرائي ورتو ۽ اُتي تمام گهڻي احترام سان صاحبزادن کي تعليم ڏيندو رهيو. جن مان پير علي اصغر شاهه،تخلص علي، سمورا ڪتاب پڙهي فضيلت جي درجي کي رسيو. پير ڳوٺ ۾ حضرت پير سائين، روضي ڌڻي جو وڏو ڪتبخانه هو، جتان پڻ حاجي صاحب تمام گهڻو پرايو. سنڌ جي عالمن ۾ هڪ وڏي معلومات وارو لائق ۽ فائق شمار ٿيڻ لڳو. سندس مُهر جو نقش هي آيت هئي:

”لن يستنكف المسيح ان يكون عبد الله“

پير ڳوٺ جي رهڻ واري زماني ۾ ڳوٺ منگر جي لڳ پير ڳوٺ جي هڪ بزرگ حافظ حاجي فيض الله پيرزاده پنهنجي نياڻي سان شادي ڪرايس جنهن جي پيٽ مان مولوي فيض الڪريم تولد ٿيو. ان کان پوءِ ڳوٺ ساند تعلقه ڪنڊياره کي هميشه لاءِ پنهنجو وطن بڻائي اچي رهيو، جتي ڪيترن ئي شاگردن ڪائونس فيض پرايو، جن ۾ نوشهري جا قاضي مشهور آهن. سندس مشهور شاگردن مان مولانا عبداللطيف حيدرآبادي ۽ مولانا عبدالغفار محدث لغاري ميرپور ماٿيلو ۽ مولوي قاضي عبدالڪريم ولد قاضي حاجي عثمان نوشهرائي آهن. هو طريقت ۾ پير سيد رشيدالدين راشدي صاحب العلم ثالث جو بيعت ٿيل هو ۽ خواجه عبدالقيوم قنڌهاري مجددي سان به سندس صحبتون هيون.

هن بزرگ 90 سالن جي ڄمار کي پهچي ساندن جي ڳوٺ ۾ ماه ذي القعد سن 1294ھ ۾ وفات فرمائي، ملاءُ لاعليٰ جي جوار رحمت ۾ وڃي شريڪ ٿيو. سنڌ جي مشهور شاعر سيد غلام محمد شاهه صاحب گدا سندس تاريخ وفات ۾ هيٺيون قطعه ارشاد فرمايو آهي:

جناب مولوي عيسي گرامي<br>
محدث با عملُ در عظامي

بزهد و ورع و تقويٰ بود آية
بعلم و عمل صالح نيک سيرت
چو عزم سفر کرده سوئي جنت
فتاده از مقدمش غلغل برحمت
شنيدم از ملک سراً وُ جهراً
جزاک الله في الدارين خيراً
1294

## 279۔ قاضي عثمان محدث نوشهرائي

عالم، محدث، صوفي عثمان بن محمد شريف نوشهرائي، ننڍپڻ ۾ هن مٿيارين جي مدرسہ ۾ مخدوم عبدالڪريم مهاجر کان علم حاصل ڪيو. اجا پورو جواني کي پهتو ئي نہ هو تہ مڪہ شريف روانو ٿي ويو. مڪہ ۾ الڳ سندس پاءُ ميان حبيب الله مهاجر اڳ ۾ هجرت ڪري وڃي مقيم ٿيو. هو هڪ وڏو عالم ۽ محدث ۽ موحد هو. انهي زماني ۾ شيخ محمد بن عبدالوهاب نجدي جو حرمين جي بعض عالمن تي موحدانہ ڪافي اثر موجود هو. سندس پاءُ بہ انهيءَ رنگ ۾ رنگيل هو.

حاجي قاضي عثمان جو هڪ سنڌي فقير هو، تنهن پنهنجي پاءُ جي خيالات ۽ اثرات ۽ اعتقاد قبول ڪرڻ کان سخت پاسو ڪيو ۽ انڪار ڪندو رهيو،جنهن تي محدث حبيب الله چيس تہ تون ڪعبة الله جي آڏو هي دعا پڙهي پوءِ انتظار ڪر تہ ڇا نتيجو نڪري ٿو. اللّٰهم ارنا الحق حقا وار زقنا اتباعه و ارنا الباطل باطلاً وارزقنا اجتنابه" يعني تہ يا الله اسان کي حق پوري جلوي سان ڏيکار ۽ ان جي تابعداري نصيب فرماءِ ۽ باطل يا ڪوڙ کي ڪوڙ واري شڪل ۾ ڏيکار ۽ ان کان بچاءِ! آخر ان دعا جو اهو نتيجو نڪتو جو قاضي عثمان جو علم حديث جي تحصيل ڏانهن توجہ ٿيو. مڪہ شريف جي محدثن کان حديث حاصل ڪري، پوءِ يمن جي مشهور عالم قاضي محمد بن علي شوڪاني (متوفي) جي خدمت ۾ صنعا ۾ پهچي صحاح

ستہ جو دورو پورو ڪيائين. پورن ويهن سالن کان پوءِ هو دوباره سنڌ موٽي آيو. پهريائين پنهنجي اصلي ڳوٺ ڪاهي تعلقہ نوشهره ۾ اچي رهيو. ان کان پوءِ نوشهره جي قاضين جي تقاضا سان نوشهره ۾ اچي رهيو.

هن بزرگ جو يادگيرو ايڏو زبردست هو جو صحاح ستہ ۽ ٻيا سمورا ڪتاب ياد هوندا هوس، جنهن ڪري هن جي علميت جو وڏو شهرو ٿيو.

هو ظاهر ۾ حنفي مذهب جو پابند هو، مگر تقليد کي ڪجھ بہ ڪري نہ سمجهندو هو،جنهن ڪري سنڌ جا حنفي ڪائونس ڏاڍا چڙيل ۽ ناراض رهندا هئا، بلڪ سندس استاذ مخدوم عبدالڪريم پنهنجن شاگردن کي ساڻس ملاقات جي منع ڪري ڇڏي هئي، جن مان حاجي عيسيٰ سانداني کان روايت آهي تہ هو جڏهن مڪ شريف مان موٽي آيو ۽ سندس استاد مخدوم مهاجر وفات ڪري چڪو هو تہ اچي قاضي عثمان سان مليو. چا ڏسي تہ هو هڪ زاهد صوفي ۽ محدث نيڪ زندگي بزرگ هو، جنهن کان پوءِ پنهنجا هميشہ لاءِ هم خيال هجڻ ڪري ڏاڍا گهاٽا لاڳاپا رهيا ۽ قاضي عثمان جي وفات کان پوءِ سندس فرزندن جي سنڀال حاجي عيسيٰ ڪندو رهيو.

مرحوم قاضي عبيدالله ولد قاضي (           ) مون کي روايت ڪئي، سا هتي پرڳٽي جو مالڪ جنهن زماني ۾ ميرعلي مراد خان هو، تہ ان وقت نوشهروفيروز جي لڳ هو صاحب شڪار لاءِ آيل هو، منهنجي والد (قاضي عثمان) جي علميت ۽ پرهيزگاريءَ جي شهرت ٻڌي پاڻ وٽ گهرايائينس. تمام مزيدار علمي مباحثا هليا. قاضي صاحب جي امتحان لاءِ هڪ نوڪر کي اشارو ٿيو تہ قاضي کي پيران پير جي نالي واري منائي آڻي ڏيو. قاضي صاحب مير صاحب کي صاف فرمايو تہ غير خدا جي نالي واري شئي مطلق حرام آهي، تنهن ڪري منهنجي سامهون ئي نہ آڻيو. مير صاحب سندس پختہ اعتقادي کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهي علائقي ۾ وجھ معاش جو ٿورو زمين جو ٽڪرو جاگير طور عطا ڪيائينس ۽ جنهن جو بروقت پروانو لکيو ويو، مگر جڏهن

ساهتي پرڳڻو مير صاحب ڪان ڪسي برٽش حدن ۾ آندو ويو، تڏهن قاضي صاحب انهيءَ جاگير ٽڪري تان دست بردار ٿي ويو.

قاضي عثمان جي همعصر علمائن مان مولانا نور محمد شهدادڪوٽي، مخدوم حاجي فضل الله پاٽائي، حڪيم غلام محي الدين سيوهاڻي جا ساڻس علمي مناظرا ۽ مباحثا رهيا. هن لاءِ مشهور ڪيو ويو هو ته امامن مجتهدن کي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو پر حقيقت ائين نه هئي. هو فقط امامن جي تقليد کي واجب يا فرض ڪونه سمجهندو هو ۽ بس، تمام وڏي ڄمار ۾ محرم سن 1294هه ۾ وفات فرمائي ويو. ڪنهن شاعر سندس تاريخ وفات هيٺئين مصرعي مان ڪڍي آهي.

"بگفتا، نهان ماند گنج عظيم"

## 280ـ مولوي عبدالڪريم محدث نوشهرائي

محدث عبدالڪريم ولد قاضي حاجي عثمان نوشهرائي، ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي والد بزرگ جي حياتي ۾ عيسيٰ محدث وٽ علوم پرايائين. علم حديث ۽ فقه ۾ يڪتا زمانه جو ٿيو. سندس معاصرين سان جدا جدا تحقيقي مسئلن تي وڏا وڏا تحريري مناظرا رهيا. نواب سيد صديق حسن خان ڀوپالي محدث سان خط ڪتابت جي ذريعي لاڳاپا رهيس. جنهن ڪري هن صاحب جي سموري تصنيفات سندس ڪتب خانه ۾ جمع ٿيندي رهي.

سموري زندگي مجرد گذاريائين، رات ڏينهن سفر حضر ۾ ڪتابن جي مطالعي جو شغل جاري رکندو آيو. سفر جي حالت ۾ به هڪ خرزين ڪتابن جي گهوڙي تي رکي سفر ڪندو هو ۽ جتي رات پيئي اُتي ڪتابن جي ملاقات جو شغل جاري رهيو. هن کي معتقدن يا مريدن مان جيڪا اُپت ٿيندي هئي، سا سموري ڪتابن جي خريداري تي خرچ ڪندو رهيو. هڪ وڏو ڪتب خانو پنهنجو يادگار ڇڏي وفات ڪري ويو. سندس وفات سن 1322 هجري ۾ نوشهري ۾ ٿي ۽ اُتي ئي دفن ڪيو ويو. ڪتابن بابت وصيعت ڪري ويو ته هن کي ٻن حصن ۾

تقسيم ڪيو ويجي. (1) اڌ سندس پاءُ قاضي عبيدالله ڪي (2) سندس شاگرد سيد نارو شاهه ڪي. اهو سيد نارو شاهه جو وڏو زميندار ۽ محدث عالم هو.

قاضي عبيدالله جي حصي ۾ آيل ڪتاب منهنجي دوست حڪيم شمس الدين ولد قاضي عبيدالله وٽ محفوظ آهن، جنهن ۾ گهڻا ناياب ڪتاب آهن.

# 281- سيد شهمير متعلوي

حاجي حافظ عالم سيد شهمير متعلوي، ابتدائي علوم پنهنجي شهر جي علمائن کان حاصل ڪري، ان کان پوءِ حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کان ظاهري علمن جي ڪماليت ڪيائين. تصوف جي سموري سلسلي ۾ بہ مخدوم صاحب جي بيعت ڪري خلافت جو خرقو ڍڪيائين ۽ ان کان پوءِ پنهنجي شهر ۾ اچي درس تدريس ۽ سنت جي زنده ڪرڻ ۾ مشغول ٿيو.

مير قانع لکي ٿو تہ: سيد شهمير مٽيارين جي بزرگ زادن مان ٿي گذريو آهي. سنتن جي زنده رکڻ ۽ اسلام جي فيصلي جي حمايت ۾ تمام گهڻو توجهه رهندو هوس. هميشہ انهيءَ ڪم ۾ مشغول رهندو هو. هر هڪ ديني ڪم ۾ شاگردن جي جماعت سان دين جي قوت جو ڪارڻ هوندو هو. (تحفة الڪرام)

سيد صاحب بابت مرحوم مشتاق متعلوي لکي ٿو تہ:

هو صاحب جڏهن مدينہ منوره ۾ پهتو، تڏهن پنهنجي صحيح نسب سادات هجڻ جي تحقيق جو ارادو رکي حضور جن جي پيجري شريف جي اڳيان نياز ٻي انداز سان سلام عرض رکيائين، جنهن جي جواب ۾ پيجري مان آواز ٻڌڻ ۾ آيس تہ "وعليڪم السلام يا ولدي" يعني تہ توتي بہ سلام هجي منهنجا پٽ! (ڪواڪب السعادات ح ا)

هن بزرگ جو نسب هن طرح ڪتابن ۾ آيل آهي:

سيد شهمير بن سيد عبدالوهاب بن سيد محمد باقر بن سيد عبدالوهاب بن سيد نظام الدين عرف ننده بن سيد مبارڪ بن سيد

سومارُ بن سيد بهاؤالدين بن سيد محمد بن سيد زڪريا بن شرف الدين بن سيد حيدر (هي بزرگ امير تيمور جي فوج سان هندستان جي ڪاهه وقت شريڪ هو، پوءِ سنڌ ۾ رهجي ويو. مٽياري ساداتن جو سلسلو اتان شروع ٿيو) بن سيد مير علي بن سيد محمد بن سيد حسين بن سيد علي بن سيد احمد يوسف بن سيد محمد عرف حسين بن سيد ابراهيم بن سيد علي الحواري بن سيد حسين اڪبر بن سيد جعفر الحواري بن سيدنا الامام موسيٰ ڪاظم رضي الله تعاليٰ عنهم. سيد شهمير 10 محرم الحرام سن 1177 ۾ مٽيارين ۾ وفات فرمائي، اتي ئي دفن ٿيو. سندس اولاد مان ابوالخير سيد حاجي محمد شاهه اهل علم ۽ اهل خير مشهور بزرگ آهي.

## 282- پير فاضل شاهه قريشي بڪيرائي

شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتاني جي اولاد مان ڏهين صدي جي اوائل ۾ سنڌ ۾ آيو، ۽ بڪيرن جي ڳوٺ ۾ اچي مقيم ٿيو. هو وڏو بزرگ ۽ وڏي ۾ وڏو پير طريقت جو هو. (تحفة الڪرام)

چون ٿا تہ جڏهن انهيءَ هنڌ منزل ڪرڻ جو ارادو ڪيائون، تڏهن اُتي جا رهاڪو پير صاحب جي رهڻ تي راضي نہ هئا. حضرت مخدوم نوحؒ جو خليفو حسين سنگهار جو مشهور اهل الله هو، تنهن رنجيدگي ظاهر ڪئي، جنهن ڪري اِها سرزمين اهڙي سخت ٿي وئي،جو پير قريشي جا فقراء تنبن جا ڪلا ڪوڙيا ٿي پر ٿامي جي فرش جهڙي زمين، ڪٿي تا ڪلا کُپي سگهن. آخر اها حقيقت آڻي پير صاحب جي حضور ۾ پيش ڪيائون. فرمايائون تہ هاڻي وڃي ڪلن کي جُتين سان ٺوڪيو تہ پاڻيهي زمين ۾ گهڙندا ويندا. قدرت الاهي جو اڳ ۾ جيڪي ڪلا لوهه جي مترڪن سان نہ ٿي کُتا، سي جُتين سان محڪم ٿيا. پير فاضل شاهه فرمايو تہ هن جاءِ تي غوث جي خاندان جا ڪلا قيامت تائين قائم رهندا.

بڪيرن جي ڳوٺ ۾ ذات بڪيرا رهندا هئا. پير فاضل شاهه جي اچڻ وقت، اتي جو زميندار ارباب شير بيگ بڪيرو هو، جو معتقد ٿي رهيو، جنهن جي قبر هڪ مسجد شريف جي صحن ۾ مخدوم ولايت شاهه بڪيرائي جي بنگلي وٽ آهي.

پير فاضل شاهه قريشي ملتان شريف کان سن 951هه ۾ سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو. (انوار قلندري)

چون ٿا ته پراڻ درياءَ جي ڪناري تي آمري جي مڪان تي هڪ وڻ ٻيئنل هوندو هو، جنهن جي ٿڙ ۾ هڪ دريچي وانگي سوراخ هوندو هو ۽ انهيءَ سوراخ مان اهو ماڻهو لنگهي سگهندو هو، جنهن کي پاڪائي ۽ وضو هوندو هو. اهو وڻ شيخ بهاءُالدين ملتاني ڏانهن منسوب ۽ سندس يادگار هو، جتي ملتاني طريقي جا سوين فقير اچي گڏ ٿيندا هئا. مگر پوءِ ان تي حضرت مخدوم نوحؒ جي خادمن قبضو ڪري، ملتاني فقيرن جي تصرف کي ٽوڙي ڇڏيو، جنهن ڪري ملتاني فقير شيخ بهاءُالدين جي درگاهه تي دانهن ڪٺي ويا، جنهن تي پير فاضل شاهه قريشي کي سنڌ ڏانهن اچڻ جو حڪم ٿيو. (تحفته الڪرام)

پير فاضل جي بڪيرن ۾ رهڻ کان پوءِ سنڌ جو ملتان سان مضبوط لاڳاپو ٿيندو ويو ۽ ملتاني جماعتون ڦريائين بڪيرن مان ٿي پوءِ ملتان روانيون ٿيڻ لڳيون ۽ اها رسم ورهين جا ورهيه قائم رهندي آئي. جيئن ته مشهور مقولو آهي ته:

”جنهن بُڪيرا نه پيئيا، تنهن جو ملتان به نه ٿيو“ اهوئي ڪارڻ هو، جو ملتان جا پاڳارا پير جڏهن سنڌ ۾ ايندا آهن، تڏهن بڪيرن ۾ ضرور تشريف فرما ٿيندا آهن. حاصل ڪلام ته پير فاضل شاهه سڄي ڄمار سنڌ ۾ طبعي عمر کي پهچي، خميس ڏينهن، 14 رجب المرجب سن 976هه ۾، هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي جنت الفردوس ڏانهن لاڏاڻو ڪيو. سندس سال وصال لفظ سخي شاهه ۽ لفظ قريشي هاشمي

976 976

مان نڪري ٿو. سندس مقبرو به بڪيرن ۾ بنايو ويو، جنهن صورت ۾ لاولد هو تنهن ڪري سندس عزيزن مان شيخ شهرالله قريشي، سندس گادي تي سندس وصيت موجب ويهاريو ويو. انهيءَ زماني جي ڪنهن شاعر پير صاحب جي وفات جي تاريخ هيٺين ريت لکي آهي:

حضرت مخدوم فاضل شاه محبوب خدا
جد پاکش غوث عالم پيشوائي اوليا
آنکہ نامش حضرت خواجہ بهاءالدين حق
هست زکريا لقب ملتان زوشد خوش لقا
هست اين مخدوم فاضل شاه از اولاد آن
خاص سجاده نشيني مي بود صاحب اتقا
قطب وقت خويش بود اندر جهان چون رکن دين
هم صدر دين عارف قطب پاک پير ضيا
حامي اسلام دين هم نافذ شرع متين
هادي هر مسلمين هم سالکان را پيشوا
مطلع انوار عرفان مخزن اسرار حق
گمرها را رهنماؤ واقف ملت هدا
زين جهان چون کرد رحلت سوئي فردوس برين
وجد کرده حور و غلمان گفت رضوان مرحبا
روز پنجشنبه کہ بود چار ده ماه رجب
داد رضوان با خليفہ باغ اين خوشتر ندا
از پئي سال وصالش گفت فضل الله بگو
نيز از ظل الاهي گودگر ظل هما
976 976

(انوار قلندري)

## 283ـ پير شهرالله قريشي بڪيرائي

پير شهرالله قريشي شيخ بهاءُالدين ملتاني جي اولاد ۾ سنڌ ۾ پير فاضل شاه وٽ اچي رهيو. جنهن کي پير فاضل شاه پنهنجي نياڻي جو سڱ ڏئي دامادي سان نوازيو. پير فاضل شاه جي وفات کان پوءِ سندس وصيت موجب گادي نشين ٿيو ۽ ٿوري ئي زماني ۾ هن بلند درجي واري بزرگ پنهنجي پڙرين ڪرامتن ۽ ڪليل نشانين سان شهرت حاصل ڪئي ۽ آمري وارو وڻ ساڳي ريت پنهنجي سلسلي جي خادمن جي حوالي رکندو آيو.

هن بزرگ کي ٻه فرزند ڄاوا (1) شاهه سراج الدين (2) شاهه قائم الدين. پير شهرالله قريشي جي وفات کان پوءِ سندس فرزند قائم الدين گادي تي ويهڻ کان پوءِ لاولد فوت ٿي ويو. ان کان پوءِ سندس ڀاءُ سراج الدين گادي نشين ٿيو. هو تمام عقلمند ۽ زمانہ شناس هو، جنهن ڪري بادشاهه دهلي جي دربار ۾ وڏو اثر پيدا ڪيائين.

صوفي عنايت الله جهوڪ واري سان جيڪا جنگ ٿي،تنهن ۾ پير سراج الدين قريشي جو به هٿ هو، ڇاڪاڻ جو هو ان وقت دهلي ۾ هو ۽ بادشاهه فرخ سير کي صوفي جي برخلاف ڏاڍو برانگيخته ڪيائين. سراج الدين به فرزند ڇڏي وفات ڪئي (1) فاضل شاهه (ثاني) (2) مهر شاهه. فاضل شاهه لاولد گذاري ويو ۽ مهر شاهه گادي نشين ٿيو، جنهن بزرگانہ نموني نيڪ نالو ڇڏيو. ان کان پوءِ سندس فرزند قائم الدين وڏن جو قائم مقام ٿيو. (تحفة الڪرام)

## 284- پير قائم الدين قلندر بڪيرائي

مجذوب مزاج، ڪرامتن جو مالڪ، پير قائم الدين قلندر جو نسب نامہ هيٺئين ريت آهي. قائم الدين بن مهر شاهه بن سراج الدين بن شيخ شهر الله بن شاهه اسماعيل بن قطب الدين بن فتح محمد بن شاهه ڪبير بن شيخ بهاؤالدين ثاني ملتاني بن شهر الله اول بن شاهه يوسف بن عمادالدين محمد بن رڪن الدين اسماعيل بن صدرالدين محمد بن عمادالدين شهيد بن شيخ صدرالدين محمد عارف بن شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتاني اسدي هاشمي رح.

سندس والده جو نالو بي بي نهال خاتون بنت پير پير محمد ڪلان غوث پوٽو. ولادت تخميناً سال 1140 ڌاري ٿي. هن جي ڄمڻ کان اڳ ڪن بزرگن جيئن تہ ان وقت جي سجاده نشين درگاهه غوثيه ملتان مخدوم بهاون شاهه ۽ مخدوم ڪاهو بڪيرائي ۽ ٻين هن جي صاحب ڪرامت هجڻ جون بشارتون ۽ پشگويون ڪيون هيون.

ننڍپڻ ۾ ئي هن جي زبان مان ڪن ڪرامتن جو ظهور ٿيندو رهيو ۽ جواني جي زماني ۾ ملتان جي سجاده نشين مخدوم محمد

غوث جا مريد ٿيا، مگر سندس جذب ۽ فيض جي ڪماليت مخدوم عبدالحميد بوڇڙائي وٽان ٿي، جنهن جي توجهه سان هي حال ڪان بي حال ٿي ڪماليت جي درجي ڪي وڃي رسيو.

جنهن ڪان پوءِ تارڪ الدينا ۽ قلندرانه نموني ۾ زندگي گذارڻ لڳو. سندس حالات مان معلوم ڪري سگهجي ٿو ته هو صاحب چلم ڇڪيندو هو ۽ هڪ دفعي حضرت پير سيد محمد راشد عليه الرحمت روضي ڌڻي جي ساڻس ملاقات ٿي، جنهن تي پير سائين جو شريعت جو سخت پابند هو تنهن چلم ڇڪڻ کي چڱو نه ڀانيو، مگر قلندر آخر قلندر آهي. پير سائين روضي وارن ڪان سواءِ خليفو محمود نظاماڻي ڪڙيو واري جون ٻه قائم الدين قلندر سان صحبتون رهيون. مير فتح علي خان ٽالپر کي جڏهن ڪلهوڙن وٽان حڪومت جون واڳون هٿ آيون ته هو پنهنجن ڀائرن سميت قلندر صاحب وٽ دعا گهرڻ لاءِ ايندو رهيو. نماز جو ٻه ايترو پابند ڪونه هو، مگر هن بزرگ جا قول اهڙا هوندا هئا، جو ڪجهه ارشاد ڪندو هو، سو ٿيندو رهندو هو. اُن جي وڏن مريدن ۽ معتقدن مان شاهه عنايت الله رضوي نصرپوري سنڌي زبان جو مشهور شاعر ۽ سيد مير مرتضيٰ رضوي نصرپوري ۽ سيد مير محمد شاهه ميران ڪوري وارو ۽ سيد جمال شاهه ماٽڪ پور وارو. سيد احمد جيلاني بديٽي، فقير شفيع محمد ميهون سهروردي، فقير رحمڏنو آريسر، فقير امين محمد ميهون جو ظاهري علم جو ٻه عالم هو ۽ فقير موتيو بکيرائي ۽ ٻيا.

شاهه عنايت الله رضوي نصرپوري پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ ڪيترن هنڌن تي هن بزرگ جي واکاڻ ڪئي آهي. جيئن ته فرمائي ٿو:

ڪوٺيو قائم الدين، ڪواٽا واٽون ڪري
ٻيٽو مهر شاهه جو آهي، اصلي امين
جنهين جاءِ يقين، تن آڏو شاهه عنايت چئي.

***

بادشاهه بکيرن ۾ متشرع موچار
آل قريشي اڳرو، ڏات ڏنس ڏاتار
قلندر قائم الدين قرار، اصل ڪيو ايمان جو.

قائم الدين شاھ قلندر 75سالن جي ڄمار کي پهچي هن دنيا فاني مان 13- شعبان المعظم سن 1215ھ ۾ رحلت فرمائي ويا. سندس وصيت موجب خليفو شفيع محمد مينهين راڄپ خاناڻي واري غسل ڏنو ۽ هزارين ماڻهو جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيا. هو لاولد فوت ٿيو هو، جنهن ڪري سندس پائٽيو پير امام بخش پالڪي وارو گادي تي ويهاريو ويو. قطعات تاريخ وفات ڪن شاعرن جا هيٺ درج ڪجن ٿا.

## از ميان نور محمد مينهون راڄو خانائي

صاحب تاج و لواؤ مسند و معراج تخت
هادي و مهدي قريشي، هاشمي اعلىٰ درخت
قطب عالم قائم الدين يک دل و قيوم وقت
گفت هاتف سال تاريخ و وصال نيک بخت
1215ھ

## از قاضي عبدالرحيم آسي ٽنبو سائينداد

مظهر نور الاهي در دريائي کرم
شاھ قائم الدين قلندر واقف لوح و قلم
تارک الدنيا و آل پاک غوث العالمين
پيشوائي عارفان محبوب شہ عرب و عجم
از وجودش شد بکيرا رونق خلد برين
آستاني بوسي نما يندش ملائک دمبدم
آه از جور فلک بيداد از دور زمان
ماه کامل معرفت رابر در برج عدم
چون بجستم سال رحلت آن سخي مقتدا
1215ھ
هاتفم گفت اين سخن آ ندم مرابي کا ست و کم
سيز دهم شعبان مکرم يوم ثلثا بعد فجر
روئي انور محفل آرا گشت بُستان ارم

رحمت رب العلا نازل بروح و مرقدش
ميشود آسي پياپي، زن رقم براه ختم

(اختصار از رسالہ انوار قلندري)

## 285۔ پير امام بخش شاھہ قريشي بڪيرائي

پير امام بخش عرف صديق محمد ولد پير شير شاھہ قريشي اسدي هاشمي پير قائم الدين قلندر جي لاولد فوت ٿيڻ ڪري سندس وصيت موجب انهيءَ گادي جو سجاده نشين ٿيو. ننڍي ڄمار ۾ قلندر صاحب جي ساڻس محبت ۽ پيار هو ۽ ڪيترا دفعا هن جي حق ۾ فرمائي چڪا هئا، تہ هو اسان جو جاءِ نشين ٿيندو. قلندر جي تربيت ڪري هو صاحب ننڍپڻ ۾ ئي دنيائي معاملات ڪري تصوف جون منزلون طئہ ڪندو رهيو ۽ ڪيتريون ڪرامتون، سندس هٿ ۽ زبان تي ظاهر ٿيون. پير محمد اشرف ڪاماري شريف وارو ۽ پير غلام محي الدين جيلاني راڻيپور وارو ۽ خليفو محمود نظاماڻي ڪڙيہ وارو سندس هم عصر ۽ بي حد ادب ۽ عزت ڪندڙ هئا.

هي صاحب سفر جي وقت ڏولي ۾ سواري ڪندو هو جنهن ڪري هن ڪي ڏوليءَ وارو يا ڏولي ڏٽي ڪري سڏيندا هئا. عام طرح هي مشهور ٿيل هو تہ جيڪو ماڻهو سندس ڏوليءَ کي ڪلهو ڏيندو، تنهن تي دوزخ جي باهہ حرام آهي.انهيءَ ڪري عام ماڻهو تہ ڇڏيو، پر ڪي پير ۽ مشائخ بہ سندس ڏوليءَ کي ڪلهي ڏيڻ جي آرزو رکندا هئا. لاڙ جي علائقي ۽ خاص طرح ترپارڪر ضلع ۾ غوث جي خاندان جا بيشمار مريد آهن، جنهن ڪري انگريزن جي اوائل حڪومت ترپارڪر جي ڊپٽي ڪمشنر مسٽر تروٽ صاحب، پير صاحب وٽ پنهنجي بي حد اعتقاد ڏيکاريندو هو ۽ بڪيرن ۾ اچي رهندو هو، ۽ خدمتون بجا آڻيندو هو. ڏولي واري جون ڪرامتون رسالہ انوار قلندري ۾ گهڻي انداز ۾ بيان ٿيل آهن، جنهن مان هن جي منزل ۽ مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

انوار قلندري جو مولف سيد علي ڪچي لکي ٿو تہ

”هي سڳورو چشمہ آب حيات هو، جو هزارن طريقت جي اُڃايلن کي آب رحمت سان شاداب ڪيائين. هي سڳورو باد صبا هو، جو هزارين ويرانن باغن کي بهشتي نمونو ڪيائين. هي سڳورو نوراني ڏيو هو، جو پنهنجي نور فيض ظهور جي پرتوي سان، جهان کي منور ۽ روشن ڪيائين. دنيا ۽ دنيا وارن جي ڪجهہ بہ پرواهہ نہ رکندڙ هو بلڪ هميشہ محبت الاهي جي استغراق ۾ رهندو هو.“

انهيءَ پير صاحب ڏوليءَ واري 14 جمادي الاول سن 1283هہ حقيقي مالڪ جي سڏ تي لبيڪ چئي، ابدي حياتي جي شراب طهورا جو جام نوش فرمائي، هن دنيا مان لاڏاڻو فرمائي ويو.

## قطعه تاريخ وفات

دريغ آن امام بخش شاهہ سرير
بظاهر فقير و بمعنيٰ امير
ز دير کهن چونڪہ شد مرتحل
بباغ جنان گشت آندم مير
بباغ فضيلت گل با صفا
بچرخ سعادت چو بدر منير
ملک سيرت و سعيد ذي شرف
هينہ خداوند او را نصير
ز اولاد امجاد غوث زمان
هم بود از آل پيران پير
چو جستم سن رحلت آنجناب
بگفتا سر و شم قطب بي نظير
1283هہ

(ماخوذ از انوار قلندري)

## 286- پير علي محمد قريشي غوث پوٽو

علي محمد ولد فتح محمد اصلي شاهبندر (ضلع ڪراچي) جو رهاڪو هو. پنهنجي والد جي وصيت موجب هو سهروردي طريقي جي

راهه و رسم حاصل ڪرڻ بدين واري پير احمد شاهه وٽ اچي رهيو جو اهو بزرگ قائم شاهه قلندر بڪيرائي جو خليفو ۽ فيض يافته هو. 3 سال اُتي رهڻ ڪان پوءِ کيس ملتاني پير بهاءُالدين ثالث جي خدمت ۾ رهڻ جو حڪم ٿيو. جڏهن ملتان ۾ پير بهاءُالدين ثالث جي خدمت ۾ سوَن جي تعداد ۾ جماعت سان گڏ پهتو، تڏهن پير بهاءُالدين بصيرت جي نور سان کيس سڃاڻي ميان علي محمد کي پنهنجي نزديڪ ويهاريو ۽ جماعت کي چيائون ته هي اسان جو عزيز ۽ جزو آهي. آخر ڪيتري وقت رهڻ ڪان پوءِ کيس پنهنجي وطن سنڌ ڏانهن موٽي وڃڻ جي اجازت ملي.

نهايت خاموش زندگي گذارڻ لڳا. اُن ريت ملتان مان آئي 6 مهينا گذري چڪا ته اوچتو پنهنجي حويلي مان جذب جي حالت ۾ اُتي ڪيڏانهن روانا ٿي ويا. هڪ جبل جي غار ۾ رهي، بنا کاڌي پيتي جي ياد الاهي ۾ مشغول رهيا. آخر ڪن ڏينهن کان پوءِ سندس مامي سڳوري ( ) اچي ڳولي لڌس ۽ ڳوٺ وٺي آيس. وري ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ حج جي ارادي سان روانا ٿيا. عراق جو سفر ڪندي حج ادا ڪيائين ۽ وطن ۾ پهچي ٽنڊو غلام علي ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. عام ماڻهو کيس مجذوب يا مستانو فقير ڪري سمجهندا هئا، جنهن ڪري ساڻس عقيدت مندي سان پيش ايندا هئا. مگر هن جي باطني دانائي ۽ معرفت جو ڪنهن کي به پتو ڪونه هو. ڪڏهن ڪڏهن هن ڪان بي اختيار ڪرامتون به ظاهر ٿينديون هيون، جنهن تي ماڻهو وڌيڪ سندس معتقد ٿيندا ويا. ان وقت جا مشائخ بزرگ سندس گهڻو احترام ڪندا هئا. جيئن ته خليفي محمود ڪڙئي واري جو پنهنجن معتقدن کي ارشاد هو ته پير علي محمد ولي مجذوب آهي ۽ تمام ڪامل مرد آهي. اهڙي طرح مخدوم پير امام بخش ڏولي وارو بڪيرائي ۽ پيربهاون شاهه وغيره بزرگ سندس خدمت ۾ ايندا ۽ ملاقاتيون ڪندا هئا. هو پير امام بخش ڏوليءَ واري جو سڱ ۾ سوٽ هو.

سوَن ماڻهن کي سندس دعا ۽ توجهه ڪري فائدا ۽ فيض حاصل ٿيا. سموري ڄمار مجرد ۽ بنا شادي جي رهيو ۽ انهيءَ حالت ۾ وڏي ڄمار کي پهچي وفات ڪيائين. يعني ته 5- ماه ذوالعقعد 1282هه ۾

هن دار فاني کي الوداع چئي دار جاوداني ۾ وڃي آراميو. سندس مقبري تي خليفي طاهر محمد ڪاٺ ڀانيڙ هڪ گنبذ جوڙايو ۽ اڄ تائين انهيءَ خداندان جا ماڻهو قبر جا مجاور آهن. ( اذڪار قلندري)

# 287- مير مرتضيٰ نصرپوري

رضوي ساداتن مان نوجواني جي زماني ۾ ئي هن تي خاص ڪيفيت طاري ٿيل هئي. هڪ دفعي پير قائم الدين قريشي قلندر بڪيرائي پنهنجي جماعت کي فرمايو تہ نصرپور ۾ هڪ شخص ولادت جي درجي کي قلندري نسبت درجہ ۾ پهتل آهي، مگر اجا پنهنجي حال کان بي خبر آهي، جڏهن هتان ٿي ويندو، تڏهن ان کي قلندري حال جي خبر پوندي. هڪ ڏينهن سيد مير مرتضيٰ گهوڙي تي سوار ٿي تير ڪمان کڻي اچي قائم الدين قلندر وٽان، بڪيرن جي درگاهہ وٽان اچي لانگهائو ٿيو ۽ ڪبوترن جي هڪ ٽولي کي تير ڇاپو. مگر اُهو گسي ويو. فقيرن کي چيائين تہ کڻي ڏيوم. فقيرن چيو تہ هڪ تہ هن شخص بي ادبي ڪري درگاهہ جي پکين کي تير هنيو آهي، ٻيو وري اسان کي حڪم ڪري ٿو تہ تير کڻي ڏيوم. مگر قائم الدين قلندر صاحب فرمايو تہ تير کڻي ڏيوس. هن اسان جي پکين کي تير هنيو آهي. هو خود اسان جي تير جو بہ گهائل ٿي چڪو آهي. پوءِ تہ مٿس اهڙو حال وجد جو پرتو اچي پيو جو گهوڙو ۽ تير ڪمان ڦٽا ڪري، دانهن ڪري زمين تي ڪري پيو جتي ڪيترا ڏينهن بي حال ٿيو پيو هو ۽ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڦٽا ڪيائين. نيٺ هڪ ڏينهن قلندر صاحب ڪيس پنهنجي چادر ڍڪڻ لاءِ ڏني ۽ چيائونس تہ مير سائينداد جي مسجد ۾ وڃي ويهو. اهو ڪلام ٻڌي، اُتان اٿي روانو ٿيو ۽ جهنگ منهن ڪري ننڍو محمد خان جي آس پاس مستن وانگي پيو گهمندو ڦرندو هو. جيڪو ماڻهو بہ وٽس ويندو هو تہ ان کي گاريون ڏيئي پٿر هٽي تڙي ڇڏيندو هو.

هڪ ڏينهن قلندر صاحب پنهنجي مريد سيد مير محمد شاهه کي فرمايو تہ مير مرتضيٰ پنهنجي نفس کي ڪافي لوڙايو آهي، تنهن ڪري هن کي وٺي وڃي هڪ هنڌ وهارينس. سيد صاحب ڳوليندي هن کي جهنگ ۾ وڃي لڌائين. سڀ ڪان پهريان سندس مرشد جا سلام پهچايائينس. جنهن ڪري سيد مرتضيٰ اُتي ويهي رهيو، پوءِ نياپو ڏنائين تہ توکي هاڻ هڪ هنڌ ويهڻو آهي. پوءِ مير مرتضيٰ پنهنجي ٻانهن ڏگهي ڪري مير محمد شاهه جي هٿ ۾ ڏني، جنهن آڻي ٽنڊو سائينداد جي مسجد ۾ وهاريس. جڏهن هو روانو ٿيڻ لڳو تڏهن مرتضيٰ ڪائونس پڇيو تہ هميشہ هت رهبو ڇا. مير محمد شاهه چيس تہ هائو، ائين 3 دفعا پڇيائين ۽ باقي سموري ڄمار ٽنڊي سائينداد ۾ ويهي ياد الاهي ۾ گذاريائين. اُتي ئي عيال آڻائي رهيو ۽ پوٽئان اولاد ڇڏي 14 محرم 1261هہ ۾ وفات فرمائي ويو. سندس ڪشف ۽ ڪرامتن جون ڳالهيون ملڪن ۾ مشهور آهن.

(اذڪار قلندري)

## 288- مخدوم عبدالحميد ٻوڇڙائي

ملاڪاتيار جي لڳ ٻوڇڙن ۾ هڪ وڏو ڪامل ٿي گذريو آهي، جنهن جون ظاهر ڪرامتون زماني جون يادگار آهن. سندس فرزند ميان محمد شريف تمام وڏي ڪماليت جو مالڪ آهي. ايندڙ ويندڙ مسافرن جي خدمت ۾ لڳل آهي ۽ پنهنجي والد وانگي في سبيل الله خاطر خدمتون ڪري ٿو. خانقاه ۾ صبح شام طالبن سان خفي جلي ذڪر ۾ مشغول آهي. (تحفة الڪرام)

قدوة العارفين مخدوم عبدالحميد ٻوڇڙائي ڪنهن تي بہ نظر توجهہ ڪندا هئا تہ هو انهيءَ دم بي حال ٿي ويندو هو. گهڻو ڪري توجہ وڌل ماڻهو مري ويندا هئا. مخدوم صاحب فرمائيندو هو تہ هينئر ملڪ ۾ ڪير آهي، جو جنهن کي اها نعمت الاهي سپرد ڪيون.

هڪ دفعي فرمايائون تہ بکيرن ۾ قائم شاهه انهيءَ جي لائق آهي، مگر هو اڃان ننڍي ڄمار جو آهي ۽ اهوئي انهيءَ امانت کي سنڀاليندو. آخر هڪ ڏينهن مخدوم صاحب بکيرن ڏانهن روانا ٿيا.

جڏهن ٻڪيرن جي ويجهو پهتا تڏهن پير قائم الدين قلندر ٻه شڪار گاهه ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو، مگر مخدوم صاحب ڪي ايندو ڏسي، شڪار جو خيال لاهي سندن خدمت ۾ وڃي پهتو ۽ اتي ئي حقاني ملاقات ڪيائون. حضرت مخدوم ڳوٺ ڏانهن واپس ٿي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو جو ٻڪيرن کان ٽن ڪرهن پنڌ تي آهي ۽ هيڏانهن پير قائم الدين تي اهڙي بي خودي ۽ وجد جي حالت طاري ٿي، جو ڪيترو زمانو بي حال ٿي پيو هو. مخدوم صاحب ماڻهن کان پيو پڇندو هو ته قائم شاهه جي هاڻي ڇا حالت آهي. آخر هڪ شخص اچي چيو ته هاڻي هوش ۾ آهي. تڏهن فرمايائون ته امانت جو بار ڪٽي اٿيو. آئنده ڪابه تڪليف ڪانه رهندس. هاڻي اسان جو هن دنيا فاني مان ڪوچ ڪري حقيقي مالڪ سان وصل جو ارادو آهي. ائين چئي مخدوم صاحب پوءِ سنت ئي وفات فرمائي ويو. سندن تاريخ رحلت هڪ قلمي رسالي ۾ 1165هه لکيل آهي. مقبره ٻوچڙن تعلقه ٽنڊوالهيار ۾ آهي ۽ سال بسال 11 ربيع الاول فقيرن جو اتي اجتماع ٿيندو آهي.

(اذڪار قلندري)

## 289. شيخ هوتي لاڪ

هي بزرگ وقت جو وڏو ڪامل ولي، مرشدن جو مرشد هو. گهڻو ڪري سرخ لباس ڍڪيندو ۽ تير ڪمان پاڻ سان رکندو هو. بنا سرود جي راڳ جو سماع ڪندو ۽ وجد ۾ ايندو هو. حضرت شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتاني جو خليفو ۽ مريد هو.

(1) شروع زماني ۾ جو اڄان سندس شهرت جو سج ڪڪر جي پردي ۾ هو، هڪ ڳوٺ ۾ اچي رهيو. انهيءَ ڳوٺ جي وڏيري جو پٽ ڪنهن ڏورانهين هنڌ قيد ٿيل هو. وڏيري کي حوصلو ئي نه پيو ٿئي جو ولايت مان وڃي پٽ کي ڇڏائي اچي، جنهن ڪري هن هڪ وڏي دعوت ڪري، سوين خدا وارا بزرگ اتي گڏ ڪيا، ته من هنن جي برڪت ۽ دعا سان سندس فرزند جو ڇوٽڪارو ٿئي. شيخ هوتي به انهيءَ معرڪي ۾ موجود هو. دعوت وارن کان ڪاڏو گهريائين. مگر هن جي اهڙي حالت هئي ڪانه، جو ڏانهس ڪو ترجهه ڪيو وڃي. بلڪ

حقارت جي نگاهہ سان ڏسڻ ٿيس ۽ سندس ڪاڏي ڪاڻ جي پرواهہ ئي ڪانہ ڪيائون. جنهن ڪان شيخ هوتي فرمايو تہ اي مجلس وارا، هي ڪاڏو اوهان تي تڏهن حلال ٿيندو جڏهن ميزبان وڏيري جو پٽ وٺي آٽي حاضر ڪندا. جڏهن اوهان ائين ڪرڻ ڪان عاجز آهيو تہ مون کي اجازت ڏيو ۽ آءٌ ٿو اجهو آٽي حاضر ڪريان. سڀيئي حيرت ۾ حيران ٿي ڪيس چوڻ لڳا ڀلي اوهان آٽيوس! شيخ هوتي ڇا ڪيو جو اُتي جو اُتي ٻانهن ڪان وٺي ڇوڪري کي آٽي مجلس ۾ حاضر ڪيائين. انهيءَ ڪان پوءِ سندس شهرت جو غلغلو دنيا ۾ پوڻ لڳو ۽ وڏي مشهوري حاصل ڪيائين. (تحفة الڪرام)

(2) هڪ ڏينهن شيخ هوتي مريدن سان ڪنهن جهنگل ۾ وينل هو. ڏٺائين تہ هڪ ماڻهو ڏونٽري جو گهڙو ڪنيو اچي ٿو. شيخ جي فقيرن هن کي چيو تہ هي سڀ ڏونٽرو ڪيتري ۾ وڪڻندين، ڏوڏي جواب ڏنو تہ 8 ڏڀيون ڪپن، فقيرن چيو تہ ملهہ ڏاڍو ڳرو ڪيو اٿئي! ڪجهہ گهٽ ڪر! مگر ڏوڏي چيو تہ هڪ ڪوڏي بہ گهٽ نہ ڪندس.

شيخ هوتيءَ پنهنجن فقيرن کي چيو تہ اوهان ڏهي وٺي پاڻ ۾ ورهائي ڪائي ڇڏيو، ڏوڏي کي 8 ڏڀين جو ملهہ پاڻهي ادا ڪريان ٿو.پوءِ انهيءَ ڏوڏي کي فرمايائون تہ فلاڻي هنڌ وڃي زمين کي ٿورو کوٽہ اتان خزانو لڀندو، مگر ان مان فقط 8 ڏڀين جي ملهہ جيترا پئسا ڪڍج نہ وڌيڪ، باقي اُتي جو اُتي ڍڪي ڇڏج! پر جيڪڏهن وڌيڪ ڪڍندين تہ نقصان رسندو. ڏوڏي حڪم جي تعميل ڪئي ۽ پنهنجي مراد کي رسيو. (ارشاد الطالبين قلمي)

(3) پنهنجي چاچي سان گڏ ملتان ڏانهن مرشد جي ملاقات لاءِ سفر ڪري رهيو هو. هڪ اهڙي جاءِ تي پهتا، جتي سندس چاچي چيو هت تمام زبردست نانگ آهي، جنهن جي ڦوڪ سان هن واٽ ۾ بہ چار مسافر اڳ مُئا بہ آهن، تنهن ڪري انهيءَ نانگ جي واٽ ڪان پاسو ڪري هلڻ گهرجي. مگر رستو جهنگل مان هو، جنهن ڪري اوچتو انهيءَ نانگ جي مٿان اچي پيا جو هڪ تمام تلهو ۽ ڊگهو ڦڻ ڪڍيو

ڪر ڪنيو ويٺو هو. شيخ هوتي پنهنجي نظر اهڙي طرح انهيءَ نانگ تي اڇلائي، جو هو اُتي جو اُتي مري ويو. (ارشاد الطالبين)

(4) چون ٿا تہ هن بزرگ جڏهن هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪيو، تڏهن سندس جنازه نماز ۾ جيڪي ماڻهو شريڪ ٿيا، تن مان هڪ جو بيان آهي تہ شيخ هوتي ساڻس ڪلهو ڪلهي ۾ صف ۾ بيٺو هو. انهيءَ ماڻهو چيس تہ اوهان وري پنهنجي جنازي تي نماز پڙهو ٿا؟ شيخ هوتي چيس ان لاءِ توکي حيران نہ ٿيڻ گهرجي، اسان کي جيئرو سمجهہ! (تحفة الڪرام و ارشاد الطالبين)

شيخ هوتي جو مقبرو ڊنڊ جي ڪناري مورياڻيءَ جي مقام ۾ آهي. جو دريا سانگڙي جي ڪناري تي آهي. (تحفة الڪرام و ارشاد الطالبين)

هن وقت انهيءَ حد جو نالو ئي ديهہ مشائخ هوتي تي چڪو آهي موورياڻي وغيره نالا نابود ٿي ويا آهن. سانگڙد ندي ڦٽي وئي آهي. مشائخ هوتي شهداپور تعلقہ ضلع نواب شاهہ ۾ آيل آهي.

شيخ احمد ۽ شيخ محمد سندس ٻہ فرزند وڏا بزرگ نامدار ۽ وڏن ولين مان ٿي گذريا آهن. شيخ احمد هميشہ مجاهدن ۽ ذڪر ۾ لڳل هوندو هو. هڪ لحظو بہ الله جي ذڪر کان واندو نہ هوندو هو. شغل باطني ۽ ڪمال قرب ڪري ظاهري عبادتن سان گهڻ لاڳاپو رکندو هو. هنن ٻنهي ڀائرن جون ڪرامتون سمجهہ ۽ ڳاڻاٽي کان وڌيڪ آهن. سندن مقبرا پنهنجي والد جي لڳو لڳ ساڳي جاءِ تي آهن. (تحفة الڪرام)

## 290۔ شيخ طاهر اڏيرو لعل

چيو وڃي ٿو تہ هو شيخ بهاءُالدين زڪريا ملتاني جو مريد آهي. اصل ۾ هو هندو ڇوڪر هو. هو گهور ڪري ڪجهہ ڪمائيندو هو. هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو دل ۾ الله تعاليٰ جي محبت ۽ شوق جو جذبو پيدا ٿيس. الله تعاليٰ جي نالي سڪڻ لاءِ شيخ بهاءُالدين جي خدمت ۾ وڃي پهتو. جڏهن شيخ جي نظر ڪيميا اثر، سندس وجود تي پيئي، تڏهن اُتي جو اُتي هن جي حالت ئي بدلجي وئي. مسجد جي منبر

تي چڙهي خطبو پڙهيائين. ان کان پوءِ مرشد کان تلقين حاصل ڪري مريد ٿيو. ان کان پوءِ هو سنڌ ۾ اچي جهيجي جي ڳوٺ ۾ رهيو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين. (ارشاد الطالبين)

مير علي شير قانع لکي ٿو تہ هن ولي جي ذات بابرڪات دنيا جي عجائبات مان آهي. هندو ڪيس لال اڏيرو سڏيندا آهن تہ مسلمان وري شيخ طاهر.

بهرحال معتبر ذريعہ سان معلوم ٿيل آهي تہ هو حقيقت جي شراب کان متوالو شروع ۾ هڪ بيابان ۾ گذاريندو هو. هڪ ڏينهن ماني ٽڪر هٿ ۾ جهلي کائڻ جو ارادو ڪري رهيو هو تہ اوچتو هڪ اُٺ گلي مان ڇڄي هن بزرگ جي پونگي تي اچي بيٺو، فقير اُٺ ۾ مظهر الاهي پسي ڪيس چيو تہ سائين منهنجا مون تي احسان ڪري جو اڄ منهنجي پُنگي ۾ آيا آهيو. اجهو جيڪي حاضر آهي، سو ڪائي احسان فرمايو. اُٺ ڪي ائين چئي رهيو هو. تاهڙ ۽ پڳل سو ڪٽي ٿو قرار ڪري، سو وٺي پڳو. فقير بہ اُٺ جي پوئتان ڊوڙندو رهيو. آخر انهيءَ ڊڪ ڊوڙ ۾ جتي ڪيس پهچڻو هو، اُتي پهچي ويو! جنهن کان پوءِ سندس مشهوري جو غلغلو بلند ٿيڻ لڳو، وفات کان پوءِ يات يات جا ماڻهو سندس مقبري تي اچن ٿا.

هر سال هڪ خاص ڏينهن تي هندو زالون سموري سنڌ مان اُتي اچي گڏ ٿين ٿيون. ڪنهن پردي يا شرم کان سواءِ هو عجيب عجيب حرڪتون ڪنديون آهن. لال اڏيري جو نالو وٺي، جيڪڏهن ڪي ماڻهو اُنهن سان گڏجي نچندا آهن. هندو زالون پنهنجي مردن وغيره جو ڪوبہ خيال ڪونہ ڪنديون آهن. (تحفة الڪرام)

شيخ بهاوءُالدين زڪريا جي مريد هجڻ واري حالت ۾ شيخ طاهر لال اڏيرو 7 صدي جي رجالن مان سمجهڻ گهرجي. اگرچہ هن جي تاريخ وفات ميسرنہ ٿي آهي.

اڳ جنهن نموني هندو زالون نهايت بي پردگي سان لال اڏيري تي پُٽ حاصل ڪرڻ لاءِ حرڪتون ڪنديون هيون، جنهن جو مير علي شير ذڪر ڪيو آهي. اڄ ڪلهہ سڌريل زماني ۾ اهي رسمون تمام گهٽجي ويون آهن ۽ هندن ۾ ڪافي بيداري اچي چڪي آهي.

ملا علي ٺٽوي شيخ طاهر اڏيري لال جي شان ۾ هڪ ننڍو قصيدو لکيو آهي، جو درگاهه تي هڪ پٿر مٿان اُڪيرايو ويو هو. (مگر هن وقت اهو قصيدو ۽ پٿر ضايع ٿي ويا آهن) قصيده هي آهي:

آن گوهر بهر وحدت حق
پروانهء نور شمع مطلق
گنجور كنوز بادشاهي
منظور عنايت الاهي
مقبول مقربان درگاهه
يعني ڪه اڏيره بن رتن شاهه
از فيض زيارتش همه غم
واكرده ز جان جمله عالم (مقالات شعراء)

هن نظم مان پڌرو آهي ته سندس والد جو نالو ”رتن شاهه“ هو.

والله اعلم بالصواب.

## 291- شيخ نوح ڪيبرائي

درويش نوح قوم جو هوٿياڻي سواءِ ڪنهن نام نمود جي خاموش وقت گذاريندو رهيو. سموري زندگي ٻڪرين چارڻ ۾ گذاريائين. هو وڏو عارف ولي ڪرامتن ۽ ڪشف جو مالڪ هو.

نقل آهي ته هالن ۾ هميشه مخدوم نعمت الله مخدوم نوح جي والد بزرگ جي خدمت ۾ اچي ڪجهه نه ڪجهه نذر نياز ڏئي ويندو هو. جڏهن مخدوم نوح پنهنجي والده جي پيٽ ۾ سنجريو، تڏهن درويش نوح هوٿياڻي جو ڪجهه به هديو آڻيندو هو سو مخدوم نعمت الله جي خدمت ۾ پهچائڻ جي بجاءِ مخدوم نعمت الله جي حويلي ۾ پهچائي ڏيندو هو. مخدوم نوح جي ولادت کان پوءِ درويش مخدوم نعمت الله وٽ پهچي فرزند جي مبارڪ باد ڏئي ۽ مخدوم نوح جو ٻارڙو هو، ان کي ڏسي، سندس قدم بوسي ڪري پوءِ پنهنجي ڳوٺ ڪيبري (جو هالن کان ٿوري مفاصلي تي آهي) واپس هليو ويو. ان کان پوءِ ستت ئي وفات ڪري ويو.

ڄام جوڻو سمه جڏهن ٺٽي جو حاڪم ٿيو، تڏهن هن پنهنجن ٻن عزيزن ڄام صلاح الدين ۽ ڄام تماچي کي، دهلي جي بادشاهه کي

چغلي ڪري اُتي قيد ڪرايو هو. هو ٻئي دهلي ۾ (سلطان فيروز تغلق وٽ) ڪيترو ئي وقت قيدي هئا.

آخر هو پنهنجي عقلمندي سان قيد مان ڇوٽڪارو لهي سنڌ ڏانهن روانا ٿيا، جڏهن ڪيبرن جي ڳوٺ وٽان لانگهائو ٿيا ته هڪ درويش (نوح هوٿياڻي) کي عارفانه صورت ۾ ويٺو ڏٺائون. ٻئي ڄڻا سندس پيرن تي ڪري، بيحد نيازمندي سان پيش آيا ۽ پنهنجي تڪليفن ۽ حڪومت کان برطرف ٿيڻ جو سمورو احوال پيش ڪيائون. درويش کين دلجاءِ ڏيندي فرمايو ته ٻه چار ڏينهن ٿيا آهن، جو آءٌ پکين جي واتان ۽ وڻن جي پنن مان اهو آواز ٻڌي رهيو آهيان ته سنڌ ۾ ڄام تماچي جي حڪومت آهي ۽ ڄام جوڻي جو خاتمو ٿي چڪو آهي. جڏهن اهي ٻئي ڀائر ٺٽي ۾ پهتا تڏهن ڄام جوڻو ستت ئي وفات ڪري ويو ۽ سنڌ جي حڪومت ڄام تماچي جي حوالي ٿي، جنهن کان پوءِ ڄام سما هميشه شيخ نوح هوٿياڻي جا معتقد ٿي رهيا. شيخ جي وفات (سن ) ۾ ٿي ۽ سندس مقبرو ڪيبرن ۾ مشهور معروف آهي.

(ارشاد الطالبين و حديقت الاولياء)

# 292- پير پٺو ديولي

اصلي نالو حسين بن راڄپار بن ڪاهو بن سخير بن سخيرو قوم اپلان، سندس والده جو نالو سلطاني ڏيءُ مراد بن شرفو.

وڏو اولياء ۽ تمام شرف وارو واصل بالله هو. هن جي واکاڻ ۾ ڪنهن کي حوصلو آهي جو ڪجهه ٿورو به بيان ڪري سگهي. سنڌ ۾ ايڏي ڪماليت وارو انسان ڪو گهڻ پيدا ٿيو هوندو.

(تحفة الڪرام)

هو ڪامل ولي وڏي تصرف جو مالڪ هو. اصل اتي ئي رهندو هو، جتي هاڻ سندس مقبرو آهي. (ٺٽي کان پنج ڪوهه پهاڙي تي) اُتي ويراني هئي ۽ هي بزرگ پهاڙ جي هڪ غار ۾ الله تعاليٰ جي يادگيري ۾ مشغول رهندو هو ذڪر ۾ اهڙو محو ۽ غرق ٿيل هو جو ڪاڏي

پيتي جي پرواهه بہ ڪانہ هوندي هوس. روزو وٽن جي پنن تي ڪوليندو هو، مگر آبادي ڏي رخ نہ ڪندو هو.

هڪ ڏينهن شيخ بهاءُالدين ملتاني ۽ لعل شهباز قلندر سير ڪندي اچي انهيءَ پهاڙ وٽان لانگهائو ٿيا ۽ ڪجهہ وقت ٻيهي آرام ورتائون. هنن بزرگن کي اندر واري صفائي سان معلوم ٿيو تہ هت ڪو خدا وارو ماڻهو رهي ٿو، جنهن ڪري اتان اُتي ڳولا ڪرڻ لڳا، آخر هڪ غار جي ڪنڊ ۾ ڪيس وجي هٿ ڪيائون. پير پٺي کي وري ڪشف سان معلوم ٿيو تہ هنن بزرگن مان شيخ بهاءُالدين جي منزل ۽ مرتبو خدا تعاليٰ وٽ گهڻو بلند آهي، جنهن ڪري مخدوم بهاؤالدين سان بيعت ڪري ڪانئس تلقين ورتائين. پوءِ هر ٻئي بزرگ تہ پنهنجو رستو ورتيون هليا ويا ۽ پاڻ هي درويش ساڳي ريت ساڳي هنڌ تي ياد خدا ۾ مشغول رهيو. (ارشاد الطالبين)

شيخ بهاءُالدين ملتاني جي ملاقات ۽ تلقين حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ درويش پٺہ کي شهرت حاصل ٿي ۽ ماڻهن ۾ مشهور ٿيڻ لڳو. هي هدايت ۽ ارشاد جي آسمان جو سج سال 606هہ ۾ غروب ٿي ويو، ۽ سندس درگاهہ سموري سنڌ ۾ ممتاز بلڪ سموري ملڪ ۾ مشهور آهي.

(تحفة الكرام)

ڪنهن زماني ۾ تہ ٺٽہ جا رهاڪو پير پٺہ جي قبر تي ماهہ بماهہ وڏو ميلو لڳرائيندا هئا ۽ هو ڪيس پنهنجو قبلہ حاجات ڪري مڃيندا هئا. مگر هاڻي اها حالت گهٽ آهي، پر ان هوندي بہ درگاهہ تي مجاور نسل بہ نسل رهندا اچن ٿا. جن وٽ اڳوڻن اسلامي حاڪمن وٽان جاگير جي وقف زمينات جون سندون بہ آهن.

## 293۔ حبيب شاهہ ٺٽوي مجذوب

قوم ڏاهري، نوجواني جي زماني ۾ هو عقل جو سالم صحيح هو جنهن ڪري سندس والد ڪيس شادي ڪرائي. پرڻي رات پنهنجي زال سان هڪ دفعو صحبت ڪري، پوءِ اوچتوئي اوچتو گم ٿي ويو. آخر 12 سالن ڪان پوءِ مٽي پيرين اگهاڙو مجذوب جي صورت ۾ اچي

نٿ ۾ وارد ٿيو. گهڻو ڪري پير مُنبي جي قبر تي گذاريندو هو. ماڻهن جي دل وارن تي ڪشف سان اطلاع هوندو هوس ۽ گهڻو ڪري سواءِ ڪنهن ڳالهہ ڪرڻ جي سائلن کي جواب ڏيندو هو. ڪنهن کان ڪجهہ بہ نہ گهرندو هو. لاچار ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ماڻهو کان ڪجهہ گهرندو هو، ان وٽ هوندو هو تہ ڪٽي ڏيندا هوس.

نٿي جي مشهور شاعر ۽ عالم مير حيدرالدين ڪامل سان گڏجي ڪاڏو کائي رهيو هو، دسترخوان تي مڇي جو پوڙ بہ هو. مير جو ارادو هو تہ ان مان بہ کائي، پر مجذوب منع ڪيس. آخر درويش کان اک چورائي هڪ گراهہ کڻي وات ۾ وڌائين تہ مجذوب زوريءَ وات مان ڪڍي ورتس ۽ اهو پوڙ کڻي اڇلايائين. ٻلي جو اُتي ويٺي هئي، سا مڇي کائڻ شرط ڦٿڪي مري پئي.

هڪ ڏينهن مير محمد عطا اميرخاني شاعر جي گهر واريءَ ڏيڍي ۾ ڪنهن پڇاڳاڇا جي اڇي چادر تاڻي سمهي پيو. 3 راتيون، 3 ڏينهن برابر هڪ هنڌ ستو پيو هو، جو پاسو بہ ڪونہ چوريو هئائين. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ ان وقت اوطاق بالا خانہ ۾ مير محمد عطا جو مهمان هو، جنهن بزرگ مجذوب جي ايڏي ڏگهي ننڊ جو احوال معلوم ڪري هيٺ لهي آيو. مٿن کان ويهي فرمايائينس: او مست! اها ننڊ ڪنهن کان سکيو آهين، جو تہ تنهنجي ننڊ اسان جي جاڳڻ کان بہ ڀلي آهي.

"آنچہ تو در خواب داري، مارا در بيداري نيست"

سنڌ تي جڏهن نادر شاهہ ڪاهہ ڪئي، ان زماني ۾ هي درويش نٿ مان گم ٿي ويو. پوءِ پتو نہ پيو تہ مئل آهي يا جيئرو. اهو واقعو 1152هہ ۾ ٿي گذريو. (تحفة الڪرام)

## 294ـ سيد رڪن الدين متعلوي

متوڪل، عارف ڪامل، سخي سيد رڪن الدين متعلوي مخدوم ساهڙ لنجار جو مريد ۽ خليفو. سيد رڪن الدين جون مخدوم نوح عليه الرحمت سان بہ ملاقاتيون رهيون آهن.

هو پنهنجي مرشد جي محبت ۽ فرمانبرداري ۾ ايڏو محو هو جو هڪ دفعي مخدوم ساهڙ لنجار ۽ سيد صاحب، دريا جو ڪنارو وٺيون آيا ٿي تہ رستي ۾ نماز جو وقت پهچي ويو. ڪناري سان اهڙي گپ هئي، جو پير ڪوڙي وضو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. جنهن تي مخدوم ساهڙ چيس تہ تون سنئون ٿي سمهي رهہ تہ آءٌ توتي پير رکي وضو ڪريان. شاهہ صاحب حڪم جي تعميل ڪئي. جڏهن مخدوم سيني تي چڙهي وضو ڪرڻ لڳو، تڏهن شاهہ کي دل ۾ گذريو تہ آءٌ سيد اهل بيت آهيان. فقط انهيءَ وسوسي پوڻ شرط مخدوم ڪشف جي ذريعي معلوم ڪري چيس تہ طريقت ۾ اهي وهم نہ آڻبا آهن. افسوس جو تنهنجي ڪماليت مان گهڻو حصو رهجي ويو.

شاهہ رڪن الدين، ايڏو ڪامل ولي هو، جو جڏهن بازار مان لنگهندو هو تہ جنهن بہ انسان جي سندس وجود تي نظر پوندي هئي، پوءِ اهو هندو هجي يا مسلمان تہ الله جو اسم پاڪ جاري ٿي ويندو هو. جيستائين سيد صاحب اکين اڳيان غائب نہ ٿيندو، تيستائين اها حالت رهندي هئي. (ارشاد الطالبين از غلام رسول قريشي هالائي)

هڪ ڏينهن عالمن جو ٽولو جمعہ جي ڏينهن زوال کان پوءِ سندس مجلس ۾ ڪنهن مسئلي تي مباحثہ جي غرض سان آيل هئا تہ ايتري ۾ سندن هڪ ماڻهو نالو "ڪينو" قوم مهاڻو پلو ماريون، گوڏ سان لنگهي اگهاڙو سڌو مسجد ۾ لنگهي آيو.

سيد صاحب پنهنجي چادر مبارڪ هن ڏي اُڇلي چيو تہ هي مسجد آهي ۽ عالمن جي ڪچهري بہ آهي، تنهن ڪري ائين هن جي گوڏ ٻڌي ادب سان اچ! ڪينو مهاڻو گوڏ ڏڪيندو ويو تہ سندس دل جا اولا لهندا ويا. هن تي علمن جي پالوٽ ٿيندي وئي. عصر جي نماز جو وقت ويجهو هو، تنهن تي پاڻ فرمايائونس تہ وضو ڪري بانگ ڏئو! هو جڏهن بانگ کان فارغ ٿيو تڏهن امامت جو ارشاد ڪيائونس. هن اڻ پڙهہ مهاڻي نماز کي اهڙن تہ ادبن ۽ نوڙت سان ادا ڪيو جو ماڻهو حيران رهجي ويا. ان کان پوءِ وعظ لاءِ حڪم ڪيائونس، تڏهن هن

سورت فاتحہ جو تفسير اهڙن تہ لطيف نڪتن ۽ اشارن سان بيان ڪيائين جو علم وارا منهن تڪيندا رهيا.

آخر ۾ تقرير ڪندي چيائين تہ هاڻي منهنجي دل ۾ علم جو دروازو ايتري قدر کلي پيو آهي جو ڪيتري ڄمار بہ سورت فاتحہ جو تفسير ڪندو رهان تہ هوند پوري نہ پوي.

(ڪواڪب السعادات از مشتاق متعلوي)

هڪ دفعي هن بزرگ دعويٰ ڪئي تہ منهنجي مسجد منارين واري، سيني مسجدن جي منهدار آهي، ان ۾ جيڪو شخص 5 وقتي نماز پڙهندو، ان تي قيامت ڏينهن شفاعت ڪندس. انهيءَ بشارت سببان حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي قدس سره ۽ ان جي پوٽي مخدوم ابراهيم مٽيءَ واري قدس سره بہ سفر جي تڪليف سهي اچي سخي (رڪن الدين) بادشاهہ جي مسجد شريف ۾ نماز 5 وقت پڙهيا.

(مناقب غوثيه از مشتاق متعلوي)

هڪ دفعي نصرپور ۾ رضوي ساداتن جي مسجد ۾ لٿل هئا، اتي هڪ ڏکڻ سيدن جو پاڙيچو بہ سندن خدمت ۾ ويٺو. هن جو سيدن سان قرابت ۽ همسائگي ڪري ڏاڍو گستاخانہ رستو هو، اتي ڪنهن ماڻهو ڏکڻ کي چيو تہ تون سيدن جو پاڙيچو آهين، چڱو تہ نماز پڙهندو ڪر ۽ سيدن جي گهرن جو ادب نماز ادا ڪرڻ سان ئي پورو ٿيندو. ڏکڻ جو سيدن سان ڏاڍو گستاخ هو، تنهن چيو تہ آءٌ سيدن جي گهرن کي باهہ ڏيان. جڏهن اهي ڪلام سيد سخي رڪن الدين کي پهتا، تڏهن پاڻ ڏاڍا ڪاوڙيا. سيدن ڏکڻ پاران معافي گهري، مگر پاڻ فرمايائون تہ اهڙن ماڻهن جي هي سزا آهي، جو جيئري قبر ۾ پورايو وڃي. ان ڪانپوءِ ڇا ٿيو جو هڪ هندوءَ پنهنجي کوهہ ۾ ونگ ٿي ويهاريو، جنهن لاءِ ڏکڻ اچي حاضر ٿيو، جڏهن ٻن ڄڻن همراهن سان ونگ اندر ويهاريائون، تنهن وقت کوهہ مان هڪ وڏير پيڙيا ڇپ ٽٽي اچي ڏکڻ تي ڪڙڪي، جيئري ئي ان ۾ دفن ٿي ويو. سندس ٻيا سنگتي سلامتي سان ٻاهر هليا آيا. آخر گهڻي محنت سان هن جي لاش کي هٿ ڪري دفنايو ويو. (ارشاد الطالبين)

سخي رڪن الدين وٽ جماعتون اينديون وينديون هيون، مگر حال تمام مسڪيني هوندو هو. هڪ دفعي ڪن ماڻهن عرض ڪيو تہ حضرت مخدوم نوح جي جماعت پوڙ پلاءُ کائي رهي آهي ۽ اوهان وٽ ڪڏهن رب ۽ ڪڏهن رڪي ماني آهي. پاڻ فرمايائون تہ حضرت مخدوم نوح تي حضرت سليمان پيغمبر جو سايو آهي، جنهن ڪري هو بادشاهت جو مالڪ آهي ۽ مون مسڪين تي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جو پاڇو آهي، جنهن ڪري ڪڏهن بک آهي تہ ڪڏهن ڍؤ آهي.

سيد رڪن الدين 63 سالن جي ڄمار ڪي رسي 11 ربيع الثاني 975هہ ۾ پنهنجي وطن متيارين ۾ وفات فرمائي اُتي ئي دفن ٿيو. رحمتہ الله عليه رحمة واسعة (مناقب غوثيه از مشتاق متعلوي)

ختم شد تحرير اين بياض مورخہ 25 رمضان المبارڪ سن 1365هہ مطابق 23 آگسٽ 1948ع در ڪراچي. بعونه تعاليٰ

(فقير دين محمد وفائي)

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.